آکاڻي

سنڌ ادبي اڪيڊمي

آڪاٽي-۱

سلسليوار

سهيڙيندر :

ستار پيرزادو

سيلم نور حسين

SINDH ADABI ACADEMY

سنڌ ادبي اڪيڊمي

معرفت پارس ميڊيڪل سينٽر

سامهون ايف ٽي سي بلڊنگ

ايبي سينا لائنس، ڪراچي

فون: 2782597 - 021

كتاب : آكاٽي_1 سلسليوار

سهيڙيندڙ : ستار پيرزادو

: سليم نور حسين

ڇپائيءَ جو سال : جون 2006ع

ڇاپيندڙ : الجنت پريس، ڪراچي

ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ پيج ميڪنگ : چانڊڪا ڪمپوزرس ائنڊ پرنٽرز

: سچل ڳوٺ 96_A، لڳ پي سي ايس

: آءِ آر ليبارٽري

: موبائل : 0333_3496122

قيمت 50 روپيا

پاڪستان ۾ سال لاءِ 200 سو روپيا

پاڪستان کان ٻاهر : 8 آمريڪي ڊالر

: (پوسٽ خرچ سميت)

رابطي لاءِ : آڪاٽي، سلسليوار

: معرفت پارس ميڊيڪل سينٽر

: سامهون ايف_ ٽي _ سي _ بلڊنگ

ايبيسينا لائينس، مبارڪ شهيد روڊ،

ڪراچي

فون: 021_2782597

موبائل: 0345_3?17471

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سِٽاءُ

.1	هڪ ٻئي جا ساٿي ٻڇون	ستار پيرزادو / سليم نور حسين	5
.2	ڪوما (سڪرات) = موت / زندگي	رسول ميمڻ	9
.3	خالي پاٽ	رزاق سھتو	19
.4	ڪِلڪي	شيخ اياز	28
.5	پشو پاشا	جمال ابڙو	32
.6	آ پياري ٿڏي ڇانوَ	سليم نور حسين	46
.7	زندگيءَ جو تنھا مسافر	طارق اشرف	58
.8	ڪاڪ طوٽا	لکمي ڪلاڻيءَ	78
.9	ڪاسائي	ڪي تي محمد / ولي رام ولڀ	84
.10	جنين ڪاڻ مياسِ	انٽنون چيخوف / ڄام وقار حسين	92
.11	گناه	موپاسان / شيام سچانندائي	99
.12	هڪ ڪروڙ پائونڊ نوٽ	مارڪ ٽوئن / ثريا مخدوم	104
.13	سورج جو پھريون ڪرڻو (ناوليٽ)	تارا مير چنداڻي	132
.14	ڪھاڻيءَ جي تاريخ	شيخ اياز	154

سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جا ڇپرايل ڪتاب

ڪتاب جو نالو	مصنف	قيمت
1. سانجهيءَ سمنڊ سپون	شيخ اياز	125.00
2. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن	شيخ اياز	100.00
3. ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ	فهميده حسين	100.00
4. وڏا وڻ وڻڪار جا	شيخ اياز-تاجل بيوس	120.00
5. وڏي وڻ ڇانئو	سوڀو گيان چنداڻي	100.00
6. ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر	شيخ اياز	120.00
7. جي تنڊ برابر توريان	شيخ اياز	100.00
8. ڪبير	ماجري- نارائڻ شيام	40.00
9. شاهہ جي شرح	فقير يار محمد	80.00
10. تيرهون سِجُ	امرتا پريتم	70.00
11. الا مان اُڏاري ويندوسانءِ	منصور ملڪ	100.00
12. ويا جي هنگلور (اياز بابت)	سهيڙيندڙ- ستار	120.00
13. لاهوتي لڏي ويا	علي احمد بروهي	80.00
14. صوبائي خودمختياري	قاضي فضل سليمان	100.00
15. هي سڄڻ سيئي .	ميخائيل نعيمي-پنجواڻي	100.00
16. ڪي وسرن نہ مور	نور الدين سرڪي	70.00
17. سرمد	جيت سنگهہ سيتل- ستار	40.00
18. ميران	آشا نيلسن- لڇمڻ ڪومل	40.00
19. الله جا عاشق	جشن واسواڻي	40.00
20. انسان، دئيت ۽ ديوتا	رابرٽ انگرسال- پنجواڻي	120.00

هڪ ٻئي جا ساٿي ٻڌجون

↞هي رنگ رچاءُ ڪيئن ٿيو؟ ان جا محرڪ ڪهڙا آهن؟ مقصد ۽ انهن جي حاصلات ڇا آهي؟ اچو ته پاڻ گڏ جي اوريون ۽ مقصد جي منزل ماڻيون.

↞هڪ ڊگهي عرصي کان ڪراچي ۾ رهندڙ ڪجھ اديبن ۽ ادب دوستن جي چوياريءَ ۾ اهو چوپول هلندڙ هو ته ڪو اهڙو ادارو هجي جيڪو سنڌي ادب جي واڌ ويجھ لاءِ ڪجھ ڪري، اسان جي ڪجھ وڏڙن جو خيال هو ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ سرهائي هئي، سک هو سانت هئي، امن امان هو ته ادب به اهڙيءَ طرح ايريو ۽ اسرندو رهيو. ان وقت سنڌ ۾ شاعراڻي ادب سان گڏ وڏ ادب جي نثراڻي صنفن تي به چڱو خاصو لکيو ويندو هو ۽ ڪيتريون ئي تنظيمون، خاص ڪري شاگردن ۽ استادن جون تنظيمون ۽ تحريڪون، ادب جي آبياريءَ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪنديون هيون. پوءِ ڪي اخبارون، رسالا، مخزنون، اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن جون ساليانيون مسيلينون (مخزنون) نڪرنديون هيون، جن ۾ نڪور آکاڻيون، سنڌيءَ کان سواءِ ٻين ٻولين جي ادب جا شاهڪار الٿو (ترجمو) ڪري، پنهنجي ٻوليءَ جي اديبن جي ذهنن کي ڏونڏاڙڻ ۽ هنن جي اندر ۾ ڇپ هٽي ويٺل خيالن ۾ چر پر پيدا ڪرڻ لاءِ گهڻو تي ڪجھ ڪيو ويندو هو.

↞مڃو سون، ائين بلڪل هوندو هو ورهاڱي کان اڳ ڏانهن وڃڻ کان پهرين، پنهنجي ماضي قريب کي ئي جاچي ڏسنداسون ته سنڌ ۾ ڪيترائي رسالا، ڪتاب نثري ادبي صنفن تي ڇپيا ۽ پڙهيا ويندا هئا. اوهان سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن جي ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن جي ڳولا ڪندا ته ڪتاب گهرن ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪيترن ئي نثري ادب سرجيندڙن جا نالا سامهون اچي ويندا. تن مان ته ڪيترا ئي اجا زندگيءَ جي حال ۾ حيات آهن، پر انهن نه ڄاڻ ڪهڙين مجبورين جي ڪري لکڻ ڇڏي ڏنو.

↞مٿي ذڪر ڪيل ٻن ڏهاڪن ۾ ادب دوست ۽ ادب پڙهندڙن جي چڱي خاصي کيپ هوندي هئي، جن ۾ اڪثريت شاگرد طبقي جي

هئي. انهن مان هاڻ تہ ڪيترائي چڱن عهدن ۽ سٽين ڪاتن جا سربراهہ يا صاحب حيثيت پڻ آهن، پر نہ ڄاڻ ڪهڙين مجبورين جي ڪري اُهي لکڻ ۽ پڙهڻ کان وانجهجي ويا آهن. اسان ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي، هن اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دؤر ۾ ماڻهن خاص ڪري لکندڙن ۽ پڙهندڙ پنهي جي ذهني ڳانڍاپي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ۽ هڪٻئي کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ہہ ماهي "آڪاٽيءَ" نالي هڪ نثري ادب جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي.

←جيتوڻيڪ پنهنجي وس آهر خطن رستي، اخبارن ۽ ٽيليفون رستي ۽ ڪيترن کي منهان منهن چوڻ جي باوجود سهڪار ۾ پاڙائي محسوس ڪئي، تنهن هوندي بہ همٿ نہ هاريندي پنهنجي ڪم ۾ جذبي جي سچائيءَ سان جو ڪجهہ ڪري سگهيا آهيون. اهو اوهان جي نذر ٿا ڪريون. اهو بہ اوهان تي ڇڏيل آهي، ڇو جو پڙهندڙ ئي اهڙيءَ حالت ۾ صراف وارو ڪم بہ ڏيندو آهي. اسان جي محبت ۽ محنت سان ڪٽيل سهيڙيل هن نثري ادبي ڳٽڪي کي ڪيترو اگهائيو ٿو وڃي ان جي ڄاڻ ڏيڻ کان بنهہ نہ لنوائجو جيئن اسان کي ڪاٿو ٿئي تہ ان محنت کي اڃا بہ سقل ڪرڻ ۾ ڪهڙين ڪوتاهين کان پلاند پالها ڪريون.

←اسانجو هي ڪم اوهان لاءِ، اوهان پڙهندڙن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ جهجهائي ڪرڻ لاءِ اسان کي اوهان نثري ادب لکندڙ دوستن جي بيحد ضرورت آهي، انڪري هڪ ڀيرو ٻيهر منٿ ڪنداسون تہ اسان سان پنهنجي لکٽين ذريعي سهڪار ڪري، يا اهڙو اڻ ڇپيل ليک موڪلي سگهو ٿا، جيڪو اوهان سمجهو تہ ان جي ڇپائيءَ کي چڱو وقت گذري ويو آهي ۽ اهو ڪنهن ڪتابي صورت ۾ اچي نہ سگهيو آهي، پوءِ اهو ناول هجي، آڪاٽي اصلوڪي لکيل هجي، عالمي ادب جو ڪو ترجمو هجي، آڪاٽيءَ يا ناول جي موضوع تي ڪو تحقيقي، تخليقي، تنقيدي مضمون هجي، اسان جي لاءِ قابل قبول هوندو.

←آخري ڳالهہ اها بہ چوڻ ضروري ٿا سمجهون تہ اسان هن سلسلي ۾ ڇپجندڙ بهترين ادب تي اداري پاران انعام ڏيڻ جو پڻ سوچيو آهي، جنهن جي پڌرائي ڪري دوستن کي آگاهہ ڪيو ويندو. لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي مالي سهائتا لاءِ پڻ چونداسون، ان جو طريقو ٿيندو سالياتو خريدار ٿيڻ. اوهان ان ننڍي سهڪار سان جڙڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي آبياريءَ ۾ اسان سان هڪ جيترا شامل هوندا.

←اسان جو ”آڪاٽي“ سلسلي جو پهريون ڪتاب جڏهن ڇپجي، دوستن، ڳمڻگهرن، اديبن، دانشورن ۽ ڪنهن حد تائين سرڪاري ڪامورن جي هٿن تائين پهچندو، تيسين ڪراچيءَ ۾ ”سنڌ، ماضي، حال، ۽ مستقبل“ جي سري هيٺ رٿيل چئن ڏينهن واري ڪانفرنس پوري ٿي چڪي هوندي اها ڪانفرنس سنڌ جي ٻن اهم ۽ جهونين يونيورسٽين يعني ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جي عزت لائق وائيس چانسلرن پاران ڪوٺائي وئي آهي. جنهن جو ملڪ جي وزير اعظم ٢٩ اپريل ٢٠٠٦ تي اسٽيٽ گيسٽ هائوس ۾ افتتاح ڪري چڪو هوندو ۽ باقي ٽن ڏينهن جون سموريون مجلسون ـ بہ پوريون ٿي ۽ پاڻ موڪي چڪيون هونديون.

←چئن ڏينهن جي ڪانفرنس ۾ اسان جي ملڪ جي وزير اعظم جي افتتاحي ويهڪ هوندي، هنن مانَ وارن سنڌي اديبن، دانشورن ۽ محققن کي پڻ، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جي عزت لائق وائيس چانسلرن ڪوٺ ڏئي گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر حقيقت ۾ صوبي جي گورنر کان ٻئي نمبر تي اهم شخصيت جو درجو رکندو آهي، ڇاڪاڻ تہ يونيورسٽيءَ جو چانسلر صوبي جو گورنر ئي هوندو آهي. معنيٰ اها ٿي تہ هند ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن کي اڻ سڏيءَ طرح گورنر سنڌ ڪوٺ ڏئي گهرائڻ پئي چاهيو.

←پر ٿيو ڇا؟ ٿيو ڇو؟ سبب؟ فائدا؟ نقصان؟ مفاد؟ ٽڪراءَ؟ ڪمڙا؟ ڪنهن سان؟ ايترن سوالن جا جواب ڪير ڏيندو؟ انهن سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ هند ۾ رهندڙ اديبن، دانشورن محققن کي ان ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪهڙن فولادي ارادن ۽ ادارن جي ڪري اجازت ناما ڏيڻ کان منع ڪئي وئي. جڏهن تہ سهڪاري ريل گاڏيون هند مان هندستاني ماڻهن جا ڪتڪ ڪٽي، کوکرا پار ريلوي اسٽيشن تي هر هفتي اچن ٿيون. جنهن لاءِ چيو ويو هو تہ ان جي کلڻ سان سنڌ ۽ سنڌين کي فائدو پهچندو، تہ ڇا سنڌي اديبن ۽ محققن جي ”سنڌ جي حال، ماضي ۽ مستقبل“ تي ڪا راءِ ڏيڻ سان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو نقصان ٿئي ها؟ اها خبر بہ شايد انهن کي، جن کي فائدي جي پروڙ آهي. ان ڳالهہ جي کوجنا ڪير ڪندو ۽ ڪيتري عرصي ۾ عوام آڏو آندي ويندي اِها خبر

شايد خدا کي؟

هيءَ خبر سنڌي اديبن، دانشورن ۽ ادب دوستن کي ڀڏائيندي بيحد افسوس پيو ٿئي تہ هند جو برک اديب ۽ ماهوار "ڪونج" جو روح روان دادا هري موٽواڻيءَ سنڌي آچر ۷ مئي ۲۰۰۶ع مطابق ۸ ربيع الثاني ۱۴۲۷هہ تي سرڳواس پڌاري ويو اسان هنڌ جي سموري ادبي حلقي، سنڌ جي سموري ادبي لڏي ۽ سندس خاندان سان ان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

ساٿ سلامت،

يارزنده صحبت باقي.

تاريخ:۲۷ اپريل ۲۰۰۶ع

سهيڙيندڙ

ستار

رسول ميمڻ

ڪوما (سڪرات) = موت / زندگي

هو روشنيءَ ڪان پري ٿيندو، هيٺ اوندهہ ۾ لهندو ويو. هن کي روشني پري کان ڪنهن ستاري جيان چمڪندي پئي نظر آئي. هو تيز ڪاري اوندهہ جي طوفان ۾ اڏامندو ڪرندو پئي ويو. روشني جيڪا ڪڏهن هن جي وجود ٻاهران ائين ڦهليل هئي جيئن هن جو وجود سڄ هجي. روشني جنهن جي ڪا بہ حد نہ هئي. جنهن جو ڦهلاءُ نظرن جي ڊوڙ کان تيز هيو. روشني جنهن ۾ جاڳ اکيون ڦاڙي وينل نظرن اچي رهي هئي.

اها روشني هن جي اوندهہ ۾ هيٺ لهندڙ وجود سان سُسَندي ننڍي پئي ٿيندي وئي. اها نظرن کان اوجهل پئي ٿيندي وئي. هن جو وجود پنهنجي حيثيت وڃائي رهيو هو. اهو نظر نہ ايندڙ ڪنهن احساس ۾ تبديل ٿيندو پئي ويو.

اتي هوا نہ هئي. اوندهہ اڏامي رهي هئي. اها هن جي ساهہ ۾ شامل ٿي ڦڦڙن ۾ ڦوڪجي واپس ٻاهر نڪرڻ بجاءِ هن جي رت ۾ شامل ٿي ان کي ڪارو ڪري رهي هئي. اوندهہ هن جي وجود ۾ ائين هئي جيئن ڪو گهٽيل بند ڪمري ۾ ڪنهن وڇڙي ويل جي ياد ۾ ڪارو لباس پائي اڪيلو ويهي ان کي ياد ڪندو هجي.

اتي اوندهہ گهلي رهي هئي. ڪاراڻ جي ڪنهن بہ ورڻ جو پن لڏندي نظر نہ ٿي آيو. اوندهہ جا ننڍڙا ذرا هٿ هٿ ۾ ڏئي گهاٽي ڄار جيان هر طرف وڇايل هيا. هن جو وجود ڄار ۾ ڦاسڻ بجاءِ ان ۾ اندر سفر ڪري رهيو هو.

روشنيءَ جو پري کان نظر ايندڙ ٽمڪو جهڪو ٿي ختم ٿي رهيو هيو ۽ اوندهہ هر شيءِ تي غالب اچي رهي هئي. هن جون اکيون کليل هوندي بہ بند هيون. هو اکين کي ڦاڙي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. هن جا

هٿ هر گهڙيءَ ڇهري تي اکين کي ڳولهي رهيا هيا. اهي ڪليل هيون. هو محسوس ڪري رهيو هيو پر ڇڻ اهي بند هيون.

اوندهه آس پاس هر شيءِ کي والاري رهي هئي. هو ساهه ٻراوندهه کي اندر کڻڻ تي مجبور رهو. هن جا چپ نيرا ڪارا هئا ۽ وات ڪليل هو. هو اکيون ڦاڙي نڙيءَ تي هٿ رکي اٿين پئي سهڪيو جيئن ڪنهن سنهي تار هن کي ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهي هن کي گهٽو ڏنو هجي. زبان هن جي وات مان هر هر ٻاهر پئي نڪتي ۽ ساهه هڪ کونگهري جيان هن جي ڳلي مان ڏڪجي ٻاهر پئي آيو.

هن کي مونجهه محسوس تي رهي هئي. ڪاري طوفان ۾ اڏامندڙ هن جو وجود سهڪي رهيو هو. ڪاراڻ هن جي هر رڳ ۾ گردش ڪري رهي هئي. هن جي جسم ۾ موجود رت جو رنگ اوندهه جو رنگ هيو ۽ هن جو وجود اوندهه جي ڪنهن نظر نه ايندڙ حصي جيان هن ۾ موجود هيو.

هو ڪجهه ڏينهن کان مسلسل بيهوش هو. هو اسپتال جي بستري تي هڪ کونگهري جي صورت ۾ ساهه کي جهتي بيقراريءَ مان ان کي پنهنجي وجود اندر محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو.

هن زندگيءَ ۾ جنهن کي چاهيو ان کي حاصل ڪري نه سگهيو. هن ان سان بي پناهه محبت ڪئي. هوءَ جيڪا بينل پاٽيءَ ۾ بهار جي واءَ جي پهرين لڳندڙ جهوٽي سان پيدا ٿيندڙ هلڪي لهر جيان روح کي فرحت ڏيندڙ هئي. هوءَ جيڪا گلابي ڪنول تي ساوڻ جيٰ مينهن جي بوند جيان زندگيءَ جو احساس هئي. هوءَ جنهن ۾ هن جو روح قيد هو. جنهن جادوءَ سان هن جي جسم کي قابض ڪيو هو. جيڪا هن جو پيار هئي، هن جي زندگيءَ جي آخري سرحد هئي.

اها اوچتو هڪ ڏينهن هن کان ڏور ٿي وئي. هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندي هن جي آڱرين مان پنهنجيون آڱريون سِرڪائي هٽ لوڏڻ بڻا، پوئتي ڏسڻ بنا، ڀوڙندي هلي وئي. ان جي ڀوڙ هن جو وڪڙ ڪائي ڀوڙندڙ جسم، ڪلهن ۽ پنيءَ تي هيٺ مٿي تي لڏندڙ وار، چاندوڪيءَ ۾ ڀڪندڙ ڪاريهر جيان هيا. ان جو هر انگ بي وفائيءَ جي زهر ۾ ٻڏل تير جيان دل مان ڪري ڇڻ اڳتي وڌندو پئي ويو. هو ان کي ويندي اٿين ڏسندو رهيو جيئن ڪو جسم ڪنهن خوبصورت روح کي پاڻ مان نڪرندي الڳ ٿيندي ڏسندو هجي.

جسم اڏامي ويل خوبصورت پکيءَ جو ويران آکيرو، وڇوڙي جو واءُ لڳو

تہ هُو اڏامي اچي پٽ تي پيو. تيلا تيلا ٿي رڙهندو پنهنجو وجود وڃائي ويٺو. هوءَ نہ رهي، هونہ رهيو.

وڇوڙي جي ڏينهن. واري پهرين رات هن خود ڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي. زهر کي روح جي جاءِ تي جسم ۾ سمائڻ لاءِ ان کي وجود جو دوازو کولي ڏنو. زندگيءَ سان ويڙهہ ۾ هن جو جسم ڦٿڪيو. لڇيو پڇيو. هن زندگيءَ کي وجود جي ڪمري مان تڙڻ لاءِ ان کي رسن سان ٻڌي زهر هاري باهہ ڏئي ڇڏي. زندگي بند ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن باهہ جي اُلن ۾ رڙيون ڪندي پچندي رهي ۽ هو ان سڙي رک ٿي وڃڻ جي انتظار ۾ اسپتال جي بستري تي ليٽي ڊگها ساهہ کڻي اکيون بند ڪيو روشيءَ کان ڏورهيٺ اونڌاهين ۾ لهندو ويو.

هن کي محسوس ٿيو تہ هُو وجود بنا آهي. هو ڪجهہ بہ نہ آهي. بس هڪ احساس آهي جيڪو اندهہ جي تري ۾ هيٺ لهندو پيو وڃي. هيٺ اونداهي کوهہ ۾ جنهن جا ڪنارا ڏسي نہ ٿا سگهجن، اهي اوندهہ جي ڪفن ۾ قيد آهن. بس هڪ هيٺ ڪِرڻ جو احساس اوندهہ جي تہ پويان اوندهہ جا تهہ جن جو ڪو انت نہ آهي.

بي وفائي زوال جي ابتدا آهي. ان جو وڇوڙو واپسيءَ جو اهڃاڻ آهي. هوءَ جيڪا نظرن اڳيان ايئن اوجهل ٿي جيئن زندگي عروج تي پهچي واپس موٽي. جستجوءَ جو مرڪز ڊهي پيو جدوجهد جو عنصر نڪري ويو. آسمان طرف هوا جي حد آهي، جنهن ڪري اڏام بہ محدود آهي. اوچائين تي ڪنهن جي ڳولها، ڪنهن جي جستجو؟ جدوجهد ڪنهن لاءِ؟ اتي ڪجهہ بہ نہ آهي. ڪنہن سان گسندڙ هوا جي رڙ آهي. اڻ هوند جو پڙاڏو آهي.

زندگيءَ جي تعمير پنهنجي منطق کي پهتي. عمارت جيڪا ويران ٿي وئي ان کي زبون ٿي ڊهڻو آهي. هر ديوار کي هيٺ ڪري، هر سِر کي الڳ ٿي پنهنجي اصليت تي پهچڻو آهي.

سونهن، جنهن مٿان اوندهہ ڪاري بادل جيان وري وئي. سونهن جيڪا چنڊ جيان دونهين پويان غائب ٿي وئي، سونهن جيڪا روشني آهي. روشنيءَ ۾ موجود گرمي آهي. گرمي جيڪا برف کي رجائي ٿي. درياءَ ٻڌائي ٿي ۽ درياءَ جن جي ڪنارن تي تهذيبون جنم وٺن ٿيون. جن جي ميدانن تي پوکون پچن ٿيون.حياتيون ڦٿن ٿيون. جتي انسان ڪٽڪ جي داٽي جي

جستجوءَ ۾ پنهنجين وجودي تبديلين ذريعي ان خوراڪ ۽ ماحول کي ويجهو پوي ٿو. ذريعي ان خوراڪ ۽ ماحول کي ويجهو پوي ٿو.

سونهن جيڪا ڪٿي بہ نہ آهي ڪُجهہ بہ نہ آهي. هن جو وجود. هن جي بقا جو دارو مدار هن جو جيئڻ، هن جو شعور، هن جو سوچڻ سڀ ريڙجي اُن ڪينهونءَ جيان آهن جيڪو بيوفائيءَ جي ٿوس پٽ تي جنهن رفتار سان لڳو ۽ ساڳي رفتار سان واپس موٽيو.

شعور جيڪو لاشعور جي ڪوٺيڙي ۾ ويڙهجي وجود وڃائي چڪو آهي. جيڪو اڻ هوند آهي، جيڪو ڪجهہ بہ نہ آهي. بس هڪ وهم آهي، گمان آهي. اوندهہ اندر ڪنهن شيءِ جو سفر آهي. ڪنهن شيءِ مثان اوندهہ جو سفر آهي، بس وڃوڙو آهي ۽ واپسي آهي. اهڙي واپسي جيڪا اربها سالن تي محيط آهي جيو گهرڙي جي اوسر ڪانپوءِ ان جي وجودي هئت ۽ ماحول جي زير اثر عضون جي ترتيب، چهري جا رنگ، ڪرنگهو ۽ ڪرنگهي بنا چيلهہ جي لوڏ.

هر شيءِ جو ظهور حسن جو جلوو پسڻ لاءِ. اک جتان دماغ کي روشني پهتي. اک جيڪا تخليق ٿي ان کي ڏسڻ لاءِ. اک جيڪا وايو منڊل ۾ ان کي ڳولهي ٿي. جسم جي هر جدوجهد ان کي ڏسڻ لاءِ آهي.

جيو گهرڙي جو جنم ان کي ڏسڻ جي جستجو آهي، تجسس آهي، زندگي ساهہ روڪي ان جو انتظار آهي. ڏسڻ ٻڌڻ ڳالهائڻ سڀ حاصلات ان کي محسوس ڪرڻ آهي. ان کي ڏسڻ آهي، ٻڌڻ آهي ان سان ڳالهائڻ آهي.

سونهن جنهن ۾ عجب ۽ خوف موجود هوندي تجسس کي اپارن ٿا. سونهن جيڪا اوائلي آهي. ڪائنات جنهن جي ڪک مان نڪتي آهي. ڪائنات تجسس جي پيداوار آهي. هڪ اهڙو تجسس جيڪو عجب ۽ حيرت ۾ ويڙهيل سونهن ڏانهن راغب ڪري ٿو. سونهن جنهن کي پسڻ جي حسرت ۾ اک وجود ورتو. حواس پيدا ٿي پيا. زندگيءَ جو چرخو چري پيو. هونهي پيو. جڙي پيو ۽ ڍهي پيو.

سونهن جيڪا اوجهل ٿي ۽ مقصد فوت ٿيو. ڪارج فنا ٿيو. تند ٽٽي ۽ هو هيٺ ڪريو. فنا ... فنا ... ۽ فنا ... اوندهہ جو اڻ کٽ سلسلو روشنيءَ کان ڏور ٿيندڙ ڊگهو سفر. روشنيءَ جي رفتار کان تيز اوندهہ جي رفتار آهي. اوندهہ جو اڻ کٽ اونهو کوهہ زندگيءَ جي پاڻيءَ ڏانهن واپسي، انسان جا پاسن وارا نوڪدار ڏند درندگيءَ جي نشاني. هن جو گسي ويل

پُڄ. چر پر ڪان عاري ڪن. هر عضوي جي ماحول ڪي قبول ڪندڙ نواڻ. سڀ واپسي ۾ فنا.

هن جي درندگي، هن جي جهنگلي زندگي. هڪ جانور.... ڪا سمنڊ جي مخلوق .... ڪو مختصر جيو گهرڙن جو جهڳٽو.... هڪ اڻپور جيو گهرڙو .... ڪجهه گسئون ... سمنڊ جو پاڻي ۾ ڪجهه بہ نہ.

هو نہ رهيو. هو ختم ٿي ويو. اسپتال جي بستري تي هن آخري هڏڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو ساهه بند ٿيڻ لڳو. دل سست ٿي بيهڻ لڳي. وجود پنهنجي انجام کي پهچڻ لڳو. جڏهن هو مرڻ کي بلڪل ويجهو ٿيو تہ اوچتو هڪ تيز روشني چمڪاٽ ڪندي چڻ هن جي وجود مان پار ٿي وئي. هن محسوس ڪيو جيئن هوءَ پريان تيز مينهن ۾ پسندي واپس موٽي، ڊوڙندي هن ڏانهن ايندي هجي. ان جي هٿن ۾ گلاب جون ڏانڊيون هجن. هوءَ اڇن ڪپڙن ۾ اهڙي فرشتي جيان هجي، جنهن وٽ هن جي موت بجاءِ هن جي زندگيءَ جو پروانو هجي. اها تيز وج ۾ چمڪندي مينهن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءَ جيان هن ڏانهن ورندي هجي. هڪ مرڪ، گلابي ڳلن تي باهه جيان ٻرندڙ مرڪ. زندگيءَ جو پيغام. مينهن پنل گلابن ۾ ويڙهيل حياتيءَ جو سنديسو.

"هوءَ اڇي رهي آهي.... مون ڏانهن ڊوڙي رهي آهي.... آهه اُها مرڪ!" هن جي مٽي تي جڻ ڪِول گهمي وئي. هن جي سڄي هٿ جي آڱر چري ۾ ڍگهو ساهه ڪنيو.

"اها ڪٿي آهي؟ هوءَ جنهن جي زير اثر مان برقرار هيس، سلامت هيس..... اها منهنجي مٿان بيٺي آهي، منهجي ليٽيل وجود مٿان. ان جي وارن مان مينهن جي پاڻيءَ جون بوندون منهنجي منهن تي ڪري رهيون آهن.... هوءَ مونکي سڏي رهي آهي... منهنجي زندگي.... منهنجو مقصد... منهنجي جستجو .... منهنجي جدوجهد."

هن محسوس ڪيو جيئن اونده جي کوهه ۾ هيٺ لهندڙ هن جو وجود ان جي تري ۾ پاڻيءَ سان ٽڪرائجي پاڻي ٿي ويو هجي. پاڻي جيڪو بخارات جي صورت ۾ اتان اڏامي مٿي ٿيندو هجي. پر اوچتو سڀ بخارات ڦري ڪو غير واضع هلڪي.روشنيءَ ۾ نظر نہ ايندڙ نوس مادو ٿي پيا هجن. غير واضع جيو گهرڙو ۾ جيو گهڙن جو بي ترتيب اهڙو ڍير جيڪو پيدا ٿيندڙ روشنيءَ جي زير اثر اونده جي کوهه ۾ موجود پاڻيءَ اندر ترڻ جي

جدوجهد ۾ عضون کي جنم ڏيڻ جيَ ڪوشش ڪندو هجي.

اسپتال جي بستري تي هن جي ساهه کڻڻ ۾ گهرائي اچي وئي. هو ڏگها ۽ گهرا ساهه کڻي ڪونگهرن جي صورت ۾ ٻاهر ڪيڻ لڳو.

پگهر هن جي نرڙ تي نروار ٿي ماڪ جيان چمڪڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو ڪو نرم هٿ هن جي پيشانيءَ کي ڇهندو هجي. "ڇهاءَ جو احساس." هن جو دماغ پڙڪو ڏئي ٻري پيو. صرف ڳالهيون ۽ چهرا يادن ۾ محفوظ نه رهندا آهن. پر ڇهاءَ جو احساس پڻ يادن جي محلات ۾ ڪنهن نظر نه ايندڙ روح جيان ڀٽڪندو رهندو آهي.

اڪين ڪان انڌو انسان هر ان شيءِ کي ڇهاءَ ذريعي محسوس ڪندو آهي جيڪا هن جي ڇهاءَ جي تجربي مان لنگهي هجي. هر ڦهريون ڇهاءَ هڪ تجربو آهي جيڪو يادن جي تهه خاني ۾ قيد ٿي وڃي ٿو. ان شيءِ جي ٻيهر ڇهڻ سان يادن جي تهه خاني مان هڪ رڙ ايري جسم جي سطح سان ٽڪرائجي ٿي ته هڪ احساس ايري ٿو "ها.... اهو ڇهاءَ ان جو آهي... اهو هٿ ان جو آهي." هڪ فنا جي کنڊر مان نڪري بقا جي سر سبز ميدانن ڏانهن پڄندڙ وجود لاشعور ۾ سوچي ٿو.

پيشانيءَ تي هٿ جو ڇهاءُ .... يادن ۾ ڊبل ڇهاءَ جهڙو.

ڪو هن کي جهنجهوڙي ٿو. هن جي بيهوشي ٽوڙڻ چاهي ٿو. هڪ هٿ جنهنجيون آڱريون ٿڌي پگهر جيان نرڙ تان وهن ٿيون. ڏکي لڪير ٿاهيندڙ بوندون يادن جي نانگن جيان چرندڙ دماغ جي کل تي رقص ڪندڙ نرم ڇهاءُ. هن جي جسم کي ڇنهڊڙيون پائيندڙ يادون. ڏنپ ڏيندڙ احساس.

بيهوشي جنهن مان انسان ڏنين ملڻ سان به پار نه ٿو پوي. ننڊ جنهن مان هلڪي رڙ تي اکيون کولي جاڳي پوي ٿو. موت جنهن لاءِ ڪا به رڙ ڪو به ڏنپ، ڪو به خواب ڪا معنيٰ نه ٿو رکي. موت ڪو احساس نه آهي پر احساسن جو انت آهي. ڪائنات جي فنا آهي.

هٿ جي ڇهاءَ جيڪو هن کي موت جي اوڙاهه مان ٻاهران ڌڪي ٿو زندگيءَ جي ابتدا طرف.

هو اسپتال جي بستري تي ڏگها ساهه کڻي ٿو. روشني هن جي دماغ ۾ جاڳي ٿي. سچ هن جي دماغ ۾ موجود لامحدود سمنڊ جي ڪناري ڪان ايري ٿو. صبح جي سريلي آذان تي هن جي ننڊ جا گهيرٽ چڻ وڏي وڃن ٿا. سڪون سچ جي ڦهرين ڪرڻي جيان ظاهر ٿي گهرو ٿئي ٿو. جهرڪين جي

ڇهڇهائڻ جا آواز هن جي دماغ جي سٽل پڪيءَ ڪيٰ.جاڳائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو وجود کي تڙ ڦندو محسوس ڪري ٿو. هڪ جدوجهد, جيئڻ جي جدوجهد ۽ ان جدوجهد جي زير اثر هن جو ننڍڙو وجود. پاڻيءَ جي سطح تي ترندڙ جيو گهرڙن جو جهڳٽو.

"اي دوست مان ڪجھ بہ نہ هجان, بس هڪ اک هجان..... تنهنجو وجود پسان." هو وجود ۾ اڇڻ کان پهريون ئي ڪنهن هستيءَ آڏو دعا لاءِ هٿ کڻڻ چاهي ٿو. هن جا هٿ نهي پون ٿا.

هو آبي بخارات جو نهيل وجود, جنهن هيري مان ڪاربان چورايو. جنهن سمنڊ جا سپ لوڻ ملائي پنهنجي وجود ۾ اوتيا. هو جيڪو ڪيميا جو ڪارخانو آهي. لوهہ آهي, ٽامو آهي, چن جو پٿر آهي. جنهن جي چمڙيءَ تي پيدا ٿيل ڪائي (Fungus) مان وڻ ڦٽا. گل ٽڙيا. هن جي وجود تي پلجندڙ وائرس جو اڻ پورو جيو گهرڙو. نا مڪمل جيو گهرڙو, جيڪو وجودن جي موجودات ۾ سڀ کان اوائلي جيئرو جيءُ آهي.

هٿ جو ڇهاءُ, هن جي پيشانيءَ تي رکيل اشهد آڱر. هن جي وجود کي حڪم ڪري ٿي تہ "نهي پئہ؟"

هو جيڪو اوندهہ جي گهري کوهہ ۾ ڪري پاڻيءُ مٿان بخارات ۾ تبديل ٿي وري واپس جيو گهرڙو ٿي پيو آهي.... جيو گهرڙن جو جهڳٽو ٿي پيو آهي. هو جيڪو سمنڊ جي مخلوق مان خشڪيءَ جي مخلوق ٿي پٽ تي ريڙهيون پائي رهيو آهي. سونهن, جنهن ڏانهن ڊوڙڻ جي خواهش ۾ هن جا پير ظاهر ٿيا آهن. ڊوڙ جنهن جي تاريخ اربها سالن کي لتاڙي پنهنجا پير ڊاهي ڇڏيا آهن. موسمن ۽ ماحول جي سانچي ۾ هن جي وجود جا ٽڪر ڪٽجي رستن تي ڇٽيا آهن. هن جي ڇٽيل وارن مان نانگ پئدا ٿيا آهن. اکين جي پاڻيءَ مان ڪنول ڦٽا آهن. نفرتن جي وڍيل گوشت مان خونخوار جانور نهيا آهن. ڪاوڙ ۽ جوش مان بلند ٿيندڙ رڙ ڳجهن ۽ ڪانون ۾ تبديل ٿي وئي. هن جي پيار پريل اپ ۾ اڏامندڙ نظرن رنگبرنگي خوبصورت پکين کي روپ ڏنو. جهنگ جي باهہ کي وسائيندڙ هن جي وجود جي رت جنهن مان ڳئون رانپ ڪري نروار ٿي. هن جي ٽٽن مان کير ڏيندڙ جانورن ڦٽا ۽ شجاعت مان گهوڙي هٽڪار ڪئي. هن جو وجود صدين جي اٿاهہ ميدان ۾ ڊوڙندو, ڇٽندو ڏلندو, وقت جي وهڪري ۾ بدلبو جنم ڏيندو ڦرندو, گهرندو, پڇندو رهيو. هڪ صديءَ کان ٻيءَ ڏانهن.

اونده جي کوهہ ۾ مٿي واپس روشنيءَ ڏانهن هو ٺهندو ويو. پاڻيءَ کان مٿي ڌرتيءَ ڏانهن، آڪاش ڏانهن. هن جي اڏامر هڪ جستجو هئي، ان کي پسڻ لاءِ جيڪا هن جي بستري مٿان هن جي نرڙ تي هٿ رکي ويٺي هئي. هن کي گهلي رهي هئي، واپس ڇڪي رهي هئي. کاري پاڻيءَ کان پنهنجن ڇپن جي آب حيات ڏانهن، زندگيءَ سان پريل اکين ڏانهن ڇهري جي روشنيءَ ڏانهن.

هو اونداهہ مان مٿي اپري تيزيءَ سان ان جو سينو چيريندو روشنيءَ ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. هن کي پري کان ڪا ڇٽنگ اونده ۾ تاري جيان ٻرندي نظر آئي. هو تاريخ جي رڻ ۾ ڊوڙندو وري جڙي ڇڪو هو. هو پيڙجي وري سانچي ۾ ڍلجي ڇڪو هو. هن جا غير ضروري عضوا رستي ۾ ڇٽي گسجي چڪا ها. هن مان ڪيترائي جاندار ڦٽا ۽ ڦنا ٿيا. ڪيترا وڻ اپريا ۽ ڪٽي ٻٽا پروان چڙهي گلن سان سٽجي ويا. هن ميوون کي ڳولهي لڌو ۽ ميوون هن جي وجود جي پرورش ڪئي. اناج جو پهريون ٻوٽو هن کي عورت جي ..... مان ڦٽندي نظر آيو. اناج جي واپرائڻ هن کي شهوت بخشي هن جي هڏن کي مضبوط ڪيو. هو تاريخ جي اٿاهہ ميدان ۾ اجا بہ تيز ڊوڙيو ۽ هن پويان مخلوق ڊوڙي. هن جون اڳيون جنگهون ٻانهن ۾ تبديل ٿي پيون ۽ هن هٿن سان پنهنجو پڇ پٽي ان مان ڇهبڪ ٺاهي پنهنجي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪيو. وقت جي واءُ ۾ هن جي جسم جا وارڇٽندا ويا ۽ هن ڪجهہ کي وارن جي جاءِ تي چمڙيءَ تي چنبڙايو. هن پيرن تي بيهي ڌرتيءَ کي ڏٺو ۽ مٿي پولار ۾ نهاريندي هن جي نرڙ جا گنج ظاهر ٿيا ۽ هو ڏاهو ٿي پيو. مفڪر ۽ داناءُ ٿي پيو.

حواسن کان اڳتي سوچڻ جي سگهہ هن جي وهمن ۽ وسوسن کي اجاگر ڪري هن جي خوف کي اپاريو. عقل هن کي ياڙي ڪيو ۽ ڏاهپ هن کي منجهائيس وڌو. هن من جي مونجهہ کي گهٽائڻ لاءِ رب آڏو پنهنجو پهريون سجدو ادا ڪيو ۽ سڪون محسوس ڪيو. هن غيب ۾ پناهہ وٺي وجود کي لڪايو. هن ڪمزوريءَ ۽ هيڻائپ جو اقرار ڪري آفتن کي خدائي سزائن جو سلسلو ڄڻي پنهنجي عقيدي کي سختيءَ سان نافذ ڪيو. هن قانون جوڙيو. مٽيءَ جي ڦرهين تي دستور لکي بلند ٿنڀن وارين عمارتن اندر ويهي پاڻ جهڙو وجود رکندڙن تي تبديليءَ جي نالي ۾ ظلم جو آغاز ڪيو ۽ فاتح بڻيو.

هڪ فاتح جيڪو اوندهه جي گهوڙي تي سوار ٿي هٿ ۾ زندگيءَ جي تلوار لهرائيندو روشنيءَ جي گول دائري ڏانهن وڌندو رهيو. اونداهي کوهه جو ظاهر ٿيندڙ گول روشن انت. جنهن جي ڪنارن وٽ هوءَ هن کي بيهي پڪاري رهي هئي. هو موت کي شڪست ڏئي زندگيءَ ڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙندو رهيو. اونداهي کوهه مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ سبب تيز ساهه کڻي رهيو هو.

نيٺ اهو وقت به آيو جو هُو زور سان اوندهه جي کوهه مان نڪري اچي ٻاهر پٽ تي پيو. ٿڌي هوا هن جي پيشانيءَ سان ٽڪرائي ۽ جسم روشنيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳس. ٿڌاڻ جي احساس کان هن جي پيشانيءَ تي پگهر اچي ويو ۽ هن محسوس ڪيو ته هن جي محبوبا جون آڱريون هن جي پيشانيءَ تي نه پر جڻ ڊنڊ جي پاڻيءَ کي ڇهي رهيون آهن. هن جي دماغ ۾ پاڻيءَ جون لهرون پيدا ٿيون.

هن محسوس ڪيو هن جون اکيون تيز روشنيءَ کان بند آهن. اوندهه مان نروار ٿيندڙ اکيون روشنيءَ ۾ سڙڻ لڳيون آهن. هن جون لونڊڙيون ڏنوڻ لڳيون. هن جي چپن ۾ لرزش پيدا ٿي ۽ هن پيرن کي ڏڪندي محسوس ڪيو.

هن جي جسم جو هر جيو گهرڙو اکيون مهٽي جاڳندو ويو. ان کي ڏسڻ جي آس ۾ نوبنو ٿي پيو.

”تون ڪٿي آهين.... منهنجي زندگي ... منهنجي جستجو... منهنجي آرزو.“

هر پيدا ٿيندڙ انگ وڇوڙي جي ڊگهي رات مان جاڳندو پڇندو ويو تيز روشنيءَ هر انگ کي انڌو ڪري ڇڏيس. هو تپندڙ ۽ تيز سج هيٺان ٿاڦوڙا هڻي اکيون ٻوٽي انهن نرم هٿن کي ڳولهڻ لڳو جيڪي هن جي آس پاس موجود هيا.

اوندهه هن جي اکين ۾ ڪوئلن جيان ٻرڻ لڳي. باهه هن جي اکين مان مٿي چڙهي هن جي دماغ کي وڪوڙي وئي. هو روشني ۽ باهه جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو اڳتي وڌيو.

جڏهن گهڻي دير ڪانپوءِ ڪاراڻ ٻري رک جيان هن جي وجود مان ڇڻي پري وڃي پئي ته هن پنهنجين رڳن کي ڊرو ٿيندي محسوس ڪيو.

هن جون اکيون روشنيءَ کي برداشت ڪرڻ جي قابل ٿي ويون. روشني

جيڪا هن جي مٿان موجود هئي. هن جي محبوبا جو چهرو هن جي چهري مٿان جهڪيل هو. روشنيءَ جو ٿهڪندڙ سج جيڪو گرم چانديءَ جيان هن جي اکين ۾ اوتجي پوندو.

جڏهن ڪاراڻ جا ڪڪر هن جي وجود تان لنگهي ويا ته هو ظاهر ٿي پيو. هن پنهنجي وجود کان نڪري ان کي ڏسڻ جي آس ۾ اکين کي کولڻ لاءِ انهن کي مهٽڻ لڳو. هن جي نرڙ جا گهنج واضع ٿي ويا ۽ هن جي منهن جون مشڪون ڏڪڻ لڳيون. هڪ آهه هن جي چپن مان نڪتي ۽ پوءِ هن آهستي آهستي اکيون کولي مٿي ڇت ڏانهن نهاريو. هو موجود هو. هو جيئرو هو. هن کي محسوس ٿيو ڄڻ هو ان کي ڳولهيندي ڏاڍو ٿڪجي پيو هجي. اڄ کان هن جا چپ خشڪ ٿي ويا هجن.

هن همت ڪري اکين کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيري ان کي ڳولهيو. ڪراڙو تيماردار ڊوڙندو هن مٿان آيو. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي عجب مان هن ڏانهن نهارڻ لڳو. ڄڻ ان کي يقين نه ايندو هجي ته هو ڪو اوچتو واپس وريو آهي.

هن تيماردار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ هن جون اکيون وري ان کي ڳولهڻ لڳيون. هن ڪمري جي هر ڪنڊ ڏانهن تيڏين اکين سان نهاريو. اها ڪٿي به نه هئي. هو مايوس ٿي ويو. هن پيشانيءَ تي ٿڌو پگهر محسوس ڪيو اتي ڪا به نرم آڱر هن کي ڇهي نه رهي هئي. اها ڪٿي به موجود نه هئي. اها هن جو وهم هئي. گمان هئي. اها دوکو هئي. بيوفائي هئي.

هن جي اکين مان ڳوڙها وهي ڪنن وٽان منهن جي پاسن کان هيٺ ڇٽيا.

اوچتو تيماردار جو چهرو زور سان بند ٿيندڙ دروازي جي آواز ۾ گم ٿي ويو. هن، هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هو واپس اونده جي کوهه ۾ اربها سالن جو سفر طئي ڪري وڃي هيٺ پاٽيءَ ۾ ڪريو ۽ پاٽيءَ سان ملي پاٽي ٿي ويو. ■

رزاق سهتو

خالي پاٽ

جڏهن سڄ ڳچل مٿي چڙهي آيو تہ علي گل اکين جا ڇپر ڍرا ڪيا- اکين جو کيپ ڪجهہ جهڪو ٿيس- اتي ڪٿ جي پرسان پيل ڇنل ڪرسيءَ ۾ پئجي ويو- رڏٽي ۾ پيٽس چانهہ پئي ڪاڙهي. ماٽس گهر جي ڪوٺين مان ڦريو پئي ڪڍيو. -ڇنل ڪرسيءَ ۾، ويهڻ شرط هن جو پريشان حال خيالن جو پکي اڏارون ڪرڻ لڳو- هر ڪو ڳيپي جي ڳولا ۾ نڪتو هوندو- وقت جي ڪيڏ ڪيڏي نرالي. هو پان بہ ڊگرين جو فائيل هٿ ۾ ڪري نڪري پوندو-چڪر مٿان چڪر نوڪرين جي تلاش، هَلُ هلان ، رزق جو داٽو چڙ گردش ۾ ! سندس نصيب جي گهر ۾ ياڳ جي داخلا بند- دل جي ڪناري کي نراسائيءَ جو ڪُنُ پائيندو."هل ڙي! ميان علي گل"- هو پاڻ مرادو پٽڪي ٿو.

پيٽس چانهہ جو ڪوپُ وڌايو تہ خيالن ۾ سوالن جو وايو منڊل بدلجي ويو.

"ڇو ، سليماني چانهہ گهر ۾ کيرُ ڪونهي ڇا-؟"

"نہ." پيٽس وراڻيو

اداسيءَ منجهان،" ها- ! پيڻ بابا جي پينشن گهٽا ڏينهن هلندي".

سليماني چانهہ جي سُرڪي پريائين، نظرون تنگ پڳل ٽيبل تي، جا پٽ جي ٽيڪ تي بيٺل هئي، جنهن مٿان پراڻيون اخبارون ۽ نوڪريءَ جي اشتهارن جون ڪٽنگس رکيل هيون. هُو وري سوچڻ لڳو" نوڪريءَ لاءِ درخواستون موڪلٽيون آهن- ڊگرين جو فوٽو ڪاپيون، رجسٽري ڪرٽي پوندي- پيٽ سان گڏ کيسو بہ خالي! زندگي ڇا آهي؟ خيالن جو سلسلو اجان جاري آهي. " محرومين جو پنڌار." خاص طبقو عام مٿان ڳرو، هر ڪو مال ميڙڻ جي هوس ۾ ۽ اسان پارا غريب روزي روٽيءَ لاءِ در در تي ٽنگيل اٿين جيئن صليب تي ابن مريم."

سليماني چانهہ جو ڪوپ هٿ ۾ ئي هيس جو سگريٽ جي ٻاڙ

لڱس_وهاڻي هيٺيان پاڪيٽ ڪڍي ڏٺائين_ پاڪيٽ خالي – خالي _ !
ٺوڪ ڀري مُرڪ چپن تي تري آيس.
"آهستي آهستي سڀ در بند ٿيندا پيا وڃن." پاڪيٽ کي هيٺ ڦٽو ڪري چڙهيائين. چڙ ڪان ٻُت ۾ سوست, پنهنجو پاڻ ڪان سوال:" سگريٽ پيئڻ ضروري ناهي_ بس ڇڏي ڏيان." اندر ئي اندر ۾ پاڻ سان وچن ٿو ڪري, ڪي لمحا خاموش ٿي رهيو " پر ٻيلي ڇا, ڇا, ڇڏيندس_ ماڻهن سان اٿي ويهي ۽ دنيا داري ڇڏي ڏيندس_ چانهه پيئڻ ۽ ماني کائڻ ڇڏي ڏيندس, تنهن ڪان جيئڻ ئي ڇڏي ٿو ڏيان_ هيءَ حياتيءَ جو ڪهڙو ڪارج؟." سوچ جي گهڙيال جي سئي, انهيءَ جملي تي اٽڪي بيٺي:" جيئڻ ئي ڇڏيان. ها, جيئڻ ئي ڇڏيان." اکيون مٿي کنيائين, جڻ خلقيندڙ ڪان پنهنجي تخليق جو سبب پڇندو هُجي.
سگريٽ جي ٻاڻ اندر جهوري وڌس, پٽ تي پيل خالي پاڪيٽ تي نظر ٿي پويس ۽ پير ۾ سگريٽ جا ٽوٽا. چڱيرڙو ٽوٽو کڻي ٿو وٺي."پيئڻ ۾ ڇاهي پنهنجو ئي اُڇلايل آهي." سگريٽ جو ٽوٽو کڻي چپن ۾ ڦاسائي ڌکايائين ۽ وڏو ڪش هڻي دونهون ڦڦڙن تائين نيائين. وات بند ڪري دونهون نڪ مان ڪڍي ڇڏيائين, اندر جو اوپر جڻ دونهين ذريعي ٻاهر نڪتو هجي. پاڻ کي هلڪو سلڪو ۽ ذهن تان بوجو لهندي محسوس ڪيائن. پرَ ڏنل انٽريوءَ جي جملن هنيانءَ تي برڇي هڻي ڪڍيس.
"نالو."
"علي گل."
"ڇا پاس ڪيو ٿي؟" هن ڊگرين جو فائل اڳتي وڌايو.
"ٺيڪ آ. پر ڪمپيوٽر ڄاڻين ٿو.؟ "
ها, سائين, گهڻي نه ابتدائي ڄاڻ اٿم."
"ايم_ايس_ آفس بابت خبر اٿي.؟ "
" يس سَرِ, ايڪسل, ورڊ, پاور پوائنٽ ۽ ايڪسز انهيءَ ۾ اچي وڃن ٿا."
" پلا هي سرٽيفڪيٽ محنت سان يا ڪاپيءَ........؟"
"نو سر, سڀُ محنت جو ڦلُ آهي."
"ڪهڙي يونيورسٽيءَ مان. ؟ "
"سر سنڌ يونيورسٽيءَ مان."

" پر- نوجوان، عام ماڻهن جي سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيل ڊگرين بابت ڪا معقول راءِ ناهي، اُهي ڊگريون صرف ڪاغذ جا خوبصورت ٽُڪر آهن. جاڻ ڪان خالي، لو اسٽينڊرڊ آف ايجوڪيشن. هي ڊگريون اسان جي اداري لاءِ قبولڻ جوڳيون ناهن. يو ڪين گو ناؤ."

❋

علي گل انهن يادگيرين جي ڏنين ۾ چانهه جو آخري ڍُڪ پريو جو سندس ننڍو ڀاءُ ماءُ ڏانهن وڌي ويو.

" امان ماسي گُلان مري وئي."

"خير گهُرُو ڇوڪرا."

"ها- امان ڀاهرو ماڻهو ڳالهيون ڪندا،چاچي رحمونءَ جي اوطاق ڏانهن پئي ويا."

ماءُ جي لڱن مان ساهه ڇڏائجي ويو." ويچاري گلان ڏاڍي ڪسني ڪٽي" هوءَ ڪوٺيءَ ڪان ٻاهر نڪتي ته مائيءَ خيران سندس گهر ۾ داخل ٿي، اچڻ سان چيائين."مائي گلان ويچاري گذاري وئي، مان جاڻ ڏيڻ آئي آهيان."

"ها، ادي، چڱو ڪيئي اسان کي پاڻ ڇوڪر ٻڌايو."

مائي خيران ساڳين پيرن تي موٽڻ جي ڪندي چيو."مان گهران ميت تي لٽو وجهڻ جي لاءِ ڪٽي اچان ته پوءِ گڏجي ٿا هلون." هوءَ رواني ٿي- علي گُل جي ماءُ اڊڪن ۾ پئجي وئي، " اسان کي به مائيءَ مٿان لٽو وجهڻو پوندو." گهر ۾ نڪي ڏوڪڙ نڪي رڪيل رئو پوتي، ڪيئن ٿيندو." انهيءَ اُڻ تُڻ ۾ علي گُل ڏانهن وڌي آئي:" ابا علي گل." ماءُ جي آواز تي هُن ڪنايو"پُٽ، رحمونءَ جي ماءُ ويچاري گُلان گذاري وئي، مسڪيني حال تڏهن به وسَ چڱو ڪين- رحمون ته سڄي ڪئي ڪمائي ماءُ جي علاج تي لڳائي پر وريو ڪجهه به ڪين، مُئن ڊاڪٽرن ڪيس سڄو ڪري ڇڏيو- بس-! پٽ، جيڪا رب جي رضا- تون سگهو ٿي. رحمونءَ جي اوطاق تي وڃ پر ابا ميت تي لٽو وجهڻو آهي- انهيءَ جو بلو ڪيئن ڪجي؟" هو انهن ڳالهين ۾ هئا ته علي گل جي پيرڻ ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري آئي.

" امان خير ته آهي."

"ڌيءُ، ويچاري گلان گذاري وئي."

"اڙي۔ ويچاري سورن ڪان ڇُٽي."

"ڏيءُ مان واڏانهن وڃان ٿي پر ميت تي لٽي وڃڻ منجهائي ڇڏيو آهي، گهر جا حال ساريا پيا ٿي."

"ها – امان هيئن ٿا ڪيون، مون جيڪا پوٽي پرڻ پرائي رکي آهي سا ٿا ڪٽي وڃهونس."

"پر ڏيءُ، تنهنجي مٿي جي پوٽي آهي، ڏاڍي سڪ سان پرائي اٿئي."

" ڇا ٿي پيو امڙ، منهن تہ ڍڪيو آهي نہ ؟ "

علي گل ملول دل، ساٿي ذهن،ڳرن قدمن سان رحمونءَ جي اوطاق تي پهتو۔ پوڙها، جوان،اڌڙوٽ، تڏي تي ويٺل. پاڻ ڪنڌائتو ٿي ويٺو. ماڻهن ڳالهايو پئي. مرتيئي جو تڏو هو پر ماڻهن عام ڪچهريءَ جو ڏيک ڏنو ٿي. چپ رڳو رحمو هو،جنهن جي ماءُ مري وئي هئي۔

علي گل سوچي ٿو:" ماڻهن مان مُرتئي جو احساس ختم ٿي ويو آهي، پاڻ ڪچهريءَ ۾ لڳا پيا آهن. ڪنهن جي ماءُ جو موت وساري ويٺا آهن۔ پنهنجي سورن جو پچارون ويٺا ڪن۔ ڪو رحمونءَ کان تہ پڇي۔ ڪفن، دفن ۽ ڪانڌيي جي مانيءَ جو بارُ ڪو مِٺُ مائٽُ ڪٽي سگهندو يا پاڻ کي ئي ڳچيءَ ۾ پوندس۔ مان تہ ڪنهن ۾ پوتو ڪو نہ ٿو پانيان۔ پنهنجي گهر جو حال اهڙو ڇو ميت تي لٽي وڃڻ جيترا پئسا بہ ڪونهن۔ هَا۔! ماڻهو مُحتاج ٿي پيو آهي۔"هو مشڪل سان انهن ويچارن کان آجو ٿيو ۽ ويٺل ماڻهن جو جائزو وٺڻ لڳو۔زندگيءَ جا سڀ رنگ منهن تان اُڏاٽل، ڪي تہ ٻڪ جي چڪيءَ ۾ پيسجي هڏن جي مُٺ لڳا ٿي۔ جيئرا جاڳندا لاش۔

علي گل وري ساڳين خيالن ۾ موٽي آيو:"رحموءَ جي ڪير مدد ڪري سگهي ٿو۔ پر يار اسان جي پوش ۾ علم تہ آيو پر ڏاهپ کان ڪوهين ڏور آهيون. برادريءَ ۾ پير ڪٽڻ لاءِ ڪيئي رسمون رواج سماج مان مدي خارج ڇاٽي لوڏي ڪڍيائون۔ ههڙن موقعن تي وڏڙن اوچڻ جو رواج وڌو۔ مسڪين جي مدد بہ ٿئي ۽ پرم بہ رهجي اچي۔ اسان کان وڏيڪ تعليم کان محروم، وڏڙا، ڏاها ڇٽبا، جن وٽ وڏو مجلسي علم هو۔"

علي گل انهن ويچارن ۾ هو جو رحمونءَ جو وڏو پٽ اچي سندس پر

۾ ويٺو. سندس دل سٽ کاڌي ته ڪائونس پڇي وٺي،"ڪر خبر گهر ۾ ڪجهه آهي يا نه؟ " پر خيال آيس،"متان دل ۾ ڪري، متان گهر ۾ پئسا رکيل هجنن- " چُپ رهڻ ۾ چڱائي ڄاتائين.ايتري ۾ چڱي مڙس جو ڪارندو پهتو- وڏي آواز سان سلام ڪيائين-وينل ماڻهن ڳالهائڻ بند ڪري خاموشي اختيار ڪئي. ويهندي ئي چيائين،" ادا چڱي مڙس چورايو آهي، جنازي نماز ۾ شرڪت ڪندس. انتظار ڪجو". هيڏي هوڏي نهاريندي چيائين، " پيو ته ڪفن دفن ڪانسواءِ ڪانڌپي جي مانيءَ جو بندوبست به هن جي طرفان هوندو- " وينلن ڪن لائي ڪارندي جي ڳالهه ٻڌي ۽ سندن متان ماٺار ڇائنجي وئي. علي گل ماڻهن جي چهري تي ايري آيل تاثر چاچڙ لڳو- سندن هنيائن متان وڏو بار لهي ويو- ماڻهو انهيءَ خيال ۾ هئا جو همراه ڪوڏرون ڪلهن تي رکي اچي پهتا: " ابا، قبر سامي ٿاهيون يا ڪوٺي؟ "وينلن مان ڪنهن جواب ڏنو "سوڪهڙي جي مند آهي، زمين سُڪي ڏرا ڏئي وئي آهي، سيڪ آهي ڪونه. سامي ٿاهيون." صلاح سيني ڪي وٺي. همراه قبر کوٽڻ جي لاءِ روانا ٿا ويا- علي گل اڃا سوڌو جملن جي چار ۾ ڦتڪيو پئي: "چڱي مڙس پاران جنازي جي نماز ۾ شرڪت، ڪفن دفن جو بندوبست، ڪانڌپي جي ماني، قبر کوٽڻ جا سانباها، سامي ٿاهيو يا ڪوٺي ؟. انسان جي ڌرتيءَ تان موڪلاڻيءَ جون آخري رسمون چڱي مڙس طرفان ڪفن جو انتظام جڻري، اڏوراڻن ڪپڙن سان انگ ڍڪيل پر مئي پڇاڻان سماج ڪيئن به ڪري ڪفن نئين ڪپڙي جو ڏئي ٿو. مرڻ کان پوءِ ڇا نئون، ڇا پراڻو ـ؟"

وينلن هوريان هوريان هاڻي هڪ ٻئي سان رواجي لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو- ڪُنڊ ۾ وينل هاريءَ چيو "ادا ڏيو خبر درياهہ ۾.پاڻي ايندو ڪن ڪو نه. اصل بڪ ٿا مرون. پر پاسي جا ڳوٺ خالي ٿيندا پيا وڃن."

دريا خان عمر ۾ سيين کان وڏو هو چيائين "اسان جي سانير ۾ درياهہ ڪڏهن ڪو نه سُڪو. هي ڪهڙو ڪلور ٿيو آ. باقي واري بندي سوهبوندي هئي. هاڻ موراڳي بند!"

استاد محمد خان وراڻيو"هٽ جي ڪوٺ آ. پاڻي پنجاب بند ڪيو آهي. درياهہ انهن وٽان لانگهائو ٿئي ٿو سو ڪٺي سوگهو ڪيو اٿن."

دين محمد ڳوٺ جو داناءُ ماڻهو سمجهيو ويندو هو ٽنٽن چيو."ابا شهر مان نوڪريون ته ختم ڪري ڇڏيائون. اخبارون لکن ٿيون ته جيڪي

روزگار سان لڳل آهن، انهن کي بہ پيا نيڪالي ڏين، پر پيلي ڏياهہ جو پاٽي بہ ڪٿائي ڇڏيو اٿن. هاڻي پوکون ڇاتي پچن؟ ادا، وردي ۽ وارن سدائين پئي انسانن کي لتاڙيو آهي.“

ڪنهن ڏاڍي آواز ۾ چيو ”ابا، جنازو ٽيپهري ۽ جي نماز کان پوءِ ڪڇندو.“ آواز ويٺلن سان گڏ سندس ڪنن تائين رسيو جهڙوڪ ساهہ پئجي ويس. هو ڏاڍو منجهي پيو هو ٽيپهري ۽ ۾ ڪي ڪلاڪ هئا. پهريائين هڪڙو پوءِ ٻيو اٿيو وري چڱي مڙس جو ڪارندو اهو. چئي اُٿيو. ”چڱي مڙس کي جاڻ ڪري اچان.“

بہ ٽئا گڏ جي بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي اٿي ويا. ويٺلن مان ڪن چيو: ”ادا، مال کي ڏسي اچان.“ ائين چئي پيا ماڻهو بہ اٿي ويا. علي گل بہ اٿڻ جي ڪئي.

هو جڏهن اوطاق کان ٻاهر نڪري آيو سگريٽ جي ٻاڙ چوٽ تي، ۽ پيٽ ۾ بک جو احساس جاڳي پيس. بک کي ڪانڊپي جي مانيءَ جي آسري تي ٽاري ڇڏيائين. سگريٽ جي ٻاڙ کي ڳوٺ جي گهٽين ۾ رولڻ جو سوچي، ان پاسي اچي نڪتو جتي گند جو وڏو ڍير هو ڍير تي گڏهہ جو ڍونڍ پيو هو جنهن کي متارن ڪتن ڪاڏو پئي، ڪتن جون ڍونڍ جي ماس سان ڪکيون پريل، تڏهن بہ ڪرڙين اکين سان پريرو لاچاري ۽ کان ويٺل، ٻن بکين ۽ ڏٻرن ڪتن کي تڪي رهيا آهن. جيئن ڍونڍ جي ويجهو نہ اچن، رڳو پاڻ هي سڀ کائي وڃن. اهو ڄاڻندي بہ تہ، ڍونڍ جو گوشت، سندن کائڻ کان تمام گهٽو آهي.

علي گل کي، ڏٻرن ۽ بکين ڪتن تي ديد پوندي ئي، متارن ڪتن جي ماس کي ڇڪڻ تي ڪاوڙ لڳي، هيڏي، هوڏي ڏٺائين، ڪجهہ پڪا پتر، سرن جا اڌڙ ڪنيائين، هڪڙي متاري ڪتي کي پر ڪري وهائي ڪڍيائين. گهٽي کائڻ ڪري ڪتي کان رڙ بہ نڪري نہ سگهي، نڪي تيز ڀڄي سگهيو هن وري ٻئي ۽ آخر ۾ ٽئين ڪتي جو نشانو ورتو. ٽئي ڪتا، مختلف گهٽين ڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش ۾ پر ڳرين ڪکين ڪري ڀاڄ ۾ اها ڦڙتي ڪا نہ هئن. ڏٻرا ڪتا پريرو بيٺل. علي گل جي پوئتي ٽيڻ جي انتظار ۾ هئا، هو جيئن پري ٿيو انهن مٿل گڏهہ جي ماس تي ڪاهہ ڪئي، اصل جهڙوڪ چنبڙي پيس، علي گل مرڪي پيو.

جڏهن پنهنجي خيالن ۾ چڱو پنڌ ڪري آيو پويان ڪڙڪو ڪنين

پيس، ڪنڌ ورائي جو ڏسي، پڇايل ڪتن مان ٻه ڪتا، هن ڏانهن ڊوڙندا آيا. ڏاڍو ويجها پئجي ويا هئس. ڪتن جا وات پٽيا پيا هئا. علي گل ياج ڪاڏي، ڪا واهه ڪانه سمجهيس، پڇندو گهٽي مٿي آيو. انهيءَ ٻُڪ ٻڪان ۾ ڏنائين گهٽيءَ جو موڙ مُڙي روشو گڏهه گاڏي کي تيز ڪاهيندو پيو اچي، ياڻ اوڏانهن ڀڳو. روشوءَ کي رڙڪيائين. هن ڪنايو گڏهه ڳاڏو جهڪو ڪري ڇڏيائين، هو ٽپ ڏئي چڙهي پيو. مَس سَاهه ۾ ساهه آيس، روشوَ چيو. "ابا ڇو ڪتا پويان پيا تي؟"

"چاچا، انهن کي پٽر هٽي پڇائي ڪيڍيم. مئل گڏهه جي ماسَ تي قبضو ڪيو پيا ڪائن. بکايل ڏبرن ڪتن کي ويجهو ئي نه پيا اچڻ ڏين."
روشو ٺهڪ ڏئي کليو."ابا وتين تو ڪتن سان وڙهندو.ڪو ڪائي وجهيئي ته آزار ۾ پئجي ويندين."

"پر، چاچا روشن، جو ڏاڍو سوڳابو واري ڪار لڳي پئي آهي. هڪڙا بک، تي بيا ڪايو وينا اوبارن. هڪڙن وٽ ان جا انبارن پيا مانيءَ ٽڪر لاءِ پيا سڪن، ائين آهي نه؟."

"ها ائين نه آهي. ڏاڍو ڏکيو وقت آيو آهي. هنن حاڪمن نه تين ئي ڪڙڪائي ڇڏيا آهن. مسڪين ماڻهو پيڙجي ويو آهي. پڌجانءِ ڪالهه گڏهه جي داڻي جو ڪلو جن ڏوڪڙن ۾ وٺندو هئس، هاڻ ڇئوڻو مهانگو پيو ملي. پڏاءِ ڪمائيءَ مان گڏهه جو پيٽ پريان ڪن ٻچن جو؟. اسان جي روزيءَ جو سهارو هي گڏهه گاڏو تي، ابا. ڪڏهن گڏهه جو پيٽ پريان نه ڪڏهن ٻچن جو. مڙئي پيا حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيون. گڏهه جيڪو ڊير تي مئو پيو آهي، جنهن تان ڪتا ڊوڙايئي، اهو عبدوَ جو تي. گڏهه کي چارونڪي داڻو بيمار تي مري ويس. هاڻ سندس ٻچا بک تي."

"يلا هي ڇا ڪنيو تي؟" عليءِ گل پڇيس.

"خبر تي رحمونءَ جي ماءُ مري وئي، چڱي مڙسَ چانورن جون پوريون شهر کان گهرايون هِنِ، سو رحموءَ جي اوطاق ڏي پچائٽيون آهن."

"چڱو چاچا ماڻ به اوڏانهن هلان ٿو پر مون.کي بيلي اوطاق کان ٻاهر لاهجانءِ."

علي گل اوطاق تي پهتو ته ٽيپهريءَ جي نماز تي چڪي، ملان جماعت سميت پڳل هو. جنازي کڄڻ ۾ ڊير ڪا نه تي. جنازي نماز ۾ ماڻهن جو ڳاٽاٽو واجبي هو. پهريائين رحموءَ ۽ عزيزن ميت کي ساميءَ ۾

لاٿو. ملان ڪجهه پڙهندو ۽ هدايتون ڏيندو رهيو. ساميءَ جي مٿان سرون لڳڻ شروع ٿي ويون. ڳوٺ جي جوانن ڪم جلدي اڪلائي ورتو. قبر جڙي راسُ ٿي. ملان بيهي دعائون پڙهيون. پوءِ رحموءَ جي اوطاق ڏانهن موٽ ٿي.

جڏهن اوطاق تي پهتا، علي گل کي حيراني ٿي. اهو ڏسي ته ڳوٺ جا ماڻهو ته هئا پر پر پاسي جي ڳوٺن جا ماڻهو به آيل هئا. جنازي نماز ۾ ايڏو انگ ماڻهو جو ڪو نه هئو مردن سان گڏ ٻارڙا به اڳ ئي پهتل هئا. هو سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري:"چاچي رحمونءَ جي ايڏي اٿ ويهه ته ڪانهي، هي ماڻهو ڇو مڙيا آهن؟" سندس ديد ماڻهن تي پوندي ٿي وڃي، ڏٻرا جسم، هيڊا چهرا، سندن چهرن تي بک جا آثار هو چهرن جي جاچ ۾هو جو ملان آخري دعا لاءِ هٿ کنيا. دعا پوري ٿي، چڱو مڙسُ رحمونءَ جي پر ۾ وينو هو تنهن هٿ ڊگها ڪري ساڻس عذر خواهي ڪئي، ڪجهه ماڻهو اٿي رحموءَ وٽ ويا ۽ عذر خواهي ڪيائون. جڏهن ته سيني جو رحموءَ تائين پهچڻ ناممڪن هو. ويٺلن پري ڪان ئي وڏي آواز ۾ چيو "ادا، جيڪو حڪم ڏٽيءَ جو!!".

علي گل ڪنڌائتو ئي وينو رهيو. ڪا گهڙي ماڻهن ۾ خاموشي رهي. ديگين جا ڍڪ لٿا، پلاءَ جي خوشبوءِ هوا جي ڪلهن تي سوار ٿي ساهن تائين پهتي، ماڻهن جا پهريائين هٿ، پاتوڙن، پاٺ ۽ ٿالهن تائين پهتا ۽ پوءِ آهستي، آهستي، آواز اچڻ شروع ٿيا: "ادا هيڏي چانور ڏجانءِ. ڪنهن چيو: "ميان، هن ڪنڊ جي سار ئي نٿا لهو؟" علي گل جي پر سان ٿي ٽوليءَ مان آواز آيو "اسان جي پاسي خالي چانور ڏنا اٿن، ادا گلڻ ٻه ٽي بوٽيون وجهي اچ يار."

ماڻهو پلاءَ تي ڪري پيا، ٻارڙن هيڇ وچان پئي ڪاڏو.

علي گل سڄي منظر کي گهرائيءَ سان ڏسندو ۽ وات تائين چانورن جو گرهه آٽيندو رهيو.

"هي ڇا؟ مئي جي ڪانڌيي جي ماني آهي يا شاديءَ جو سَڏُ؟!! همڙن موقعن تي اڳي ڪوڙي ڪُني ٽيندي هئي، پلاءَ ۾ لوڻ سرسُ وجهي ڇڏيندا هئا. اها ذاهن ماڻهن جي رٽ هئي، جيئن ماڻهو ڪانڌيي جي مانيءَ کي شاديءَ جي ماني سمجهي نه کائن، هاڻي اها ڳالهه ختم ڪري ڇڏي اٿن.!،

علي گل جي ذهن ۾ سوالن جو سلسلو جاري هو، وڏي انگ ۾ ماڻهن جو

پارڙا ساڻ ڪري اچڻ جو سبب چاچي رحموءَ سان همدردي هئي يا چگي مڙس طرفان اڳوات چوائي، ڪرايل مزيدار مانيءَ جي چِڪ. هن جو ڌيان پنهنجو پاڻ ۾ هو ئي ڪونه. بي خياليءَ ۾ جڏهن سندس ساڄو هٿ پاٽ تائين آيو تہ هو حيران ٿي ويو پاٽوڙو خالي هو.■

وِيا جي هنگلوڙ

شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جي گيتن ۾ ڪيڏي اهم شخصيت آهي، جو ان جي رتبي جي برابر سنڌس ڪان اڳ، نہ هاڻ ۽ نہ ٿي هڪ ڏکي عرصي تائين، ڪو ان جيڏي حيثيت حاصل ڪري سگهندو ۽ نہ ئي سنڌس جي ڪوڄاءِ واري سگهندو.

شيخ اياز جي شخصيت ۽ سندس شاعريءَ جي فن ۽ فڪر تي لکيل، سنڌس ئي حياتيءَ ۾، سنڌ ۽ هند جي شاعرن، اديبن ۽ ڏاهن جا مضمون، سهيڙي هڪ ڪتاب ۾ پڌرا ڪيل آهن. جيڪي خاص ڪري ادبي کوجنا ڪندڙ شاگردن جي لاءِ هڪ انتهائي اهميت وارا آهن.

وِيا جي هنگلوڙ ۾ جنهن بہ مشهور اديب جو نالو ڪٿو، ان جو مضمون اوهان کي پڙهڻ لاءِ ملندو. ڪتاب حاصل ڪرڻ جي لاءِ لکو.

سنڌ ادبي اڪيڊمي
معرفت پارس ميڊيڪل سينٽر
سامهون ايف ـ ٽي ـ سي بلڊنگ
مبارڪ شهيد روڊ
ابيسينا لائنز، ڪراچي
فون : 021_2782597
موبائل : 0345_2217471

شيخ اياز

ڪلٽي

هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي، چالاڪيءَ ۾ سادگي. ڪڏهن پار جيئن نچندي ٽپندي ايندي ۽ پنيان اچي اکين تي هٿ ڏيندي. ڪڏهن اوچتو منهنجا وار ڊاهي چوندي، ”ڏس ته ڪيئن ٽي پيو آهين؟“ ۽ پوءِ آرسي ڪٽي هٿ ۾ ڏيندي. ڪڏهن مان پينسل رکي پاٽي پيئڻ اٿندس ته پينسل جو گورو پيچي ڇڏيندي ۽ اچا ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندس ته ڪل ۾ ويڙهجي ويندي. ڪڏهن پوتي پڳ ڪري بڌي ايندي ۽ ڪتاب منهنجي هٿ مان کسي چوندي ته ”ڇڻ هاٽي ڇا ٿو ڇئين؟“ ڪڏهن ٽاچٽي ڪٽي منهنجي ڪنڌ ۾ ڇپائيندي، ڪڏهن شربت ۾ لوڻ وجهي ڪٽي ايندي، ڪڏهن ڏينيو ڦاسائي، ٻرن ڪان وٺي منهنجي اڳيان آڻي ڏيڄاريندي. هڪ ڏينهن وڇون ترِيءَ تي ڪٽي آئي. الاجي ڪيئن ڏنگ ڪڍيو هئائينس! ”ڏس مون هن کي منديو آهي،“ هن چيو. مون ڏانهس شرارت ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو ”تون ته ماڻهوءَ کي به منڊي سگهندي آهين.“ هن جي منهن تي لڄ ڇانئجي وئي ۽ وڇون ڪٽي منهنجي پاند ۾ وڌائين. مان ڇرڪ ڀري اٿيس ۽ چوٽيءَ کان ڇڪي چيو مانس، ”ڇڻ وري ائين ڪنديئن؟“ ”نه بابا توبهه منهنجي ماءُ جي به توبهه!“ هن هٿ وجهي چوٽي ڇڏائيندي چيو.

هڪڙي ڏينهن منجهند جو مون کي دير ٿي وئي ۽ هوءَ ماني ڪٽي آئي. مون گهٽو ٿي ڪيس چيو ته پاڻ ٿي کائيندس. پر هوءَ ٿي مڙي! زوريءَ گرهه گرهه ٺاهي وات ۾ ڏيندي وئي. ”زالون سڀ بيوقوف آهن“، مون خار کائيندي چيو ”تڏهن ته تون به پاس نه ٿي ٿيئن.“

”ٺيڪ آهي.“ هن گوشت جو هڏو مانيءَ ۾ لڪائي منهنجي وات ۾ وجهي چيو. مون هڏو ڇپي اچا منهن گهنجايو مس ته هوءَ ڪلندي ڀڄي وئي. مون خار ۾ چيو ”بس وري اڳتي هتي نه ايندس؟“

”اڙي، ڏسان ته گهڻا ڏينهن ٿو انهيءَ گوڙ ۾ پڙهي سگهين.“ هن نڪ کي موڙو ڏيندي چيو ”گهر ۾ هڪ اکر به پڙهي وئين ته ڇئجانءِ.“

مون سوچيو ته چوي سچ ٿي. اسان جو گهر ننڍڙو هو پيو ته پار هئا گهڻا. سو مان هن جي گهر اچي پڙهندو هوس. سندس گهر ۾ رڳو به ڀاتي

هئا. ماسي ۽ هوءَ، پر هن به ته منهنجو نڪ ۾ دم ڪيو هو. هر روز نيون شيطانيون سوچيندي هئي. پاڻ ته مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿي پڙهڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو هئائين، هاٿي لڳي هئي منهنجي پنيان.

هڪڙي ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڪئمرا ڏسي ضد ڪيائين ته منهنجو به فوٽو ڪڍ. گهڻي رد بدل ڪان پوءِ جڏهن مون سندس فوٽو ڪڍيو ٿي، تڏهن هن پوتي ڇڪي پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو.

هڪ گهمري مان اجا ڪتاب کڻي آيس ته ڏٺم ته به چار ڇوڪريون ويٺيون آهن. مان ڪوٺيءَ ۾ گهڙيس مس ته سيني وٽي ڪليو ۽ هوءَ ايترو ته کلي، جو پيٽ کي هٿ ڏئي ويهي رهي. مون ڦڪو ٿي ڪيس چيو "آهي ته خير؟"

"تو تي ٿورو ئي ٿي کليوسين،" هن کل روڪي چيو"تون پاڻ چؤ ته تنهنجي شڪل اهڙي آهي ڇا؟ تنهنجي شڪل ڏسي ته مون کي روئڻ ايندو آهي، کل وري ڪيئن ايندي؟"

"هاٿي بڪ ڇڏ،" مون کيس ڇڙٻيو."اڻين ماٺهو ڏسي مٿو ڇو ڦري ويندو اٿيئي؟"

"مٿو ته تنهنجو پڙهي پڙهي ڦري ويو آهي." اڻين چئي هوءَ وري کلڻ لڳي. "سچ ٻڌايانءِ ته ڇو پئي کليو سين. مون زهرا کي ٻڌايو ته تو بي. اي. ۾ فلاسافي کنئي آهي، تنهن تي هن هڪڙي فيلسوف جي ڳالهه ٻڌائي ته ڪئن هن ڇيٽو پٽ تي ڏسي چيو ته ڳئون اهو ڇيٽو پٽ تي ڪيئن لاٿو ۽ ان تي مون کي ڏاڍي کل آئي."

هڪ دفعي مون کيس جمهوريت جا اصول ٿي سمجهايا. "پر خدا ته اسان کي جمهوريت نه ٿو سيکاري،"هن سوچيندي چيو."خدا ته گهڻائي دوزخ ۾ وجهي ٿو ۽ ٿورائي جن ۾ ملان مولوي، چريا ڪريا آهن تن کي بهشت ڏئي ٿو." هوءَ تقرير ڪرڻ لڳي، "پر پيلي هي بهشت دوزخ جو معاملو به عجيب آهي. مان ته سوچيندي منجهي پوندي آهيان. مئٽرڪ ۾ اسان کي ماستر ٻڌايو هو ته صوفي چوندا آهن ته انساني روح به خدا جو جزو آهي. جي ائين آهي ته پوءِ ته دوزخ ۾ به صرف روح ٿو وڃي ۽ ان جي معنيٰ اها ٿي ته دوزخ ۾ خدا ٿو وڃي." هوءَ مذهب جي بي معنائيءَ تي کلڻ لڳي.

مان سوچي رهيو هوس ته هن کي اهي شرارتي خيال اچن ڇو ٿا؟ خدا مان به نه ٿي رهي!

سندس کل ۾ زندگي هئي، زنده دلي هئي. کلڻ مهل سندس ڳلن ۾ جڻ سفيد ۽ سُرخ گلاب گهوتجي ويندو هو. سندس ننڍڙا چپ ماڪ ۾ آلا

ٿي ويندا هئا. مون هن کي مرڪندو ته ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هوءَ هميشه ڪلندي هئي ۽ سندس ڪل ۾ ڄڻ سڄيءَ دنيا جي سنگيت سمائجي ايندي هئي، سندس ٽهڪ ۾ ڄڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ هٿ ۾ ڏئي نچنديون غائب ٿي وينديون هيون. اڪيلي هوندي ته پئي ڳائيندي، ماٺهو ڏسندي ته کلي ويهندي، ڄڻ سڄي دنيا جي خوشي سندس روح ۾ سمايل هئي. هوءَ ايترو ته کلندي هئي جو سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا هئا، پتو نه پوندو هو ته هوءَ کلي ٿي يا روئي ٿي! هن جي حياتيءَ ۾ لڙڪ ۽ مُرڪ گڏ گهوٽيل هئا. هوءَ هر ڪنهن کي تنگ ڪندي هئي پر ڪوئي مجهانئس ڪڪ نه ٿيندو هو. مان ته ساڻس نفرت اُن ڪري ڪندو هوس جو مون کي هن سان ن محبت هئي ، ۽ محبت انڪري ڪندو هوس جو مون کي هن سان نفرت هئي، مِٺي مِٺي نفرت ڪوڙي ڪوري محبت! دور رهي، دور رهڻ نه چاهيندو هوس. ويجهو رهي ويجهڙائيءَ مان ڪڪ ٿي ويندو هوس. مون کي ٻيون به سوٽيون ماساتيون هيون پر ڪا اهڙي عجيب و غريب نه هئي. ڪنهن کي ايتري مجال نه ٿيندي هئي جو مون سان ڪٺي ڪيچل ڪري. سڀ ڪتابي ڪيڙو سمجهي، منهنجي عزت به ڪنديون هيون ۽ مون کان نفرت به ڪنديون هيون. پر هوءَ الاجي ڇو مون کي ڇيڙيندي هئي. مان ڪتاب جي ڪنهن صفحي تي نشان وجهي بند ڪري ويندس ته هوءَ اها نشاني اتان ڪڍي ٻئي صفحي تي وجهي ڇڏيندي هئي، مان فائونٽين پين ۾ مس پيري رکندس ته هوءَ مس ڪڍي پاڻي پيري رکندي. مطلب ته عجيب شامت هئي. مون ڪيئي پيرا خيال ڪيو هو ته وري سندس گهر نه ويندس. اجا به اڌائي ڪلاڪ گهر ۾ ويهندس ته هوءَ ڪوئي بهانو ٺاهي ماٺهو موڪليندي. مثلا چورائي موڪلندي ته، "امان کي مٿي ۾ سور آهي دوا ته ڏي." ۽ مان اجا سور جي دوا ڪڻڻ ويندس ته نياپو ڏيندڙ گم ٿي ويندو ۽ لاچار مون کي ئي دوا ڪٺي سندس گهر وڃڻو پوندو. اجا ويندس مس ته هوءَ کلندي چوندي، "ڏس ڪيئن چالاڪي ڪري گهرايو مانءِ، پتو پيءِ!" ۽ پوءِ نوڙيءَ تي ٽپڻ لڳندي.

پر ائين به ناهي ته هوءَ مون کي صرف مسخريءَ لاءِ گهرائيندي هئي. مون کي ياد آهي ته ته اونهاريَ ۾ مون کي پڙهي پڙهي ننڊ اچي ويندي هئي ۽ ڏاڍيءَ گرميءَ ڪري پاسا بدلائيندو هوس ته ڪنهن مهل ٿڌي جهلڪي تي اک پٽجي ويندي هئي ته هوءَ وڃڻو هلائيندي نظر ايندي هئي. مون کي اکيون پٽندو ڏسي نڪاءُ ڪرائيندي هئي پنيءَ تي وڃڻو ۽ ائين چوندي اٿي ويندي هئي ته "ننڊ ۾ ڳالهائين ڇو ٿو؟ اسان جي ننڊ ٿي ڦٽي."

جڏهن گڏجي ماني کائڻ وهندا هيا سين، تڏهن چوندي هئي "ڏسجانءِ جي مون اڄ توکي بک نہ ماريو." ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيندي هئي. پر مون ڏٺو هو تہ هوءَ تمام ٿورو کائيندي هئي ۽ سٺي سٺي شيءِ منهنجي لاءِ رکندي هئي.

هڪڙي ڏينهن مون کي سخت بخار هيو سو مون پيڻ کي چيو "مٿي کي ٿورا زور تہ ڏينم." هن هُڏيءَ مان چيو: "بہ ڪلاڪ ساندهہ ماساتنهن ويهي زور ڏنا اٿيئي. اجا پيو زور زور ڪرين." مون کي خبر نہ هئي تہ غشيءَ جي حالت ۾ هن مونکي زور ڏنا هئا. اهڙيءَ طرح ڪيئي دفعا مون محسوس ڪيو هو تہ هن جي مون سان همدردي هئي.

مون بي. اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ هن وٽ ويس. هن چيو "مٺائي کاراءِ!" ۽ ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳي، "هل سچا تون ڇا کارائيندين!" منهنجو مڱڻو ٿي ويو ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين "مٺائي کاراءِ!" ۽ پوءِ "هل سُچا تون ڇا کارائيندين!" چئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي. منهنجي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين: "مٺائي کاراءِ!" ۽ پوءِ ساڳيءَ طرح "هل سچا تون ڇا کارائيندين." چئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي. مون کي ڪڪو ڄائو ۽ هوءَ آئي ۽ وري ساڳيا لفظ چيائين. "مٺائي کاراءِ"۽ هل سچا تون ڇا کارائيندين." چئي ٺهڪ ڏنائين. هن ۾ اجا بہ اها معصوم شرارت هئي، اجا بہ زنده دلي هئي، اجا بہ کلي کلي ڳوڙها وهي ايندا هيس.

پر..........

ڪالهہ هوءَ منهنجي ڪڪي کي کيڏائي رهي هئي. هن جي منهنجي ڪڪي سان ڏاڍي دل هئي. ڪڪو بانبڙا پائي ٿورو گهمڻ سکي ويو هو سو ڪالهہ جڏن هوءَ ڪڪي کي کڏائي رهي هئي. مان آفيس مان موٽيس. ڪڪي مون کي ڏسي ڪيو "با آ با" مون ٻانهون ڊگهيريون تہ ڪٽانس، پر ڪڪو ڪنڌ ڌوڻي هن جي ڇاتيءَ سان چهٽي پيو ۽ چيائين، "ا مر— مان. مون چرچي ۾ چيو: "اڙي هيءَ اٿي پڦي !" پر ڪڪي چڙ منهنجي ڳالهہ نہ مڃي ۽ هن جي ڇاتيءَ مان منهن ڪڍي، ڏانهس ڏسي، چيائين، "امان". اچانڪ مون ڏٺو تہ هن جو منهن ور ور ٿي ويو ۽ ڳوڙها سندس اکين مان لهي ڳلن تي اچي ويا. مون تعجب ۾ پڇيو "ڇو آهي تہ خير؟" هن ڪڪي کي چميو ۽ سندس چولي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي. مان حيرت ۾ هوس. اڄ شايد پهريون ڀيرو هو جو ٺهڪ ۽ لڙڪ دوستي ڇني جدا ٿيا هئا، زندگي گل جو سهارو نہ وٺي سگهي هئي ۽ ڳوڙها قابو پائي ويا هئا. خوشيءَ غم کي چميون ڏئي الوداع ڪئي هئي.■

جمال ابڙو

پشو پاشا

رياست جي عدالت عاليہ جون شوخ ۽ ڪرڙيون پٿيون، شهر کان پري ٽڪريءَ جي پير سان اڏول ٿيون بيٺيون هيون. عمارت جون ڏگهيون پٿريليون پٿيون، ويڪرا چيٽڙا منارا ۽ وڏا شاهي در نهرائيندڙ جي ارادن ۽ منصوبن جو پورو پورو نقشو چٽي رهيا هئا. ٽڪريءَ جي اوچائي، عمارت جي بيرخي ۽ وچ واري پوٺي جي رڪائي جڻ تہ پاڻ ۾ ٻٽ ٿي، ڄاڻي واڻي هن انصاف جي گهر کي عام بستيءَ کان ڇني ڌار ڪري رهيون هيون. ويتر ڪارو لوهي ڪڙن وارو غير ملڪي جهنگلو جڻ تہ مڪون الاري دڙڪا ڏيئي رهيو هو.

هن عدالت عاليہ ۾ ملڪ جي قانون جي پيچ گهمڙ ڪري ڇبي، ڇٽي، فتوائون ثابت ڪيون وينديون هيون. هت قانون جي تشريح ٿيندي هئي. قانون کي وٽ وڪڙ ۽ ور ڏنا ويندا هئا. اهي ڇبيل، ڇٽيل ۽ مروٽيل قانون معصوم شهرين جي مٿان پنجوڙ وانگر اڇلايا ويندا هئا. لوهي جهنگلي ۾ جڪڙيل ۽ پٿر جي ديوارين ۾ بند ٿيل دماغن جا گول مول جملا ڳوٺڙن، ماڙين ۽ چراگاهن جي ڪليل هوائن ۾ ڏنڊي جي زور سان هلايا ويندا هئا. عدالت عاليہ جي چوٽين مان اهي قانونن جا زنجير نڪري، وڃي ملڪ جي سرحدن ۾ کپندا هئا ۽ سڄو ملڪ زنجيرن جي ڪڙن ۾ جڪڙجي لوهہ ٿي ويندو هو.

اڄوڪي ڏينهن عدالت عاليہ جي ٻاهران حشام ماڻهن جا اچي گڏ ٿيا هئا. ڏگهين ڏاڙهين ۽ ڏگهن وارن وارا ڌاڪرو جوان، جڻ تہ الائي ڪٿان اچي ڪڙڪيا هئا. گرم هوا ۽ لُڪ جي ڪري سيني جون ٻٽون ٻڏل هيون. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ سندن زبانون خاموش هيون. سندن اندر ۾ اڌما هئا. ڪوسي جهولي ور ور ڪري عدالت عاليہ جي پٿين سان ٽڪر پئي کاڌا.

اُن ڏينهن ”جابلو شينهن“ تي ڪيس هلڻو هو. سچ پچ بہ شينهن

جھڙو مڙس هو. ڏکھو ۽ ڦداوِن لڳ مروڙ رڪ جھڙو چيڙھالو. سندس ڏاڙھي، مڇي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي پوري بج هئي. مائٽن سندس نالو ”پشو“ رکيو هو پر جابلو ماڻھو کيس ”پشو پاشا“ ڪري سڏيندا هئا. سندس ڇاتي ويڪري، ٻانھون مضبوط ۽ ڳچي پريل هئي، ٽنگون جھڙا پيل پاوا، سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضد، ارڏائي، صاف گوئي ۽ لاپرواهي ظاهر ظهور ڇلڪي رهيون هيون.

عدالت ۾ غير معمولي چرپر هئي. سپاهين جي اڇ وڇ، هٿيارن جي چڙ چڙ، قانون دانن جا ڪارا جبا ۽ اڇا ڪالر. پوتن وانگر اڇ وڇ لڳي پيئي هئي. پوليس عملدار، شاهدن کي وري وري سمجھائي ۽ سيکاري رهيا هئا. عدالت جي پٺين جي اوٽ ۾ سيني جي سامهون ڪليو ڪلايو. ٺڙڪن ۽ ڏٻاون جي ڏم ۾ اکرن جي پيچ ٻاهر تي رهي شئي. ڏنو واڻٺر ثابتيون ناهيون ۽ بنايون تي ويئون. قانون جا رکپال قانون کي مروڙي ۽ گھتي رهيا هئا. اٿين تي ڏٺو ته عدالتي مشينريءَ جي هڙني پرزن انصاف کي ڪھڻ لاءِ ٻڌي ڪئي هئي.

جج صاحب واري ٿلهي تي، وڏي گنبذ هيٺان، هڪ وڏي اڌ گول ميز رکيل هئي. ان جي پٺيان هڪ ڏگهي، ٽيڪ واري ڪرسي، جنهن جي مٿان فضيلت ماب جو فوٽو ٽنگيل هو. ميز تي وڏن وڏن ٿلهن ڪتابن جون ڏڳيون ۽ پر وارن ڪٻٽن ۾ اڪيچار ڪتابن جون قطارون هيون. اوچتو چوبدار ”خبردار“ پڪاريو. ۽ هڪ ننڍڙو سنهڙو جج هڪ ننڍڙي بند دروازي مان نڪري، وچي ڪرسي ۾ پيو. چڻ ته ڪرسي ۽ ميز رڳو سندس بدن کي ڳڙڪائي ويون هيون، ۽ ڪتابن ڪٽي ڳِٽڙ ڪان جھليو هئس. هن اکيون مچڪائي، هيڏي هوڏي نهاريو ڪجھ ڪاغذ اٿلايا، ۽ ”پشو“ کي مخاطب ٿيو ”ڇا، تو سان ناحق آهي؟ ڇا توکي ڦاسايو ويو آهي؟“ پشوءَ کي چڻ ته باهه وٺي ويئي. ٽپو ڏئي اٿيو. چي، ”ناحق آهي توسان. قاتل آهين تون!“ جج صاحب کان ڏرڙي نڪري ويئي، چڻ ته سندس راز فاش ٿي پيو هو. واڻڙو تي جوابدار ڏانهن ڏٺائين. ڪتابن ڏانهن ڏٺائين. فضيلت ماب جي فوٽي ڏانهن ڏٺائين، عدالت جي ڏگهين ديوارين ڏانهن ڏٺائين. ۽ ان ننڍڙي دروازي ڏانهن ڏٺائين جتان پاڻ ڪُئي وانگر نڪتو هو.

پشوءَ جي اها ننڍي کان ئي عادت هئي، جيڪي ڇئبو هوس، سو وري ڦھڪائي ڏيندو هو ۽ وري ان جي ابتڙ ڪري ڏيکاريندو. ننڍي هوندي

ڪيس چوندا هئا، ”تون شڪر گنج واري چوٽيءَ تي اصل ڪو نه چڙهي سگهندين.“ بس سيني جي ڏني، ڇلانگ ڏيندو، ريڙهيون پائيندو، لٽڪندو، وڃي چوٽيءَ تي پهچندو. هو. وري سهڪندو لهندو، لهڻ سان لوهه ڪيو ان ماٺوءَ تي ڪاهيو ايندو. پائيندو ته ڪيس دسي، ڪيرائي، گهٽا ڏيئي، چوي ته ”ڏٺءِ! تون ڪو نه چڙهي سگهندين.“

سندس اٺڻ ويهڻ، کائڻ پهرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ کهرو هو. جيڪي آيس، منهن تي وهائي ڏيندو. مڙڻ وارو مڙس ئي نه هو. هڪ دفعي، هتو تتو رئيس گل خان جي اوطاق وٽان لنگهيو. اڄ ڪان ساهه تي ويس. نه ڪيائين هم نه تم، سڌو وڃي رئيس حو گلاس ڪنيائين. سيني گهڻو ئي ”متان متان“ ڪيس، پر هيءَ يار ٻه تي گلاس چاڙهي ويو. اتي ئي گلاس اونڌو ڪري چياتين ته ”ادا، چو ڪو ڇُهڙي جو گلاس هو ڇا؟“

پشو قدرت جي هڪ اڻ گهڙيل تخليق هو. ننڍي هوندي کان ئي چيٻرو، الڙ ۽ اڙڊو هوندو هو. هو پهاڙن ۾ ڄائو ۽ پهاڙن ۾ پليو بس پهاڙ هئا، پٿر هئا، ۽ پشو هو. اُيا اُيا جيئرا جاڳندا پهڻ. رڍون ۽ پشو ٻه جڻ ته چرندڙ پرندڙ پهڻ هو. پهڻ جي پيٽ مان نڪتل تازا ٻچڙا! پهڻ جي اوٽ ۾ ۽ پهڻن جي مٿان وتندا هئا ڊوڙندا ۽ ٽپندا. ائين ٿي معلوم ٿيو ته پهڻ، پشو ۽ رڍون هڪ ئي شيءِ هئا، هڪ ئي هوا هئي، هڪ ئي زمين ۽ هڪ ئي پاڻي، جنهن هزارين ورهين کان هن ماٽريءَ ۾ ماٺهو مال ۽ اَنُ پئي پيدا ڪيا.

پشو ائين وڌيو جيئن ڪو خشڪ جابلو ٻوٽو پٿر مان ڦاٽي نڪتو هجي. ڳاڙهو پٿريلو رنگ، پورا جهنڊولا وار. گليليءَ سان وتندو هو پٿر چتيندو ۽ ٻتير ماريندو، هڪ جيڏن سان وڙهندو، ليٽندو، ليٽڙندو پڄندو ۽ ڊوڙندو. ڏسندي ڏسندي، جوان ٿي ويو ته ٻه جهڙو ٻار!

پشوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽپڪندا هئا. اصل ماٺ ڪري نه وهندو. ڪنهن کي چڪ، ڪنهن کي چهنڊڙي، ڪنهن کي رهڙ، ڪنهن کي ڇهڙ. اڇلون ڏيندو ۽ ڇلڪندو. سندس اکيون پيون چمڪنديون هيون. پورهئي مان مزو پيو ايندو هوس.

رحمدل ٻه هڪڙو ئي هو. پاڻ ڏي مهڙ هونديس. ته جهٽ پشيمان ٿيندو. هڪ ڏينهن ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهايائين. پوءَ ته ڳوٺ ڇڏي پڄي ويو. سڄو ڏينهن گهر نه آيو. وٽيو لڪن ۽ ٽڪرن ۾ هلندو. لڙيءَ اڌ رات

جو گهر آيو. ماٹس اوسيڙي ۾ چلهہ تي ويٺي هئي. چلم ٺري ويئي هئي. پشوءَ ماٺ ماٺ ۾ چلم تيار ڪري، تڙ آٽي ماءُ کي ڏنو ۽ پير ۾ ويهي رهيس. ماٹس سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي ۽ پشو سندس پاسي ۾ سمهي پيو.

پشوءَ پيار بہ ڪيو. رئيس جي نياڻيءَ گلناز سان. اکيون چار ٿي ويس. سندس لڱن ۾ سيسرات پئجي ويا. ڳلن ۾ ڪوساڻ ۽ وار وار ۾ لهس. بت بنجي ويو. زندگيءَ جو وهڪرو جو سندس لڱن ۾ پيو سرڪندو هو، يڪايڪ بند ٿي ويو. هن جي طبيعت جو وٽ پڪڙ وارو طوفان ويڙهجي سيڙهجي، ننڍڙو ٿي، وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. ڏينهن جا ڏينهن، اڪيلو ئي اڪيلو بستيءَ کان ٻاهر سڪل وڻن هيٺان خشڪ گاهہ لتاڙيندو وتيو. سياري جون ٿڌيون ھوائون ۽ اجڙيل کيت کيس خمدرد ۽ هم خيال معلوم ٿيا.

هڪ ٿي ڏڪ سان جبلن جي چوٽين کان ٿيندو، تارن جي دنيا ۾ اڏامڻ لڳو. چڻ تہ ڪو ازال جو آواز کيس اجا بہ اڳيرو سڏي رهيو هو. ماٿري ۽ نهري ۽ کيت ۽ خود پشو سڀ هيٺ پٿرن ۾ ئي اٽڪيا رهيا. پر سندس پيو ڪجهہ هوائن ۽ آسمانن ۾، ستارن کان ٿيندو، مٿي ئي مٿي، اڏامندڙ رابيل وانگر، حسن جي طرف. بنا اٽڪ لس ئي لس، ترندو ويو. پشوءَ جي هن اڏند ڪتوليءَ کي سندس سنگيتن ڇڪي هيٺ آٽي، حقيقت جي ڪنڊن سان زمين جي تهہ تي جڪڙي ڇڏيو. کيس بہ تي ٿڦون وهائي ڪڍيائون. چي، "گندي اوڏي وڃي گهر ويهہ." پشوءَ جا نشا ئي ٽٽي ويا. ڳهر لهي ويس. ڪاوڙ مان وڏيون وڏيون ٻرانگهون پريندو، اچي رئيس جي حويليءَ وٽ نڪتو. وجهہ وٺي گلناز جون پياسي اکيون، ڊگها ڊگها ساه ۽ ڍرو ڍرو بدن، پشوءَ جي هر سوال جو وڻندڙ جواب هئا. پشوءَ جي آسماني پيار واري اڏامندڙ رابيل پويان پير ڪيا. سندس سڳنڌ هوا ٿيندي وئي. سندس نرم ۽ نازڪ پکڙا ڪومائجي ڇڻندا ويا. باقي سڪل ڏانڊي اچي پٿرن ۾ پيئي، جنهن کي وقت جي ڳوري ۽ کهري ڇڪيءَ پينهين ماري دنيا جي ذرن ۾ ڳوهي ۽ ڳاري ڇڏيو. پشوءَ جي پٿريلي طبيعت وري اوج تي اچي ويئي. گلناز وتان موٽي، ڪنهن جون ٻانهون مروٽيائين، ڪنهن کي جهلي ڏونڌاڙيائين ۽ ڪنهن کي ڪلهي تي ڪٽي ڦيريون پارايائين. پنهنجي سنگت سان وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي ڪليو، سندس هڪ هڪ ٺهڪ

سان چڙھ تہ غم جو ھڪ جميل ٽڪرو اندر مان نڪري، ڦھڪو ڪري، وڃي ٿي پٽ تي پيو.

رئيس جي، شروع ڪان وٺي، پشوءَ سان نہ پيئي ھئي. پشو ھر وقت پيو پنھنجين سنھڙين پورين مڇن کي وٽيندو ھو. رئيس کي ڏاڍا جڪ ايندا ھئا. چي، "پاڙي. بيڪار تون ڪمڙي لاٽ جوپٽ آھين، جو وتين تو مڇون وٽيندو!" پشو پڙڪو ڏيئي اٿيو. چي، "پاڙي آھين تون! بيڪار آھينَ تون!" پوءِ تہ ھنگامو مچي ويو. پشوءَ تي چڙھي ويا. پشو بہ ٻن ڄڻن کي سٽيندو ڪٽيندو نڪري ويو.

رئيس ھاڻي ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ ھڻڻ لڳو. ڪنھن کي ڀڏائڻ، ڪنھن کي مارائڻ ۽ ڪنھن کي لڏائڻ، آزار مچي ويو. صدين جي بيٺل سماجڪ پاڻيءَ ۾ رئيس جي ٽاڦوڙن ڏپ مچائي ڏني. پشوءَ پنھنجي ساٿين کي انھيءَ ڊونڊ ڪان ڪڍي ٻاھر ڪيو. چي، "ھڏ ھٽون اسين. پنيءَ اگھاڙا رھون اسين، پوءِ بہ اسين ڪميڻا ۽ رئيس چڱو مُڙس؟ چڱا مُڙس اسين آھيون، رئيس چڱو مُڙس .ناھي." پشو نہ ڊڄڻو ھو نہ سست. رئيس جيسٽائين سنيڙي ٿي ٻنيڙي، تيسٽائين پشوءَ ڪيترائي اڙٻنگ جوان پنھنجي پاسي ڪري ورتا. نئون خون ۽ نوان امنگ! چي، "کيت اسان جا آھن، ڪاريز اسان جا آھن. اسين سڀ ڪجھ آھيون. اسان جي آڏو ڪو نہ اچي."

رئيس باھ ٿي ويو. پوڙھا پوڙھا وائڙا ٿي ويا. ھٿ نوڪي پئنچات گڏ ٿي. ملان فتوا ڏني. چي، "اوھين ڪافر آھيو. توھان جي جنازي نماز جائز ناھي. توھان کي غسل ڏيڻ روا ناھي." نوجوان سڀ اٿي ڪڙا ٿيا. چي، "ڪافر تون آھين. غسل توکي نہ ايندو." وڏيرڪي پئنچائت پنن جي ماڙيءَ وانگر ڊھي، وڃي پٽ پيئي.

رئيس باھ ٻاري ڏني. اناج ڪچي ويا. گھر سڙي ويا. کيت اجاڙ ٿي ويا. مائون ۽ ٽيندڙ مائرون ٽڏيءَ ڇانو مان ڪڍي، لڪَ ۽ لُوھ جي حوالي ڪيون ويون. بس اِئين ٿي "نظام حيات" کي اُکوڙيندڙ پنھنجي اُکوڙڻ جو سامان پيدا ڪيو. انڌا ڏنڌ. ٽڪڙو ٽڪڙو. وڏي ٻي چيڻيءَ سان. پوڙھن پشوءَ کي ٺاھ لاءِ سمجھايو. پشو خفي ٿي، ٻئي ھٿ ڪٽي ڪوليا. چي، " اجا بہ ٿا چئو تہ رئيس چڱو مڙس آھي؟ ڪنھن سان ٺاھ ڪجي! ڇا تي ٺاھ ڪجي!"

پشوءَ حڪومت جو سهارو وٺڻ چاهيو. سوچيائين ته ڪا انڌير نگري ته ڪانهي! نيٺ به ته ملڪ ۾ قانون آهي. ڪيس اميد جو ڪرڻو نظر آيو. هن شهر وڃڻ جي پڪ ڪئي.

پشو پهريائين سڌو لالي محمد دين وٽ ويو. هو حاجي هو ۽ حافظ هو. ڳوٺ وارن کان پيشگيءَ تي اناج ۾ مکڻ وٺندو هو. پشو کانئس قرض گهريو پر. لالو صفا چڙي ويو. چي،" اوهين لاهي پائي بي حياءَ تي بيٺا آهيو. نه ننڍ وڏائيءَ جو ادب. نه چڱي مڙس جو لحاظ. رڳو ڏنڊي جي زور تي ليکو لنگهي ويا آهيو. ڪير اوهان چورن ڏاڙيلن کي پئسو ڏيندو!" پشوءَ جا تاڪ لڳي ويا. اندر ئي سڙي ويس، ڏند ڪرٽي، لوڙهه کٽي اپي ڪيائين. چيائين ته"چورا ڏاڙيل! بي حياءَ، تون، جڏهن هتي آيو هئين تڏهن تو وٽ ڇا هو؟" لالو ڏڪڻ لڳو. جهٽ ڏهين ڏهين جا ٻه نوٽ ڪڍي پشوءَ جي هٿ ۾ ڏنائين. پشوءَ نوٽن کي مروڙي سروڙي کٽي لالي جي منهن ۾ هنيو ۽ پويان پير ڪيائين. سوچيائين ته هن ڪم ۾ پئسا پنهنجن کان ئي وٺبا، نه ٻين کان. هڪدم ٻه چار رڏون ڪاهي شهر روانو ٿيو.

پشو اتي پهتو جتي گند جا ڍير، ڪارخانا ۽ دونهان، شور ۽ غل لڳو پيو هو. گهٽيون ۽ رستا ايترا، جو پتوئي نه پوي ته ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا. نه وري ڪو پورو ڏس ئي ڏئي. هر ڪو پنهنجي شخصيت ۾ ئي وچڙيو پيو هو. سيڪو وٽ پڪڙ ۾ پيچ پيچان ۾ پورو. ائين ٿي ڏٺو ته ڪنهن وڏي مڪار ۽ چالاڪ ڪيڏاريءَ، ڪنهن خاص ۽ ناپاڪ مطلب ڪاڻ، هن سڄي شهر کي، انجڻ وانگر ٿي هلايو جنهن انجڻ جا پرزا ۽ ڪلون، هي موڳا ۽ بي جان ماڻهو هئا. انجڻ جي رت ۽ ڪِٽ ڪِٽ ۾ ڦِري، جڏهن هي انساني نٽ ۽ بولٽ طاقت ڇڏي، گرگهلا ٿي ٿي ويا، ته مشين جي تيز رفتار مان ٽٽي، زور سان وڃي ٿي پٽ تي ڦهڪو ڪيائون. جتي ڇپا ٿي ڪتجي ڪنا ٿي ٿي ويا... پشو اچي هڪ نام ڪنئي ليڊر وٽ نڪتو. ڪاڏيءَ جا ڪپڙا، ڪاڏيءَ جي صدري، ڪاري عينڪ ۽ لڪڻ هٿ ۾، فرينچ. ڪٽ ڏاڙهي، جڻ ته سرٽيفڪيٽ تي مهر، مٿان ڪڇ ۾ ٿيلهو. جڻ منڊيءَ تي ٺڪ. ڪمرو سهڻو سينگاريل ۽ در تي ٽانگو هڪيو حاضر. پشوءَ ياپو ڪنهن غلط هنڌ اچي نڪتو آهيان. اچا اڳيرو وڌيو ته ليڊر صاحب واکو ڪري ڪيس ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو. نيٺ ڪيس اندر

گهرايائين. حال احوال وٺي، ڪيس لمبو ليڪچر ڏنائين. ”ميمبر ٿيو. شاخ قائم ڪيو. چندو گڏ ڪيو. ننڍن ڪاتيدارن سان ٺهي هلو. ڏسو نہ اوهين سچا آهيو اڻ ڄاڻ آهيو بکيا آهيو بي وس آهيو...“ ۽ الائي ڇا ڇا چئي ويو. پشو ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو. نيٺ ليڊر صاحب ڪيس دلداري ڏيئي، ٻاهر ترسايو. چي، ”درخواست لکائي وٺ. مڙيئي چڱي ٿيندي.“ پشو اچا ٻاهر ئي ويٺو هو تہ رئيس گل خان اچي نڪاءُ ڪيو. ٻنا هٽڪ سڏو اندر هليو ويو. ليڊر صاحب ڪيس ڪلي ڪيڪر ڪئي. ياراڻا ٽهڪ ڏنائون. رئيس سئو روپيہ چندو ڏنو جو ليڊر صاحب جي صدريءَ ۾ غائب ٿي ويو. پشو سٽ ڏيئي اٿيو ڏند ئي پڪوڙجي ويس. ڇيائين، ”ياڙي! سچو! بکيو! بي ايمان!“

پشو هڪ وڪيل وٽ ويو. وڪيل صاحب ننڍو نيٽو جوانڙو هو. پڙي مشڪيو. چي، ”يار اسين تہ پيٽ جا پوڄاري آهيون. اميرن مان ٽڪا ڪو نہ وٺيندا سون. اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ ئي اسان جو شڪار آهن. هي گلم ۽ غاليچا سڀ ٺڳيءَ جو ٺاهہ اٿئي. ملڪ جي قاعدي موجب تنهنجي ڪا بہ مدد ڪا نہ ٿي سگهندي. ٻي ڏين تہ ڪوڙو ڪيس ٺاهي ڏيانءِ. پوءِ ڪٿي تنهنجي قسمت. اوهان جي مصيبت، اسان جي ڪمائي. ٻي مدد مون وٽ ڪا نہ اٿئي. نڪو مان واندو آهيان.“

ڪيڏي نہ مڪاري هئي هن جي صاف گوئيءَ ۾! خود فريبيءَ جي انتها! جهل جو ڇيهہ! پشو چپ چاپ اٿي ڪڙو ٿيو.

بي دليو ڍرڪندو، رڙهندو اچي هڪ ٻئي وڪيل وٽ نڪتو. وڪيل صاحب اڌيڙ عمر جو هو. هڪ سندس ڪبٽن ۾ قانون جي ڪتابن ڪان وڌيڪ مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب هئا. فلسفي ۽ ادب جي ڪتابن جا ڍير. هن جا ڀرون البت مٽيرو ڇڪيل هئا. سندس نرڙ ۾ هر هر گهنج پئي پيا. سندس مٿو اڌ تائين گنجو هو. هو سنهو سڪڙو هو. ڳالهايائين، تہ نظرون هيٺ ٿي ڪيائين، هر هر هٿ پئي مهٽيائين. اندر جي اُڻ تڻ ماس ئي ڪوري ويئي هيس. سندس ٽڪل ۾ گهنجيل آکيون نااميديءَ، بيوسيءَ ۽ مونجهاري جا ڏُٻا هئا. پشوءَ جي ڳالهہ ٻڌي. جڻ تہ خفي ٿي ويو. ڏگهيون سنهيون ٻانهون ڪري ميز تي رکيائين. ٻنهي هٿن کي موڙي، واڇن کي هيٺ ڀرو ڍرڪائي، ڪٽي سوال ڪيائين: ”پوءِ ڇا ڪجي؟“ گهڙي کن وات ڪليل ئي ڇڏي ڏنائين. پوءِ گهٽو ئي ڪجهہ چئي ويو. چي، ”اوهان اڻ

پڑهيل آهيو. اڻ ڄاڻو آهيو: ڪجهہ نٿا ڪيو. پڙهڻ ڪان سواءِ ڇا ٿيندو؟ اوهين نا سمجهہ آهيو. اوهان تي ظلم ٿيندو رهندو. امير جو غريب تي، ڏاڍي جو هيڻي تي ، هي قاعدو آهي، اوهين مظلوم آهين، ڇريا هيڻا آهيو...“ پشو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو. سندس اکين ۾ شرارت ڀرجي آئي. پئي ٽريون ميز تي ڪوڙي، ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو. ديو وانگر وڪيل صاحب جي مٿان ٿي بيٺو. وڪيل صاحب هيسجي اکيون مڇڪائي پشوءَ ڏانهن ڏٺو. پشوءَ ساڻس اکيون ملائي چيو. ”ڇريو آهين تون! هيڻو آهين تون! ظلم آهي تو سان!“وڪيل صاحب جي نوڙهہ ۾ ڄڻ تہ ڪنهن متڙڪا هڻي ڪڍيا. هڪ ... بہ ... ٽي. هو ڪرسي ءَ ۾ ڍرڪندو ويو. ڪنڊ لوڏي لوڏي ڪتابن کي ڏٺائين. ڏاڍيءَ جهڙين رڳن سڄيل ٻانهن ڏانهن ڏٺائين. ڄڻ تہ خاطري ٿي ڪيائين. پوءِ اڃا بہ ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو.

پشوءَ کي ڏاڍي ٻڇان آئي. هيانو ٽي ٽوڙ ٽي پيس، ڄڻ تہ الٽي پئي آيس. گهڙي کن لاءِ دل شڪستو ٿي پيو. خيال ڪيائين تہ هيءُ ليڊر، وڪيل ۽ آفيسر سڀ رئيس سان مليل آهن. ٻانهن ڪنهن کي ڏٻي؟ سوچيائين تہ، ”ٻين تي ياڙي اسين تہ پاڻ تي ظلم پيا ڪيون. ظالم اسين پاڻ آهيون...“ پشو اهو سوچي ڏاڍو خوش ٿيو. ڄڻ تہ ڪو سچو هيرو لڌو هئائين. بسندس دماغ تڪڙو تڪڙو ڪم ڪرڻ لڳو. ”هي رئيس ۽ ليڊر تہ رحم جوڳا آهن، پنهنجي ڪڌ پاڻ پيا ڪوٺين.“ پشو سوچيندي، شهر جي ٻاهرين حصي ۾ اچي نڪتو. جتي رڳو ڪارخانا هئا. هن شور ٻڌو. ڏٺائين تہ هزارين غريب اٿي ڪڙا ٿيا هئا، سندس هٿن ۾ جهنڊا هئا، مترڪا هئا ۽ پانا. هو نعرا هڻي رهيا هئا. سندن اڳواڻ هڪ ٽڳڙي پوش هو هو بلند آواز سان ڇئي رهيو هو: ”هنن ڪلن جو ساهہ اسين آهيون، هنن ڪارخانن جو روح اسين آهيون، اسان جو پگهر موتي ٿو ٿاهي. اسان جو پورهيو املهہ جنس آهي. موڙي آهي، سرمايو آهي، اسان جي گڏيل طاقت اَڻ کُٽ آهي، جا ڪِنَ ڪچري ۽ اڻ پوريءَ ورهاست کي لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏيندي...“

پشوءَ جي ڇاتي ٿوڪجي ويئي، سندس نسون ٿنڊجي ويئون، سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. ڄڻ تہ ڪو نئون تڏو نوراني ڪرٽو سندس بدن ۾ پيهندو جذب ٿيندو ويو. پشو اتي ڏينهن جا ڏينهن رهي پيو. نئين اميدن ۽ نون امنگن سان ٿمتار ٿي، هو ڳوٺ ڏانهن واپس وريو.

پوڙهيون سج پٽرن، ڪيتن ۾ گوٺن ڪي ڳاڙهو ڪري رهيو هو. پشو هڪ چپ تي چڙهي بيٺو. ڳوناٽن جا ڏنب سنس چوگرد بيٺا هئا. پشوءَ جو وار وار ڪڙو هو. چوڌاري ڦري ڏناٽين. سندس هٿ ۾ لٺ هئي. وٺي جو ان کي زور ڏناٽين، ته اڌ مان پيچي پيئي. چڻ ته اڏوهي ڪاڏل پراڻو نظام تڙڪو ڏيئي ٽٽي پيو. پشوءَ پئي مُنيون مٽي ڪنيون. ”ڇا اوهين هيٺا آهيو ڇريا آهيو بکيا آهيو بيڪار آهيو؟ ياد رکو اوهين انسان آهيو. اوهان درياهه موڙي ڇڏيا. اوهان تَڪَرَ تاڪي ڇڏيا. اوهان پٿرن مان اَن پيدا ڪيو. اوهان ٺوٺ زمين کي اُکيڙي، ڪاٺس زوريءَ گل ۾ ٻوٽا ڄڻايا. اوهان جبلن جي پيٽ مان پاڻي ڏوهي ڪڍيو. اوهان جنهن تي وار ڪيو تنهن ڪنڌ نوايو. فرشتن اوهان کي سجدو ڪيو. قدرت اوهان جي ٻانهي آهي. اوهان پورهيت آهيو پيدا ڪندڙ آهيو. پورهيو بادشاهه آهي. اٿو ته اسين واڳون وٺون. اُٿو ته ونڊ ورڇ ڪريون. اچو ته سيني کي خوشحال ڪريون. اچو ته ٿار ۾ ٿڏڪار ڪريون. اچو ته اَن ۾ ميوي جا انبار لڳايون. اچو ته مائرن ۾ سندن ٻچن کي ٻي اونو ڪريون. اچو ته انسانيت جي واڌاري جي ڏڳ کي صاف ڪيون، ڪنڊا ۾ ڪرڙ پٽي اڇلايون. اسان جي آڏو ڪو نه ايندو ڪک پن ٿي ويندو، لڙهي ويندو. اسين ڪڏهن نه هٽنداسون. اسين ڪڏهن نه مرنداسون. ڇو ته اسين ماڻهو آهيون.“

ڳوناٽن ۾ ساهه پئجي ويو سندن رت ۾ ولولو هو. پشوءَ جو هڪ هڪ جملو سندن بدن ۾ نئين نئين خون جي پچڪاري هڻي رهيو هو. ڪيترائي اڙٻنگ جوان اچي پشوءَ جا ٻانهن ٻيلي ٿيا. پشوءَ جي آڏو راهون کلي پيون. هيءَ نئين چٽنگ واچوڙي وانگر وچڙندي ويئي. جاٻلو جوانن جا جٿا پشوءَ سان ملندا ويا. غارن ۾ ڄُرن ۾ هٿيارن جي جهنڪار لڳي ويئي.

هڪ اونداهيءَ رات جو ڏگهي ۾ ور وڪڙ غار ۾ ساٿين صَلاحون ڪيون. منجهائڻ هڪ الهڙ جوان هو جنهنکي مس مڇن جي ساول ۾ ڏاڙهيءَ جي ريهه لٿي هئي. سندس هٿ ۾ گراٺ ڦر واري چمڪندڙ ڪهاڙي هئي. ڪنڌ هيٺ ڪيو هڪ پُٽيءَ ڪانيءَ جون ڇيٽيون پئي لاٿائين. تيڏيءَ اک سان نهاري چيائين، ”دير ڇا جي آهي؟ رئيس جي سسي...!“ ائين چئي ڪاني ڪپي ٻه اڌ ڪيائين. ڇي، ”گهر ۾ گدام رکو هڪ تيليءَ جو ڪاڄ آهن.“ سيني وٺي واه واه ڪئي. پشوءَ جي نرالي

طبيعت کي اها ڳالهه اصل نه وڻي. ڇهڙ ڏيئي سيني کي ڇپ ڪرايائين. ڪڙڪو ڪري چيائين، ”ڇا اسين به رئيس آهيون، جو ڪيت ساڙيون ۽ ماڻهو ماريون؟ اسين نه خوني آهيون، نه ذاڙيل آهيون. ڇو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻون؟“

پشو آرام سان ماڻهو گڏ ڪندو رهيو ۽ طاقت وٺندو رهيو. ڪين سمجهائيندو ۽ سيکاريندو رهيو. جدا جدا ماترين جا جوان پشوءَ وٽ ايندا رهيا ۽ نوان امنگ ۽ نوان خيال کڻي پکڙندا رهيا.

گلناز پانيو ته پشو بس سندس ئي پوڄا ڪندو، پر ويچاري تڙپندي رهي. ڏينهن جو اميد ۽ رات جو انتظار. هن پشوءَ تي حق ٿي پانيو. هن ئي ته پشوءَ جي ٺوٺ دل ۾ پيار پيدا ڪيو هو! هن نٿي ڄاتو ته اهو پيار وڏي هڪ چشمو بڻجي چڪو هو جنهن مان ڪيترن ئي اجڙيل غنچن سُرڪيون ٿي پريون. ويچاري نياپا موڪلي موڪلي ٿڪجي پيئي. پشو نه اچڻو هو سو نه آيو. ڪيس پشوءَ جا اکر ياد پيا. ”نازو، اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون.“ اهي اکر سندس ڪنن ۾ وڄڻ لڳا. ” نازو، اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون!“ نازو بيتاب ٿي اٿي. واقعي ضرورت هئي دنيا کي پيار سيکارڻ جي! هوءَ وڃي پشو ۽ سندس ساٿين سان ملي.

پشو ۽ نازو، عورتون ۽ مرد، اتساهه ۽ امنگ سان، ماترين ۽ گهرن کي گلزار ڪرڻ لڳا. گڏجي اُپائڻ لڳا ۽ گڏ جي کپائڻ لڳا. وڏيرو ۽ وڏائي واءُ ٿي ويئي. پورهيتن جي پنچائت اڳتي وڌڻ لڳي. پنچاتي دڪان ۽ پنچائتي اسڪول کلي ويا. ڪبتي ۽ ڪشتي، ملهه ۽ ونجهوتيءَ جا مقابلا ٿيڻ لڳا. سندن چهرا چمڪڻ لڳا، بارڙا کلڻ ۽ ڪيڏڻ لڳا. سادن سودن ماڻهن جي هڪ سادي سودي اڏاوت ڪڙي ٿي ويئي. پورهيتن وڏي اتساهه سان هيءَ اڏاوت جوڙي هئي، جنهن ۾ ٽڏيون هيرون ٿي لڳيون ۽ ڪنڊون ۽ ڪير ٿي ورهايا. هنن پنهنجي شخصي نفعن کي ڪُٽي، ڏمڪ هٽي، اڏاوت جي پيڙهه کي پڪو ۽ پختو ڪيو هو. ان جو گارو، پگهر ۽ پيار سان ٺاهيو هو. انساني محبت ۽ ٻڌيءَ جي هن سادي ۽ سهڻي ڪوٽ سان رئيس گهٽا ٽڪر هنيا. پر ڳوناٽا پنهنجي هن تخليق جي بچاءَ ۾ سر ڏيڻ لاءِ به تيار هئا. سچُ ته تخليق مئي ته خالق مئو. نقشَ ويو ته نقاش جي ڇا ڪندو؟ گهر ڍٺو ته سروتا ڪيئن رهندا، رهي ڇا ڪندا؟

حيوانيت ڦٽڪڻ ۽ ڇڙيون هڻڻ لڳي. وڏيرن ۽ وياج خورن، نانگن

۽ سانڍن وانگر ڳوناٺن جي بدلي ڪوٺ ۾ ڏرڙ ۽ ڪوبا ڪوٽڻ ڳمريا. پر پشو ۽ پٽنچات سندن ڏند ٽوڙي ڇڏيا ۽ چنبا پيچي وڌا. پلا ڪير پنهنجي بهشت مان نڪري پرائي دوزخ ۾ ويندو! رئيسن هٿ پير هلائي ڇيهه ڪيو ۽ نيٺ وڃي شهرن ۾ پناهه ورتائون. پشوءَ جي طاقت ويئي وڌندي ۽ ڳوٺڻ جا ڳوٺ ويا سندن پيار ڀرئي پيغام جي لپيٽ ۾ ايندا. ماٿريون سبز ۽ سايون ٿي ويون. اناج ۽ ميوا جام ٿي ويون. پيار ۽ امن جون هيرون ٿي لڳيون. انسانيت ٽڙندي رهي.

اخبارن وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. ماڻهن "جابلو شينهن" جا ڪارناما وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيا. اديب ۽ عوامي ليڊر ڪيس "هيرو" سڏڻ لڳا. رئيسن، اسيڻين ۽ سندن حڪومتي پالڪن ۾ ترٿلو پئجي ويو، ڇي، "پشو باغي آهي، چور آهي، ڌاڙيل آهي، ڪافر آهي!" رياست جو جاسوسي ڪاتو وٺ پڪڙ ۾ لڳي ويو. ائين اچي مڙيا، جئن مکيون ڍونڍ تي. نوس نوس شروع ٿي ويئي. هر خوشبوءِ ڪي خطرناڪ سڏيو ويو. ڪوڙيون رپورٽون موڪليون ويئون. ويچارا رپيو روز ڪٽنڊڙ سپاهي پلا ڇا ٿي ڪري سگهيا. ڇا ٿي ڏسي سگهيا. ڪاغذ رپورٽن جي ڍڳين مان هڪ وڏو خيالي بدبدو ناهي، مِنهن بنائي، فوجي ڪارروائين جو حڪم ڪيو ويو. مڪار ۽ ڪانئر ٺوابن پيار ۽ محبت جي ڪوٺ ڪي ڪيرائڻ لاءِ پائرن ڪي پائرن سان ويڙهايو. پنهنجا پنهنجن سان ٽڪريا. وطن جا فوجي پائر هڪ هم وطن ڳوناٺي تي پلتجي پيا. بي ضمير اخبارن وري به وڏيون سرخيون ڏنيون ۽ فوجي ڪارنامن جي ساراهه ڪئي.

پشو بي خبر نه هو. هن ڪيت ۽ گهر سازاٺن نئي گهريا. هو ڪيتن جو ۽ ڦلن جو ماڻرن جو ۽ سندن ٻچن جو رکپال هو. هن ڳوٺ وڃي متي لاهن تي بڏايا. ۽ پوءِ پنهنجا ساٿي وني اڳيرو وڃي لڪ جهلي بيٺو. رات جو وڳڙو، ڪاري ٻاٽ اونده، پهاڙ ۽ پهڻ/ پشو ۽ ڳوناٺا. صدين جا ساٿي ۽ پراڻا حال پائي، هڪ ٻئي جو ڏڌ ۽ اجهو تي هڪ ٿي دشمن جي مقابلي لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. جبلن ۽ ماٿرين جا اپايل جوان، رائفلون ڪٽي پهڻ ڪي ڍال بنائي ڇپي ويهي رهيا.

آڌيءَ رات جو رياستي فوج اچي لانگهائو ٿي. جابلو جوانن ڌوڙيو لائي ڏنو. انسانيت ۽ حيوانيت جو ٽڪر ٽيٽو هو سو ٿي ويو. صدين جا خشڪ پٿر رنگجي لال ٿي ويا. فوج ۾ ٻاڪر ڪٽو پئجي ويو. هو پيڳڙن

وانگر پيچڻ لڳا. انسانيت اڏول، بلند ۽ مٿاهين رهي. خريد ڪيل جسم، "جسم" جي ٺي بچاءَ ۾ محو رهيا. لڪي ڇپي، پهڻ کي آڏ بنائي، سر جو سانگو رکي جوابي حملو ڪري ڏنائون. چتي ويڙهه ڇڙي ويئي. فوجي بم پٿرن کي پٽون ڪري رهيا هئا. گولين جا بوڇاڙ ۽ دونهين جا ڪڪر هئا.

ڳوٺاڻي نازو، پاڻيءَ جي ڪلي ۽ بارود جو ٿيلهو کنيو پٿرن ۽ پهڻن تي ڊوڙندي ٿي رهي. هڪ هنڌ، هر هر ڦري پشوءَ وٽ ٿي آئي. ۽ وري ڪنهن زخميل جي دانهن تي پڳي ٿي ويئي. گولين جي مينهن ۾ سندس همت ۽ همدردي، سادگي ۽ سونهن، پيار ۽ فرض، کنوڻ وانگر تجلا ڏيئي رهيا هئا.

گهمسان جي لڙائي هلي رهي هئي. پويون پهر ٿي چڪو هو. پورهيت پورهتين سان وڙهي رهيا هئا. مزورن جو ٺاهيل بارود مزورن کي ساڙي رهيو هو. سندس مشترڪ دشمن، ڪارو ۽ ڪوجهو وڏين ڏاڙهن وارو، شيطان مثل، دونهين جي ڪڪرن ۾، ڪڳيون هٽي رهيو هو. تني ڄاتائين ته "ڪارائيندڙ ۽ ڏڪائيندڙ" هٿ کي، نانگ وانگر ڏنگي رهيو هو.

پشو پنهنجو بارود، خلاص. ٿيندو ڏٺو. هن پنهنجا مُٺ جيترا ماڻهو مرندا ڏٺا. کيس کيت بچائڻا هئا. مائرون ۽ آئندي جون اميدون بچائڻيون هيون. انسانيت جو جهندو اوچو رکڻو هو. نئون نياپو ڪنڌ ڪڙڇ ۾ پهچائڻو هو. انسانيت جا پيغمبر سلامت رکڻا هئا ۽ جنگ جاري رکڻي هئي. سڀ ڳالهيون ڳڻي، هن هڻڻ جو حڪم ڏنو. رڳو ٿورڙا ساٿي پري پري ڪري بيهاريائين، جي رائفلون ڇوڙيندا رهيا. جيئن دوکي ۾ رهي. پيا ساٿي، خاموشيءَ سان زخميلن کي غارن ۽ ڇرن ڏانهن کڻي روانا ٿي ويا. هاڻي اٺ نو جانباز وڃي بچيا. پشو اشارن سان هڪ هڪ کي واپس موڪليندو رهيو. تيث وڃي ٿي ڇڻا رهيا. پشو نازو ۽ سندس هڪ ويجهو دوست شيرل، ٽيئي ساٿي لاڳيتو جدا جدا هنڌن تان گوليون ڇوڙيندا رهيا. رات، دونهون ۽ بارود جي باهه ! ٺڪ، زخم ۽ اُج! پشو نازو ۽ شيرل، وڙهندا رهيا ۽ هٽندا رهيا. اوچتو بارود ڦاٽو چمڪاٽ ٿيو ۽ پشو بولاٽي کائي ڪريو. نازو ۽ شيرل پيچندا ويا. سندن گوليون ڇٽڻ بند ٿي ويئون. فوجي سپاهي زور ۽ شور سان وڌڻ لڳا. پشوءَ جي زخمن مان رت ٽيندين ڪري وهڻ لڳو. نازو واٽڙن وانگر هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي. آڱرين سان وهندڙ رت کي روڪڻ لڳي. وقت تيزيءَ سان کسي رهيو هو. پشو ٽيڪون

ڏيئي اٿي ويٺو. هن آخرين نياپو ڏنو. چي، ”جنگ جاري رکجو ڪارخاني وارن سان ضرور ملجو فوجن ۾ پنهنجو پيغام موڪلجو!“ فوجي سپاهي مٿي چڙهي رهيا هئا. باهه جو درياهه وهي رهيو هو. پشوءَ نِستن هٿن سان بندوق ڪٽي پٿر جي ٽيڪ تي رکي. هو مشڪيو چي، ”نازو، تون وڃ!“ نازوءَ جي زبان بند ۽ نڙي خشڪ هئي. سندس اکيون قاتل ۽ چپ ٿورا ڪليل هئا. هوءَ پئي سمڪي. ڪنڌ سان تڪڙو تڪڙو ”نه نه“ ڪيائين. هو وري مشڪيو ۽ شيرل کي آگر سان اشارو ڪيائين. شيرل، نازوءَ کي ڪرائيءَ کان جهلي، مٿي جبل جي چوٽيءَ ڏانهن ڀڳو پشوءَ جي روح کي جُهٻو اچي ويو. ڀانيائين ته سڏ ڪري نازوءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري. نازو پٿرن تي گهلبي ۽ رهڙبي ويئي. سندس ڪنڌ پٺتي هو ۽ اکيون پشوءَ ۾ هيون. وڃي چوٽيءَ تي پهتا. پشو پهڻ جي اوٽ ۾ گولي ڇوڙي رهيو هو. فوج ڪيس وڪوڙي ويئي هئي. سپاهي مٿس چڙهي ويا. نازوءَ هنيانءَ ڦاٽي دانهن ڪئي... ”پشو!“ ... ڄڻ ته آسمان ڏري پيو. جبل ڦاٽي پيا ۽ ماٿرن ڪيهون ڪيون. نازو ست ڏيئي پوئتي ڀڄي. پر شيرل جو مڙداٺو هٿ ڪيس جبل جي ٻئي پاس گهلي ويو. ڪنهن اونهي کوهه ۾ پشوءَ کان ڏار اوندهه ۽ انڌڪار ۾. پٿرن ۽ پهڻ، گلن ۽ ٻوٽن، ماٿرن ۽ ٻچن هڪ گنڀير ۽ خاموش ماتم ڪيو. سون پگهرندو رهيو ۽ مَٽُ اپامندو رهيو. فوج دمبهو هنيو. ”يا علي!“ زخميل پشوءَ کي ڪنداقن سان ڪٽيو ويو. گهٽيل ۽ ٻوساٽيل پشوءَ پنهنجي آخرين چال ڪيڏي. چي، ”منهنجا سڀ ساٿي مارجي ويا.“

فوج پنهنجي فتح تي ناز ڪندي، دڦ وڄائيندي، پشوءَ کي گرفتار ڪري موٽڻ لڳي. وڏا وڏا ڀيانڪ پربت هزارن ۽ ڪروڙن سالن جي باهه ۽ ٻاڦ کي وڏيڪ سانڍي نه سگهيا. ڏند ڪرٽي اکيون ڦوٽاري فوجي دڦ ۽ دمبهي جي هر هڪ آواز جو جواب وڏي سڏ، زور زور سان چار چار پنج پنج دفعا ڏيڻ لڳا. غوغاءَ مچائي ڏنائون. سندن گجگوڙ ماٿرين ۽ غارن ۾ ڳوٺن ۽ بستين ۾ زلزلا پيد اڪري وڌا.

رياستي فوج زلزلن کان بي خبر. ٿانءَ ڦونڊ ۾ پرجي، وڏي ٺاٺ ۽ ادمبر سان اچي شهر پهتي. اخبارن وري ٻه وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. فوج ۾ انعام ورهايا ويا. پشوءَ جي جسم کي قابو ڪري، ڄاتو ٿي ويو ته سندس لڳايل چڻنگ اجهلمي ويندي. پر اها ته لباڙ هئي. لاف هئي، خود

ڦريبي هئي. چريائي هئي. بس ڪوڪلي ٿيل سماج جي ڏڏندڙ ٽوٽيءَ کي چار ڏينهن جيئندان مليو. اڄ نه ڪري، سڀان ڪري!

پشوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ خاص جج ۽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪيني جو ناٽڪ هلي پورو ٿيو. ڪارن جُبن وارن پنهنجون تقريرون ڪيون. جج صاحب وڏي ڪرسيءَ ۾ ڪتهڙي جي پنيان وڏين ڏگهين پٽين جي وچ ۾ ويٺو هو. هو اکيون مچڪائيندو رهيو. هن گهُوريندڙ ڪتابن ڏانهن ڏٺو، ڪارن جبن وارن ڏانهن ڏٺو، پوليس ڏانهن ڏٺو ۽ ڪورٽ جي ڏگهن وڏن ساڳ جي درن ڏانهن ڏٺو. هن مجرم وانگر اکيون جهڪايون ۽ فتوا ڏني.

"تون ڏوهي آهين. توکي ڦاسي ڏني ويندي!"

پشو ذرو به نه لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اتي بيهي رهيو. ڏاڍي ٺٺائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين. "ڏوهي تون آهين. ڦاسي توکي ايندي. مان ڪڏهين به نه مرندس."

ٻاهران وڏي زور سان نعرو لڳو: "پشو پاشا زنده باد!" عدالت عاليه جو لوهي جهنگلو جهڻ ته ٽڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ ٺڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڇي مٽيءَ ۾ ملي ويا. انساني جوش جو ايرندڙ سمنڊ وڏا ڪَرَ ڪٽي، ٺڪر هٽندو، عدالت عاليه جي ڪنڌرن مٿان ورهائجي ويو.

ڦاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اڏمندا نظر آيا. سندن سر ترڪيءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رڱجي لال ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾، کيتن ۽ جبلن جي ماترين ۾ ۽ غارن ۾. سندن هٿيارن جي جهٽڪار ۽ نازوءَ جا آلاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا ۽ تيز واچوڙا، جن هر پٽيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو. وڏا ۽ اُچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمان تائين پهچايو.■

(جمال ابڙو ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت)
ثقافت کاتو سنڌ جي تورن سان

سليم نور حسين

آ پيار تڏي چانوَ...

❶

ڏٺم ته منهن وسامي ويس، ائين جڻ چنڊ ڇمرجي ويو. ڪانئس سوال ئي اهڙو پڇيو هوم. سندس چپ ٿڙڪڻ لڳا ۽ اکيون وڃي فرش ۾ کتس. شايد ڊپ هوس ته مان سندس وڏن سان ڳالهه نه ڪري وجهان. مون کيس دلداري ڏني ته اهڙو الڪو نه ڪري. چڱي چڱي ويل پڇاڻا هن چپ پيڪوڙي، فرش تڪيندو رهندي ڪنڌ لوڏي، ”ها“ ڪئي.

اهو اقرار هو آفتاب ۽ هن جي نينهن جو.

مون کيس ڇينڀڻ چاهيو ته پنهنجي ماروٽ سان مڱيل هوندي به هن اهو نينهن جو پيچ ڇو پاتو سو به ٻيءَ ذات واري ماڻهوءَ سان، جنهن کي سندس سڱ ملڻ اڻ ٿيڻي نه ته ڏاڍو ڏکيو هو. پر عشق آرائينءَ جيئن اڇي جهول جهليندو ته ڪوئي اُن کي ڪيئن موٽائي سگهندو. سو ڇينڀڻ بدران پڇيم، ”مڱڻو سو به سڳي ماروٽ سان، سولو ته ڪو نه ڇڄندو. سو ڇيو اٿئي؟“

پڻڪيائين، ايڏو جهيڻو جڻُ ڪنهن پاتار مان ڳالهائيندي هجي، ”نه.“

اکين ۾ منهنجي چانڊوڪيءَ تي وري ڇمرجا پاڇا. ”پوءِ؟“

“I hate him; I would rather die than marry him.”

لهجو اهڙو چٽو ۽ پختو هوس جو منهنجو هانءُ لڏي ويو.

”عقل اهڙيون ڳالهيون سوچڻ به ناهن. ڪاڳر ڪرڻي پوندي.“

سندس نيڻ، جن ۾ آسن اميدن جا هزارين ڏيئا ٻري اٿيا هئا، مون کي تڪڻ لڳا.

”هڪ ئي عزت وارو رستو سُجهيم ٿو. مڱيندو مڱ ڇڏي. ڇوين ته ساڻس ڳالهايان؟“

”ڪو نه ڇڏيندو، ڪو نه ڇڏيندو. مان کيس سُڃاڻان ٿي.“

”ماڻهپو هوندس ته ضرور ڇڏيندو، هونءَ به ڳالهائي ڏسڻ ۾ ڇاهي؟“

”متان ڪو ممڻ ٻري؟“

”ڪو نه ٻرندو، تون رڳو ها ۽ دعا ڪر.“

منهنجي ويساهه جو آڌار اها سوچ هئي ته وڏا سرڪاري ڪامورا، جهڙا نشاط جي خاندان وارا هئا، سي پنهنجي اعليٰ تعليم جي ڪري گهڻو تڻو روشن خيال هوندا آهن.

هوءَ ڳوڙهاتيل، "ها" ڪري وڃي مصلي تي ويٺي ۽ مان اُتان پنهنجي گهر، غريب آباد موٽيس. ڪئينس روڊ کان معصوم شاهه جي مناري ڏانهن ايندي ۽ تڪر واريون ڏاڪڻيون لهندي پڌتر ۽ سؤنسي اچي ورايم ته ميان ،تنهنجو ڇا، تون ڇو ٿو پرائي باهه ۾ پاڻ ساڙين؟ پر هيءَ پرائي 'باهه ته نه هئي. آفتاب نندي پاءُ وانگر هوم ۽ نشاط پري جي مائٽياڻي. هونءَ به نينهن جاتي به هجي، جنهن جو به هجي، جنهن سان به هجي، سو دردوندن جي موڙي.

ڪجهه ڏينهن اڳ مون آفتاب وٽ نشاط جو فوٽوڪسي ڪانئس آڏي پڇا ڪئي هئي ته هن ساڻس پيار جو اقرار ڪيو هو. ڪيس نشاط سان منهنجي عزيزائپ جي ڄاڻ ڪانه هئي. ۽ نه ئي مون ڪيس ٻڌايو هو. ٻيئي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪري رهيا هئا ۽ ساڳيءَ بس ۾ سکر کان ڪئمپس ايندا ويندا هئا. نينهن جو سلو شايد بس ۾ ايندي ويندي ڦٽو هون. آفتاب جي انهيءَ هام ته سندس پيار هڪ طرفو نه هو مونکي اوڏيءَ مهل ويساهه نه آيو هو سو سڌيءَ طرح نشاط کان پڪ ڪرڻ جو پهه ڪيو هوم.

فائنل ۾ اچڻ کان ٽي چار مهينا پوءِ نشاط جي پيءُ جي سکر کان ڪراچيءَ بدلي ٿي وئي هئي ۽ هو رهيل ٽرم پوري ڪرڻ لاءِ سکر ۾ ئي وڏي پاءُ قربان انصاريءَ وٽ ترسي پئي هئي. قربان سان منهنجو مائٽيءَ کان وڌيڪ دوستيءَ وارو ناتو هو. اڄ سانجهيءَ جو ساڻس ملڻ ويو هوس ته هو ۽ ڀاڄائي گهر ڪو نه هئا ۽ نشاط اڪيلي هئي. اهو مون لاءِ آفتاب جي هام جي انت لهڻ جو سنو وجهه هو. هام جو انت نشاط جي ڪنڌ لوڏيل، "ها" هئي. برابر، عشق جي باهه ٻنهي پاسي هڪ جيتري ٿي ٻري!

هيءَ نينهن ته جهڙوڪر لوح جو لکيو هو جو جيترو قدبت ۽ مهانڊن جو ناهوڪو جوان آفتاب هو. تيتري ئي پدمڻي، هيري ڪٽي، رڻ ۾ ٺرنڊڙ رات جهڙن نيڻن واري گريسفل وينگس هوءَ هئي. وقت جي ڪاتب هٿان سندن وچ ۾ مڱڻي جي ديوار ڪڙيل ٿيل آهي، جنهن جو ڊهڻ ضروري هو جو ٻن نينهن نهوڙيلن جي دائمي وڇوڙي جو خيال ئي جيءَ جهوريندڙ هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ بس ۾ ويٺس ۽ سڄي واٽ ويچارن ۾ رهيس ته مڱيندي، سليمان انصاري سان نشاط جي نينهن جي

ڳالهہ ڪجي تہ ڪيئن ڪجي. نيٺ فيصلو ڪيم تہ سڌي ڪم جي ڳالهہ ڪبي ۽ بس سليمان فون تي، "سمبارا ان" ۾ سانجهيءَ ٽائيٽي ملاقات رکي. هو قدبت توزي رنگ روپ ۾ آفتاب ۽ نشاط ٻنهي جي پيٽ ۾ "چہ نسبت خاک را با عالم پاک" جو مثال هو. منهنجي سائس ڪا گهڻي ڄيڳهہ ڪا نہ هئي. جيڪا بہ ٿوري گهڻي اتي ويٺي ٿي هئي. تنهن جو ڪو چڱو اثر ڪو نہ ويهارڻ هوم.

سمبارا ان ۾ چانهہ جي ڪوپ تي دستوري خوش خير عافيت کان پوءِ اسان جي ڳالهہ ٻولهہ هيئن ٿي.

"جيڪا ڳالهہ مان تو سان ڪرڻ وارو آهيان، سان تمام delicate آهي ۽ مان ڏي reluctance سان ڪري رهيو آهيان. تون پڙهيل لکيل نئين زماني جو ماڻهو آهين اميد اٿم تہ تون پڻ ان جي delicacy جو خيال رکندي ۽ مونکي positive موٽ ڏيندين،" مون چيو.

هن بنا جپن چورڻ جي ڪنڌ لوڏي، "ها" جو تاثر ڏنو.

"سچ پڇين تہ مان هڪ طرح جو نياپو آٽينڊڙ آهيان."

"هون."

"نشاط مڱيندي برابر تنهنجي آهي. پر هن جي دل ۾ ڪنهن ٻئي جو واسو آهي ۽ دلين تي ڪنهن جو زور نہ هلندو آهي. عشق عقاب پکي پرڏيهي جهڙپ ڏيئي دل جهٽي وٺندو آهي. هوءَ دل هٿان مجبور آهي. ڪنهن ٻئي سان وچن اقرار ڪيا اٿس. تو سان شادي نہ ڪري سگهندي. هوءَ ڪو اهڙو قدم کڻڻ نہ ٿي چاهي، جيڪو توهان جي ڪٽنب کي بيمانو ڪري.Decent ۽ سيني جي عزت رکندڙ رستو اهو آهي تہ تون مڱ تان هٿ کڻ جو مرد اٿين ڪندا آهن تہ ڪا خاص چئو پچئو نہ ٿيندي آهي."

" اهو ٻيو ڇوڪرو ڪير آهي؟" هن سرباٽ ڪيو.

" مانَ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. خانداني ڇوڪرو آهي. ساڳئي يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ گريجوئيشن پيو ڪري."

"هوءَ نندي هوندي کان ئي منهنجي نالي ٿيل آهي، ۽ مڙس پنهنجا ننگ نہ ڇڏيندا آهن."

" اُها ٺيٺ قبائلي سوچ آهي، تون تہ پڙهيل لکيل روشن خيال خاندان جو ياتي آهين ۽ هي دلين جو معاملو آهي. ڇا تون چاهين ٿو تہ نشاط ڪو اُگرو قدم کڻي ۽ سڄي جهان ۾ چئو پچئو ٿئي."

"مثال طور ڪهڙو قدم؟"

گهران ڀڄي وڃي، civil marriage ڪرڻ يا ننڊ جون گوريون کائي

سمهي پوڻ ۽ وري نہ اٿڻ."

"مان ڇا ڪيان مون بہ تہ ننڍي هوندي کان ئي سندس سپنا ڏٺا آهن؟".

"She hates you, man. How could you think of marrying a girl, who hates you?"

هو ٽُبيءَ ۾ هليو ويو ۽ ڪا مهل سندس منهن تي هڪڙا رنگ ايندا ۽ پيا رنگ ويندا رهيا. نيٺ چيائين، " چڱو مان سوچيندس."

"مان اُتي بيٺس ۽ ڏانهنس موڪلائيءَ جو هٿ وڌائيندي چيم، May God guide you to a sensible decisions!"

هو ويٺو ئي رهيو. نہ منهنجو وڌيل هٿ ورتائين ۽ نہ ئي ڪا ورندي ڏنائين. مان پاڻ سان ٿيلهو کڻي حيدرآباد جي ريل پڪڙڻ لاءِ اسٽيشن تي آيس جو موڪل پوري ٿي وئي هئي ۽ نوڪريءَ تي چڙهڻو هوم.

حيدرآباد مان مون نشاط کي سندس ساهيڙيءَ جي معرفت خط لکي مشن جي سرانجاميءَ جي جاڻ ڏني، انهيءَ تلقين سان تہ دُعا ڪندي رهي. ربُ مڙيوئي چڱي ڪندو.

ان پيار ڪهاڻيءَ ۾ منهنجو ڪردار بس ايترو ئي هو. پوءِ ڇا ٿيو اُهو آفتاب ۽ پين جي واتان ٻڌم ۽ نشاط طرفان آفتاب کي لکيل خطن ۾ پڙهيم.

منهنجي لاڙڪاڻي واري ياترا کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ نشاط آفتاب کي لکيو:"اڄ اسان جو يونيورسٽيءَ ۾ آخري ڏينهن آهي، پَڪَ ناهي تہ ڳالهائي سگهون يا نہ. انهيءَ ڪري مون قلم جو سهارو ورتو آهي. توهان کي ڪهڙي خبر تہ مان انهن ڏينهن ۾ ڪيتري نہ پريشان رهي آهيان. پيپر بہ الائي ڪيئن ڏنا اٿم. سوچيم تہ توهان کي ٻڌائي ڇڏيان، پر امتحان جي زماني ۾ توهان کي پريشان ڪرڻ ٺيڪ نہ هو. مان هُن کي ايترو ذليل نہ سمجهندي هيس جو جڏهن هُن کي منهنجي متعلق خبر پئي تہ هو انهيءَ وقت جهاز ۾ چڙهي ڪراچيءَ پهچي ويو ۽ سڄي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيائين."

آفتاب جي چوڻ موجب، سليمان مون کان ٻڌل ڳالهہ جي تصديق لاءِ لاڙڪاڻي کان خيرپور آيو هو ۽ ڪئمپس ۾ پنهنجي ڪنهن سڃاڻوءَ وٽ هاسٽل تي هفتو اڌ رهي جاچ لهندو رهيو هو.پر شايد نشاط کي انهيءَ جاچ جي خبر ڪانہ هئي، نہ تہ هوءَ پنهنجي خط ۾ ان جو ذِڪرُ ضرور ڪري ها.

"هي پاڻ کي الائي سمجهي ڇا ٿو؟. هن ايترو وڏو قدم کنيو آهي تہ

مان ٻه هن کي ڏيکاري ڇڏيندس ته جيت ڪنهن جي ٿيندي! ٿورن ڏينهن کان پوءِ داديءَ جو خط آيو ته تون ڇڏ ته ڦلاڻي مون تي الزام هنيو آهي ۽ هاڻي اها ڳالهه ختم ڪري ڇڏ. مون داديءَ کي لکيو آهي ته مون ئي هُن کي موڪليو هو. جيڪڏهن توهان مون سان زبردستي ڪئي ته گهر مان منهنجو لاش ئي نڪرندو. مان پهرينءَ ڪراچيءَ وڃان پئي، خبر نه آهي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏهن مائٽن مون سان زبردستي ڪئي ۽ مان مجبور ٿي ويس ته ان جو علاج رڳو هڪ ئي آهي. مان پنهنجي زندگيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندس، منهنجي زندگي ته توهان آهيو جيڪڏهن توهان نه ملي سگهيا ته مان ڪيئن جِي سگهنديس. مان هن ڀِور جي حوالي ڪڏهن به نه ٿينديس. جيڪڏهن ايئن ٿيو نه مون کي توهان جو قسم مان هن دنيا ۾ نه رهنديس. مان نه رهان ته منهنجي قبر تي ٢٨ فيبروريءَ واري ڏينهن ضرور ايندا رهجو. توهان کي ياد آهي نه ؟، ته هي اهو ئي ڏينهن آهي، جڏهن پر سال مون نوريءَ جي معرفت توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو؟"

شايد هي، "عشق اول دردِ دل معشوق پيدا مي شود" جي وارتا هئي جو پروڪي ورهيه جي هڪڙي خط ۾ لکيو هئائين: "مان گريجوئيشن کان پوءِ پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳس. پر بابا جهلي ڇڏيو ته ڪا ضرورت ڪانهي ڇو جو ڪا نوڪري ته نه ڪرائڻي آهي. مون ڏاڍو ضِدُ ڪيو جو اهو بهترين طريقو هو ڇو جو مون ڪنهن اهڙي پنڌڻ ۾ جڪڙجڻ نه ٿي چاهيو جيئن خدا کي منظور هو. ادا قربان جي پوسٽنگ سکر ۾ ٿي هجڻ ڪري مون کي خير پور يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. ڪرڻ جي اجازت ملي وئي. هتي هڪ دفعو وري قسمت مون سان مذاق ڪئي ۽ مان توهان تي جهڪندي ويس. اهو پنهنجي وس ۾ ته نه آهي. هميشه نوريءَ تي ڪلندي هئس ۽ دل ۾ سوچيندي هئس ته ڇوڪريون ڪيتريون نه بيوقوف هونديون آهن. مان ته هوند ڪنهن جي اڳيان نه جهڪان. پر توهان کي ڏسي منهنجا قدم ٿاٻڙجي ويا."

نشاط سان انهيءَ کان اڳ قسمت جيڪا مذاق ڪئي هئي، اها هئي سليمان جي پهرين پوسٽنگ سکر ۾ ٿيڻ ۽ هن جي نوڪريءَ سانگي سندن گهر ۾ رهڻ. "شروع شروع ۾ مون پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن به منهنجي نظر هن تي پوي، هميشه نفرت جو شديد لاوو اپريو اچي. سچو سچو ڏينهن موڊ آف رهي ۽ پنهنجي ڪمري مان ڪونه نڪرا." سليمان سان نشاط جي نفرت جي انتها اها

هئي جو جڏهن هنن پنهنجي پراڻي ڪار وڪڻي نئين وٺڻ جو ارادو ڪيو ۽ سليمان وٽائنن پراڻي ڪار خريد ڪرڻ چاهي، تڏهن نشاط لکيو: ” ذليل ڇا ٿو سمجهي ته مان سندس رشوت جو پئسو ڏسي مرعوب ٿي ويندس؟ ڇا دنيا ۾ انسان جو بس ايترو ئي قدر آهي ته هن کي پئسي سان خريديو وڃي، سندس جذبات کي ايئن مجروح ڪيو وڃي. منهنجي وس ۾ هجي ته مان هن ڪميڻي جي اڳيان دنيا جي سڄي دولت رکي ڇڏيان ۽ چوانس ته خدا جي واسطي مون تي رحم ڪر، مان ڪا صدقي جي ٻڪري ته نه آهيان ته تون جيئن چاهين خريدي وٺين. “

نشاط کي سليمان شروع کان ئي نه وڻندو هو. ڇو؟ بس ڪي ماڻهو ڏٺا نه وڻندا آهن. اهو اوچتو تڏهن شايد ڌڪار ۾ بدلجي ويو هوندو، جڏهن سندس مڱڻو ٿيو هوندو ۽ يونيورسٽيءَ ۾ آفتاب تي جهڪڙ کان پوءَ نفرت ۾ شدت اچي وئي هوندي. نشاط جي ماءُ پيءُ توڙي ڀائرن ڀينرن کي انهيءَ نفرت جو احساس ته هوندو پر فڪر نه. آفتاب واري ڳالهه کلي ته انهيءَ نفرت جي شدت کي ماٺو ڪرڻ ضروري ٿي پيو هوندو. بهتر هو ته آفتاب جي out right مخالفت نه ڪئي وڃي. نشاط جو وڏو ڀاءُ قربان ۽ ننڍي ڀيڻ زيبي آفتاب جي شخصيت ۾ چاهه ڏيکارڻ لڳا. قربان هفتي ۾ ٽي چار ڀيرا آفتاب جي خيرت معلوم ڪندو ۽ زيبي آفتاب جون تصويرون نشاط کان وٺي ڀينرن ڀائرن کي ڏيکاريندي ۽ آفتاب جا موڪليل خط نشاط کي آڻي ڏيندي ۽ نشاط جا آفتاب ڏانهن خط پوسٽ ڪرائيندي.

اڃا اهو سلسلو هليو پئي ته دادي سڪر وڃي نشاط جي ساهيڙي نوريءَ سان ملي، جنهن پئي ڏينهن آفتاب کي ٻڌايو: ” داديءَ روئي رڄ ڪري ڇڏيا، چيائين ٿي ته، نشاط سليمان سان شاديءَ کان ٺپ جواب ڏئي ڇڏيو آهي، چوي ٿي ته مان ننڊ جون گوريون يا زهر کائي پاڻ پورو ڪنديس. ايئن ٿيو ته امان ٻه ڪونه بچندي ڇو ته هوءَ هڪ ته بلڊ پريشر ۽ دل جي مريض آهي ۽ مٿان وري هيءَ ڏيءَ سيني کان پياري اٿس. ڏاڍي خواري، ٿيندي جيڪا بابا برداشت نه ڪري سگهندو ۽ خود ڪشي ڪري ڇڏيندو. اسان جو سڄو خاندان برباد ٿي ويندو. توهان آفتاب سان ڳالهايو. داديءَ ايڏو رُنو ايڏو رُنو جو اسان سڀ به روئڻ لڳاسون. “

دادي ساڳيءَ رات ڪراچيءَ موٽي وئي ۽ نشاط آفتاب کي لکيو: ” نوريءَ جي خط مان پتو پيو ته دادي سندن گهر وئي هئي ۽ خبر نه آهي ته اُتي ڇا، ڇا، بڪواس ڪئي اٿس. نوريءَ جي حوالي سان چيائين ته آفتاب جا سڀ گهر وارا تنهنجي برخلاف آهن. توهان جي بابا لاءِ چوڻ لڳي ته

هو به اسان کي گاريون ٿو ڪڍي، توهان جي گهر وارا مون کي سٺي خاندان جي ڇوڪري ڪونہ سمجهندا آهن. توهان جي امان چوندي آهي تہ ڇا بہ ٿي پوي تہ مان اها ڌاري ڇوڪري ڪونہ وٺي ايندس، مونکي پنهنجو گهر برباد ناهي ڪرڻو ۽ توهان جي پيڻ چوي ٿي تہ منهنجو پاءُ تہ سادو آهي، الائي ڪهڙيءَ ڏائڻ منهنجي پاءُ کي ڦاسايو آهي، منهنجو پاءُ ڪڏ ڪونهيس، هو ٿي پُٺيان پئي اٿس. هوءَ ايترا تنهنجي برخلاف آهن تہ اسان اُهو رشتو ڪيئن قبول ڪيون؟ توهان اندازو ڪري سگهو ٿا تہ اهي ڳالهيون ٻڌي منهنجي ڇا حالت ٿي هوندي. الائي جي سچيون ، الائي جي ڪوڙيون؟"

نشاط جي گهر ۾ پاڻ ۽ تہ هڪڙو ئي موضوع وڃي رهيو هو تہ پسند جون شاديون عام طرح ڪامياب نہ ٿينديون آهن ۽ ساڳيو حال ڌارين سان سڱاوتيءَ جو آهي. هو بہ سچ جو سندن پنهنجي آڪهہ ۾ اهڙين ناڪامياب شادين جا هڪ بہ مثال موجود هئا. نشاط کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ پيار جي شاديءَ کان اڳ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کي آخر ڪهڙيون اميدون هونديون آهن، جن جو پورو نہ ٿيڻ سندن حياتي وهہ ڪري ڇڏيندو آهي. ويچاري ڇوڪري ايتري بدناميءَ جي باوجود پنهنجي فيصلي تي اٽل رهي ۽ بعد ۾ نتيجو خراب نڪري تہ ان جي زندگي تہ برباد ٿي وئي، ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نہ رهندي ۽ ڪجهہ ڪڇي بہ نہ سگهندي جو هر ڪو چوندو تہ پنهنجو ڪيتو پاڻ پوڳي.

نشاط ۽ آفتاب جي پيار ڪهاڻيءَ کي عالمِ آشڪار ٿئي پَريا ٻارنهن مهينا لنگهي ويا. آسن اميدن ۽ نراساين وسوسن جا ٻارنهن مهينا، جن ۾ نشاط تي ڪنهن بہ طرح جي زور زبردستيءَ کان سوچي سمجهي پرهيز ڪئي وئي ۽ کيس پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ ڏني وئي، جن ۾ هُنن طرفان نياڻيءَ جلد پرڻائي ڏيڻ جون تقاضائون ڪيون ويون ۽ هنن طرفان مهلتون ورتيون ويون، جن ۾ سول مئريج جا ارادا بہ ڪيا ويا تہ ننڍ ڏيارينڊڙ گورين جي شيشي بہ قبضي ۾ ڪئي وئي .تيسنين آفتاب بہ پوسٽ گريجوئيشن ڪري ورتي ۽ ڪلاس ون آفيسر ٿي ويو تان جو نشاط ساڳئي ئي "ذليل"، "ڊور" ۽ "ڪميڻي" سان پرڻجي وئي.

پرڻي کان ڪجھ ورهيہ پوءِ جي هڪ رات، سکر ۾ انڊر پاڪ ۽ ان جو رنگا برنگي بتين سان جهر مر ڪندڙ لان.

شاماني اندر وليمي تي آيل مهمانن جي پيهہ

هڪڙيءَ ميز جي چوڌاري ڪرسين تي ويٺل شاه عبداالطيف يونيورسٽيءَ جو پروفيسر فهيم احمد ۽ سندس گهر واري، سندس ٻه اڪوٽا هونهار شاگرد نشاط ۽ آفتاب، قربان ۽ مان.

نشاط شيفون جي آسماني ساڙهيءَ ۽ ميچ ڪندڙ بلائوز ۾ شوز ۾ سڄي، سون ۽ جواهرات سان جهنجيل. ٻنهي ٻانهن ۾ ڇهه ڇهه جڙائو چوڙيون ڪنگڻ، ساڄي ٻاچ ۾ هيري جي منڊي ۽ کاٻي ڏسٽيءَ ۾ پلاٽينم جو ڇلو ڳچيءَ م زمرد ۽ ياقوت سان مڙهيل نو لکو هار ۽ ڪن ۾ وڏا وڏا ايرنگ (سڀ زيور هڪ ئي سيٽ جا). وارن سبوڌو ميڪ اپ شهر جي مهانگي ۾ مهانگي بيوٽيشن ۽ هيئر اسٽائلسٽ، مُاهين جي هٿن جي جادوگري، چپن تي بيپرواه مرڪ ۽ ڏسڻ ۾ اهڙي سلم ۽ سمارٽ جڻ تن ٻارن جي ڪرڙوڊ ماءُ نه پر ننڍي نيٽي ڪنواري وينگس هجي.

آفتاب جو پڻ شادي شده ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ آهي، تنهن جي اکين ۾ اندر جي آنڊ مانڊ جا اڻ لکا اولڙا، منهن تي ڇمر جا پاڇا ۽ چپن تي اُباٽڪي نراس مُرڪ.

پروفيسر فهيم جو نشاط ڏانهن سُخُنُ، " مار ايڏا زيور ڪٿان آندا اٿئي؟."

نشاط جو ڪجهه پريرو ويٺل ڪنهن دوست سان ڳالهائڻ ۾ مشغول سليمان ڏانهن سوپارين اکين سان اشارو،" هن جي مهرباني آهي."

۽ مون ـکي اِياز جو شعر هُري اچي ٿو ۽ سوچيان ٿو" شايد پيار تڏي چانوَ آهي. جنهن ۾ ٿورو وِيهي گهڙي گهاري اڳتي هلڻو آهي."

❷

نشاط پروفيسر فهيم جي سخن جو وراڻو ڏيئي، ڪن پل لاءِ منهنجي پير ۾ ويٺل آفتاب ڏانهن نهاريو سندس نهار ۾ ڪا اهڙي ڳالهه هئي جو مون آفتاب کي ڪنهن اٽڪڻي اوڙاهه ۾ ڪرندو محسوس ڪيو. نشاط ڏانهن ڏٺم ته سندس رڳ رڳ ۾ ٿرندڙ رات جهڙن نيڻن جون ڪُنڊون گهميل لڳم ۽ ونين ۾ پري تائين رُج ۽ سُڄ جو واسو. وراڻي جي ٻولي هڪڙي هئي ۽ نهار جي ٻي، انهيءَ وڇوٽيءَ تي منهنجو موڊ آف ٿي ويو ۽ مان وليمو اڌ ۾ ڇڏي گهر موٽي آيس. لٽا مٽائي بستري تي ليٽيس. انٽر ـپاڪ ان واري ڏيک جي خيال ئي خيال ۾ ور ـــ جوڙ ڪيم. ڪائي وڇوٽي نه هئي، نه آفتاب ڪنهن اٽڪڻي اوڙاهه ۾ ڪريو هو نه نشاط جي نيڻن جون ڪنڊون گهميل ۽ ونيون رج ۽ سج سان واسيل هيون. اهو مان هيس، جنهن پاڻيو

هو تہ ائين ٿئي ؛ سندن پيار سُهڻي _ ميهار مُومل _ راڻي، سسئي _ پنهون ۽ هير _ رانجهي جي امر پريم جو اولڙو هجي. نشاط پنهنجي گهر خوش هئي ۽ آفتاب پنهنجي گهر. پوءِ هنن هڪٻئي سان جيڪي قول قرار ڪيا هئا تہ گڏجي جيئندا ۽ گڏجي مرندا سون، سي پاڻيءَ تي ليڪو هئا ڇا؟ لاڙڪاڻي واري ياترا کان اڳ نشاط سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ سندس آفتاب ڏانهن لکيل خطن پيار ۾ توڙ نباهڻ ۽ هر رنڊڪ لتاڙڻ جو تاثر ويهاريو هوم. وليمي واري رات اهو تاثر زائل ٿيندو ڏسي اُداس بہ ٿيو هوس ۽ حيران بہ، ڪي ڏينهن اڻ تڻ رهي تہ آفتاب کان پڇان تہ نيٺ بہ ٿيو ڇا هو. جڏهن نويڪلائيءَ ۾ اهي قول قرار ياد ڏياريا مانس، تڏهن اکيون پورجي ويس ۽ هيٺيون چپ مٿئين تي وري آيس. ويهارو ورهيہ اڳ جون ساروڻيون هيون، جيڪي ڇولڙين جيان هڪ ٻئي پٺيان، هڪ ٻئي مٿان ڏوڪينديون چڙهنديون آيون هونديون. ڪيئي پل وهامي ويا. جڏهن چپ چوريائين، تڏهن آواز جهيڻو ۽ لهجو اُباڻڪو هوس.

”اسان جا قول قرار پاڻيءَ تي ليڪو؟ نہ نہ، اسان سچ پچ گڏ جيئڻ، گڏ مرڻ ٿئي چاهيو. پر مٽ مائٽ، رت جا رشتا، اهي تہ پنجوڙ آهن. ماڻهو انهن ۾ سَڪ.“

ايترو چئي هوءَ وري ماٺ ٿي ويو. مان بہ چپ رهيس جو ڄاتم ٿي تہ هو ناسٽلجيا_وسيڪو ٿي ماضيءَ جي پاڇولن ۾ پاڻ کي ڳولي رهيو هو. وري ڪيئي پل وهامي ويا. ڳالهہ جو سڳو سورياٿين تہ آواز وڏيڪ جهيڻو ۽ لهجو وڏيڪ اباڻڪو هيس، ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندو هجي _ پورا اڻپورا، ڪنهن ڪنهن مهل disjointed جملا.

٢٨ فيبروري. ڏينهن ۾ ڏينهن، اڳ آيو هو نہ اچڻو هو. ڪئمپس جو مرڪزي لان. نم ۽ بيدمشڪ، گلاب ۽ رابيل جي هٻڪار. پروفيسر ابڙي جو ليڪچر پورو ڪري لان ۾ گهڙان ٿو. ڪوئي اوچتو اچي ٻانهن کان جهلي ٿو. نوري آهي. ڪنڌڙيءَ ڏانهن ڇڪي وڃي ٿي. نم هيٺان پيل بينچ تي ويهاري پاڻ پاسي ۾ ويهي ٿي، گهورڻ لڳي ٿي. منهن ۾ گهنڊ، اکين ۾ شوڪر، نيٺ چوهہ ۾ ٻولي ٿي، آفتاب خان، مغز ۾ هوا پرجي وئي اٿي جو ڪنهن ۾ اک ئي نٿي ٻڏئي، اک ٻوڙبي ناهي، هٺبي آهي. مشڪري ڇڏ. نشاط جو خيال ڪر. هوءَ ويچاري الائجي ڪڏهن کان تنهنجي گهور جو ڳهاءُ ڪنيو ٿي هلي. ڪو خدا جو خوف ڪر، ڇو ٿو هن کي جهوريءَ ۾ جهورين؟“ نشاط! فئڪلٽيءَ جي سهڻين جي سونهن، ٻانوري سانوري، هٺ پري، هٺ پري. زلفن جا خم، ڪئين زندان، نوريءَ جا ٻول نہ هئا. جيئندان

هئا. دلِ ڪڏڻ لڳي. لان جي سموري سرهاڻ اندر ۾ لهي آئي. من بود ۾ پرجي ويو. ڪيس ڳراتڙي پايان ٿو نراڙ چُمي شهنشاهن وانگر چوان ٿو گهرُ جيڪو گهرڻو هجيئي،" هوءَ کلي ٿي، "ضرور گهرنديس، جڏهن توهان پئي لائون لهندا."

"بيو ڏينهن. ساڳي بينچ. منهنجي ۽ نشاط جي پهرين ملاقات. فقط پنڌرنهن ويهه منٽ. دلين جي زورائتي دڪ دڪ. رکي رکي مان هن کي ڏسان، هوءَ مون کي. ڪڏهن اکيون هيٺ، ڪڏهن مٿي. لان ۾ شاگردن جي اچ وڃ. دوستن جي چپن تي knowing مرڪون، اکين ۾ good luck جا اشارا. اسان پئي شڪي شڪي. وات خشڪ، اکر نه اُکلي.

"پوءِ ته گهڻو ڪري روز ملڻ ـ ڪئمپس ڏانهن. ابندي ويندي بس ۾ هونءَ ئي گڏ. اڪيلائيءَ ۾ ملبو ته هڪ پئي لِتن ۾ هٿ ڏيئي هزار ڳالهيون ڪبيون، پنهنجن گهر ڀاتين جون.. پڙهائيءَ جون... هم ڪلاسين جون... اُستادن جون.... دوستن ساهيڙين جون... گڏريءَ جي ڏکن جون... آئيندي جي سکن جون... موسمن جون... سياست جون.... اهڙيون ئي mundane ڳالهيون. هڪ پئي سان توڙ نڀائڻ جا قول اقرار ـ روبرو به، خطن ۾ به، پابوهه جي اجهل پالوٽ... گڏيون هڪ پئي جي اکين، چپن، ڳلن تي گهڙي پل رکبيون، چمبيون، اهو گهڙي پل جو ڇهاءُ اندر ۾ موجود، سدا موجود." آفتاب کان سيسراتي نڪري وڃي ٿي. فائنل جي رزلٽ آئي. چڱي پوزيشن سان پاس ٿيس. جلد ڪاليج ۾ ليڪچراري ملي وئي. نوريءَ وڏا جتن ڪري اسان جي ملاقات ڪرائي. نشاط چيو ليڪچراري ڪلاس ون پوسٽ آهي، پر تڏهن به ماستري آ. توهان ڪجهه تي ڏيکاريو ته مائٽن کي مڃايان."

"مان ڪجهه تي ڏيکارڻ ۾ لڳي ويس. اجا لڳل آهيان. اها اسان جي آخري ملاقات هئي." هن اونهو ڊگهو شوڪارو ڀريو. هن گهڻو اڳ چئن پنجن ورهين ۾ ئي اهو سڀ ڪجهه ماڻي ورتو هو جنهن جي ڏيئرن وارن کي سُڌِ هوندي آهي. هاڻ جڏهن هو ماضيءَ جي پاڇولن ۾ پاڻ ڳولي رهيو هو تڏهن هو سرڪار جي وڏي ۾ وڏن عملدارن ۾ شامل ٿي چڪو هو جڏهن ته سليمان ڪئين ڏاڪا هيٺ هو.

"ايڏي پابوهه کان پوءِ به هوءَ پرائي ٿي ويئي، سو ڪيئن؟" مون هن جي وري ماٺ تي وچڻ تي پڇيو.

"منهنجو ڪجهه تي ڏيکارڻ به ڪم نه آيو نه اچڻو هو. هوءَ اڳيئي مڱيل هئي، نه به هجي ها، تڏهن به اسان جو سڱ ٿيڻ unlikely هو جو

هوءَ پيءُ ذات جي هئي ۽ مان پيءُ جو. نه هن جا مائٽ مجبين ها، نه منهنجا. خود ڪشي ناداني هئي، نسوري اياڻپ. مون هن کي پنهنجا قسم ڏيئي اهڙيءَ هوڏ تان لاٿو هو. ادا وڏي ۽ توهان برابر سول مئريج ۾ هر ڪنهن مدد جي آڇ ڪئي هئي، پر ان ۾ گلا ۽ خواري هئي، خاص ڪري هن لاءِ. ماڻس دل ۽ بلڊ پريشر جي مريض، پڻس وڏو ڪامورو، وڏي ايمان وارو. لوڪ لڄا کان ماڻس ڪو نه بچي ها ۽ پڻس گوشي نشين ٿي وڃي ها. سندس ننڍي پيڻ زيبي، هوءَ سليمان جي ننڍي ڀاءُ سان مڱيل هئي. اهو مڱڻو به ٽٽي وڃي ها. خود منهنجي خاندان ۾ به ممڻ مچڻو هو! اسان ۾ به ڏي وٺ جون سڱاوتيون ٿيل هيون. اسان به پنهنجي مرضيءَ ڪيون، پوءِ پل چار پنج خاندان رلي وڃن. اها ته وڏي خود غرضي هئي. مون اهي گس گهاٽ ٿي چڙي ڏنا، جيڪي نشاط ڏانهن ويندڙ هئا."

ته ڇٽبو گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن هڪ طرح جو رومانس هئا، جنهن نشاط- آفتاب کي اوچو اڏاري وڃي امر پريمين جي سٿ ۾ ٿي بيهاريو. جنهن ويل ڪيا ويا هئا، تنهن ويل دل جي حضور ۽ سچائيءَ سان ڪيا ويا هوندا. پر ائين به آهي ته وقت بادشاهه ڦرندو رهي ٿو. ڇا نشاط سان سول مئريج جي نتيجن بابت آفتاب جا وسوسا ۽ انديشا برثواب هئا، ڪِن هن ٺلهي پاڙيائپ ڪئي هئي؟ ڇا آفتاب سان ڪنهن به رابطي جي نه رهڻ نشاط کي بنهه نراس ڪري سليمان سان لانئن لهڻ تي راضي ڪيو هو؟ يا هن جو آفتاب کي ڪجهه تي ڏيکارڻ جو ويڳ ڏيڻ پڇاڙان پري رکڻ جي حڪمت عملي هئي، البت-آفتاب جي انهيءَ عشق کان اڳ ۽ پوءِ جي به هڪ ڪهاڻي آهي، جنهن جا ڪردار ڪيئي آهن:"

•هن جي هڪ ويجهي مائٽياڻي، جنهن سان سندس پريت ايڏو ته ڇوُپول ڪيو هو جو سڄي آکهه کي پڪ هئي ته آفتاب ساڻس شادي ڪندو، جيڪا نه ڪيائين ۽ ڇوڪري ورهين جا ورهيه ناڪارجڻ جي ٽياس تي ٽنگيل رهي هئي.

•حيدر آباد جي هڪ بوهرياڻي، جيڪا پرڙيهه لڏي وئي ته هو به انهيءَ ولايت وڃڻ تي ساڻس پيار وندڻ لاءِ سندس شهر جو چڪر ضرور هڻندو هو.

•سکر جي هڪ مهاجرياڻي، جنهن کي وقت بوقت سوکڙيون پاکڙيون پهچائيبيون رهبيون هيون ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪٿي نه ڪٿي ملاقاتون رکبيون هيون.

پر اهي سڀ ڪردار آفتاب جي نظر ۾ سائيڊ لائين افيئرز جا هئا.

حقيقي محبوب رڳو نشاط هئي. هن ڪانسواءِ حياتي پل ڪان پل تائين هئي، ڪو وڏو خال هو جيڪو ڪڏهن بہ پرجڻ جو نہ هو هن جو ذڪر جڏهن بہ ٿئي، جتي بہ ٿئي سرهائيندڙ بہ هو تہ ڏڪائيندڙ بہ. جڏهن بہ ٿيندو، ستا سور جاڳي پوندا، مڙيل ڦٽ ڪُرڻ لڳندا ۽ هانءُ بس ٻڏندو ويندو، ٻڏندو ويندو، اجا هيٺ، اجا هيٺ...

پيار ٽڏي ڇانوَ تہ آهي ۽ ان ۾ گهڙي گهاري اڳتي بہ هلڻو آهي. پر انهيءَ ڇانوَ ۾ جيڪا بہ گهڙي گهاربي، سا حياتيءَ جو مَرڪُ هوندي، جنهن جو نہ ڪوئي ملهہ هوندو، نہ ڪوئي ڇيهہ. املهہ امر گهڙي، اندر اُجارِ گهڙي.
■

(ماهوار "سوجهرو" جي ٿورن سان)

سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جا ڇپرايل ترجمو ٿيل ڪتاب

ڪبير	پريا ڪرماچوي / نارائڻ شيام
سرمد	جگجيت سنگهہ سيتل/ ستار
ميران	آشا ٽيلسن / لڇمڻ ڪومل
تيرنهون سِجُ	امرتا پريتم
هي سجڻ سيئي	ميخائل نعيمي / ستار
انسان دئيت ۽ ديوتا	رابرٽ انگر سال / ڊاڪٽر اي ڪي پنجواني

طارق اشرف

زندگيءَ جو تنها مسافر

منظور اسپينزر ڏانهن مڙندي ڪار جي رفتار ڍري ڪري ڇڏي. ڪار آهستي وڌي رهي هئي ۽ منظور ڪار پارڪنگ لاءِ جاءِ ڳولهي رهيو هو پر ڪا به جاءِ خالي نظر نٿي آئي، ٻه ڪارون رستو روڪي بيٺيون هيون، جن جي ڪري سندس ڪار اڳيان نٿي وڌي سگهي. منظور هارن ڏنو پر ڪنهن هن ڏانهن توجهه نه ڏنو. هن جي لاءِ اِها ڳالهه ڪا نئين نه هئي. ۽ نه ئي هن کي انهيءَ تي ڪاوڙ آئي. هو هتي ڪئين ڀيرا آيو آهي، پر هن دفعي ڪافي وقت کان پوءِ آيو هو. سندس ڪار جي پنيان چار پنج ٻيون ڪارون به بيٺيون هيون جن مسلسل هارن پئي ڏنا، پر پوءِ به اڳيان بيٺل ڪارن ۾ ڪا چرُ پر نه ٿي. منظور دريءَ مان ڪَنڌ ڪڍي اڳيان بيٺل ڪار وارن کي ڏٺو. هن جي ڪار جي اڳيان جيڪا ڪار هئي، تنهن ۾ چار پنج ٽين ايجرس ويٺل هئا. ۽ اهي پنهنجي هڪ چائينز فرينڊ سان ڳالهين ۾ محو هئا، جيڪو سندن ڪار تي پاڻهون ٽيڪي اندر ويٺلن سان ڳالهائي رهيو هو. منظور سوچيو ته هو ٻاهر نڪري انهن کي چوي ته اُهي پنهنجي ڪار اڳيان وڌائين ته جيئن سندن پنيان بيٺل ٻين ڪارن کي رستو ملي. هن انجن بند ڪئي، اڃا دروازو مس کوليو هئائين جو هڪ ڊگهو ۽ ڪافي اسمارٽ ڇوڪرو، جنهن کي تمام وڏي، پر سهڻي نظر جي عينڪ پيل هئي، وڌي انهن وٽ ويو ۽ هن تيز لهجي ۾ انهن ڪار وارن کي ڪجهه چيو منظور پنهنجي ڪار ۾ ويٺو هو ۽ سندس آواز هن ٻڌو پئي، جيتوڻيڪ لفظ سمجهه ۾ نه پئي آيا. پر سندس آواز جي تيزي هن محسوس ڪئي. ڪار ۾ ويٺل ڇوڪري ڪجهه چيو ڪن ڳالهائڻ سان گڏو گڏ هٿن سان اشارا به ڪيا پئي، پر پوءِ سندس چائينز فرينڊ دريءَ وٽان هٽي ويو ۽ هن ڪار هارن ڏنو ۽ اڳين ڪار هلڻ لڳي ۽ انهي ڪان پوءِ پوئين ڪار به اڳتي وڌي ۽ پوءِ منظور جي ڪار. رفتار تمام گهٽي هئي، ٻنهي پاسي ڪارون بيٺيون هيون، ۽ ٿوري بي خيالي جي ڪري،

ڪنهن نہ ڪنهن ڪار سان سائيڊ لڳڻ جو امڪان هو. منظور جي ڪار اسپينزر کان متي...، چائينز ريسٽارنٽ Woo _ Ching چڏي، (ومپي) (Wimpy) جي سامهون لنگهي رهي هئي، جو هن پنهنجو نالو ٻڌو: ”منظور“، ڪنهن رڙ ڪئي. هن جهڪي ڏٺو ومپي جي سامهون پيٽ وٽ وائيٽ مرسڊيز بيني هئي، ۽ ڪيس سڏڻ وارو نديم هو. منظور کي پاڻ ڏانهن ڏسنديء نديم رڙ ڪئي. ”هاءِ“ منظور بہ ”هاءِ“ جي وراڻي ڏني ۽ اشاري سان ڪيس چيائين تہ موٽي ٿو اچي. ڪار جي سامهون واري پاسي روشني پئي، منظور ڏٺو نديم سان گڏ ڪا چوڪري ويٺل هئي_ ڪا گرل فرينڊ. پر ڪار جي اڳيان وڌي اچڻ جي ڪري منظور سندس شڪل چڱي طرح نہ ڏسي سگهيو. ڪار جڏهن فاطمہ جناح روڊ تي آئي تہ منظور ليفٽ تي ڪار موڙي، پر پٺ سان گڏو گڏ ڪارن جي لائن لڳل هئي. نيٺ مسجد بلاول جي ڪجھ اڳيان خالي جاءِ ڏسي، ڪار کي اتي پارڪ ڪري هيٺ لٿو. ڪار کي لاڪ ڪري، چابي جو ڇلو ڦيرائيندو هو ومپي ڏانهن موٽيو. ڪو وقت هو جو هو روز محمد علي هائوسنگ سوسائٽي جي هن ڪمرشل ايريا ۾ ايندو هو. ڪڏهن ومپي، ڪڏهن اسپينزر، ڪڏهن Woo _ Ching ۽ هڪ بہ دفعي ٽاپ ڪوپي ۾ ويٺو هو. پر هاڻي ڪافي عرصي کان هُن هِن پاسي اچڻ ڇڏي ڏنو هو پر اَڄُ جو هتي آيو تہ ڪنهن پروگرام تحت نہ، گهران بنا ڪنهن سوچ جي نڪتو ۽ هتي پهچي ويو. ۽ هاڻي هنجو ذهن نديم سان ويٺل سندس گرل فرينڊ جي باري ۾ سوچي رهيو هو. هوءَ ڪير آهي؟ ڪير بہ هجي، پر ضرور نئين هوندي، چاڪاڻ تہ نديم پراڻيءَ جو قائل ڪونهي. هن سان گڏ روز نئين گرل فرينڊ هوندي آهي. هر دفعي_ هر روز نئين.

منظور ۽ نديم جي مزاج ۾ وڏو فرق هو. نديم روز نئين گرل فرينڊ جو قائل هو جڏهن تہ منظور عورت کي رانديڪو مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. نديم جلدي جلدي ڪار مٽائي پر منظور وٽ هڪڙي ڪار ورهين جا ورهيہ رهي. نديم جي ٽيسٽ روز پئي مٽبي آهي، منظور ۾ ڪا ڦير گهير نہ ايندي آهي. پر انهي جي هوندي بہ ٻئي ورهين کان هڪ ٻئي جا سنا دوست آهن.

”Hello, Nadeem how are you“? منظور نديم جي ڪار وٽ پهتو

"Fine, meet my friend Rozi."

منظور ڪيس وش ڪيو ۽ ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ "Hello, Miss." چيو. هنجو سهڻو نرم نازڪ هٿ Helloپنهنجو هٿ وڌايو. هن جواب ۾ منظور جي هٿن ۾ هو. ۽ چپن تي هلڪي مرڪ. منظور بي خيالي ۾ ڪجهہ دير تائين سندس هٿ جهليو ۽ تڪيندو رهيو پر تڏهن چرڪ پريائين. جڏهن روزي ٿوري ڇڪ ڏئي پنهنجو هٿ سندس هٿن مان ڇڪي ورتو.

"اندر اچي ويهہ." نديم ڪار جي پوئين سيٽ جو درُ کوليو. منظور جي سوچن جو سلسلوَ ٽٽي پيو. هن ڪار ۾ چڙهڻ لاءِ هڪڙو پير ڪار ۾ رکيو پر ٻئي پير رکڻ کان-اڳ چيائين، "چو نہ هلي ومپي ۾ ويهون. اڄ گرمي بہ آهي."

نديم پنهنجي فرينڊ ڏانهن ڏسندي پڇيو "هتي تنهنجي مرضي ڇا آهي؟"

هن هڪ ادا سان چيو. "As you like, I agree."

منظور پنهنجي سائيڊ واري اسڪرين چاڙهي بولٽ دٻائي در کي لاڪ ڪري ڇڏيو. هڪڙو اڳ ۾ لاڪ هو ۽ اسڪرين بہ چڙهيل هئي. باقي ٻي اسڪرين ۽ در نديم بند ڪيا. ڪار لاڪ ڪري روزيءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين ۽ ٽئي ومپي ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن وچ رستي تي پهتا تہ هڪ اسپورٽنگ ڪار تمام تيزي سان هنن ڏانهن آئي. ڊوڙ نہ پائن ها، تہ ٽئي ڪار جيٰ هيٺان ضرور اچن ها.

"Bastard"، نديم رڙ ڪري چيو. پر اهي باسٽرڊ ٻڌڻ کان اڳ ئي غائب ٿي چڪا هئا. ٽئي ورانڊي ۾ پهتا تہ در پرسان بيٺل ويٽر درکوليو. ڪُنڊَ ۾ چئن ڪرسين جي هڪ ميز کان سواءِ سيئي ميزون والاريل هيون. انهيءَ ميز تان بہ تازو ويٺل اٿيا هئا، چاڪاڻ تہ جوٺا ٿانوَ ۽ ڪاغذ جي مروتيل نئپڪن اجا اتي پيل هئا. اڳيان روزي، ان جي پٺيان نديم ۽ آخر ۾ منظور هو. نديم وڌي روزيءَ ڏانهن ڪرسي ڇڪي ۽ روزيءَ جي ويهڻ کان پوءِ پاڻ بہ هن جي پرسان ويهي رهيو. منظور هيڏانهن هوڏانهن ويٽرن کي ڏٺو. ڪي شڪليون چاتل سچاتل ۽ ڪي نيون هيون. چاتل سچاتل ڪڏهن اسپينزر ۾ ڏٺيون هئيائين، ڪڏهن ومپيءَ ۾ ڪڏهن سندن ڪارن ۾. پريان ڪنڊ ۾ "ٽوني. ويٺل هو. هن جو اصلي نالو طالب حسين هو. پر

سيئي ڪيسَ ٽوني سڏيندا هئا. پر هو به پڇڻ تي پنهنجو نالو ٽوني ئي ٻڌائيندو هو ۽ لڳو به ٽوني تي، يورپين وانگر ڳاڙهو ڳٽول، ڌار پورا، قد ڪاٺ انهن جهڙو، منظور سان ٽوري گهٽي واقفيت هئس. ٻنهي جون نظرون مليون ته ٽونيءَ اتان ئي هٿ لوڏي وش ڪيو ۽ منظور به هٿ لوڏي جواب ڏنو. ٽوني سان ويٺلن مان ڪن مڙي منظور ڏانهن ڏٺو. نديم به ٽونيءَ ڏانهن ڏٺو پر نديم جي ٽوني سان واقفيت ڪونه هئي. البت هتي ۽ ڊفينس واري اسپينزر ۾ ڏٺو ضرور هئائينس. روزيءَ هٿ ۾ پاڻي جو گلاس کڻي پتين کي گهوري رهي هئي، پورو عرصو ماٺ ۾ رهي. ويٽر مينو کڻي آيو. منظور ۽ نديم ڪئين دفعا پڙهيل مينو کي پڙهڻ لڳا. منظور روزيءَ کان پڇيو "مس روزي اوهان ڇا گهرائڻ پسند ڪندا."

"مان"، هن چرڪ ڀريو. پوءِ چپن تي زوريءَ مرڪ آڻي چيائين، "جيڪو به گهرايو."

"اوهين پنهنجي پسند ٻڌايو" منظور چيو.

روزي جي جواب ڏيڻ کان اڳ نديم چيو، "ها، ڊارلنگ، تون پنهنجي پسند تي گهراءِ."

روزي مينو ڏسندي چيو "چڪن تڪا ۽ پراٺا ڪافي آهن."

"۽ نديم تون؟".

"چڪن تِڪا، بوتي، لون چاپ ۽ پراٺا."

منظور هڪ به شيون پنهنجي طرفان وڌائي، ويٽر کي آرڊر ڏنو. هن پنهنجي ننڍڙي پيڊ تي آرڊر لکيو ۽ هليو ويو. ڪجهه دير خاموشي رهي. روزي ٻئي پاسي ڏسي رهي هئي. نديم اڃا تائين مينو کي پڙهي رهيو هو. منظور کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڇا ڳالهائي. خاموشيءَ ڪري ڪيس عجيب اڪتاهٽ ٿي رهي هئي. نيٺ هن ئي خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ڳالهه ڇوري، "نديم، تو ڊيميز (Demis) جي نئين ڪيسٽ ٻڌي آهي."

"ڊيميز؟ _ هولبناني سنگر." هن پڇيو.

"ها"، منظور جواب ڏنو.

"نه، منظور مون کي ڊيميز نه وڻندو آهي. هو ويسٽرن آرڪسٽرا ۾ عربي آرڪسٽرا جي ڪاڪ ٽيل ڪندو آهي. مون کي عجيب لڳندو آهي. ڪوفت ٿيندي اٿم. خالي عربي آرڪسٽرا استعمال ڪري ته به شايد وڻي، جو سندس آواز نڙي ۾ قاتل ٿو رهي. گهٽيل گهٽيل" نديم اهڙو

منهن ٺاهيو. جڏهن ڊيميز جي نالي سان ئي ڪراهت ٿي آيس. منظور جي فطرت آهي تہ هو پنهنجي ڳالھہ تي قائم رهندو آهي. سندس اڪثر دوست جهلينداهئا تہ ايڏو اسٽريٽ فارورڊ نہ ڳالهائيندو ڪر، ڪجھہ ڊپلوميسي بہ ڪندو ڪر. اها فاروردنيس دوست گهٽ دشمن وڌيڪ پيدا ڪندي. پر منظور پنهنجي فطرتِ کان مجبور هو. نہ چاهڻ جي باوجود بہ هر ڳالھہ چاهي اها ڪنهن کي وڻي يا نہ وڻي، چيو ڏئي. انهيءَ ڪري سندس تمام گهٽ دوست آهن. ٿيا گهٽائي پر انهيءَ عادت جي ڪري گهٽا پاسو ڪري ويا. هينئر بہ سندس جاءِ تي ڪو ٻيو هجي تہ ڳالھہ جو رخ مٽائي، ڪنهن ٻئي موضوع تي اچي ها پر منظور ائين نہ ڪيو.

ويٽر پليٽون ۽ ڪاغذن جا ننڍا نيپڪن آڻي رکيا. روزي هڪ نيپڪن کنيو ۽ انهي کي آڱر تي ويڙهڻ ۽ کولڻ لڳي. ۽ جڏهن کاڌي جو سامان اچي وِيو تہ سڀني پنهنجي پسند جون شيون کڻي پنهنجي پليٽن ۾ رکيون.

”توکي ڊيميز نہ ٿو وڻي، تنهنجي پنهنجي پسند آهي.“ منظور نديم کي چيو تہ ”پر تو ڊيميز جي نئين ڪيسٽ نہ ٻڌي آهي. ڪڏهن ٽائيم ڪڍي سگهين تہ مون وٽ اچجان، مان توکيٰ اها ڪيسٽ ٻڌائيندس، سندس سانگس Lovely love de parisc, can't say how much I love you & action lady توکي ضرور وڻندا.“

”ڊيميز مون کي وڻي ڪونہ“، نديم چيو، ”پر تو چيو آهي ٻڌندس، ٿي سگهي ٿو ڪي سانگس چڱا ڳايا هجنس.- پر ها، منظور، ڊيميز جو ويجهڙائي ۾ هڪڙو سانگ Love me Love me ٻڌو هو. اهو مڙئي چڱو هو.<

”ڇڏ يار.“ منظور کلندي چيو،”اهو شايد توکي انهيءَ ڪري وڻيو هوندو، جو انهيءَ جو ڪاپي گانو آر- ڊي - برمن جو پارٽي فلم شعلي.... جو محبوبہ او محبوبہ ٻڌو هوندو. آر - ڊي- برمن سيم ٽو سيم ڪاپي ڪئي آهي.“

”ٿي سگهي ٿو“ نديم ڪلها مٿي چاڙهيندي چيو. پوءِ روزيءَ کان پڇيائين ”روزيءَ تو ڊيميز کي ٻڌو آهي؟“

منظور روزيءَ ڏانهن ڏٺو روزي چيو ”No, No“. منظور روزي کي حيرت سان تڪڻ لڳو. پر روزي بي پرواهيءَ سان کائيندي رهي. منظور

کی اها پڪ هئي تہ اڄ جهڙي زوردار طريقي سان نديم ڊيميز کي ناپسند ڪري رهيو آهي ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ پوري شدت سان ڊيميز جي تعريف ڪندو، چاڪاڻ تہ جيئن هو روز نئين گرل فرينڊ سان هوندو آهي، تيئن singers بہ بدلائيندو رهندو آهي. بلڪل ائين، جيئن جلدي جلدي ڪارون متائيندو رهي ٿو.

"مونکي ايلوس پرسلي.... وڻندو آهي." نديم چيو.

"ايلوس!" منظور کان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي. " پر نديم ايلوس جو وقت گذري ويو. جيئن هو پاڻ گذاري ويو. ها هڪڙو وقت هو هن جا گانا ٽاپ تي هئا. انهيءَ وقت هن جي اسٽائيل ۾ نواڻ هئي، پر هاڻ اها اولڊ ٿي وئي آهي. انهيءَ کان پوءِ گهڻي ترقي ٿي آهي. شايد توکي ايلوس انهي ڪري وڻڻ لڳو آهي، جو هو ويجهڙائي ۾ مري ويو آهي ۽ بي بي سي ان تي هڪ وڏو پروگرام پيش ڪيو هو."

"نہ نہ، اها ڳالهہ ڪانهي." ٿوري دير ماٺ رهي، موضوع متائڻ لاءِ روزيءَ کان پڇيائين، "چو روزي، تون ماٺ ڪيو ويٺي آهين. بور پئي ٿئين ڇا؟"

"نہ، مان توهان جون ڳالهيون پئي ٻڌان"

"خالي اسان جون ڳالهيون چو پئي ٻڌين تون بہ participate ڪر نہ."

روزي جي جواب کان اڳ منظور چيو "شايد مان ڪباب ۾ هڏي هجان."

روزيءَ جي بدران جواب نديم ڏنو "خير اهڙي تہ ڳالهہ ڪانهي."

پر منظور کي خبر هئي تہ ڳالهہ اها هئي. روزي جيڪا ائين خاموش خاموش، بيزار بيزار ويٺي هئي. جنهن سان ڪجهہ وقت اڳ نديم منظور جو تعارف ڪرايو هو، انهي روزي کي منظور نديم کان گهڻو اڳ سڃاڻي. پر نديم کي اها خبر نہ هئي. شايد ئي منظور جي ڪنهن دوست کي خبر هجي، چاڪاڻ تہ منظور عام جڳهين تي گهٽ وٺي ويو هوس.

منظور پنهنجي ماءُ پيءُ جو هڪڙو ئي پٽ هو. دولت جي وٽس ڪمي نہ هئي. مائٽ ڳوٺ ۾ رهندا هئس ۽ پاڻ اڪيلو ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ رهندو هو. سٺو بنگلو هو سٺي ڪار هئي، ڪيترائي ڪارن بنگلن وارا سندس دوست بڻجي ويا. فطرتي طور تہ منظور اڪيلائي پسند هو پر

دوستن جي ڇوڙ تي ساڻن مختلف جاين تي ويندو رهندو هو. ۽ سندس دوست هميشه اهڙين جاين تي ويندا هئا، جتي گوڙ گهمسان، هل هنگاما هوندا هئا. منظور کي اهو سڀ ڪجهه نه وڻندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ساٿ ڏيندو هون. ڪن سان سندن گرل فرينڊز به هونديون هيون.

منظور وٽ اهو سڀ ڪجهه هو، جيڪو هڪ گرل فرينڊ لاءِ ڪافي هو. تنهن ڪري ڪيتريون منظور جي اردگرد ڦرڻ لڳيون. ڪن سان منظور شامون ۽ راتيون گذاريون، پر منظور محسوس ڪيو ته اهي گرل ته آهن، پر فرينڊ نه. هن کي جنهن گرل فرينڊ جي ضرورت هئي، اهڙي ڪا هڪ به نه هئي. هن چاهيو ته گرل فرينڊ واقعي سندس فرينڊ هجن. آئيڊيل فرينڊ. جهڙي سوچ، جهڙي پسند، هن جي آهي تهڙي هن جي به هجي.

ڪجهه عرصو اڳ، منظور جي هڪ دوست ڪانئس پڇيو هو "تو مهه جبين قزلباش کي ٽي.ويءَ تي ڳائيندي ڏٺو آهي؟"

"مان ٽي.وي ڏسندو ئي نه آهيان. ٽي.وي به ڪا ڏسڻ جي شيءِ آهي."

"تون مهرباني ڪري مهجبين کي ٻڌ، توکي وڻندي."

هڪ ڏينهن منظور گهر ۾ ويٺو هو. نه چاڙهه چو ڪيس بوريت پئي ٿي. ڪارڻ جي ڪيس به خبر نه هئي، سوچيائين: ٽي.وي کولجي، پلي ته ڪجهه وڌيڪ بور ٿجي. ٻارن لاءِ ڪا فلم هلي رهي هئي. جڏهن اها ختم ٿي ته هڪڙي نغمي ٻڌڻ لاءِ چيو ويو. اهو نغمو مهجبين قزلباش جو هو. منظور مهجبين جو گانو نه ٻڌو، پر سندس گوڏن تي رکيل هٿن کي تڪيندو رهيو. هن جا هٿ هيرن وانگر جرڪيا ٿي، آڱريون اهڙيون سهڻيون، اهڙيون پياريون هيون جي بي اختيار چمڻ تي دل ٿي ٿيس. هوش تڏهن آيس، جڏهن نغمو ختم ٿيو. پر ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ اشتهار جي ڇوڪريءَ هن کي ڇرڪائي وڌو. هوءَ اهڙي هئي، جنهن جهڙيءَ جو منظور سدائين تصور ڪندو رهيو هو ۽ انهيءَ وقت ته ڏاڍو بي چين ٿيو جڏهن سندس هٿن تي نظر پيس. هن جا هٿ مهه جبين جي هٿن کان به سهڻا هئا. منظور سوچيو: هن ڇوڪريءَ سان ڪيئن ملجي؟ اها اهڙي آهي، جنهنجي مونکي تمنا آهي. پوءِ اوچتو سندس ذهن ۾ هڪ ترڪيب سُجهي آئي، جيڪا هن ڪنهن دوست کان ٻڌي هئي. هن يڪدم ٽي. وي اسٽيشن فون ڪئي، ۽ ليڊي رسيپشنسٽ کان پڇيائين، "محترمه هينئر

ٽوٽ پيسٽ جي اشتهار لاءِ فلم ۾ جيڪا ڇوڪري هئي، ڇا اوهين مهرباني ڪري انهيءَ جو نالو ٻڌائي سگهندا.“ رسيپشنسٽ رڪائيءَ سان پڇيو ”اوهين ڇو پيا پڇو“ منظور پهرين ته منجهي پيو. پوءِ جواب ڏنائين، ”مان پنهنجي فرم جي اشتهاري فلم لاءِ هن کي سائن ڪرڻ ٿو گهران.“ ”اڇا ترسو.“ ٻئي طرفان جواب مليو. منظور جي جواب مان هوءَ شايد مطمئن ٿي ويئي هئي. ٿوري دير ڪانپوءِ هن جواب ڏنو ”هنجو نالو روزي آهي.“

”محترم، اوهين گائيڊ ڪري سگهندا ته مان ساڻس ڪٿي ڪانٽيڪٽ ڪريان؟“ منظور پڇيو.

ٿوري دير ٻئي پاسي خاموشي رهي. پوءِ جواب ڏنائين، ”اتفاق سان روزي هتي ئي آهي. اوهين چاهيو ته ساڻس فون تي ڳالهائي سگهو ٿا.“

۽ ٿوري دير ڪانپوءِ منظور جي ڪار ٽي. وي اسٽيشن ڏانهن ڊوڙي رهي هئي. روزي ساڻس هينئر ئي ملڻ تي آمادگي ظاهر ڪئي هئي. ٽي. وي اسٽيشن پهچي منظور گاڏي پارڪ ڪئي ۽ ذري گهٽ ڊوڙندو ٽي. وي اسٽيشن اندر گهڙيو. رسپشن تي پنهنجو نالو ٻڌايائين رسيپشنسٽ ڪنهن کي فون ڪري منظور جي اچڻ جو ٻڌايو. ۽ پوءِ کيس ويٽنگ روم ۾ ويهڻ لاءِ چيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ روزي ويٽنگ روم ۾ آئي. منظور ڪجهه دير اڳ کيس ٽي.ويءَ جي اسڪرين تي ڏسي چڪو هو. پر جيڪا روزي سندس اڳيان بيٺي هئي، اها ٽي. ويءَ واري روزيءَ کان گهٽي سهڻي هئي. منظور اٿي ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايو.

”oh, hello“ هن منظور سان هٿ ملايو. ڪيتري دير منظور هن جو نرم ۽ ريشم جهڙو هٿ جهلي کيس ڏسندي رهيو. روزي مُرڪي رهي هئي. منظور ڪانئس پڇيو ”اوهين هتي ئي ڳالهائڻ پسند ڪندا، يا ڪيڏانهن ٻاهر هلون؟“

هن ڪجهه دير سوچيو پوءِ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيندي چيائين، ”يلي هلو.“

....

ويٽر سيئي شيون آڻي ميز تي رکيون، ۽ جڳ سان گلاسن ۾ پاڻي اوتي ”پيو ڪجهه“ پڇي ۽ جواب ۾ ”پوءِ چئبو“ ٻڌي هليو ويو. ڪجهه دير

خاموشي رهي. ۽ پوءِ نديم چيو ”ها منظور رات يارهين وڳي بي بي سسي
ڪلف singer ۾ ڏاڏي آدم جي زماني جي Top of this weekتان
رڇرڊ جو نئون گانو آيو هو.“ چڪن تڪي مان ٻوٽي پٽندي چيائين،
”مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ اجا بہ اهڙا بيوقوف آهن جو ٽينا، مڪري،
نيل ڊائمنڊ جي دؤر ۾ ڪلف کي پسند ڪندا آهن.“ نديم طنزيہ انداز ۾
اها ڳالهہ ڪئي هئي. ڪيس خبر هئي تہ منظور کي ڪلف وڻندو آهي. پر
منظور طنز کي نظر انداز ڪندي چيو ”مسٽر نديم،“ ۽ پوءِ روزي کي
ڏسندي چيائين: ”پسند ڪندا آهن.“ روزي جون نظرون منظور سان مليون،
۽ گهڙي کن هوءَ منظور کي تڪيندي رهي ۽ پوءِ نظرون جهڪائي
ڇڏيائين. نديم چيو ”ڪمال آهي تو کي اجا تائين ڪلف وڻي ٿو.“
منظور مرڪندي پڇيو ”توکي جيڪڏهن ايلوس وڻي ٿو تہ پوءِ توکي
تعجب نہ ٿيڻ گهرجي تہ مونکي ڪلف وڻي ٿو.“

...

”منظور مان تنهنجي لاءِ هڪ تحفو وٺي آئي آهيان،“ روزي ڊرائنگ
روم ۾ گهڙندي، رڙ ڪندي چيو.
”اڇا!“ منظور خوشيءَ منجهان چيو. ”اڄ منهنجو فرض تو ادا ڪيو.“
روزي ڪاوڙجي پيئي. سندس هٿ، ڪليل پرس مان ٻاهر نڪري آيو.
تحفو اندر رهجي ويو. ۽ پرس بند ٿي ويو. روزي پريان صوفي تي ويهي
رهي. منظور وٽس وڃي ويو. ”ناراض ٿي وئين، روزي.“
”نہ. مونکي احساس، جذبا، ذهن ڪجهہ بہ ڪونهي. مان ڀلا ڪيئن
ناراض ٿي سگهان ٿي.“
”معنيٰ سيريس آهين.“ منظور سندس پرسان صوفي تي ويهي رهيو ۽
هٿ وڌائي پرس ڪڍڻ چاهيائين.
”ڏيکار هڪڙو تحفو آهي؟“
روزي هنجو هٿ پرس مان ڇڏائي، هٿ کي پري ڌڪي ڇڏيو. منظور
روزيءَ جي گلابي ٻانهن، جيڪا ڪٽ سليوز بلائوز ڪري ننگي هئي، تي
پنهجا چپ رکي ڇڏيا. ”ناراض آهين؟“ منظور سندس نرم هٿ پنهنجي
هٿن ۾ جهليو ۽ چيائين، ”تنهنجي لاءِ دنيا ۾ سڀ کان انمول تحفو تنهنجا
سهڻا هٿ آهن.“ ۽ چپ سندس هٿن تي رکي ڇڏيائين. ”ڀلي تون پنهنجو
تحفو پاڻ وٽ رک. جڏهن ڏيڻ تي دل نٿي ٿيئي تہ آنديئي ڇو.“ ٻئي لمحي

روزي پرس کولي، هڪ ڪئسٽ ڪڍي ڏڪ هڻڻ جي انداز سان منظور جي هٿن ۾ ڦٽي ڪئي. منظور جي وات مان "شو" جو آواز نڪري ويو "تحفي ڏيڻ جي انهيءَ انداز لاءِ مهرباني، بهتر اهو هو ته اها ڪئسٽ اُڇلائي منهنجي مٿي ۾ هڻين ها." روزي کلي ڏنو ۽ کلڻ سان روزي جي ڪاوڙ به لهي ويئي. منظور ڪئسٽ ڏٺي. ڪلف رچرڊ جا نوان گانا هئا. "واه." منظور خوشيءَ مان رڙ ڪئي. "روزي ڪاش مان خدا کان ٻيو ڪجهه گهران ها."

"مثال طور؟"

"توکي." منظور جواب ڏنو.

"مان توکي حاصل آهيان."

"نه ڪاش مان توکي حاصل ڪري سگهان ها."

"چريو آهين."

"ها، تو واقعي چريو ڪري ڇڏيو آهي."

"چڱو چڱو. انهيءَ کان اڳ جو تون بلڪل چريو ٿين، ڪئسٽ چاڙهه ته ڪلف کي ٻڌون. مون ڪيترن ڏينهن کان ڪلف جي نئين ڪئسٽ پئي ڳولهي. مَس مَس اڄ ملي آهي."

...

"ٻيو ڪجهه ويٽر پڇيو. منظور اڳ روزي ۽ پوءِ نديم کان پڇيو. روزي چاڪليٽ آئسڪريم لاءِ چيو نديم ملڪ شيڪ. منظور کي چاڪليٽ آئسڪريم وڻندي هئي. پر خواهش جي باوجود به اها نه گهرائي پنهنجي لاءِ ڪوڪا ڪولا گهرايائين. ويٽر جوٺا ٿانوَ ۽ مروٽيل نئپڪن کڻي ويو. روزي ٽوٽ پڪ سان ڏندن ۾ ڦاٿل گوشت جي ذرن کي ڪڍڻ لڳي. نديم هڪ ٽوٽ پڪ کنئي، هنکي بنا ڏسڻ جي ڀڃي ڇڏيائين، ۽ پوءِ ٻي کڻيائين ۽ انهيءَ کي به ڀڃي ڇڏيائين. ۽ پوءِ ٽئين به. منظور کلي پڇيو "ڪنهن تي ڪاوڙ اٿئي، جيڪا انهن تي پيو لاهين." هن ٽوٽ پڪس جي ڀڳل ٽڪرن ڏانهن اشارو ڪيو.

نديم ڀڳل ٽوٽ پڪس ڏانهن ڏٺو ۽ يڪدم چيائين، Oh, no ائين ئي بيخياليءَ ۾ ڀڄي پئيون." نديم ڀڳل ٽڪر کڻي هيٺ اُڇلايا ۽ مظور کان پڇيائين، "تو پاسيڊن ايڊوينچر ڏٺي. مونکي ڏاڍي وڻي."

"ها، ڏٺي اٿم. پر مونکي ته ڪانه وڻي.

”ڇو؟“ نديم حيران ٿيندي پڇيو.
”ٽوري ڦير گهير سان، انهيءَ موضوع تي Towering Inferno وڏيڪ چڱي فلم هئي. ڏاڍي ساراهه هئي. بيسٽ ڊائريڪشن جو ايوارڊ به مليو اٿس، پر مونکي ته نه وڻي.“
منظور مُرڪندي چيو ”ءِ مونکي وڻي.
”خاص ڳالهه ڪهڙي آهي.“
”Presentation تمام سهڻي آهي.“
”تنهن جي معنيٰ ته تنهنجي ۽ منهنجي پسند ۾ وڏو فرق آهي.“

...

”تنهنجي ۽ منهنجي پسند هڪ جهڙي آهي.“ روزيءَ منظور جي ڪلهي تي پنهنجو ڪنڌ لاڙي ڇڏيو.
”ها، ڪنهن حد تائين. جيڪڏهن ايتري حد تائين به نه هجي ها ته پوءِ ڏاڍي ڏکيائي ٿئي ها.“ روزيءَ سندس ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي چيو ته ”پر منظور وليم ائلر ته ڪاسٽيوم فلمون ٺاهيندو آهي.ڪليڪٽر جهڙي فلم ڪيئن ٺاهيائين؟“
”هو ڪو پاڪستاني فلم ڊائريڪٽر ڪونهي جو هڪڙي ئي موضوع تي فلمون ٺاهيندو رهي.“
”مون کي End ۾ اها ڳالهه ڏاڍي وڻي ته هو وري ڇوڪرين جي شڪار لاءِ نڪرندو آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟“ منظور ڪجهه دير روزيءَ کي ڏسندو رهيو پوءِ چيائين. ”نه ڄاڻ مونکي اِها ڳالهه ڇو نه وڻي. شايد مان انهيءَ نظريي جو ناهيان ته تون نه سهي ٻي سهي.“
”پر مونکي ته اينڊ وڻيو“ روزي پنهنجو ڪنڌ منظور جي ڪلهي تان هٽائي، صوفي تي آهلجي پيئي.
”پنهنجي پنهنجي پسند آهي.“
روزيءَ ڪو جواب نه ڏنو ڪجهه دير تائين پيئي رهي ۽ پوءِ اُٿي ڪئسٽ ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ هڪ ڪئسٽ پسند ڪري ٽيپ رڪارڊ ۾ وجهي، بٽڻ آن ڪيائين. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ ٽينا چارلس جو مَڌ ڀريو آواز گونجڻ لڳو:
When I am alone…I test the essence of your kiss
منظور کي ائين ته ٽينا جا گهٽي پاڳي سيئي گانا ڏاڍا وڻندا هئا، پر

خاص ڪري اهو ڏاڍو پسند هو. ۽ جنهن مهل اڪيلو هوندو هو ۽ روزي ياد ايندي هئس ته اهو گانو ٻڌندو هو. منظور ٻه ڪشن ڪٽي قالين تي ليٽي پيو. روزي ميز تان لائيٽر کنيو سگريٽ دکائي، لائيٽر ميز تي رکي، منظور جي مٿان ليٽي پئي. روزي سگريٽ مان ڊگهو ڪش هنيو ۽ پوءِ سارو دونهون منظور جي منهن تي اچلائي چڙيائين. منظور جي منهن تي هلڪي ناگواري ڦهلجي ويئي. هن اکيون بند ڪري چڙيون ۽ ڦوڪون ڏيئي، دونهي کي هٽائڻ لڳو. روزي کلڻ لڳي ۽ پوءِ منظور جي هٿ مان ڪتاب ڦري ورتائين ۽ ڪتاب جي ٽائيٽل کي ڏسي چيائين:

"It is not best_seller"

منظور سندس هٿ مان ڪتاب وٺندي چيو:

"It is not necessary that every best seller is best book."

"ته پوءِ اهو بيسٽ سيلر ڇو هوندو آهي." روزيءَ جي آواز ۾ به طنز هئي.

"شايد تي ايس ايليٽ جي چوٽي آهي ته جيڪو ليکڪ پنهنجي دور ۾ تمام گهڻو مقبول ٿي وڃي انهيءَ لاءِ اِهو ضروري ڪونهي ته واقعي هو چڱو لکندو هجي. ٿي سگهي ٿو هن وٽ ڪا نئين ڳالهه نه هجي، عاميانه ڳالهه هجي ۽ جيڪو ليکڪ پنهنجي دور ۾ مقبول نه هجي. انهيءَ لاءِ ضرور ڪونهي ته اُهو چڱو نه لکندو هجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته اُهو نئين ڳالهه ڪندو هجي. جنهنڪري بيسٽ سيلر بڪ انهيءَ ڳالهه جي ضمانت ڪونهي ته هر بيسٽ سيلر، بيسٽ به هوندو. مون ڪيترا Trash بيسٽ سيلر پڙهيا آهن."

"خير، مان ته فقط بيسٽ سيلر پڙهندي آهيان. مون کي ته ڏاڍا وڻندا آهن." منظور جواب نه ڏنو. پوءِ اوچتو روزيءَ سوال ڪيو "تون سگريٽ ڇو نٿو پيئن؟" روزي پنهنجو مٿو منظور جي ڇاتيءَ تي رکيو.

"اهو سوال اهڙو آهي"، منظور چيو. "جيئن مان تو کان پڇان ته تون سگريٽ ڇو ٿي پئين؟"

"انهيءَ ڪري، جو مونکي وڻندا آهن."

منظور روزيءَ جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي چيو "بلڪل اهڙيءَ ريت، مونکي سگريٽ نه وڻندا آهن."

”پر تون مونکي تہ سگريٽ ڇڪڻ کان نہ روڪيندو آهين،“ روزيءَ چيو.

”مان شخصي آزاديءَ ۾ يقين رکان ٿو. ٻين جي شخصي آزاديءَ ۾ ايستائين دخل نہ ڏيندو آهيان، جيستائين مقصد منهجي دل آزاري ڪرڻ نہ هوندو آهي. يا اهڙي شخصي آزاديءَ جي مخالفت ڪندو آهيان، جنهن مان منهنجي عزت کي خطرو هجي.“

”تڏهن ڇا ڪندو آهين؟“ روزيءَ پاسو ورائي، پنهنجو منهن منظور جي ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو ۽ آڱر سان منظور جي ڇاتيءَ تي گول گول دائرا ٺاهڻ لڳي ۽ وري چيائين، ”تہ پوءِ ڇا ڪندو آهين؟.“

”انهيءَ ڪم ڪرڻ کان منع ڪندو آهيان.“

”۽ اڳلو نہ مڃي تہ؟“ روزي شرارت منجهان پڇيو.

”تہ پوءِ قطع تعلقات کان بہ ڪونہ لهرايان.“ روزي ڪجھہ دير خاموش رهي، وري پڇيائين، ”توکي منهنجو سگريٽ ڇڪڻ نہ وڻندو آهي؟ خاص ڪري عورتن جو سگريٽ ڇڪڻ ڏاڍو عجيب لڳندو اٿم.“

...

روزي سگريٽ جو دونهون وات مان زور سان ڪڍيو. دونهون منظور جي منهن ڏانهن هليو آيو ڇو تہ هو روزي جي سامهون ويٺو هو. منظور ڦوڪ سان دونهون هٽايو ۽ بي اختيار سندس نظرون روزي ڏانهن کڃي ويون. روزي بہ کيس ڏسي رهي هئي. منظور کي پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺائين تہ ٻئي پاسي ويٺلن کي ڏسڻ لڳي. منظور نديم ڏانهن ڏٺو. نديم مرڪي رهيو هو منظور بہ مُرڪي ڏنو. نديم چيو ”تون بہ عجيب ماڻهو آهين. نہ سگريٽ ڇڪين، نہ وسڪي پيئن، نہ پان کائين.“ پوءِ ڪلها مٿي چاڙهي چيائين، ”ڪيئن ٿو زنده رهين؟“

”بهرحال اها حقيقت آهي تہ مان انهن شين کانسواءِ زنده آهيان. انهيءَ ڪري ضروري ڪونهي تہ اهي شيون ضرور استعمال ڪجن.“

”تون لائيف انجواءِ نٿو ڪرين؟“ نديم چيو.

”اهو ضروري تہ ڪونهي لائف انجواءِ ڪرڻ لاءِ اُهي طريقا اختيار ڪجن، جيڪي عام طور تي استعمال ڪيا پيا وڃن. ڪو ڪيئن ٿو انجواءِ ڪري، ڪو ڪيئن.“ منظور جواب ڏنو.

”روزي تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“ نديم پڇيو. روزي سگريٽ جو

دونهون منظور ڏانهن اُڇلايو ۽ هڪ نظر منظور تي وڌائين، ۽ هڪ آڱر ٻئي هٿ جي آڱر تي ڦيريندي چيائين، ”جيڪو سيني سان گڏ نہ هلندو، اُهو اڪيلو رهجي ويندو.“

...

”تون سدائين انهن اڪيلين جاين تي ڇو وٺي ايندو آهين.“ روزي چيو.

”هتي اڪيلائپ ڪٿي آهي. مان آهيان، تون آهين، پنهنجيون ڳالهيون آهن، ٻڏندڙ سج آهي، ڪنارن سان ٽڪرائيجندڙ ڇوليون آهن، ڇولين جو گوڙ آهي، فرحت ڏيندڙ هوا آهي.“ منظور يڪ ساهي ايتريون ڳالهيون چئي ويو. ۽ پوءِ مُرڪي روزي کي پنهنجي ڀاڪر ۾ قابو ڪري زور ڏنائين.

”مونکي اهڙي ماحول کان ڊپ ٿو لڳي، جتي فقط تون ۽ مان هجون. ۽ ٻيو ڪو بہ نہ هجي.“

”ڇا، مون کان ڊپُ ٿو لڳئي؟“

”تو کان ڊپ لڳي ها تہ مان تو وٽ سارو سارو ڏينهن ڇو هجان ها. راتيون تو وٽ ڇو گذاريان ها. پرائين ڇرين وانگر اڪيلي جاين تي، ويرانن ۾، سمنڊ جي ڪناري تي، باغن جي ڪُنڊن ۾ ويهڻ مونکي نہ وڻندو آهي. هوٽلن ۾ هلندين تہ بہ سدائين اونداهين ڪنڊن ۾.“ منظور جو ڀاڪر ڍرو ٿي ويو. پوءِ هن ٻانهون ڇڪي ورتيون ۽ پري، سمنڊ ۾ بيٺل جهاز کي ڏسڻ لڳو.

”توکي ماڻهن کان ڊپ ٿو لڳي ڇا؟ تون آخر ماڻهن جي وچ ۾ ويهڻ کان ڇو ٿو لهرائين. ڇو نٿو هارس شو ياسين، شيزان، وِمپي جهڙي ريسٽارنٽ ۾ هلي ويهين. زندگيءَ جو اصلي لطف تہ اُتي آهي. هتي ڇا آهي.“

”تو کي اِهي نظارا نٿا وڻن؟“ منظور سمنڊ تي اُڏامندڙ اَڇن پکين کي ڏسندي پڇيو.

”اهڙا نظارا منهنجي گهر ۾ ٽنگيل ڪئلينڊر ۾ بہ آهن. مان ننڍي هوندي کان اهي نظارا ۽ انهن سان ملندڙ جلندڙ نظارا ڏسي ڏسي اُڪتائجي ويئي آهيان.“

ڪجهہ دير خاموشي رهي، پوءِ منظور چيو ”هل هارس شو هلون.“

"Oh, good" ، روزي خوشيءَ ۾ رڙ ڪندي چيو ۽ ڊوڙندي پريان بيٺل ڪار ۾ وڃي چڙهي. منظور ٽڪل ٽڪل قدمن سان هلندو اچي ڪار ۾ ويٺو. ۽ ڪار اسٽارٽ ڪيائين. ڪار ڪلفٽن چڏي تيزيءَ سان اڳيان وڌي رهي هئي. ڪلفٽن برج پار ڪري، فريئر هال، ميٽروپول ۽ پيلس وٽان لنگهي، اچي مهراڻ هوٽل جي ڪراسنگ وٽ بيٺي. ۽ جيئن اٽان رستو مليو تہ تيزيءَ سان شاهہ فيصل روڊ تي ڊوڙڻ لڳي. سڄو رستو اچي مرڪيوري بلبن جي روشنيءَ ۾ وهنتل هو. پورو وقت منظور ۽ روزي ماٺ رهيا هئا. ڪار نرسري وٽان اڳيان ڊوڙي رهي هئي. ٽيپو شهيد روڊ. شاهہ راه لياقت ۽ بين ڪيٽرن طويل رستن پنهنجو وجود اچي شاهہ فيصل روڊ تي وڃائي ڇڏيو. ٽيپو شهيد روڊ ۽ شاهہ راه لياقت جي بدران فقط فيصل روڊ رهجي ويو. منظور "هارس شو" جي در جي ساڄي پاسي ڪار پارڪ ڪئي. ۽ روزيءَ سان گڏ ريسٽارنٽ جون ڏاڪڻيون لهڻ لڳو. اندر گوڙهو آرڪسٽرا وڄي پئي. گهڻيون ميزون پريل هيون. منظور سدائين وراندي جهڙي گولائي ۾، پٺ جي پرسان آخري ميز تي ويهندو هو. جيتوڻيڪ اُها سيٽ اڄ بہ خالي هئي، پر منظور وچ واري ميز تي ويٺو. هارس شو ۾ ايندي ئي روزي جڻ ٽڙي پئي هئي. هلڪي مُرڪ سندس چپن تي ڦهلجي وئي، ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ويئي هيس. اردگرد ميزون پريل هيون. ڪي سرگوشيون ڪري رهيا هئا، ڪي زور سان ڳالهائي رهيا هئا. روزي هڪ هڪ کي ائين گهوري رهي هئي، جڻ اهي سڀئي سندس ويجها دوست هجن. ويٽر مينو آڻي اڳيان رکيو ۽ آرڊر نوٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. منظور مينو روزيءَ جي اڳيان سيري ڇڏيو. آرڊر روزي ڏنو. منظور ڪرسيءَ تي ڪجهہ اُهلجي پيو روزي پٺي ٻانهون ميز تي اُپيون رکندي، هٿن جي مُٺين تي پنهنجي ڪاڏي رکي منظور کي مُرڪي ڏٺو ۽ پوءِ اکيون اردگرد گهمائيندي پڇيائين، "منظور توکي اِهو ماحول نٿو وڻي."

"نہ"، منظور مختصر جواب ڏنو ۽ سڌو ٿي ويٺو.

"ڇو؟" روزيءَ سوال ڪيو.

"انهيءَ ڪري جو هن ماحول مان مونکي بناوت جي بوءِ ايندي آهي؛ جڻ تہ سڀئي پنهنجي چهرن تي نقاب چاڙهي ويٺا آهن. اهي ماڻهو جيڪي سرگوشيون ڪري رهيا آهن. ۽ جيڪي رڙيون ڪري رهيا آهن. اهي جڻ ٻين جو مذاق اُڏائي رهيا آهن."

"اوه، منظور!، تون تمام پنتي رهجي ويندين، اڪيلو اڪيلو! خبر اٿئي سڀئي توکي قدامت پسند چوندا آهن."
"پلي چون، جديد دؤر جو سڏائڻ لاءِ مان پنهنجي اندر واري کي ماري نٿو سگهان."
"ته پوءِ تون "اڄ" سان ڪيئن هلي سگهندين."
منظور ٻئي هٿ ميز تي رکي چيو "اڄ" سان هلڻ جو مقصد هرو ڀرو اهو ته ڪونهي، جو مان ايندڙ "سڀاڻي" جو خيال نه ڪيان. يا گذريل ويل "ڪالهه"کي وساري ڇڏيان. مان "اڄ" سان ايترو اڳيان نٿو وڃڻ چاهيان جو "سڀاڻي" مونکي "اڄُ تي پڇتائڻو پوي."
"ته پوءِ تون تنها رهجي ويندين." روزي جي آواز ۾ طنز نه، ڏک هو.
"ٺيڪ آهي، پر مان تنهائين کي دور ڪرڻ لا پاڻکي هيٺ نٿو ڪيرائي سگهان."
پوءِ ٻئي خاموش ٿي ويا. ويٽر آرڊر ڏنل شيون ميز تي رکي ويو. ٻئي خاموشيءَ سان کائڻ لڳا. ڪاڏي ڪانپوءِ روزي سگريٽ ڇڪڻ لڳي. منظور جون نظرون روزيءَ جي سهڻن هٿن تي ڄمي ويون. سهڻا هٿ، جيڪي منظور جي ڪمزوري هئا. هٿ، جن منظور کي روزيءَ سان ملڻ تي مجبور ڪيو. منظور جي دل چاهيو ته هو هٿ وڌائي روزي جا سهڻا ۽ نرم هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي. بيخياليءَ ۾ منظور پنهنجو هٿ به وڌايو. اوچتو روزيءَ سرگوشي ڪندي چيو"Look, how handsome is that fellow!" منظور کي ڌڪڪو رسيو. وڌيل هٿ پنتي موٽي آيو. هن جي نظر روزيءَ جي نظرن جو پيڇو ڪيو. روزي هڪ نوجوان کي چرين وانگر تڪي رهي هئي. منظور کي روزيءَ جو اهڙيءَ طرح گهورڻ ناگوار لڳو. هن روزي کي هلڪو سڏ ڪيو پر روزي هن هيڊسم نوجوان کي ڏسڻ ۾ ايڏو ته محو هئي جو هن منظور جو سڏ ٻڌو ئي ڪونه. منظور ٻئي دفعي ڪجهه زور سان سڏ ڪيو. روزي ڇرڪ ڀري منظور کي ڏٺو. پرسان واري ميز تي ويٺلن مان به ڪن مڙي هنن ڏانهن ڏٺو. منظور نرم لهجي ۾ آهستي آواز ۾ چيو "روزي، ائين چرين وانگر ڏسڻ جي ڪهڙي تُڪ آهي."
"ڏسڻ ڏوهه ته ڪونهي،" روزيُ بي پرواهيءَ سانِ چيو. منظور ماٺ ٿي ويو. آرڪسٽرا تي Silver Convention جي ڌن fly, robin,Fly وڄي'رهي هئي، sمنظور بل گهرايو بل ۾ ٽپ جا پيسا پليٽ ۾ رکي اُٿيو.

روزي حيرت سان منظور کي تڪڻ لڳي. ”ايڏو جلد! هينئر تہ سڀئي ڏنون وڃائڻ شروع ڪيون اٿن. ڪجھ دير ويهون ٿا.“ روزيءَ جون اکيون انهيءَ حسين نوجوان ۾ کُتل هيون.

”مون بل ڏيئي ڇڏيو آهي.“ منظور ناگواريءَ سان چيو.

”تہ پوءِ ڇا ٿيو؟“ روزيءَ بي پرواهيءَ سان چيو.

”بل مون پاڻ گهرايو هو. هاڻ ويهڻ مناسب ڪونهي.“

روزي ڪاوڙ ۾ منظور کي ڏنو ۽ پرس کڻي اُٿي. ۽ انهيءَ وقت منظور حيران ٿي ويو جڏهن روزي انهيءَ حسين نوجوان وٽان لنگهندي هن وٽ بيهي رهي، ۽ جهڪي چيائين، ”Your are so handsome!“

”Thanks for your compliments.“ نوجوان مُرڪي چيو. ساٽس ويٽل ڇوڪريءَ جي چهري تي ڪيترا رنگ آيا ۽ ويا. روزيءَ ڪلندي منظور سان ٻاهر نڪري آئي. منظور کي ائين محسوس ٿيو تہ هن جي اندر ۾ ڪجھ ڀڄي پيو آهي.

...

ويٽر وڏيڪ آڏر لاءِ پڇيو. منظور اڳ ۾ روزيءَ کان، ۽ پوءِ نديم کان پڇيو ٻنهي وڏيڪ ڪنهن شيءِ گهرائڻ کان انڪار ڪيو. تڏهن منظور ويٽر کي بل آڻڻ لاءِ چيو. نديم چيو ”منظور، روزي ڪجھ وقت اڳ تي وي جي ڪيترن ئي اشتهارن ۾ ڪم ڪري چڪي آهي. تو ڏٺو هو ڪيس؟“

”اڇا.“ منظور نديم جو سوال نظر انداز ڪندي رڳو ”اڇا“ تي زور ڏنو. روزيءَ منظور ڏانهن ڏٺو، منظور بہ ڪيس ڏسي رهيو هو. روزي ٻئي پاسي ڏسڻ لڳي. منظور جون نظرون روزي جي سهڻن هٿن تي ڄمي ويون. اُهي هٿ، جيڪي ڪڏهن سڄو سڄو ڏينهن، سڄي سڄي رات سندس هٿن ۾ هوندا هئا.

...

”تون ناراض آهين ڇا؟“ روزي پڇيو.

”نہ.“ منظور مختصر جواب ڏنو.

”پوءِ ٻئي پاسي منهن ڪري ڇو پيو آهين؟“

منظور روزيءَ ڏانهن پاسو ورايو. روزي پنهنجي جسم جو سمورو بار منظور جي مٿان وجهي ڇڏيو. ”تون ڪجھ ڏينهن کان خاموش آهين. ڇا

ڳالهہ آهي؟"

"ڪجهہ بہ نہ." منظور جواب ڏنو.

"نہ ڪجهہ تہ آهي. تون اڳ ۾ تہ ڏاڍو خوش هوندو هئين، کلندو هئين، ڳالهائيندو هئين. تو تہ ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي پسند جا songs بہ نہ ٻڌا آهن. تينا ۽ ڏايانا روز جون نيون ڪئسٽون آنديون اٿئي تہ اُهي بہ نہ وڄايون اٿئي. مان تي وڄايان." روزي اُٿڻ لڳي، پر منظور سندس هٿ جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتس.

"رهڻ ڏي. گانا ٻڌڻ تي دل نٿي چاهي."

"پوءِ ڇا ڪرڻ تي دل ٿي ٿيئي؟" روزيءَ پڇيو.

"توکي حاصل ڪرڻ تي."

روزيءَ ٽهڪ ڏنو. "مون پنهنجي پاڻکي، پنهنجي جسم کي، تنهنجي آڏو پيش ڪيو آهي، توکي ٻيو ڇا گهرجي؟"

"پنهنجي پاڻ کي نہ. فقط پنهنجي جسم کي. ۽ سڀ ڪجهہ جسم ئي تہ ڪونهي، مان چاهيان ٿو اسانجي سوچ ساڳي هجي، اسانجي پسند ساڳي هجي. مطلب تہ ذهني هم آهنگي هجي."

روزي پنهنجو هٿ منظور جي هٿ مان ڇڏائيندي چيو. "ائين ڇو نٿو چئين تہ جيڪو ڪجهہ تون چاهين ٿو مان بلڪل ائين ڪريان. ٻڌ، منظور ذهني هم آهنگي ڪا اهڙي شيءِ ڪانهي، جهنکي ٺاهي وٺجي. مان تو کي پسند ڪريان ٿي. تون مونکي پسند ڪرين ٿو. فلمن ۽ گانن ۾ پنهنجي پسند ڪافي حد تائين ساڳي آهي. رنگن ۾ پنهنجي پسند گهڻي مختلف ڪانهي. باقي تون چاهين ٿو تہ مان هر اُهو ڪم ڪريان، فقط اها شيءِ پسند ڪريان جيڪا تون چاهين ٿو. تہ شايد مان ائين نہ ڪري سگهان."

...

ويٽر بل سامهون رکيو. نديم هٿ وڌايو پر منظور بل کڻي ورتو بل ڏسي سؤ رپئي جو نوٽ پليٽ ۾ وڌو ۽ ٻچيل پيسن جي موٽي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. روزي سگريٽ جو پئڪيٽ ۽ لائيٽر پرس ۾ وڌو. نديم چيو "منظور سپاٽي لنچ مون سان ڪر."

منظور چيو "سپاٽي مان ٻزي آهيان."

...

"بزي بزي بزي. مان تہ اهي لفظ ٻڌي ٻڌي ٿڪجي پئي آهيان. اڳ ۾ سمنڊ جي ڪنارن ۽ باغن جي ڪنڊن ۾ هلي ويهندو هئين. ۽ هاڻ سڄو ڏينهن گهر ۾ پاڻ بہ ويٺو آهين. ۽ مون کي بہ ويهاري ويٺو آهين. جڏهن بہ توکي ڪيڏانهن هلڻ لاءِ چوندي آهيان تہ توکي ڪو نہ ڪو ڪم ياد پئجيو وڃي." روزي ڪاوڙ ۾ چيو.

"چيم نہ هينئر نہ." منظور ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي چيو. روزي چپ ٿي ويئي. جڏهن ڪار ڪجهہ اڳيان وڌي تہ روزيءَ سگريٽ ۽ لائيٽر ڪڍيو ۽ سگريٽ دکائي ڪش هڻڻ لڳي. ڪاوڙ ۾ سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. "ڇا توکي انهيءَ هينڊسم نوجوان تي اجا خار ويٺا آهن. جيڪو هارس شو ۾ مليو هو."

ارڇتي منظور پوري طاقت سان بريڪ هنئي. ڪار زور سان چيڪٽ ڪيو بريڪ لڳڻ جي باوجود ڪار ڪافي اڳتي ڌڪجي وئي. ۽ پنيان گهڪي جو ڌڪهو پتو ڇڏي وئي. روزي جو مٿو زور سان وڃي سامهون لڳو. منظور روزيءَ ڏانهن جهڪي در کوليو ۽ روزي کي چيائين، "مهرباني ڪري تون لهي وڃ." روزي ڪجهہ نہ سمجهندي عجب ۾ منظور کي تڪڻ لڳي. منظور وري چيو "مهرباني ڪري لهي وڃ. وڃ پنهنجي حسين نوجوان وٽ. هو ڪراچي جي سيني اوچي درجي جي ريسٽارنٽ ۾ تنهنجو انتظار ڪندو هوندو." روزيءَ جي چهري تي ڪيترائي رنگ آيا ۽ ويا. هوءَ ڪار مان هيٺ لٿي. ۽ پوري طاقت سان دروازي کي بند ڪيائين. دروازو وڏي آواز سان بندٿي ويو. منظور ڪار اسٽارٽ ڪئي. روزي رڙ ڪري چيو "You, son of a bitch" ڪار تيزيءَ سان اڳيان وڌي ويئي.

منظور بچيل پيسا ڪنيا ۽ ٽپ جا پيسا پليٽ ۾ وجهي اٿيو. روزي ۽ نديم بہ اُٿيا. منظور روزيءَ لاءِ جاءِ ڇڏي بيٺو. اڳيان روزي، هن جي پنيان منظور ۽ هنجي پنيان نديم هو. منظور روزيءَ لاءِ در کوليو روزي ڪانپوءِ نديم نڪتو ۽ پوءِ منظور. منظور نديم وارن کي سندن ڪار تائين ڇڏڻ آيو. ويندي وقت اڳ ۾ نديم ۽ پوءِ روزيءَ سان هٿ ملايائين، ۽ روزيءَ جي هٿ کي زور ڏيندين چيائين "Wish you good luck". ۽ پوءِ تيزيءَ سان پنهنجي ڪار ڏانهن وڌڻ لڳو. هن اجا تائين روزي جي هٿن جي نرمي پنهنجي هٿن ۾ محسوس پئي ڪئي.

ڪار اسٽارٽ ڪري فيصل روڊ تي آيو پوءِ ڪار جي اسپيڊ وڌائي ڇڏيائين. ڪار مرڪيوري بلبن جي تيز روشنيءَ ۾ ڊوڙندي پئي وئي.

منظور ٽيپ رڪارڊ آن ڪيو. ٽينا جو آواز گونجڻ لڳو.

You go your way, I go my way,
It's time for a change of heart.

■

"بند اکين ۾ ڪجھ يادون ، ڪجھ سپنا ! " مان ڪنيل

انسان دئيت ۽ ديوتا

رابرٽ گرين انگرسال ١٨٣٣ع ۾ آمريڪا جي نيويارڪ رياست جي ڊريسڊين شهر ۾ پيدا ٿيو. هو دنيا جي ٻن عظيم شخصيتن ڪارل مارڪس ۽ چارلس ڊارون جو هم عصر هو. جن دنيا جي تاريخ تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. انگرسال پاڻ به وهم پرستيءَ جو مخالف هو. جنهن ڪري هو عيسائي مت وارن جي عتاب هيٺ رهيو. هن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيا جن جي ڪري هو انهيءَ دور جي مذهب پرست حلقن جي تنقيد جو نشانو بڻيو ۽ سندس لکڻين تي پابنديون پڙهيون ويون.

موجوده دور ۾ سندس جي فن ۽ فڪر تي منبي ڪتابن جو تشحير جو موقعو تڏهن ٿي ملي سگهيو آهي جو سندس جي ڪجھ مداحن مختلف ويب سائٽس جوڙي هن جا ڪتاب ۽ لکڻيون انٽرنيٽ تي آن لائن رکيا آهن. جنهن ڪري دنيا هڪ دفعو وري تاريخ جي هن وساريل مفڪر کان واقف ٿيڻ لڳي آهي.

انگر گرين سال جون ڪجهہ لکڻيون اهڙين ويب سائٽس تان کڻي انهن کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرائي. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ گهڻ گهڙي اوهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش آهي ته جيئن اوهان به هن ڏاهي جي ڏاهپ کان واقف ٿي سگهو

انگر گرين سال جي سنڌ ادبي اڪيڊميءَ پاران شائع ڪيل اهڙي ڪتاب ۾ سندس جا جيڪي مضمون شائع ڪيا ويا آهن. انهن مان "هستيءَ جو پڌرنامو" " فن ۽ اخلاقيات" "وهم" "مرد, عورت ۽ ٻار جي آزادي" "انسان ذات جي اصلاح" ۽ "والدين لاءِ مشوره" جهڙا مضمون شامل آهن. جن کي ڊاڪٽر اي.ڪي پنجواڻي صاحب جن سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ڪري اوهان تائين پهچايو آهي. هي ڪتاب اوهان جي سوچ کي لوچ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. انگر گرين سال سن 1899ع ۾ پورن 66 ورهين جي ڄمار ۾ هي جهان ڇڏي راه رٻانيءَ روانو ٿيو.

لکمي کَلاڻي

ڪاڪ طوئا

وشاڪا کي سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ ھوءَ پنھنجي ڀاڳ تي کلي يا روئي ؟ ھن ساھري گھر ۾ تہ کيس اھو سڀ ڪجھ حاصل ھو جنھن جي ھر ڪا ڇوڪري شاديءَ کان اڳ ڪلپنا ڪندي آھي. سندر پتي، ماڊرن ڊنگ سان سجايل ايئر ڪنڊيشن فليٽ، نوڪر چاڪر، گھر ۾ رڳو پيا بہ ڀاتي سَس ۽ سُھرو، اُھي بہ گھٽو ٽٺو پنھنجي ڪمري جي اندر ئي پوريل. ھُنن کيس ھٿ ڪاليج ۾ نوڪري ڪرڻ جي اجازت بہ ڏئي ڇڏي ھئي. ٻاھر اچڻ وڃڻ تي بہ ڪا روڪ ٽوڪ ڪانہ ھئي. پوءِ بہ ھن گھر ۾ کيس ايتري مونجھ ڇو ٿي رھي ھئي؟. ھوءَ ٻاھر نڪرڻ جي لاءِ ڇٽپٽائي رھي ھئي. شاديءَ کان پوءِ ھت رڳو ڇھ مھينا گذريا ھئا، سڄي عمر ھت ڪيئن ڪٽبي؟

ٿوري دير اڳ ئي ممبئيءَ کان سندس مميءَ جو ٽرنڪ ڪال آيو ھو. ھر آرتوار تي ھوءَ فون ڪري سندس سار لھندي آھي." ڌيءَ ڪيئن ٺيڪ وينئي آھين؟ تنھنجو سَس سُھرو ڪيئن آھن؟ جينت ڪتي آھي؟گھر جا ڀاتي توسان ٺيڪ نموني تہ ھلن ٿا، توکي اُتي ڪا تڪليف تہ نہ ڪانھي؟ ...."

وشاڪا ماءَ جي پڇيل ھر سوال جو جواب ساڳئي مشيني نموني ڏيندي آھي. " ھا، ممي ! مان بلڪل ٺيڪ آھيان. ھت مونکي ڪا تڪليف ڪانھي. تون ھاڻي منھنجي چنتا ڪرڻ ڇڏي ڏي. پنھنجي صحت جو خيال رکُ. روٽي ٺيڪ طرح سان کائيندي آھين. دوا پوري وقت تي پيئندي آھين؟......". ماءَ سان فون تي ڳالھائڻ بعد وشاڪا بيڊ روم ۾ اچي آھلي ٿي. ايئر ڪنڊيشنڊ جي ھوا کيس وڌيڪ ٿڌي ٿي لڳي. پيرن وٽ پيل ڪمبل ڇڪي، ڇڳيءَ طرح ويڙھي ٿي ڇڏي، آرتوار ڏينھن منجھند جو کيس ڪلاڪ بہ ليٽڻ جو موقعو ملندو آھي. جنيتِ آرتوار جو سڄو ڏينھن گھر کان غائب ھوندو آھي. وشاڪا اکيون بند ڪري ٿوري دير ننڊ ڪرڻ ٿي چاھي. پر کيس ننڊ نہ ٿي اچي. رڳو پاسا بدليندي رھي ٿي، پنھنجي حال تي ڳوڙھا ڳاڙڻ ٿي چاھي پر اُھي بہ اندر ئي سُڪي ويا اٿس. ھينئر فقط ھوءَ ھڪ ئي آٿت تي ٽڪي ٿي تہ سندس ماءَ جي مٿي جو مڻ بوجھ ھلڪو ٿي

ويو آهي. هينئر هوءَ سُک شانتيءَ سان اکيون ٻوٽي سگهندي. نہ تہ ڏينهن رات ڪيس اِها ئي چنتا هوندي هئي تہ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ وشاڪا جو ڇا ٿيندو؟.

هن جو ڏيڏي تہ ٻال پڻ ۾ ئي گذاري ويو هو. کيس سندس جو چهرو بہ پوريءَ طرح ياد نہ آهي. مميءَ ئي کيس تاتي پالي وڏو ڪيو. پڙهايو لکايو. انگلش لٽريچر ۾ ايم اي ڪرڻ بعد کيس ساڳئي ئي ڪاليج ۾ نوڪري بہ ملي وئي هئي. ان ڏينهن هوءَ بيحد خوش ٿي هئي. سوچيو هئائين. هينئر هوءَ مميءَ جا سڀ ڏک درد دور ڪري ڇڏيندي, هوءَ هاڻي مميءَ جي ڌيءَ نہ. پر پُٽُ هئي! پر مميءَ جي ننڍ ڦتل جي ڦتل ئي رهي. ڏينهن رات کيس اُڪلائڻ ۽ ور گهر سان ڏسڻ جي چنتا, اخبار ۾ آيل هڪ اشتهار تي هن جي نظر پئي هئي.

" مدراس ۾ سيٽلڊ. فارين سروسز مان رٽائرڊ فرسٽ سيڪريٽريءَ جي آڪسفورڊ ايڊيوڪيٽيڊ پُٽَ لاءِ گهرجي پڙهيل ڳڙهيل خوبصورت ڇوڪري ...."

اهو اشتهار مميءَ جي دل وٽان هو. موڪليل فوٽو ۽ بايو ڊيٽا قبول پيا. انٽرويو جي تاريخ, وقت ۽ جڳهہ مقرر ڪيا ويا. جهوُ بيچ جي هڪ هوٽل ۾ راجڪمار ۽ راجڪماريءَ کي هڪ ٻئي کي پسند ڪري پنهنجي راضپي جي ور مالها پاتي هئي. سويمبر جي اِها رسم ادائي بہ پوري ٿي وئي. تاج محل هوٽل جي رسيپشن ۾ آيل ماءُ جي سيني ساهيڙين کي هن جي ڀاڳ سان ريس ٿيڻ لڳي. "مائي, نصيبن واري آهين! ايشور جي در دير آهي, انڌير نہ آهي. هن تنهنجا سڀ ڪشٽ ڪشالا ڪٽيا. تنهنجا لايا سجايا ڪيا." متن مائٽن.جا ڇيل اِهي گُفتا وشاڪا جي ڪنن ۾ هٿوڙا هڻي رهيا هئا.

پٽ تي لڳل گهڙيال چار ٺڪاو ڪيا آهن. پوري پنجين بجي سندس سس سهرو پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري چانهہ لاءِ گهنٽي وڄائيندا آهن. کين ٺيڪ وقت تي چانهہ کپي. چانهہ پي, ساڍي پنجين هو هيٺ پارڪ ۾ گهمڻ ويندا آهن ۽ ٺيڪ ستين بجي فليٽ ۾ موٽي ايندا آهن. سڄي عمر فارين سروس ۾ گذارڻ سبب هنن پنهنجي روز مرهہ جي ڪرت کي گهڙيال جي ڪانٽن تي سيٽ ڪري ڇڏيو آهي. اهي ڪانٽا گهنٽيءَ جي آواز سان گهر جي ٻين ڀاتين ۽ نوڪرن چاڪرن کي بہ هنن سان همقدم ٿيڻ لاءِ هڪليندا رهندا آهن. وشا ڪا بسترو ڇڏي, ڊريسنگ ٽيبل سامهون ويهي.ڦٽوتي سان پنهنجا وار لساري ٿي. آرتوار ڏينهن منجهند ڪانپوءِ گهر جا نوڪر موڪل تي هوندا آهن. شام جي چانهہ ۽ رات جي هلڪي ماني ٺاهڻ جي جوابداري هن مٿان هوندي آهي.

پوري پنجين بجي گهنٽي وڄڻ شرط وشاڪا ڪچن مان، ميوو، بسڪوٽ ۽ چانهه ٽري ۾ آڻي ڊرائينگ روم جي وچ واري ٽيبل تي، نهايت سليقي سان، بنان ڪو آواز ڪرڻ جي سجائي رکي ٿي. هينئر ڪيس ان جو اپياس ٿي ويو آهي. نه ته اڳي سندس هٿ ڏڪندا هئا. ڊپ ٿيندو هيس ته ڪٿي (هي جاپاني) ڪوپ پليٽون هٿن مان ڇڏائجي فرش تي ڪري ڇيهون ڇيهون نه ٿي وڃن ۽ قيمتي ايراني قالين کي خراب نه ڪري ڇڏين. ڪڏهن ڇمچو ڪرڻ جي آواز سان به سندس سهري جون سرد نگاهون اخبار مان منهن مٿي ڪري ڪيس تهه تائين چيري ڇڏينديون آهن.

هوءَ چانهه جا ڪوپ تيار ڪري سس سهري جي اڳيان رکي ٿي. سهري جي نگاهه شام واري اخبار تي ۽ سس جي پنهي هٿن ۾ جهليل سوئن تي مرڪز ٿيل آهي، جن سان هوءَ تڪڙو تڪڙو ڪجهه اُڻي رهي آهي. سندس اکين جون پتليون هڪ پيرو رڳو مٿي کڄي، هن جي اکين ۾ سڌو گهوري وري پنهنجي ڪرت ۾ لڳي ٿيون وڃن. وشاڪا کي هن ڊرائينگ روم ۾ پنهنجو دم گهٽجندو محسوس ٿيندو آهي. ڀتين تي لڳل شينهن چيتن جي منڍين جون ٽرافيون پنهنجا خونخوار ڏند شيڪي، گويا اجهو هن مٿان ٽپا ڏئي ڇلانگ لڳائي ڪيس نڙگهٽ کان اچي جهلينديون. هنن جو شڪار ضرور سندس سهري پنهنجي آفريڪا جي ملڪن ۾ ٽيل پوسٽنگ دوران ڪيو هوندو. هن ڊرائينگ روم ۾ هنن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جون اڍيت شيون شيشن جي شوڪيس ۾ سجائي رکيون آهن يا ڀتين تي فريمن ۾ مڙهائي ڇڏيون آهن. پنهنجي گڏ ڪيل انهن عجيب وغريب شين سان سس سهري جو ڏاڍو گهڻو موهه آهي. پاڻ ئي انهن جي چنڊ ڦوڪ ڪندا آهن. ڪين نه نوڪرن تي ڀروسو آهي، نه وشاڪا تي.

هوءَ پنهنجي چانهه جو ڪوپ کڻي ٻاهر بالڪنيءَ ۾ شيشي جي درين مان ڇڻي ايندڙ اُس ۾ اچي ويهي ٿي. اها اُس ڪيس وڻندڙ ٿي لڳي. اندر ته ڪنهن بند مقبري جهڙي ٿڌ، ٻوسل آهي. ڪفن ۾ ويڙهيل سرد لاش جو پنهنجي قبرن مان اُٿي ويهڻ جو تصور سندس سڄي بدن ۾ ڏڪڻي تو پيدا ڪري ڇڏي.

”گڊ آفٽر نون وشاڪا! هائو ڊويو ڊو“ بالڪنيءَ جي ڇت مان لٽڪيل لوهي جهولي تي ويٺل ڪاڪ طوطن (Cockatoos) جو نر ۽ مادا جوڙو ڇلائي ڪيس ڪيڪاريٿو. هوءَ چپن تي آڱر رکي ڪين خاموش رهڻ جي هدايت ٿي ڪري. ماڻهن جيان ڳالهائيندڙ اهي رنگبرنگي طوطا سندس سهرو ۽ سس برازيل مان وٺي آيا آهن، جتي سندن پوئين پوسٽنگ هئي. جڏهن به ڪو مهمان سندن گهر ۾

ايندو آهي. اهي بئي ڪاڪ طوئا اڏامي اچي سندس ڪلهن تي ويهندا آهن. ”گڊ مارننگ“ گڊ آفٽر نون“ ”هائو ڊيوڊو“؟ چئي کيس کيڪاريندا آهن ۽ پيار مان سندس ڳلن کي چمندا آهن. پهريون ڀيرو آيل مهمان تہ في الحال هڪو ٻڪو ٿي هراسجي ويندو آهي.

”ڊج نہ! اسان جا پاليل هي ڪاڪ طوئا هارمليس آهن.“ سس سهرو کيس دلداري ڏيندا آهن ۽ کيس ڊرائينگ روم ۾ سجايل پنهنجون ڀيون اڊيٽ شيون ڏيکارڻ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. اهائي سندن من پسند ڪرت آهي. سندن جمع ڪيل انهن ڪيڏائڻ جي ڪو ساراهہ ڪندو آهي تہ هو خوش ٿي اُن مهمان جو وڌيڪ آدر ستڪار ڪندا آهن.

بئي ڪاڪ طوئا اڏامي اچي وشاڪا جي ڪلهن تي ويهن ٿا. وشاڪا سندن ساوا ڳاڙها پر سهلائي ٿي. هي بئي هن سان ڏاڍو هري مري ويا آهن. سندس نالو اُچارڻ بہ سکي ويا آهن. پکي کيس ڏسندي ئي ”وشاڪا! وشاڪا!!“ چلائڻ شروع ڪري ڇڏيندا. اهو ڏسي سندس سس سهري جون نگاهون پنهنجي ناپسندگيءَ جو اظهار ڪندي چونديون آهن، ”تو هنن کي پنهنجي لاڏ ڪوڏ سان بگاڙي ڇڏيو آهي!“

هن گهر جا ڀاتي گهٽ ڳالهائو آهن. گهڻو وقت انگلينڊ جهڙي ٿڌي ملڪ ۾ رهڻ سبب اُتان جي لوڪن جيان ئي کين پنهنجا چپ کولڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي. ڳالهائڻ جو ڪم بہ هو گهڻو ٽڻو پنهنجي اکين کان وٺندا آهن.

ڪاڪ طوئن کي بہ پرون پئجي ٿا وڃن تہ اڄ وشاڪا جو موڊ ٺيڪ ڪونهي. نہ هوءَ کين بسڪوٽ تي ڪارائي، نہ کين چمي ٿي، ضرور کيس پنهنجي پيڪن جي سِڪ لڳي هوندي. جڏهن هٿ ٿڌ وڌي ويندي آهي، تڏهن کين بہ پنهنجي ملڪ جي گرم نم جهنگلن جي ياد ستائيندي آهي. هو بي آرامي بڻجي، پنهنجا پر ڦڙ ڦڙائي، سڄي فليٽ اندر ڦيراتيون پائيندا آهن. هن گهر مان ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڳولهيندا آهن. شيشي جي بند درين تي پنهنجي چهنبن سان حملو ڪندا آهن. ٿڪجي هارائجي وري پنهنجي لوهي پينگهي تي موٽي ايندا آهن.

دروازو بند ٿيڻ جوُ ”ڪٽ“ جو آواز ٻڌي وشاڪا ڇرڪ ڀري ٿي. سندس سس سهرو ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪتا آهن. هينئر رات جو اٺين بجي روٽيءَ جي گهنٽي وڄڻ تائين کيس ڀيو ڪو ڪم ڪونهي. هن کان هينئر اڪيلو ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻ نٿو پڄي. ان کان تہ هوءَ ڪو ڪتاب چونڊي ڪلاڪ بہ پڙهندي.

هوءَ اُٿي جينٽ جي اسٽڊي روم ۾ اچي ٿي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ هن جا خريد

ڪيل ڪتاب اٿلائي ٿي. جينٽ لنڊن ۾ ٻه فري لئنس جرنلسٽ هو ۽ هٽ ٻه فري لئنس جرنلسٽ آهي. ان مان حاصل ٿيندڙ انڪم مان هن جو شراب، سگريٽ ۽ ڪيسي جو خرچ نڪري ايندو آهي. ان لاءِ ڪيس پيءُ اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پوندو آهي. سس سهري ته چاهيو هو ته جينٽ ٻه هنن جيان فارين سروس جوائن ڪري ها يا ڪمپيوٽر انجنيئر ٻڻجي ڪا وڏي انڊسٽري لڳائي ها، پر هو "اسٽڊيز ۾ ڊراپ آئوٽ" ثابت ٿيو. هن هرو ڀرو پنهنجا هٿ گسائي، ڪو پورهيو ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ڪئي، ڇو ته سندس پيءُ جي بئنڪ ۾ رکيل فڪسڊ ڊپازٽس ۽ خريد ڪيل شيئرس مان ايندڙ وياج سندن گهر خرچ ڪان گهڻو وڌيڪ هو.

ٽيبل تي رکيل ائش ٽري سگريٽ جي پڇڙين سان ڀريل آهي. چانهه جو خالي ڪوپ به اڃ نوڪرن نه هٽايو آهي، نه ئي سيٽيءَ تي وڇايل ميري چادر مٽي آهي. جينٽ اڪثر رات جو دير سان موٽندو آهي. ڪيس ڊسٽرب ڪرڻ بجاءِ پنهنجي اسٽڊي روم ۾ ئي سمهي پوندو آهي.گهر جي هر ڀاتيءَ ڪي فليٽ جي پنهن جي چابي آهي. جينٽ جي چوڻ موجب، هر انسان ڪي پنهنجي زندگي پنهنجي چاهيل نموني جيئڻ جو پورو اڌڪار آهي. ڪيس ٻئي جي زندگيءَ ۾ ٽپي اچي اُن ۾ رخنو وجهڻ نه ڪپي.

وشاڪا سوچي ٿي ڪاش هوءَ جينٽ کي اهو احساس ڪرائي سگهي ها ته زندگي رڳو شئل شڪار يا ونڊر ورونهن جو نالو ناهي. اُهو هڪ ذميواريءَ جو نالو به آهي، پاڻ طرف ذميواري ۽ گڏو گڏ پنهنجي آس پاس طرف ذميواري. پر اِهي ذميواريون اُهو ئي نباهي سگهندو، جنهن پنهنجي اندر ۾ اهڙي قوت پيدا ڪئي آهي. جينٽ ڳالهيون ته هميشه اُپ ڪيڇڻ جون ڪندو آهي پر اُڏامڻ لاءِ ته اڃا ڪيس پنهنجا پر چاوائي ڪونهن. ماءُ پيءُ اڃا هن تي آرو ڪيو ويٺا آهن.

رات جي مانيءَ بعد وشاڪا ڪي ڪتاب پڙهندي الائي ڪنهن مهل ننڊ ڪٽي تي وڃي. اڌ رات جو بالڪنيءَ ۾ پکين جو مچايل روج راڙو ٻڌي هوءَ جاڳي ٿي پوي. هٿ وڌائي بستري تي جينٽ جي موجودگيءَ جي تصديق ڪرڻ ٿي چاهي. اُها جڳهه اڃا خالي آهي.

هوءَ جهٽ اُٿي، ڳائون پهري اسٽڊي روم ۾ ليٽو پائي ٿي. جينٽ ڪپڙن سوڌو سيٽيءَ تي اونڌو ليٽيو پيو آهي. بوٽ به نه لاٿو اٿائين، ائش ٽري ۾ رکيل سگريٽ آهستي آهستي ٻري رک ٿي ويو آهي. ٽپائيءَ تي وسڪيءَ جو خالي گلاس پيو آهي.

بالڪنيءَ ۾ پکين جو شور غل وڌندو پيو وڃي. وشاڪا جو اندر ٺمڪڻ ٿو لڳي. ڇو نہ هيءَ ڪرڪيٽ بئٽ ڪٽي هوءَ هن گهر جي شيشي جون دريون ڀڃي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏي. هنن ڪاڪ طوئن کي درين مان ٻاهر ڪڍي اُڏائي ڇڏي. هي پکي وڏيڪ وقت هن سرد واتاورڻ ۾ رهيا تہ سندن پر بہ ڄمي برف ٿي ويندا.■

(رچنا_ ۵۶ پارت، جي ٿورن سان)

***

پڙهندڙن کي گذارش

آڪاٽيءَ جو پهريون پرچو اوهان جي هٿن ۾ آهي، اسان جي ڪوشش اوهان جي سامهون آهي، اميد تہ اسان جي محنت سڦل ٿيندي. پهرين ڪڙيءَ ۾ ڪجهہ ڪچايون ۽ ڦڪايون ضرور رهجي ويون هونديون جن متعلق اميد تہ اوهان اسان کي آگاهہ ڪندا.

آڪاٽيءَ جي سلسلي ۾ اوهان جيڪڏهن ڪي تجويزون ۽ رايا اُماڻيندا تہ اسان سمجهنداسين تہ اوهان بہ اسان سان پورهئي ۾ برابر جا شريڪ آهيو، اسان جي ڪوشش رهندي تہ اوهان جي تجويزن جي آڌار تي آڪاٽيءَ جي سلسلي کي وڌيڪ بهتر بڻايون.

آڪاٽي، سلسليوار

معرفت پارس ميڊيڪل سينٽر، سامهون ايف_ ٽي _ سي _ بلڊنگ

ايبيسينا لائينس، مبارڪ شهيد روڊ، ڪراچي

فون: 021_2782597، موبائل: 0345_2217471

مليالم ڪهاڻي (اٽيچپيل)
ليکڪ: ڪي- ٽي محمد
مترجم: ولي رام ولڀ

ڪاسائي

ڪي- ٽي محمد ڀارت جي پرڳڻي ڪيرالا جي هڪ ڳوٺ منچريءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ڪان پوءِ هُو اڳتي پڙهي نہ سگهيو ۽ ڪاليڪٽ جي هڪ پوسٽ آفيس ۾ ٽپاليءَ جي حيثيت سان روزگار سان لڳو.
انگريزيءَ ڀارت جي ٻين ٻولين جي اخبارن ۾ هڪ ادبي چٽا ڀيٽيءَ تي ڪي-ٽي محمد ڪي سندس ڪهاڻي، "اِڪيون" تي پهريون انعام مليو (جنهن جو ترجمو تماهي "مهراڻ" ۾ ڇپجي چڪو آهي) انهيءَ ڪري سندس شهرت ۾ واڌارو ٿيو. سندس گهڻيون ڪهاڻيون زندگيءَ جي لمحن ۽ انهن جي مونجهارن جو ڏاڍي خوبصورتيءَ سان تجزيو ڪن ٿيون هيل تائين سندس ڀارنهن ڊراما، ٻہ هڪ ايڪٽ وارا ڊراما، ڪهاڻين جو هڪ مجموعو ۽ هڪ ناول شائع ٿي چُڪا آهن.

علي ڪاسائيءَ کي ايئن لڳو ڄڻ ڪاتي هڪ چمڪندڙ مڇيءَ وانگيان مُرڪي رهي هجي. سندس جسم سان لڳل اُها ڪاتي اجان تائين وٽس آهي ۽ مرڪي رهيّ آهي. سندس چيلهہ جي مياڻ ۾ اها اجا تائين چپ چاپ پيل آهي. اڄ تائين اُها بنا ڪنهن منٽ ميڙ جي سندس چيو مڃيندي آئي آهي پر اڄ هُوءَ هڪ احسان فراموش وانگر ڏانهنس نهاري مُرڪي ڏئي ٿي. ڪيترن ئي موقعن تي هُو سندس ڪا پرواهہ نہ ڪندو هو --- پر اڄ --- اڄُ نہ سهڻ جهڙي سُورُ ڪيس چئني طرفن کان گهيري

ورتو آهي. سندس دل جو ڦوڪڙو جڻ ڦوڪجي ڦاٽي پوندو. کيس محسوس ٿي رهيو آهي تہ سندس سامهون هڪ خوفناڪ جبل بيٺو آهي ۽ اَجاتل خواهشن سان پريل طاقت کيس سڏي رهي آهي.

علي ڪاسائيءَ لاءِ سندس ڪاتي زندگيءَ جو سهارو آهي، ساٿي آهي. پر اڄُ جڏهن هو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙيو تہ سندس دل ۾ طوفان اُٿي رهيو هو. انهيءَ ڪان بچڻ جي لاءِ ڪاتي ڪڍي ونڻ ئي کيس بهتر لڳو. هو اها ڪمري ۾ پيل هڪ بينچ جي ڪُنڊ تي رکي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ بنا اک ڇنڀڻ کيس ڏسندو رهي ٿو. ڇپر جي سوراخن مان اُس اندر اچي رهي هئي هو اُتي ئي بيٺو رهيو. ڪاتيءَ جي ڪهاڻي ئي سندس زندگي آهي. ڪاتيءَ کي پري اُڇلائي هو پنهنجو پاڻ کي نہ ٿو ڏسي سگهي.

ڪهاڻي هڪ ڪاتيءَ جي آهي.

اندر ايندڙ اُس سُرڪي ڪاتيءَ جي ڌار تي پوي ٿي. چانديءَ وانگيان چمڪندڙ انهيءَ ڪاتيءَ مان روشني ظاهر ٿي رهي آهي . ٻڪَرين ۾ ورتل علي ڪاسائي انهيءَ روشنيءَ کان ڇرڪي پيو. اوچتو کيس لڳو جڻ ڪاتي کيس ڏسي مُرڪي رهي هجي.

ٻڪَرين جي سرحد جي پرئين پار پهچي، سندس اکيون ۽ دل لوليون ڏئي ٻڪَرين کي پيار سان سمهاري رهيون هيون.

اها لالچ ٿي سگهي ٿي ۽ چريائپ پڻ.

سندس ٻڪَريون بي انت ساراهہ وانگي وڌي رهيو هيون.. رتُ ۾ وهنتل اهو پار سندس نگاهن آڏو نچڻ لڳو. اهو پار ئي کيس ٻڪَرين جي ٻرندڙ باهہ ۾ گهلي آيو هو. ايئن لڳي ٿو جڻ هُو هوريان هوريان لُڙڪ پريل اکين سان ڏسندو ڏانهنس وڌي رهيو آهي. پر انهيءَ پار کي جهلي ڇيري اُڇلڻ يا ڳرانڙي پائڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي مجبور سجهي رهيو آهي.

سندس دل جو اندريون جلوس اڳتي وڌي رهيو آهي. ماڻهن جو نہ پر ٻڪرين جو ڍڳين جو ڪڪڙين جو ـــ بيشمار جانورن جي انهيءَ جلوس جو خاتمو نہ ٿو ٿئي. انهيءَ طرف کان نظرون هٽائڻ کان هو قاصر آهي. کيس هر شيءِ صاف نظر اچي رهي آهي.

ڇا انهن سيني جي ٻڪڇين ۾ ڳاڙهيون پٽيون پڌل آهن ؟ بلڪل ڳاڙهي رنگ جون پٽيون ؟ نہ نہ ـــ اهو رتُ آهي. رتُ ئي جمي پٿر ٿي ويو آهي انهن سيني جون ٻڪچيون سڏيون نہ آهن. ڪيچي لٽڪي رهيون آهن. جسم

ڪان جدا ٿيڻ جي ڪري رڻ جون نديون وهي رهيون آهن. ڪنهن انهن سيني جي ٻچين تي ڪاتيءَ سان وار ڪيو آهي؟.

ڏسڻ ۾ تيز ---- چهڻ سان وار ڪندڙ ، سندس ڪاتيَ سامهونِ رکيل آهي، پر ڇا سموري غلطيءَ جو الزام رکو ڪاتيءَ تي مڙهي ٿو سگهجي؟

پوءِ ڏوهي ڪير آهي؟

علي ڪاساي‍ءَ جون پريشانيون ڏانهس آڳريون ڪڻي ٿيون. سندس دل ۾ اهو جلوس ختم نہ ٿو ٿئي --- نہ ختم ٿي رهيو آهي --- نہ ختم ٿيندو. لاشن جو هي تمام وڏو جلوس ڏسي هو ڊڄي ويجي ٿو.

اُداس ٿي هو پنهنجو پاڻ کي.وساري ٿو ويهي.

اِهو هڪ ...

اِهو جلوس ختم ٿيو يا نہ ؟ پر انهن جانورن جي وچ ۾ هڪ ماڻهوءَ جو مٿو نظر اچي ٿو--- هُو غور سان ڏسي ٿو--- ڪير آهي؟

شڪل سڃاڻپ ۾ نہ ٿي اچيس پر هو اجنبي بہ نہ آهي. هو ڪيس سُڃاڻي ٿو. پوءِ اهو ڪير آهي؟ هو ڊڄي ويجي ٿو. هڪ اڻ ڄاتل يا ڄاتل انسان --- علي ڪاسيءَ کي ايئن لڳو ڄڻ هو پڳهر ۾ وهنجي.ويو آهي ۽ ڊپ وچان سندس قدم ٿڙي رهيا آهن.

پيڄي وچان ؟ هُن هڪ پيرو سوچيو. پيڄڻ جو ارادو بہ ڪيائين پر پير ڪڇي نہ سگهيس. انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هڪ تکي ڪاتي چمڪي رهي هئي. پوتَ وانگر هوُ ڏانهس وڌي رهيو آهي. عليَ ڪاسائي ڏڪڻ لڳو. هُنَ ڏانهن ڪرڻ چاهي --- پر ---- ڪيس مرڪندڙ ڪاتي نظر اچي رهي آهي. هو اِها ڪاٻي هٿ ۾ مظبوطيءَ سان جهلي ٿو.

بيشمار ڇهرن کي ---- ٻڪرين کي، ڍڳين کي، ڪڪڙين جي ٻچين کي ڇيربندي اُها ڇري نڪري وئي آهي ڇا ؟

هن جي دل کي اُها وري بيچين ڪري ڇڏي ٿي. اِها ڇُري اڃان بہ سندس هٿ ۾ آهي. هن سوچيو اِهي جانور سور جي شدت کان ڇڙهيون هڻي مري ويا آهن. انهن کي مرندي هن ڏٺو آهي ۽ جيڪڏين اکيون آهن تہ اها ڪاتي پڻ --- سندس پريشانيون وري پڙڪي اُٿيون آهن. ماڻهن ڪيس ڪاسائيءَ جو نالو ڏنو آهي.

مذهب ؟ مذهبي تعليم سان ٽڪرُ نہ کائيندڙ ماڻهو مذهب جي نظر ۾ اُتم آهن.

اهڙي قسم جا ماڻهو ٿي جانورن کي ڪهي سگهن ٿا. انهيءَ نفرت انگيز ڪم لاءِ مارڻ ۽ قتل ڪرڻ جهڙا لفظ استعمال ڪري نه ٿا سگهجن. اهو ته مذهبي فرض آهي. مذهب جي مقدس نالي تي اسان جي ابن ڏاڏن انسانن جي قرباني به ڏني هئي.

جڏهن هو هن هنڌ جي جانورن کي ڪُهڻ جو ڪم قبول ڪري ونئي ٿو ته ڪمُ ڪل ڀوڳ ۾ گناهه پريو نه ٿو سمجهيو وڃي. سندس يقين ٿي ڪيس بيبيقينيءَ جي حالت ۾ وجهي ٿو ڇڏي. سندس روح به ساٿ ڏئي رهيو آهي. دنيا جي سيني شين ۾ انسان جي لاءِ ئي دنيا جون سموريون نعمتون آهن.

قرآن جو اهو جملو سندس دماغ ۾ اپريو ته پيغمبر ۽ سندس ساٿين اُٺُ ڪهي کاڌو هو. اها ڳالهه سڀ مڃين ٿا. علي ڪاسائي اهڙيءَ طرح هڪ حفاظتي مرڪز ۾ پهچي وڃي ٿو. شايد هزارين انسانن جا هڏاوان پڃرا جڻُ سندس آڏو هن جو مقابلو ڪري رهيا هجن. ٽنگيل ڳچين وارن جانورن جو جلوس هر هر سندس دماغ ۾ ايري رهيو آهي. اُهي سندس آڏو دل جهوريندڙ تڪليف کان تڙقي رهيا آهن. رتُ جو ريلو ڪيڏو ڳاڙهو آهي؟ اهو ڪيس نديءَ ۾ بدلجندي نظر ٿو اچي. هنن جانورن جو رتُ به ته انسان جي رتُ جهڙو ڳاڙهو آهي. موت جا ٺهڪ گونجي رهيا آهن. وقت پورو ڪندڙ روح موڪلايو پيا وڃن. هن هٿ ڏانهن ڏٺو. ڪيس ايئن لڳو جڻُ ڪاتي بيقصور آهي. مان ڇو بيقصور نه آهيان؟ هن ڪاتيءَ وانگر ڇو نه ٿو مرڪي سگهان؟ ڪاسائيءَ پنهنجو پاڻ کان پڇيو. سندس دل گهريو ته ڪنهن ڇرٽي وانگر ڪلڻ لڳي. جانورن کي مارڻ جو گناهه ته پنهنجي مذهب جي ڪري هو برداشت ڪندو. اهو سوچي هن اهو قبول ڪيو هو ته ڪيس بيقصور سمجهيو ويندو.

پر اڄُ ڪيس شڪ ٿو لڳي ته اڄُ سندس پنهنجي مذهب تان اعتماد ڪڄندو ٿو وڃي. هو سوچڻ لڳو--- نه ته منهنجي دل ۾ اهڙو زلزلو ڇو پيو اچي.

اهو بار سندس اکين اڳيان ايندو رهي ٿو.

”علي، هن ڪُڪڙ کي ته ڪهي وٺُ. نائي مهمان ٿي آيل آهي.“

ڪجهه دير اڳ ممُو ڪُتيءَ لاءِ هڪ ڪُڪڙُ جو ڪنڌ ڪپيو هئائين، جڏهن ممُو ڪُتي ڪُڪڙ ڪٺي آيو هو ته انهيءَ جي پويان سندس پُٽُ به روئندو رڙندو آيو هو.

”هي ڇو ٿو روئي؟“ مولڪا پڇيو.

”هن جي ڳالهہ ڪير ڇڏ. هي ڪُمڻُ نہ ڏيندو، انهيءَ ڪري روئي ٿو.“ ممو ڪتيءَ جواب ڏنو.

” ابا ، هن کي نہ کاءِ .“ ٻار روئيندو رهيو.

ٻار جي ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏئي، ممو ڪتيءَ ڪُڪڙ جا پير ۽ کنبي قابو ڪندي چيو ” اها ڪُڪڙ ڪيس ساهہ کان بہ وڌيڪ پياري آهي. سارو ڏينهن پيو ڇڳائيندو اٿس. پهرين ڪيس ڇُڳائي تو پوءِ پاڻ کائي ٿو. هي اهڙو ٻار آهي.“

ڪاسائي ڪاتي کڻي انهيءَ جي ڌار تي هٿ ڦيرائڻ لڳو. ٻار ڪُڪڙِ کي جهلي روئڻ لڳو: مان ڪُڪڙِ کي ڪُمڻُ نہ ڏينديس--- ڪمڻُ نہ ڏيندس“ . هن ضِدُ ڪيو.

ٻار جي ڳالهہ ٻُڌڻ کانسواءِ مُمو ڪُتي ۽ علي ڪاسائي پنهنجو ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. ممو ڪُتي ٻار کي هڪ پاسي ڌڪي ڇڏيو ٻار ٻي آسري تي رُئندو رهيو. ٻيا بہ ڪجهہ ٻار اتي مڙي آيا هئا ۽ خوشيءَ وچان ڪُڪڙِ جي ڪُسجڻ جو تماشو ڏسي رهيا هئا. ڪاسائي ٿالهيءَ ۾ ٿورو پاڻي کڻي ڪُڪڙِ کي ڇُنهب ۾ وڌو ”پاڻي پياري ڪُهڻ بهتر ٿيندو آهي. مارينڌڙ مارڻ کان اڳ پاڻي ڏيڻ نہ وساريندو آهي.“

ڪاسائي ڪُڪڙ جي ڳِچي جهلي ڪُهڻُ جي لاءِ تيار ٿي ويو. هن خدا جو نالو وٺي ڪُڪڙ جي ڳِچيءَ تي ڪاتي وهائي تہ ٻار دانهن ڪئي. ڇيائين، ”تون مون کي ڪُهي ڇڏِ ! اهو ٻار ٻنهي جي وچ ۾ اچي بيٺو ۽ ڪُڪُڙِ پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڪري پيو. ڪاسائي ۽ ممو ڪُتي --- ٻئي گڏجي ڇرڪي پيا ۽ عليءَ پنهنجي ڪاتي هڪدم ڇڪي ورتي.

”ڪتي ڪاتيءَ ٻار جي جسم کي نہ چيري ڇڏيو هجي.“ هو ڏڄي ويو.

ڪُڪڙِ کي ڇاتيءَ سان لڳائي ٻار اڃان روئي رهيو هو. ڪُڪڙِ جي ڳِچيءَ مان رتُ وهي رهيو هو. ممو ڪتيءَ کي ڪاوڙ اچي رهي هئي، هن ٻار جي هٿ مان ڪُڪڙِ کسي ورتي ۽ کيس ڌڪو ڏئي پري ڪري ڇڏيائين.

”بابا اسان وانگر هن کي بہ سُور ٿيندو. هن ۾ بہ ساهہ آهي نہ ؟“ ٻار روئيندي چيو. نہ سهڻ جهڙي سور کان ڪُڪڙِ جي ڇهنب مان جهڪو آواز نڪتو. ٻار کي ڪُڪڙ جي سور ڏسڻ جي طاقت نہ هئي. هن چيو” تون گناهہ ٿو ڪرين. الله توکي دوزخ ۾ وجهندو.“

علي ڪاتيءَ تي لڳل رتُ ڏوئي رهيو هو. ٻار جي ڳالهہ ڪيس چرڪائي ڇڏيو هو. ڪتيءَ جا چپ ڏڪي رهيا هئا پر ٻار کي پلي نٿي سگهيو. نيٺ ممو ڪتي ٻاهہ تي ٻار کي ٻہ چار ٺڦڙون وهائي ڪڍيون.

ٻار چيس تہ سندس قميض تي رتُ لڳو آهي. پر ممو ڪتي ڄڻُ ٻڌو ئي ڪونہ. "واهہ ڙي تنهنجو پيار." هُن ڏاڍي طنز سان چيو.

سندس پُٽ بيهوش تي ڪرڻ وارو هو.

"مان هن جي لاءِ مار کائڻ لاءِ بہ تيار آهيان." ٻار چيس. سندس ڳالهہ ممو ڪُتيءَ جي سمجهہ ۾ نہ آئي. هن ڏٺو تہ ٻار جي ساڄي ڪُلهي مان رتُ وهي رهيو آهي. هاڻي هن ڏاڍي غور سان پُٽ ڏانهن ڏٺو. ٻار جون اکيون ڦڪيون تي رهيون هيون. ٻار ڪِرڻ وارو ئي هو تہ ممو ڪُتيءَ دانهن ڪئي: "مولي ڪڪا"

علي ڪاسائي ڏکڻ لڳو ڪاتي سندس هٿ مان ڪري پئي. مٿانئس رتُ هو ڌوئي نہ سگهيو. ڪنهن جو رتُ آهي؟. ڪڪڙ جو يا ٻار جو؟ ڪاتيءَ ڏانهن ڏسڻ جي منجهس طاقت نہ هئي. سندس ڪنن ۾ ٻار جو آواز گونجي رهيو هو:

"اسان وانگرُ هن کيٰ بہ ايذاءَ ٿئي ٿو الله هي سڀ ڪجهہ مٿان ڏسي ويٺو. ياد رکُ."

ڪُڪڙ تڙڦي رهي آهي. هوءَ پوين پساهن جي درد ۾ مبتلا آهي. علي کي اها بہ خبر آهي تہ رڳو انسانن کي ئي نہ پر جانورن کي بہ سور ٿيندو آهي. ڇا رڳو انسان ئي جيئڻ چاهي ٿو؟ يا سڀ ساهہ وارا جيئڻ چاهن ٿا؟.

هُو پريشان ٿيڻ لڳو.

انسان کي مارينڌڙ کان انسان نفرت ڪندا آهن. پر هنن گگدام جانورن کي مارڻ تي ڪا پابندي ناهي؟

جنگ جي ميدان ۾ ڪيس موت جو ناچ ياد اچڻ لڳو.

زندگيءَ جي حقيقت ڇا آهي؟ ڪنهن انهيءَ جي قيمت جو اندازو لڳايو آهي؟ دل ۾ خيال ڪر کڻڻ لڳس, انهيءَ ٻار کي هو، بد دعا ڏئي نہ سگهيو. سندس ڳالهائڻ جي قوت گهٽ ٿيڻ لڳي.

ڇا سندس يقين ئي ڪيس بي عزت ڪيو آهي ! اڄُ تائين مون جنهن مذهب جي خدمت ڪئي هئي ڇا اهو ئي مذهب اڄُ مون کان پاسيرو ٿي رهيو آهي.

هُو ٻڌڻ لڳو. ڪيس اڪيلائپ ڪُتڪڻ لڳي.

سندس هٿ ۾ ڪاتي خوب کلي رهي هئي. انهيءَ جو هٿيو باهه وانگر تپي رهيو هو. عليءَ کي پنهنجو هٿ سڙندي محسوس ٿيو. سِندس دل ۾ ويندڙ جلوس ڪهڙو نعرو لڳائي رهيو آهي.؟

ٻار جو آواز ـــ اهو ئي آواز سندس ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. انهن جانورن جي وچ ۾ ڏنڊلي صورت وارو اهو شخص ڏانهس وڌندو اچي رهيو آهي. سندس هٿ ۾ جهليل ڪاتي هن جي پنهنجي ڪاتيءَ جهڙي لڳي رهي هئي. هن ڪاتيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو ـــ جا چمڪي رهي هئي ـــ نه اُ ها مُرڪي رهي هئي. ڪيس ائين لڳو ڄڻُ ڪاتي سندس هٿ مان نڪرڻ چاهيندي هجي. هڪ ٻچيءَ کي سُجاڻي ٻيءَ ٻچيءَ ڏانهن وڃي رهي آهي. سندس اکين ۾ بجلي ڊوڙي وئي. ڪيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. ڊپ ۾ وئجي هو. ڇريو ٿيڻ لڳو هو.

سندس ساهه تيزيءَ سان هلڻ لڳو. اهو اجنبي جنهن کي هو سُجاڻي ٿو ڪيس گهتو اُڏئي رهيو آهي. سندس ساهه گهٽجڻ لڳو. ڇا هو مري رهيو آهي. هُنَ انهيءَ لتڪندڙ ڪنڌن ڪان آزاد ٿيڻ گهريو ٿي پر هو ناڪام رهيو. انهيءَ شخص جو ڪاتيءَ وارو ساڄو هٿ ڏانهنس وڌي رهيو هو.

علي ليلائڻ لڳو. سندس دماغ ڦري ويو. اکين آڏو ڪاتي ۽ ڪپيل ڪنڌ نچڻ لڳا. ٻچيون ڪپجي رهيون آهن. منجهائن وهندڙ رتُ ڪارو ٿي ويو آهي.

آخريُ پساهه جي تڪليف کان ساهه وارو تڙڦندو آهي ۽ تڙڦي تڙڦي مري ويندو آهي ـــ ڪاتيءَ تي رت ڪنهنجو آهي؟ ڪُڪُڙ جو يا ٻار جو؟

انسان جو رتُ آهي.؟

مولي ڪڪي جو هٿ مٿي ڪجي ويو. هن ڪاتيءَ تي هڪ تيز نظر وڌي. ڇا ڪاتي اڃان به مُرڪي رهي آهي ـــ هو پاڳل ٿي ويو آهي.

هن پنهنجا ڏند ڪرٽيا.

ڪاتي ـــ ڪچيون ـــ رتُ ـــ

اهي سڀ راڪيٽ وانگر سندس رتُ ۾ ڊوڙڻ لڳا. ٻچيءَ ۾ سِرڪڻ سوڙهي ٿيندي محسوس ٿي. هو ائين تڙڦڻ لڳو ڄڻُ ساهه گهٽجي رهيو هجيس. ڪيس محسوس ٿيو ڄڻُ هو پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نه ٿو سگهي.

سندس خيال سموريون سرحدون پار ڪري ويندا.

وري به ڪاٽي ۽ ڳچيون !!

ڪاٽي ڳچيءَ ڏانهن تيزيءَ سان هلي ٿي، ڪاٽي موت جو روپ اختيار ڪري رهي آهي. ڳچي ڪپجي وڃي ٿي. رت وهڻ لڳي ٿو.

موت--- وري ڪاٽي--- وري ڳچيون---وري موت.

سندس هٿ ڪاٽي جهلي تيزيءَ سان هليو.

گوشت ڪپجڻ جو هڪ آواز--- بس ؟---

علي ڪاسائيءَ جي ڳچيءَ مان هڪ بي معنيٰ آواز نڪتو. سندس ڪپڙا رت سان پرجي ويا.

ڪاٽي هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيس--- پاڻ به ڪري پيو.

رت ۾ ٻڏل اُها ڪاٽي---مرڪندڙ ڪاٽي !!

لکندڙن لاءِ گذارش

آڪاٽيءَ جو سلسلو سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ ٿيندڙ تخليقي ڪم کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي لاءِ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد سنڌي ادب ۾ هيل تائين شائع ٿيل چونڊيل ڪهاڻين کي پڻ نئين سر پڙهندڙن تائين پهچائڻ پڻ آهي ان کان سواءِ آڪاٽي جاري ڪرڻ جو مقصد پرڏيهي ادب جي ڪلاسيڪل لکڻين کي سنڌيءَ جو روپ ڏئي پڙهندڙن وٽ پيش ڪرڻ پڻ آهي.

آڪاٽي جي لکندڙن کي گذارش آهي ته هو پنهنجين لکڻين سان گڏ پنهنجي هڪ عدد تازي تصوير ۽ پنهنجي سوانحي خاڪو ضرور موڪلين ته جيئن اُهو ڪهاڻيءَ سان گڏ شائع ڪري سگهجي.

آڪاٽي، سلسليوار

معرفت پارس ميڊيڪل سينٽر

سامهون ايف_ ٽي _ سي _ بلڊنگ، ايبيسينا لائينس، مبارڪ شهيد روڊ،

ڪراچي : فون: 021_2782597 ،موبائل: 0345_2217471

روسي ڪهاڻي
انٽوئن چيخوف
سنڌيڪار: ڄام وقار حسين قادري

جنين ڪاڻ مياس....

هيءَ گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي. ان وقت هوءَ سهڻي ۽ جوان هئي. ”نيڪولا پيٽروليچ ڪولپاڪو“ هن جي چاهيندڙن مان هو. هو اڪثر هن جي گهر ايندو هو. ان ڏينهن ڏاڍي هبس ۽ گرمي هئي. ڪولپاڪو ڪو منجهند جي ماني کاڌي هئي ۽ سڄي بوتل شراب جي پيتي هئائين. هن جي طبيعت اداس هئي ۽ هو سمهڻ جي خيال ۾ هو. بيئي ڪڪ پئي ٿيا. شام جو انتظار ڪري رهيا هئا ته ڪيڏانهن گهمڻ لاءِ نڪري وڃن. اوچتو دروازو کڙڪيو. ڪولپاڪو هلڪي قميص ۾ هو. هو ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ سوال ڀريل نظرن سان پاشا ڏانهن ڏٺائين.

”ممڪن آهي ٽپالي هجي يا ڪا منهنجي ايڪٽريس ساهيڙي هجي.“ پاشا چيو.

ڪولپاڪو کي ٽپالي يا هن جي ايڪٽريس ساهيڙين کان خيال نه ٿيندو هو وري به پڪ ڪرڻ خاطر، پنهنجو ڪوٽ کڻي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ پاشا دروازو کولڻ لاءِ اڳتي وڌي.

هن کي ڏاڍي حيرت لڳي ڇو ته اهو ٽپالي هو نه ئي هن جي ڪا ايڪٽريس ساهيڙي هئي، پر هڪ خوبصورت عورت، جنهن کي عمدي پوشاڪ پيل هئي، هن جي اڳيان بيٺي هئي. هوءَ معزز عورت ٿي لڳي.

اجنبي عورت جو چهرو زرد هو ۽ وڏا ساهه کڻي رهي هئي جڻ ڪا وڏي ڏاڪڻ چڙهي اچي پهتي هئي.

”ڪيئن آئي آهين؟“ پاشا هن کان پڇيو.

عورت يڪدم ڪوبه جواب نه ڏنو. هوءَ ڪمري ۾ اندر هلي آئي ۽ ڪمري جي فرينچر کي عجيب نظرن سان نهارڻ لڳي. ائين ٿي لڳو جڻ هن کي تڪليف هُئي. ٿوري وقت کان پوءِ هوءَ سامت ۾ آئي ۽ ڳالهائڻ لائق ٿي ۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

”ڇا منهنجو مڙس هتي آهي؟“ هن آخرڪار ڳالهايو ۽ اکيون مٿي ڪيائين، جيڪي روئڻ سبب ڳاڙهيون هيون.
”ڪنهن جو مڙس؟.“ پاشا پڇيو. اوچتو هوءَ ايتري هراسجي ويئي جو هن جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. ”ڪنهن جو مڙس.“ هن جوش مان ڏڪندي چيو.
”منهنجو مڙس نڪولائي پيٽرولچ ڪولپاڪو.“
”نه ... مئڊم ... مون ... مون کي ان جو ڪو به پتو ڪونهي.“
ٿورو وقت خاموشي ٿي ويئي. عورت وري وري رومال سان پنهنجيون اکيون اگهي رهي هئي. پاشا کي همٿ ئي نه ٿي ته ڪرسيءَ تي ويهي هوءَ پاڻ آيل مهمان کي خوف ۽ هراس مان نهاري رهي هئي.
”تنهنجو مطلب آهي ته هو هتي نه آهي. ڪريل عورت ...! عورت چپن ۾ پٽڪيو ۽ پاشا ڏانهن حقارت ۽ نفرت مان نهاريائين ۽ وري چوڻ لڳي.
”ها، ها ... تون ڪريل عورت آهين ۽ مون کي خوشي آهي جو آخر مون کي موقعو مليو آهي، جو مان تو کي تنهنجي منهن تي اهو ٻڌايان.“
پاشا محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هن کي بازاري پائوڊر لڳل ۽ وارن جي وگ نه هجي ها ته هوءَ پنهنجي ڪريل حالت کي لڪائي سگهي ها ۽ هن عورت سان سامهون ويهي ڳالهائي سگهي ها.
”منهنجو مڙس ڪاٿي آهي؟“ عورت وري چيو. ”پر مون کي ان جي پرواهه نه آهي ته هو هتي آهي يا نه. مان توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته اهو غبن ظاهر ٿي پيو آهي ۽ هو نڪولا کي ڳولي رهيا آهن. اهي هن کي گرفتار ڪندا، ۽ اهو تنهنجو ڪم آهي.“
عورت اُٿي ۽ پريشانيءَ مان ڪمري ۾ هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳي. پاشا هن ڏانهن حيرت مان نهارڻ لڳي ۽ هوءَ اهو سمجهي نٿي سگهي ته ان جو مطلب ڇا هو.
”اڄ هن کي ڳولي گرفتار ڪيو ويندو“ عورت چيو ۽ پوءِ روئڻ ۽ سڏڪا پرڻ لڳي. ”مان ڄاڻان ٿي ته ان کي ان منزل تي ڪنهن پهچايو آهي. تو بدصورت بازاري عورت!“ هن جي چهري مان اها حقارت ظاهر ٿي رهي هئي، جيڪا هن جي اندر ۾ پاشا لاءِ هئي. ائين ٿي لڳو جو هوءَ پاشا جي منهن تي ٿڪ اڇلائيندي. ”مان ڪمزور آهيان... ٻڌين ٿي؟ وحشي

عورت...! مان مجبور آهيان... تون مون کان وڏيڪ طاقت ٿي رکين، ڪير آهي.س جيڪو منهنجي ٻارن جي سنڀال ڪندو. خدا سڀ ڏسي ٿو! هو انصاف وارو آهي. هو تو کان منهنجي ڳوڙهن ۽ اوجاڳن وارين راتين جو حساب وٺندو. اهو.وقت ايندو جڏهن تون مون کي ياد ڪندين۔"

پيهر خاموشي ڇانئجي ويئي. "مون کي ان جو ڪو به پتو ڪونهي، مئڊم!" پاشا ڇيو ۽ ڏک وچان روئڻ لڳي.

"ڪوڙي،" عورت رڙ ڪئي. "مان سڀ ڄاڻان ٿي. مون کي تنهنجو گهٽي وقت کان پتو آهي. مو کي اهو به معلوم آهي ته هنن ڇئن مهينن ۾، هو هر روز تو وٽ ايندو رهيو آهي."

"ها، پوءِ ڇا ٿيو؟ ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ گهڻائي ماڻهو مون سان ملڻ لاءِ ايندا آهن. مان انهن کي ڪو نه چوندي آهيان ته اهي مون وٽ اچن. اهي پنهنجي مرضيءَ سان ايندا آهن."

"مان تو کي ٻڌايان ٿي ته هنن غبن لڌو آهي. هن پنهنجي آفيس مان پئسا چورايا آهن. تنهنجي لاءِ .... اهڙي عورت لاءِ جهڙي تون آهين. هن ڏوهه ڪيو آهي، ٻڌءِ." عورت پاشا جي اڳيان بيهندي چيو. "توهان جو ڪو به اصول ڪونهي، توهان، جن جو گذر ٻي ٻين کي ٺڳڻ تي آهي. پر مان نٿي سمجهان ته تون ايتريقدر ڪِريل عورت آهين جو تو ۾ انسانيت جو ذور به نه رهيو آهي. هن کي زال آهي. هن کي ٻار آهن... جيڪڏهن هو هن کيٰ سزا ڏيندا ۽ سائبيريا موڪليندا ته مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي بکون ڪاٽڻيون پونديون. سمجهڻ جي ڪوشش ڪر! پر اڃا به هڪ رستو آهي جو تون اسان کي تباهيءَ ۽ بيعزتيءَ کان بچائي سگهين ٿي. جيڪڏهن مان اڄ ڪنهن نموني نَوَ سئو روبل جمع ڪرايان ته هن تي ڪيس نه هلندو. فقط نَوَ سؤ روبل!"

"نَوَ سؤ روبل؟" پاشا پڇيو. "مون کي نَوَ سؤ روبلن جي ڪا خبر ڪانهي. مون کي ڪو نه ڏنا اٿائين."

"مان تو کان نَوَ سؤ روبل ڪين ٿي پنان. توکي پئسا ڪونهن ۽ مون کي تنهنجن پئسن جي ضرورت ڪانهي. مان تو کان بلڪل الڳ شئي ٿي گهران...... ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته تو جهڙين عورتن کي زيور ڏيندا آهن. مون کي اهي شيون موٽائي ڏي جيڪي منهنجي مڙس توکي ڏنيون آهن."

”مئڊم! هن مون کي ڪو به زيور ڪو نه ڏنو آهي“ پاشا رڙ ڪئي جيڪا هاڻي معاملي کي سمجهي ويئي هئي.

”پئسا ڪٿي آهن؟“، هن پنهنجا، منهنجا ۽ ٻين جا پئسا اڏائي ڇڏيا آهن. ٻڌ، مان توکي عرض ٿي ڪريان! مان هاڻي هوش ۾ آئي آهيان، مون توکي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. پر مان توکي منٿ ٿي ڪريان ته ان کي وساري ڇڏ. تون مون کي ڌڪاريندي هوندينءَ ۽ مان سمجهان ٿي؛ پر جيڪڏهن تو ۾ رحم ڪرڻ جي سگهه آهي ته منهنجي حالت ۾ پاڻ کي وجهي ڏس. مان توکي گذارش ٿي ڪريان، مون کي اهي شيون موٽائي ڏي.“

”ها......“ پنهنجا ڪُلها لوڏي پاشا چيو“ مان ائين خوشيءَ سان ڪيان ها، پر خدا جي مون تي مار پوي جيڪڏهن ڪنهن به مون کي ڪو تحفو ڏنو هوندو. مهرباني ڪري مون تي اعتبار ڪر. پر تون صحيح آهين.“ ايڪٽريس پاڻ کي سپاليندي چيو. ”هڪ ڀيري هن منهنجي لاءِ هي به شيون آنديون هيون ـــ مان اهي توکي، جيڪڏهن تون چاهين، ته خوشيءَ سان واپس ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

پاشا پنهنجي ميز جو خانو کوليو ۽ ان مان هڪ هلڪو سونو ڪنگڻ ۽ هڪ ڳاڙهي پٿر واري منڊي ڪڍي هن کي ڏني.

عورت جي منهن جو رنگ ئي ڦري ويو ۽ هن جي گهٽتائي ڪئي ويئي هئي.

”مون کي ڇا ڏئي رهي آهين؟ مون توکان خيرات نه گهري هئي پر اهو جيڪو تنهنجو نه آهي، جيڪو تو منهنجي غريب مڙس کي لالچائي حاصل ڪيو آهي، تو کي اهڙين حالتن جو پوري فائدي وٺڻ جو پتو آهي. خميس جي ڏينهن جڏهن رستي تي مون توکي پنهنجي مڙس سان ڏٺو هو ته توکي هيرن جو هار ۽ قيمتي منڊي پيل هئي. مان توکي قرباني ڏيڻ لاءِ نٿي چوان پر توکي آخر پيرو چوان ٿي ته ڇا تون اهي شيون مون کي موٽائي ڏين ٿي يا نه؟“

”تون ڪيتري نه ڪل جهڙي ٿي لڳين......“ پاشا چيو. جنهن ڏک محسوس ڪيو هو. هن رڳو ڪيڪ......“

”ڪيڪ......!“ هن ٺوڪ واري لهجي ۾ کلندي چيو. ”گهر ۾ ٻارن جي کائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي ۽ هتي تون ڪيڪ ٿي کائين. ڇٽبو تون

انهن شين ڏيڻ کان انڪار ٿي ڪرين؟"

هن ڪي جواب نہ مليو. هوءَ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ ڪنهن خاص نڪتي تي ڌيان سان سوچي رهي هئي. هوءَ سوچي رهي هئي تہ مان ڇا ڪريان؟ جيڪڏهن نوَ سؤ روبل نہ مليا تہ هو ختم ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ مان ۽ منهنجا ٻار بہ. مان هن کي مارايان يا پاڻ کي ايڪٽرياٽيءَ جي قدمن تي جهڪايان. عورت منهن تي رومال ڏنو ۽ روئڻ لڳي.

"مان توکي منت ٿي ڪريان" هن چيو"تو منهنجي مڙس کي برباد ڪيو آهي. ۽ هن جي زندگي تباھہ ڪئي آهي..... .هاڻي هن کي بچاءِ...... مان سمجهان ٿي تہ توکي هن تي رحم نٿو اچي. پر ٻارن جو خيال ڪر..... انهن معصومن کي ڇو سزا ملڻ کپي!"

پاشا انهن ٻارن بابت سوچڻ لڳي. جيڪي گهٽيءَ جي ڪنڊ تي بک کان روئي رهيا هئا.

"مان ڇاٽي ڪري سگهان؟ تون چوين ٿي تہ مان وحشي آهيان ۽ مون هن کي تباھہ ڪيو آهي، پر مان خدا جو قسم کڻي ٿي چوان تہ مون ڪڏهن بہ هن کان ڪو مالي فائدو حاصل نہ ڪيو آهي؛ مون سان گڏ ٿيئٽر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين ۾ رڳو موجا نالي ڇوڪري آهي، جنهن جو پيارِ ڪندڙ پئسي وارو آهي، باقي اسان سڀ اڌ بک ٿيون مرون. نڪولائي شڪل جو سهڻو ۽ ڪپڙي لٽي ۾ سنو. آهي، تنهنڪري ئي منهنجا هن سان تعلقات آهن."

"مان توکي اِنهن شين لاءِ چئي رهي آهيان جيڪي هن توکي ڏنيون آهن، اهي مون کي ڏي مان روئي رهي آهيان مون پاڻ کي نيچ بڻايو آهي، جي تون چوين تہ تنهنجي پيرين پوان. مهرباني ڪري....... مهرباني ڪري!"

پاشا خوف مان رڙ ڪئي. هن محسوس ڪيو تہ هوءَ خوبصورت عورت، جيڪا ڊرامي جي مرڪزي ڪردار وانگر ڳالهائي رهي هئي، پنهنجي عزت ۽ وقار جو خيال ڦِٽو ڪري هن جي پيرن تي جهڪڻ لاءِ تيار هئي.

"چڱو مان توکي شيون ڏيان ٿي" هن ڳوڙها اگهندي چيو. "اچي وٺ پر اهي مون کي نڪولائي نہ ڏنيون آهن. اهي مون کي ٻين ماڻهن کان

مليون آهن. جن لاءِ تون بہ چوين ٿي.....!“

پاشا ميز جو خانو کوليو ۽ هن کي هيرن جو هار ۽ ڪجهہ منڊيون ۽ ڪجهہ پيا هار ڏنا.

”هي وٺ، هي بہ وٺ جيتوڻيڪ تنهنجي مڙس کان مون کي ڪجهہ بہ نہ مليو آهي. اچي هي سڀ وٺ، تون ئي شاهوڪار ٿيءُ.“ هن عورت جي قدمن تي ڪِرڻ سبب ڏک مان پاشا چيو.

”پر جيئن تہ تون سهڻي عورت آهين..... ۽ هن جي زال. بهتر آهي تہ هن کي پاڻ سان بدل رک. مان توکي پڪ ڏيان ٿي تہ مان هن کي نہ سڏيندي آهيان، هو پاڻ ايندو آهي.“

عورت ڳوڙهن ڀريل اکين سان ميز تي پکڙيل زيورن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ”بس اهي آهن ...... انهن جي تہ پنج سؤ روبل قيمت بہ نہ ٿيندي!“

پاشا وري خاني ڏانهن ويئي ۽ هڪڙي سوني واچ، سگريٽ ڪيس، ٻانهن جا بٽڻ ۽ ٻيون شيون ميز ڏانهن اڇلايائين. ”مون وٽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، تون پاڻ ڏسي سگهين ٿي.“

عورت ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان شيون رومال ۾ گڏ ڪيائين ۽ ٻاهر هلي ويئي.

ٻئي ڪمري جو دروازو کليو نڪولا ٻاهر نڪتو. هو ڀِيلو ٿي ويو هو ۽ هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا، ڄڻ گهٽو شراب پيتو هئائين. هن جي اکين ۾ ڳوڙها چمڪي رهيا هئا.

”تو مون کي ڪهڙيون شيون ڏنيون هيون؟“ پاشا هن ڏانهن مُڙندي چيو ”مان پڇان ٿي ڪڏهن تو مون کي اهي شيون ڏنيون هيون؟“

”شيون.... واهيات!“ نڪولا ڪنڌ ڌوڻيندي چيو ” منهنجا خدا! هوءَ تنهنجي اڳيان اچي رُني آهي ۽ پاڻ کي گهٽ ڪيو اٿائين.....!“

”مان پڇانْ ٿي اهي ڪهڙيون شيون آهن جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ تو مون کي ڏنيون آهن.....؟ پاشا رڙ ڪئي.

”منهنجا خدا، هن عزت واري، شريف ۽ خاندان عورت..... پاڻ کي تنهنجي پيرن تي ڪيرايو! اهو سڀ منهنجي ڪري ئي آهي. منهنجي ڪري ائين ٿيو آهي!“ هو پِڻ پِڻ ڪرڻ لڳو.” مان پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديس، هتان پري ٿيءُ.“ هن پاشا ڏانهن حقارت سان نهاريو ۽ پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان هن کي پاڻ کان پري ڌڪيائين، ”هن پاڻ کي

تنهنجي پيرن تي اڇلايو...... تنهنجي پيرن تي! او منهنجا خدا!“

هن جلدي ڪپڙا پاتا. هو جاڳي واٽي پاشا ڪان پاسو ڪري هليو ويو.

پاشا ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ ڏاڍيان روئڻ لڳي. هن کي ڏک هو ته هن پنهنجا سڀ زيور ڏئي ڇڏيا هئا. سمورو منظر ڏک ڏيندڙ هو. هن کي ياد آيو ته ڪيئن هڪڙي سيٽ تي سال اڳ هن کي سواءِ ڪنهن سبب جي مار ڪڍي هئي پوءِ هوءَ اجا به وڌيڪ رڙيون ڪري روئڻ لڳي. ■

(سه ماهي، ”مهراڻ“ جي ٿورن سان)

انسان

ديوتا دئيت



رابرٽ گرين انگرسال — ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻي

فرينچ ڪهاڻي
ليکڪ: موپاسان
سنڌيڪار: شيام سچاننداڻي

گناه

فوجي آفيسرن سان ڀريل قبرستان، گلن سان ڀريل باغ وانگر پئي لڳو. هر طرف رنگين سوٽ، بوٽ، ٻلا، ٽوپلا ۽ چمڪدار پتل جا ٻيڙا ڏسڻ ۾ پئي آيا. ٻلن سان سجيل پوشاڪون پهريل آفيسر قبر جي آس پاس چڪر هڻي رهيا هئا. قبرون، جن جي مٿان لوهه، سنگ مرمر ۽ ڪاٺ جا "تياس" پنهنجون شوق ۾ ٻڌل ٻانهون ڦهلائي بيٺا هئا.

اجا ڪجهه وقت اڳ ڪرنل لمسن جي ذرم پتنيءَ کي دفنايو ويو هو.

ٻه ڏينهن، ٿيا. هوءَ سمنڊ جي ڪناري سنان ڪندي ٻڏي وئي هئي. سڀ رسمون پوريون ٿي چڪيون هيون. پادري واپس وڃي چڪو هو. ڪرنل اجا ٻه قبر جي ڪڏ جي سامهون بيٺو هو. هو ٻين آفيسرن جي سهاري بيٺو هو. هو هيٺ ڪڏ (قبر) ۾ پيل ڪاٺ جي صندوق ڏانهن يڪ ٽڪ نهاري رهيو هو. ان صندوق ۾ هن جي نوجوان زال جو لاش پيل هو.

هو لڳ ڀڳ ٻڏو ٿي چڪو هو. پنهنجي دوست جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئائين. هن جو دوست ڌيءُ کي ٻي سهاري ڇڏي ويو هو.

ڪيپٽن، ليفٽيننٽ، جيڪي هن سان گڏ آيا هئا، اُهي هن کي اُتان وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، ليڪن هو اتان چُريو ڪونه. هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرپور هيون. هُن ڪوشش ڪري ڳوڙها اکين ۾ دٻائي رکيا هئا. هن جي وات مان آهستي نڪتو "نه، نه، اجان ٿورو وقت."

هن جو سرير نستو ٿي رهيو هو. قبر جي ڪڏ هن کي اونهي کاهيءَ وانگر پي لڳي-قبر، جنهن ۾ هن جي دل، هن جي سڄي زندگي ۽ هن جو سڀ ڪجهه پوريو پيو هو. اوچتو جنرل آرمنٽ آيو ۽ ڪرنل کي ٻانهن کان جهلي چيائين، " هلو جلدي هلو .هاڻي اوهان کي هڪ منٽ به هتي ويهڻ نه گهرجي." جنرل جو چوڻ مڃي هو پنهنجي جاءِ طرف وڌيو. ڪوارٽر ۾

پهچي هن ڪمري جو دروازو کوليو. اندر داخل ٿيندي ئي ميز وٽ هڪ لفافو پيل ڏٺائين. هن خط ڪٽي ڏٺو. اوچتو هو عجب ۾ پئجي ويو. مشڪلات سان ڪرندي ڪرندي بچيو. هن پنهنجي زال جا اکر سُڃاڻي ورتا هئا. خط تي انهيءَ ڏينهن جو ٺپو لڳل هو. لفافو ڦاڙي هو پڙهڻ لڳو.

فادر،

مونکي " فادر"چوڻ جي آگيا ڏيو جيئن مان توهان کي پهرين چوندي هيس. جنهن وقت توهان کي خط ملندو، تنهن وقت مان هن دنيا مان وڃي چُڪي هونديس.

توهان مونکي معاف ڪندا ڇاڪاڻ جو مان مٽيءَ هيٺان (قبر ۾) وڃي پهتي هونديس.

مان توهان کي رحم جي لاءِ درخواست ڪونہ ٿي ڪيان ۽ نڪو پنهنجي پاپ کي ننڍو ڪري پيش ڪرڻ ٿي چاهيان. هن وقت مان ڳنڀيرتا وچان توهان کي سچي ڳالھ ٻڌائڻ ٿي چاهيان. مان هي خط لکڻ جي اٽڪل هڪ ڪلاڪ بعد پاڻ کي موت جي حوالي ڪنديس.

جڏهن توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق مون سان شادي ڪئي، تڏهن مون پنهنجو پاڻ کي توهان جي حوالي ڪيو. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ وانگر مون دل و جان سان توهان کي پيار ڪيو. جيئن هڪ ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي پيار ڪندي آهي، تيئن مون بہ توهان کي پيار ڪيو.

مان توهان کي ايترو تہ پيار ڪندي هيس جو هڪ ڏينهن توهان مون کي گوڏن تي ويهاري چمي رهيا هئا تہ منهنجي منهن مان ازخود نڪري ويو: "فادر". اهو منهنجي دل جو آواز هو. توهان مون لاءِ بلڪل پيءُ وانگر هئا جڏهن منهنجي منهن مان "فادر لفظ نڪتو تڏهن توهان کلندي چيو هو"مون کي پيلي اٿين سڏيندي ڪر- مون کي پاڻ خوشي ٿئي ٿي."

... ۽ پوءِ اسان هتي شهر ۾ آيا سين ۽ ... ۽ معاف ڪجو "فادر" مون کي ڪنهن سان پريم ٿي ويو مون بچڻ جي ڪوشش ڪئي برابر بہ سال مون ڪوشش ڪئي، ليڪن هن جي پيار مون کي هار مڃڻ تي مجبور ڪيو. مان پاڻ بچائڻ ۾ ناڪامياب ٿيس ۽ مون پاپ ڪيو. مان اپوترتا جي کڏ ۾ ڪري پيس.

... ۽ هن ماڻهو جي باري ۾ ؟ مون کي وشواس آهي تہ توهان کي ڪڏهن بہ خبر ڪونہ پوندي اٽڪل هڪ درجن آفيسرن جو پاڻ سان لاڳاپو

هو. آفيسر، جن کي توهان سج جي چوڌاري گهمندڙ تارا ڪري چوندا هئا. فادر هن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش به نه ڪجو ۽ نه ڪو هن کي خراب سمجهجو. هن صرف اهو ڪيو آهي، جيڪو هوند پيو ڪو ڪري. مون کي وشواس آهي ته هو به مون کي سچي دل سان پيار ڪندو هو.

پوءِ ڇا ٿيو ؟ هڪ ڏينهن مون کي هن سان بڪاس بيٽ تي گڏجڻو. هو توهان کي خبر هوندي ته هي ننڍو بيٽ خاص پري ڪونهي. مون کي اتي تري ويڄڻو هو هو ننڍي وڻ پنيان بيهي منهنجي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. اتي اسان کي سج لٿي تائين ترسڻو هو جيئن اسان کي واپس وڃڻ مهل ڪو ڏسي نه وٺي. اوچتو وڻن جي تارين ۾ حرڪت پيدا ٿي. اسان جي سامهون فلپ بيٺو هو. فلپ توهان جو خاص نوڪر آهي. اسان عجب ۾ پئجي وياسين. مون کي لڳو ته منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪي رهي آهي. منهنجي منهن مان رڙ نڪتي. ان وقت منهنجي پريمي مون کي چيو "ڊارلنگ تون واپس هلي وڃ. مون کي هن سان اڪيلو رهڻ ڏي."

ڊپ ۽ گهٻراهٽ وچان، منهنجو ساهه منجهڻ لڳو مان چڱي طرح هلي به نه ٿي سگهيس. ائين ٿي لڳو ته اڄ مان بڌي ويندس خير، مان واپس گهر آيس. مون کي لڳو ته اڄ ڪا نئين ڳالهه ٿيڻ واري آهي.

هڪ ڪلاڪ بعد فلپ مون کي ڊرائنگ روم ۾ گڏيو. هن آهستي چيو "ڪو پيغام موڪلڻو هجي ته بندو هر دم حاضر آهي." مون کي سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته منهنجي پريميءَ هن کي خريد ڪري ورتو آهي. مون ڪيترائي خط ان دوران موڪليا. هو خط کڻي ويندو هو ۽ انهن جا جواب به وٺي ايندو هو.

ان طرح به مهينا گذري ويا اسان جو هن تي وشواس هو جيئن توهان جو اتس ۽ پوءِ فادر ڇا ٻڌايانوَ؟ هڪ ڏينهن جڏهن مان ان جاءِ تي پهتس ته ڏٺم ته منهنجي پريمي بدران فلپ بيٺو هو. هو مون کي چوڻ لڳو ته اگر مون هن جي خواهش پوري نه ڪئي ته هو توهان جي اڳيان راز ظاهر ڪندو. توهان کي ڏيکارڻ لاءِ هن اسان جو هڪ خط به چورايو هو.

آهه ! فادر ڊپ منهنجي من ۾ ويهجي ويو. ڪانئرتا جو ڊپ ۽ توهان جو ڊپ. مون توهان سان وشواس-گهات ڪيو هو. ڊپ ٿيم ته ڪٿي حقيقت ڄاڻڻ بعد توهان مون کي ماري نه ڇڏيو. ! مان ڪجهه به ٻڌائي نه ٿي سگهان. مان ڇڻ ته ڇري ٿي پيس نراسائي منهنجي ڇئني طرف ڦهلجي

وئي. افسوس! ڪيتريَ نہ نيچتا جي ڳالهہ چئبي!

اسان زالون ڏاڍيون ڪمزور دل واريون ٿينديون آهيون. اسين .توهان مردن کان گهڻ گهٻرائجيو ويون، انهي طرح گهٻرائجي اسين نيچتا جي رستي تي ڪريو پئون. مون کي پنهنجو هوش حواس ڪو نہ رهيو. ائين تي لڳو چڻ چاڻ مئيس ۽ مون پنهنجو پاڻ ان وحشي کي سونپي ڇڏيو.

... ۽ فادر اهو ڪجهہ ٿيو جنهن جو ڊپ هو هن نيچ وري وري مون کان ساڳئي گهر ڪئي. جڏهن هن جي دل ٿيندي هئي، تڏهن مون کي ڌمڪي ڏيندو هو. هاڻ هو بہ منهنجي پهرين پريمي وانگر روز جو پريمي بنجي پيو. ڪيتري نہ خراب ڳالهہ آهي ۽ ان جي سزا؟

پاڻي سر جي مٿان لنگهي چڪو هو موت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چاڙهو ڪو نہ هو. پنهنجي جيئري مون ۾ ايڏي طاقت ڪو نہ هئي، جو ايڏي وڏي پاپ جو مان پاڻ بيان ڪيان. هينئر موت ويجهو آهي. موت ئي مون کي هي سڀ ڪجهہ بيان ڪرڻ جي همت ڏياري رهيو آهي. مان ايتري تہ پاپڻ ٿي پئي آهيان جو موت کان سواءِ ڪنهن بہ نموني منهنجو پاپ ڌوپجي نٿو سگهي. مان پيار ڪرڻ لائق ڪونہ رهي هيس. مون کي ائين ٿي لڳو تہ چڻ جنهن بہ شيءِ تي منهنجو پاڇو پوندو اها اپوتر ٿي پوندي. هن وقت سمنڊ ۾ سنان ڪرڻ وڃي رهي آهيان ۽ واپس ڪو نہ ايندس. توهان ڏانهن لکيل هي خط مان پنهنجي پريمي ڏانهن بہ موڪلي رهي آهيان. هي خط جڏهن منهنجي پريميءَ کيَ ملندو، تڏهن مان مري چڪي هونديس. منهنجو پريمي پئي ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان سواءِ خط توهان ڏانهن موڪليندو اها منهنجي خواهش آهي جا منهنجو پريمي ضرور پوري ڪندو. جڏهن توهان قبرستان مان موٽندا تڏهن توهان کي هي خط ملندو ۽ توهان پڙهندا.

الوداع، فادر! بس، منهنجي ايتري ئي ڪهاڻي آهي. جيئن توهان جي دل چوي تيئن ڪندا پر، فادر مون کي معاف ضرور ڪجو... !

ڪرنل خط پڙهي منهن تان پگهر اگهيو. هن جي دل ۽ دماغ ۾ چڻ لڙائي جي ميدان جهڙو جوش اچي ويو. هن گهنٽي وڄائي. هڪ نوڪر اچي حاضر ٿيو.

” فلپ کي اندر موڪل.“ ڪرنل چيو ۽ ميز جو خانو کوليا ئين.

فلپ اچي حاضر ٿيو. ڊگهو بدن جو پريل، پورين مڇن وارو انسان. هن جي اکين مان نيچتا ٽمي رهي هئي.

ڪرنل هن جي اکين سان پنهنجون اکيون ملائيندي چيو. ”مون توکي پنهنجي زال جي پريميءَ جو نالو پڇڻ لاءِ گهرايو آهي.“

”پر ... ڪرنل ... صاحب“

ڪرنل اڌ کليل ميز جي خاني مان پستول ڪڍيو. ”جلدي ڪر. هيءَ ڏس، مان مذاق ڪو نه ٿو ڪريان.“ ڪرنل جو چهرو غصي وچان ڳاڙهو ٿي ويو.

ڪرنل صاحب ... هن جو نالو ... سينٽ ايلبرٽ آهي.“

ٺا ! اچا فلپ جي منهن مان پورو نالو نڪتو ئي مس ته ڪرنل پستول جو گهوڙو دٻايو. فلپ منهن پر ڪري پيو. گولي هن جي کوپڙي مان آر پار لنگهي وئي هئي.

ڪرنل هن جي منهن تي ڪراهت وچان ٿڪ ڦٽي ڪئي.■

(ماهوار ”ڪونج“، پارت، جي ٿورن سان)

مارڪ ٽئين
ثريا مخدوم

هڪ ڪروڙ پائو جو نوٽ

[مارڪ ٽُئين امريڪا جي جديد ادب جي بانين مان ليکيو وڃي ٿو. هو ١٨٣٥ع ۾ ڄائو ۽ ١٩١٠ع ۾ وفات ڪيائين. سندس اصل نالو سيموئل ڪليمنن هو. هن پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ننڍين ڪهاڻين سان ڪئي، پر اڳتي هلي هو هڪ ناول نويس جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. "هڪلبيري فِن" سندس هڪ شاهڪار ناول آهي.

مارڪ ٽئين بنيادي طور تي هڪ مزاح نگار آهي، پر سندس مزاح اتاچرو نہ آهي، ان ۾ اونهائپ ۽ دبيل طنز آهي. ان جو مثال هيٺ ڏنل ڪهاڻيءَ مان بہ ملي سگهي ٿو. ان ۾ هن ڪِل ٺي ڪِل ۾ انگريزن جي ڪن اٽوٽندڙ رواجن، جيئن تہ هر معاملي کي شرط سان نبيرڻ ۽ دعوت جي راويتي شروعات ڪرڻ وارِي دستور تي ٽوڪ ڪئي آهي.

پيو تہ ان ڪهاڻيءَ ۾ پونجيوادي سماج جي هڪ ناسور کي ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن موجب هڪ سماج ۾ عزت لائق رڳو اهو ماڻهو آهي، جنهن وٽ پئسو آهي. ان ڪهاڻيءَ جو سورمو (Hero) هڪ غريب ڇوڪرو آهي، جنهن جي هوندءَ تہ ڪا بہ حيثيت نہ هئي، پر جڏهن هن وٽ هڪ "وڏو" نوٽ اچي وڃي ٿو تہ هو هڪدم مانَ وارو بڻجي پوي ٿو. هن جو حسب نسب پڻ اعليٰ ٿي پوي ٿو. جيتوڻيڪ هو پوءِ بہ هٿين خالي رهي ٿو، پر رڳو ان "وڏي" نوٽ جي هڪ جهلڪ سان ٿي اهي سڀ آسائشون ماڻي ٿو جيڪي پونجيوادي سماج ۾ مٿاهين طبقي جا ماڻهو ماڻين ٿا، ايتريقدر جو لقب بہ ملنس ٿا.

مارڪ ٽئين پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو مسسپي درياهہ جي ماتريءَ ۾ گذاريو جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو هن جي اڪثر ڪتابن ۾ درياهہ جي زندگيءَ جا اُهڃاڻ ملن ٿا. ڪي ڪتاب تہ هن لکيا ئي ان زندگيءَ جي باري ۾ آهن. هيٺ ڏنل ڪهاڻيءَ ۾ پڻ اهڙا اُهڃاڻ ملن ٿا. _ ثريا مخدوم]

مان جڏهن ستاويهن سالن جو هوس، تڏهن سئن فرئنسسڪو ۾ ڪاٽين جي هڪ دلال جو ڪلارڪ هوس، ۽ انهيءَ ڪري هر قسم جي ڏيتي ليتيءَ ۾ پَڙ تي رَيو هوس. مان دنيا ۾ اڪيلو هوس. مون وٽ اهڙي

ڪا بہ شيءِ نہ هئي، جنهن تي ڀاڙيان، سواءِ پنهنجي ڳُڻن ۽ چڱن لڇڻن جي؛ پر اهي منهنجي قسمت ناهڻ ۾ منهنجي مدد ڪري رهيا هئا ۽ مان آئيندي لاءِ مطمئن هوس.

هفتي جي پوين ڏينهن ۾، منجهند جي مانيءَ کان پوءِ منهنجو وقت، منهنجو پنهنجو هوندو هو. ان وقت مان هڪ ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، سمنڊ ۾ سير ڪرڻ ويندو هوس. هڪ ڏينهن مان تمام پري نڪري ويس. بس پوءِ تہ واپس ورڻ جون سڀ اميدون لاهي ويٺس؛ پر اتفاق سان هڪ ننڍو ڦرهو جهاز وٽان اچي لانگهائو ٿيو. جنهن مون کي کنيو. اهو جهاز لنڊن ڏانهن وڃي رهيو هو. اها تمام وڏي ۽ طوفاني مسافري هئي. هنن مون کي ڀاڙي جي عيوض هڪ عام تاروءَ جي حيثيت ۾ رکي ڪم ڪرايو. جڏهن مان لنڊن جي بندر تي پهتس، تہ منهنجا ڪپڙا ميرا تي چِڪا هئا ۽ منهنجي کيسي ۾ صرف هڪ ڊالر وڃي بچيو هو. انهيءَ رقم مون کي چو ويهہ ڪلاڪ پاليو ۽ پناهہ ڏني. ٻيا چو ويهہ ڪلاڪ مون بنا کاڌي ۽ اُجهي جي گذاريا. ٻئي ڏينهن صبح جو نستو ۽ بکيو، مان پنهنجو پاڻ کي پورٽليند پيلس ڏانهن گهليندو پئي ويس تہ اتي هڪ ٻار، جنهن کي سندس نوڪرياڻي گهمائي رهي هئي، هڪ ناسپاتي_هڪ چڪ گهٽ_ گٽر ۾ اڇلائي.

مان هڪدم بيهي رهيس ۽ پنهنجي آسائتي اک ان گپ جي خزاني ۾ کپائي ڇڏيم. منهنجو وات پاڻي پاڻي پئي ٿيو منهنجو پيٽ ان لاءِ ليلايو منهنجي سڄي وجود ان جي خيرات گهري پر هو هر پيري جيئن مان ان کي کڻڻ لاءِ نوڙيس ٿي تہ ڪنهن لنگهندڙ اک منهنجو ارادو تاڙي تي ورتو ۽ مان وري سڌو ٿي، اهڙي تہ لاپرواهي ڏيکاريندو، ڄڻ تہ مون ان ناسپاتيءَ لاءِ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. اها حالت ٿيندي ئي رهي ۽ مان ناسپاتي کڻي نہ سگهيس. آخر ڪار مان ايڏو تہ نا اُميد ٿيس جو شرم حياءَ جا ليڪا لتاڙي ناسپاتي کڻڻ وارو ئي هوس، تہ منهنجي پويان هڪ دري کلي ۽ هڪ پرئي مڙس مون سان ڳالهائيندي چيو تہ:

"مهرباني ڪري هيڏانهن اچو"

مان ان گهر ۾ گهڙيس، جتي هڪ باوردي نوڪر جي سونهپ ۾ مون کي هڪ عاليشان ڪمري ۾ پهچايو ويو. ان ڪمري ۾ پوڙهن همراهن جو هڪ جوڙو ويٺل هو. نوڪر کي ٻاهر موڪلي هنن مون کي ويهڻ لاءِ چيو.

ميز تي پيل مانيءَ جي ٻچيل ٽڪرن مان لڳو ٿي، تہ هنن تازو نيرن ڪئي هئي. انهن مانيءَ جي ڳپين مون تي جادو وارو اثر ڪيو. اها چاڻ تہ رڳو مون کي ٿي آهي، تہ مون ڪيئن پاڻ کي جهليو. منهنجون اکيون انهيءَ ڪاڏي ۾ ڪتل هيون. پر مون کي ڪاڏي کائڻ جي ڪا بہ صلاح نہ ڪئي وئي. بس پوءِ تہ جنهن پيڙا مان مون کي لنگهڻو پيو تنهنجي خبر منهنجي دل کي آهي.

هاڻي، ڪا ٿوري مهل اڳ اتي ڪجهہ ٿيو پئي جنهن جي باري ۾ مون کي ان ڪان پوءِ ڪافي ڏينهن تائين ڪا خبر نہ پئجيٰ سگهي؛ پر اوهان کي مان اهو سڀ ڪجهہ هاڻي ٿي ٻڌائيندس.

هنن ٻنهي پوڙهن ياٽرن وچ ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ گرما گرم بحث هليو پئي، ۽ انهيءَ نهراءَ تي پورو ٿيو هو تہ ان جو فيصلو شرط سان ڪيو ويندو جيڪو هر معاملي کي نيبرڻ جو انگريزي طريقو آهي.

اوهان اکي ياد هوندو تہ هڪ گهمري انگلينڊ جي بينڪ ڪنهن ڌارئي ملڪ سان ڏيتي ليتي جي سلسلي ۾ هڪڙي خاص مقصد لاءِ ١٠ هڪ ڪروڙ پائونڊن جا بہ نوٽ جاري ڪيا هئا، پر ڪنهن سبب جي ڪري انهن ۾ صرف هڪ استعمال ڪيو ويو هو ۽ نيڪال تي ويو هو، پيو اڄا تائين بينڪ جي خزاني ۾ پيو هو. اتفاق سان اهي مالدار ياٽر ڳالهيون ڪندي اچي ان ڳالهہ تي ويچارڻ لڳا، تہ هڪ صفا ايماندار شخص جي هونڊ ڪهڙي حالت ٿئي، جنهن کي لنڊن جي شهر ۾ صفا هيڪلو ڇڏيو وڃي ۽ هن وٽ پيو ڪجهہ بہ نہ هجي سواءِ انهيءَ بينڪ نوٽ جي. جنهن کي ظاهر آهي تہ هو ظاهر ڪري بہ نہ سگهندو. ياٽر "الف" چيو تہ هو لنگهڻ وگهي مري ويندو؛ ياٽر "ب" چيو تہ ائين نہ ٿيندو. ياٽر "الف" تنهن تي چيو هو ان کي بينڪ يا ڪنهن بہ ٻئي هنڌ ڏئي نہ سگهندو، ڇاڪاڻ تہ ڏئي تي ئي گرفتار ٿي پوندو. اهڙيءَ طرح هو تڪرار ڪندا رهيا، تان جو ياٽر "ب" چيو تہ هو ان لاءِ ٢٠ هزار پائونڊ شرط لڳائڻ لاءِ تيار آهي، اتہ اهو ماڻهو انهن هڪ ڪروڙ لکن تي ڪنهڙي بہ طرح ٽيهہ ڏينهن گذارو ڪندو. ۽ جيل ڪان بہ ٻاهر هوندو. ياٽر "الف" هن کي ورائي ويو. نيٺ ياٽر "ب" بينڪ ۾ ويو ۽ اهو نوٽ ڪڍي آيو. توهان ڏٺو صفا هڪ انگريز وانگر! پوءِ هن هڪڙو خط لکرايو جيڪو سندس منشين مان هڪ سهڻن اکر ۾ لکيو. ۽ ٻئي ياٽر ان کي ڏيڻ لاءِ سڄو ڏينهن ڪنهن صحيح ماڻهو

لاءِ واجهائيندا رهيا. هنن ڪيترائي ماڻهو سامهون لنگهندي ڏٺا، پر اهي ذهين نہ هئا ڪيترائي ذهين هئا، تہ وري ايماندار نہ هئا، جن ۾ وري اهي ٻئي گڻ هئا، تہ اهي غريب نہ هئا، يا جيڪڏهن ڪافي غريب بہ هئا تہ اوپرا يا ڌاريا نہ هئا. مطلب تہ هر ڪنهن ۾ڪا نہ ڪا کوٽ هئي، تان جو مان هنن جي ور چڙهيس ۽ هنن مڃيو تہ هر مان هر لحاظ کان صحيح ماڻهو هوس، سو هنن مون کي يڪراءِ چونڊي ورتو— ۽ هاڻي مان اتي اهو ڄاڻڻ لاءِ سيڙيو ويٺو هوس تہ هنن مون کي ڇو سڏايو هو! هنن مون کان منهنجي باري ۾ سوال پڇڻ شروع ڪيا. ۽ جلد ئي کين منهنجي ڪهاڻي معلوم ٿي وئي. پوءِ نيٺ هنن مون کي ٻڌايو تہ، مون کي سندن هڪ ڪم ڪرڻو آهي. مون کين ٻڌايو تہ مون کي ان لاءِ سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿيندي، ۽ پڇيم تہ اهو ڪم ڪهڙو هو؟ پوءِ هنن مون کي هڪ بند لفافو ڏنو ۽ چيو تہ مون کي ان جي اندر پنهنجي ڪم جي وضاحت ملندي. مون ان کي کوليو ٿي تہ هنن چيو نہ، هن کي پنهنجي جاءِ تي کڻي وڃان ۽ تيستائين اپهرو نہ ٿيان. مان منجهي پيس ۽ ان معاملي تي وڌيڪ بحث گهرڻ گهريم، پر هنن اهڙين ڪرڻ نہ ڏنو، سو اهڙي قسم جي عملي يوڳ تي پاڻ کي بيعزت ۽ ڪريل محسوس ڪندي ۽ پوءِ ان سان منهن ڏيڻ لاءِ مجبور هوندي ڇو تہ امير ۽ طاقتور ماڻهن جي چٿرن جي جواب ڏيڻ جي حالت ۾ نہ هوس، مون ڪاٺن موڪلايو.

منهنجي حالت هاڻي اها هئي، جو اها ساڳئي ناسپاتي ڏسان ها، تہ سچي دنيا جي سامهون بيهي کاوان ها، پر اها بہ وڃائجي چڪي هئي، سو مون ان کي بہ هن نياڳئي ڏنڌي ۾ وڃائي ڇڏيو! ان جي خيال منهنجي بکئي من ۾ آنڌ مانڌ مچائي ڏني ۽ هنن ماڻهن ڏانهن منهنجي جذبن کي پڙڪايو. ان گهر کان پر پرو ٿيندي ئي، مون پنهنجو لفافو کوليو ۽ ڏٺم تہ ان ۾ ڏوڪڙ هئا. هاڻي انهن ماڻهن جي باري ۾ منهنجي راءِ ڪيئن تبديل ٿي، اهو مان ٿي چئي سگهان ٿو! مون هڪ لحظو بہ زيان نہ ڪيو ۽ نوٽ ۽ پنهنجي سوٽ جي پوئين کيسي ۾ سانڊيم ۽ ويجهڙائيءَ واري هڪ سستي هوٽل ۾ گهڙيس. ڇڱو پوءِ مون ڪيئن کاڌو. جڏهن مان گهڻو وقت ويهي نہ سگهيس تہ پنهنجي موڙي ٻاهر ڪڍي کوليم. هڪ ئي نظر ۾ ذري گهٽ غش ٿي ويس. هڪ ڪروڙ پائونڊ نوٽ! انهن تہ منهنجو متو ئي ڦيرائي ڇڏيو. مان ٻنا اک ڇنڀڻ جي ان نوٽ کي تڪيندو رهيس ۽ شايد

تڪيندو ٿي زهان ها، پر هڪ ٻي عجيب ڳالهہ نوٽ ڪيم ۽ اها هئي هوٽل جو مالڪ. هن جي اک نوٽ تي هئي ۽ هو اچرج ۾ ٻڏو پيو هو. اٿين پئي لڳو ڄڻ هو پنهنجي سموري جسم ۽ روح سان ان جي پوڄا ڪري رهيو هو. هو صفا ٻت ٻڻجي ويو هو ڄڻ تہ پنهنجا هٿ ۽ پير چوري بہ نہ سگهندو. اها حالت ڏسي مون هڪ لحظي ۾ پنهنجي حالت ٺيڪ ڪئي ۽ ان محل جيڪو مناسب سمجهيم. سو ڪيم. مون نوٽ هن ڏانهن وڌايو ۽ بي خياليءَ سان چيو:

"مهرباني ڪري مون کي باقي زيرو ڏيو."

اهو ٻڌندي ئي هو پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ اچي ويو ۽ نوٽ مٽائڻ جي لائق نہ هئڻ لاءِ هزارين معافيون گهريائين. هن جي اکين جي اڄ اجهامڻ جي نہ هئي، پر افسوس جو هو نوٽ کي ڇهي بہ نہ پئي سگهيو. ڄڻ تہ اها شيءِ هن غريب جي ڪٽڻ کان ڳري هئي. چيو مانس:

"معاف ڪجو اهو مناسب تہ نہ آهي، پر هن وقت مون وٽ کليو پئسو نہ آهي، تنهنڪري مهرباني ڪري مون کي هي ئي مٽائي ڏيو."

پر هن چيو تہ اها ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئي. هو اهو ليکو ٻئي دفعي وٺي پئي سگهيو. مون چيس تہ: "مان سندس پاڙي ۾ شايد ڳچ وقت تائين نہ اچان" هن ان تي وراڻيو تہ ان جي بہ ڪا! تڪڙ نہ هئي، هو ترسي سگهيو ٿي، پيو تہ مان ڪنهن بہ محل ڪا شيءِ هن کان وٺي سگهيس ٿي، ۽ ان ڪنڌي کي جيستائين وڻيم تيستائين هلائي سگهيس ٿي. هن چيو تہ کيس اميد هئي تہ هو مون پاري هڪ شاهوڪار شخص ۾ رڳو انهيءَ ڪري ويساهہ ڪرڻ کان نٽي ڏنو جو مان هڪ ڪلمک شخصيت جو مالڪ هئس ۽ غريباڻو ويس ڍڪي ماڻهن کي بيوقوف بڻائي رهيو هوس، ان محل هڪ پيو گراڪ اچي رهيو هو. سو هوٽل جي مالڪ مون کي ان ديو جهڙيءَ شيءِ کي لڪائڻ جو اشارو ڪيو. پوءِ هو در تائين مون سان نوڙندو هليو ۽ ان کان اڳ جو مون کي پوليس جهلي، مان ڪيل خطا کي بخشائڻ لاءِ ساڳئي گهر ۽ ان جي مالڪن، ٻن ڀائرن ڏانهن ويس. مان ڏاڍو منجهي پيو هوس. در اصل ڏاڍو ڏڃي ويو هئس، جيتوڻيڪ منهنجو ان واقعي ۾ ڪو ڏوهہ بہ نہ هو، پر مان ماڻهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻندو هوس، تہ هنن کي جڏهن خبر پوندي، تہ هنن ڪنهن اڻواقف شخص کي ڪروڙ پائونڊن جو چيڪ هڪ پائونڊ جو نوٽ سمجهي ڏنو آهي، تہ بجاءِ پنهنجي

تنگ نظريءَ ڪي ننڌن جي، هو ان غريب شخص کي ڏڪارڻ لڳندا آهن. جيئن ئي مان گهر تي پهتس، منهنجو جوش وڌڻ لڳو. جو اتي تہ سڀڪجهہ سانت هو. ان سان مون کي پڪ ٿي، تہ هنن کي اجا پنهنجي ڀُل جي خبر ڪا نہ پئي هئي. مون گهنٽي وڄائي. ساڳيو نوڪر نڪري آيو. مون هنن ڀَريَن مڙسن جو پڇيو:

"هو هليا ويا آهن." اهو اُهي انهن ماڻهن جي طبقي جو هنيلو ۽ سرد انداز!

"هليا ويا. ڪيڏانهن؟"

"مسافريءَ تي."

"پر ڪيڏانهن؟"

"ولايت، منهنجي خيال ۾ تہ."

"ولايت؟"

"هائو سائين."

"ڪهڙيءَ واٽ، ڪهڙي دڳ کان؟"

"اهو مان نہ ٿو چئي سگهان، سائين."

"هو موٽندا ڪڏهن؟"

"هڪ مهيني ۾، سندن چوڻ موجب."

"هڪ مهينو!. آه! اهو تہ ڏاڍو عجيب آهي! مون کي ڪو طريقو ٻڌاءِ، تہ مان ڪهڙيءَ طرح هنن تائين هڪ نياپو پهچائي سگهان ٿو اهو ڏاڍو ضروري آهي."

"مون کي ڪا خبر نہ آهي تہ هو ڪيڏانهن ويا آهن، سائين."

"تہ پوءِ مان ڪٽنب جي ڪنهن ٻئي ڀاتيءَ کي ڏسڻ گهرندس."

"ڪٽنب پڻ ٻاهر ويل آهي؛ مهيني کان ٻاهر آهي - مان سمجهان ٿو مصر يا هندستان."

"ڀائو هنن کان هڪ تمام وڏي چڪ ٿي وئي آهي. هو رات پوڻ کان اڳ ئي موٽي ايندا. چا تون کين ٻڌائيندين تہ مان هت آيو هوس، ۽ اهو تہ ايندو رهندس، جيستائين اهو سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي وڃي. کين ڏڄڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي؟"

"جيڪڏهن هو موٽي آيا تہ مان کين ٻڌائيندس؛ پر مون کي هنن جو

اوسيڙو ناهي مان هنن چيو هو تہ ٿون هڪ ڪلاڪ اندر هت جاچ ڪرڻ ايندين، پر ها توکي پڌايان ٿو تہ سيڪجھہ ٺيڪ آهي. هو پنهنجي وقت تي هت هوندا ۽ تنهنجو انتظار ڪندا.“

سو مون کي اهو خيال بہ تياڳڻو پيو ۽ موٽي آيس. ڇا تہ ڳجهارت هئي! مان تہ پنهنجو هوش وڃائڻ تي هوس، هو هُت ”وقت تي“ هوندا. ان جو ڪهڙو مُطلب تي سگهيو تي؟ شايد خط ان جي ڇنڊائي ڪري. مون تہ ان کي بہ وساري ئي ڇڏيو هو. اهو خط ٻاهر ڪڍي پڙهيم. اجهو منجهس هيئن چيل هو:

تنهنجي منهن مان لڳي ٿو تہ تون هڪ ذهين ۽ ايماندار ماڻهو آهين، اسين اهو بہ سمجهون ٿا تہ تون هت اوپرو ۽ غريب آهين. لفافي ۾ توکي ڪجهہ رقم ملندي. اها توکي تيهن ڏينهن لاءِ بنا وياج جي ڏني وئي آهي. ان مُدي جي پڇاڙيءَ تي، هن ئي گهر ۾ احوال ڏئي وڃجانءِ. مون توتي هڪ شرط هنئي آهي. جيڪڏهن مان اها کٽي ويس، تہ منهنجي انعام ۾ ڪهڙو بہ درجو ماڻي سگهين ٿو ـــ ڪوبہ، يعني تون پاڻ کي ان جهڙو ثابت ڪندين ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين.“

نہ صحيح، نہ ايڊريس، نہ تاريخ. ڇڱو جنجال هو! ان کان اڳ جيڪا گذري توهان ان کان تہ واقف ٿي چڪا آهيو،پر مان تہ صفا اڇانڻ هئس. اها منهنجي لاءِ هڪ اونهي، ڳجهي پرولي هئي. مون کي تہ جيتري بہ سڌ نہ هئي تہ اها راند ڪهڙي هئي؟ ۽ الائجي منهنجي لاءِ نقصان واري هئي يا فائدي واري! مان هڪ باغ ۾ ويس ۽ ويهي ان باري ۾ ويچارڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ سوچڻ لڳس، تہ سنئون دڳ ڪهڙو هو جنهن تي وڪ کڻان! نيٺ هڪ ڪلاڪ جي پڇاڙيءَ تي منهنجي دليل بازي ان نقطي تي پهتي:

ٿي سگهي ٿو تہ انهن ماڻهن مون کي ڇڱو سمجهيو هجي؛ ٿي سگهي ٿو انهن مون کي هيٺو سمجهيو هجي، پر انهيءَ نبيري جي ڪابہ واهہ نہ هئي ـ سو لنوايوس. هنن کي ڪا ڪيڏ سجهي هوندي يا ڪا رٿ، يا تجربو جنهن کي آزمائي سگهن؛ انهيءَ خيال کي صحيح ثابت ڪرڻ جي بہ ڪا واهہ نہ آهي ـ سو لنوايوس. مون تي هڪ شرط هنئي آهي؛ اهو معلوم ڪرڻ جو بہ تہ ڪو وسيلو نہ هو ـ سو ان کي هٽو ڪڏ ۾. انهن ڳالهين جو نبيرو ٿيڻ وارو نہ آهي؛ باقي معاملو واضح، ڇنڊو ۽ يقيني آهي.

جيڪڏهن مان انگلينڊ جي بئنڪ وارن کي چوان، تہ اهو نوٽ انهيءَ ماڻهوءَ جي نالي جمع ڪن جنهن جو آهي تہ هو ڪندا. چاڪاڻ تہ اهي ڪيس چاڙهن ٿا، باوجود ان جي جو مان نہ ٿو چاهيان؛ پر هو مون کان پڇندا تہ مون ڪيس ڪيئن هٿ ڪيو؟ ۽ جيڪڏهن مون سچ ٻڌايو تہ هو لازمي طور تي مون کي پاڳل خاني ۾ موڪليندا ۽ جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهايم، تہ جيل اماڻيو ويندس؛ ۽ جيڪڏهن مون نوٽ کي ڪنهن ٻيءَ بئنڪ مان مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي يا ان تي اوڌر ڪٽندس تہ بہ ساڳيو نتيجو نڪرندو. سو مون کي پنهنجي مرضيءَ خلاف اهو ڳرو بار تيستائين کڻي گهُمائڻو آهي، جيستائين هو همراهہ موٽي اچن. اهو نوٽ منهنجي لاءِ بيڪار آهي ايترو بيڪار جيترو ڏوڙ جو ڀڪ. پر پوءِ بہ مون کي ان جي سنڀال ڪرڻي آهي، ان تي نظرداري ڪرڻي آهي. جڏهن تہ مان پنهنجي جياپي لاءِ محتاج آهيان. مان ان کي ڪنهن کي ڏئي بہ ڪين سگهيس، پوءِ ڀلي ڪٽي اهڙي ڪا ڪوشش ڪيان ها؛ چاڪاڻ تہ ڪوبہ ايماندار شهري يا سڪر ماڻهو ان کي قبول نہ ڪري ها ۽ نہ ئي ان جو ڪنهن ٻيءَ شيءَ سان سودو ڪري ها. هو ٻئي تہ محفوظ آهن، توڙي کٽي مان سندن نوٽ وڃائي ڇڏيان يا ساڙيان، پوءِ بہ هو محفوظ آهن، چاڪاڻ تہ هو وڏيڪ پئسن ڏين کان بس ڪري ڇڏيندا ۽ بئنڪ هنن کي پورا پئسا ڏيندي؛ پرَ مون کي تہ بنا نفعي يا پگهار جي اها پيڙا سهڻي آهي ـ جيستائين وچي مان ان اڻ ڄاتل شرط کٽڻ ۾ مدد ڪريان ۽ پاڻ سان وچن ڪيل درجو ماڻيان، مون کي ڪيپي تہ مان ان درجي کي حاصل ڪرڻ گهران؛ ان قسم جي ماڻهن کي پنهنجي انعام ۾ اهي درجا حاصل هوندا آهن، جن جي هو لائق آهن.

انهيءَ صورتحال بابت مان چڱيءَ طرح سوچڻ لڳس. منهنجون اميدون وڌڻ لڳيون. بلاشڪ منهنجي پگهار وڏي ويندي.ان کان پوءِ مان صفا اها هڪ مهيني ۾ شروع ٿي ويندي، ان کان پوءِ مان صفا نيڪ ٿي ويندس. اهي پور پچائيندو مان وري رستا ماپڻ لڳس. هڪ درزيءَ جي دڪان جي ڏيک مون ۾ ٽِڳڙين کي لاهڻ ۽ پاڻ کي هڪ پيرو وري سٺيءَ طرح پهرائڻ جي تانگهہ پيدا ڪئي. ڇا مان ڪو ٺاهوڪو وڳو وٺي ٿي سگهيس؟ نہ، مون کي دنيا ۾ هڪ ڪروڙ پائونڊ جي نوٽ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. سو مون پاڻ کي اڳتي وڌڻ لاءِ مجبور ڪيو، پر مان وري

رهيو هوس. مون کي حرص سختيءَ سان ڦاسائي ڇڏيو هو. انهيءَ ڏکيءَ ويڙهه ۾ مان ڇهه پيرا ان دڪان تائين آيو ۽ ويو هوندس. نيٺ مون هار مڃي. مون کي مٺڙو پيو. پڇيو مانِ ته هنن وٽ ڪو اهڙو اڏوراٽو وڳو هو جيڪو کين وڪڻي ڏنو ويو هجي. مون جنهن ماڻهوءَ سان ڳالهايو تنهن ٻئي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ مون کي ڪا ورندي نه ڏني. مان ڏسيل ماڻهوءَ ڏانهن ويس ۽ هن لفظن سان نه، پر پنهنجي مٿي سان ٻئي ماڻهوءَ جو ڏس ڏنو. مان انهيءَ ڏانهن ويس ۽ هن چيو:

" في الحال توڏانهن اچي نه ٿو سگهان."

مان تيستائين بيٺو رهيس، جيستائين هن اهو ڪم پورو ڪيو جنهن ۾ رڌل هو. پوءِ مون کي پوئين ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ اڏوراٽن ڪپڙن جي ڍڳ کي اٿلائي پٿلائي منهنجي لاءِ سڀ کان چڱو وڳو چونڊيائين. مون اهو پاتو. اهو مون کي پورو نه هو ۽ نه ٻيءَ ڪنهن طرح ٺاهوڪو هو پر اهو نئون هو ۽ مان ان کي حاصل ڪرڻ آيو هئس ـ سو مون کي ان ۾ ڪابه وڏ ڏسڻ ۾ ڪين آئي، پر ڪجهه گهٻرائيندي چيم:

" اها مون سان ڀلائي ٿيندي، جيڪڏهن اوهان پئسن لاءِ ڪجهه ڏينهن ترسو. مون وٽ هن مهل ڪي به ننڍيل نوٽ نه آهن."

"اوهه، تو وٽ نه آهن؟ دراصل مون کي سچ پچ اها اميد نه هئي. تو پارن ماڻهن لاءِ ته مان سمجهندو آهيان، ته ننڍيل نوٽن جو چڱو چوکو ڍڳ کڻي گهمندا هوندؤ."

مون کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ چيومانس:

" منهنجا دوست، توهان کي ڪنهن اوپري ماڻهوءَ کي سدائين کيس پاتل ڪپڙن مان نه پرکڻ کپي. هن وڳي جو ملهه چڪائڻ لاءِ مان بلڪل تيار آهيان. مون ته رڳوايڏي وڏي نوٽ کي مٽائڻ لاءِ اوهان کي تڪليف ۾ وجهڻ نه پئي گهريو."

تنهن کان پوءِ هن پنهنجي لهجي کي ڪجهه سڌاريو جيتوڻيڪ ٿوري رُڪائي پوءِ به هئس، ۽ چيائين:

" ڪا خاص تڪليف ڏيڻ منهنجو مقصد نه هو، پر جيستائين کُهري ڳالهائڻ جو تعلق آهي، ته مان چوندس، ته تنهنجي اها دعويٰ اجائي آهي، ته ڪو اسين وڏا نوٽ مٽائي نه ٿا سگهون. آخر تو وٽ اهڙو ڪهڙو نوٽ آهي، جو اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين؟ تنهنجي دعوا جي ابتڙ اسين هر نوٽ

متائي سگهون ٿا.“

مون نوٽ هن ڏانهن وڌايو ۽ چيو:

؟اوهه! چڱو مون کي معاف ڪبندا.“

هن اهو هڪ مُرڪ سان ورتو ـ اها ڦرندڙ گهرندڙ مرڪن مان هڪ مرڪ، جنهن جي اندر ۾ ڪئين ڳنڍ ۽ گهُنج ۽ وڪڙ ٿيندا آهن ۽ ايئن نظر ايندا آهن، جيئن مائي پاٽيءَ ۾ پٿر اڇلائڻ کان پوءِ پاٽيءَ جو حال، ۽ پوءِ نوٽ تي پنهنجي متاڇري نظر وجهڻ جو ڏيکاءُ ڪندي، اها مرڪ پٿر مان ميڻ تي لچائجي وئي، ۽ ٻرندڙ جبل مان نڪرندڙ انهن الن وانگر ڏسڻ ۾ آئي، جيڪي توهان کي جبل لڳ ننڍين ٽڪرين تي ڪريل ملندا آهن. مون اڳ ۾ ڪاٻه مرڪ اهڙيءَ طرح ڦاسندي ۽ ڦٽڪندي نه ڏٺي هئي. همراهه نوٽ جهليو اتي ئي بيٺو رهيو ۽ ان کي تڪيندو ئي رهيو. دڪان جو مالڪ اهو ڏسڻ لاءِ ته معاملو ڪهڙو هو اندر گهڙي آيو ۽ پڇيائين:

” ڪهڙي ڳالهه منجهايو اٿوَ ؟ ڪهڙي ڏکيائي آهي؟ ڇا ٿو گهري؟ ـ ـ هيڏي آ، هن جا باقي پئسا ڏينس، ٽوڊ.“

ٽوڊ وراڻيو: ” باقي پئسا ڏيانس! اهو چوڻ ڏاڍو سولو آهي، سائين: اجهو توهان پاڻهي نوٽ کي ڏسو.“

دڪان جي مالڪ نوٽ تي هڪ متاڇري نظر وجهي، ڊبيل سيٽي وڄائي. پوءِ اڏوراٽن ڪپڙن جي ڍڳ ۾ هٿ وڌائين. انهن کي اٿلائي پٿلائي اُتاولي ڍنگ ۾ سرباٽ به ڪندو رهيو جڻ ته پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو هجي.

” ڪنهن لڪ ـ پٽيءَ کي اهڙو بي ڍؤلو وڳو ڏبو آهي: ٽوڊ ته ٻنهه ڪو چسو آهي، ڄائي ڄم کان موڳو سدائين اهڙيون حرڪتون ڪندو آهي. هر لڪ پٽيءَ کي هن جاءِ مان ڪڍي ڇڏيندو آهي. هن کي هڪ رولاڪ ۽ سکر شخص ۾ ڪو فرق نظر نه ايندو آهي. اوهه، هيءَ آهي اها شيءَ، جنهن کي مان ڳولهيان پيو سائين. مهرباني ڪري اهي ٽڳڙيون لاهيو ۽ باهه ۾ اڇلايو. مون سان قرب ڪري، هيءَ قميص ۽ هي سوٽ پايو. اها ئي ته شيءِ آهي، ـــ اصل شيءِ، غير نمائشي، اُڇي، ٺاهوڪي ۽ صفا، اميرن جي پائڻ وٽان.هيءُ وڳو هڪ پرڏيهي شهزادي جي گهر تي تيار ڪيو ويو هو ـتوهان کيس سڃاڻندا هوندؤ سائين. مانَ وارو هاسپوڊر هيلپفيڪس وارو. هي وڳو کيس اسان وٽ ڇڏي ويٺو پيو. ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ

مرٽينگ هئي، جيتوڻيڪ هوءَ بچي وئي. خير، سڀ ٺيڪ آهي; اسان هميشہ تہ ساڳيءَ حالت ۾ نتا رهي سگهون-يعني جئين اسان-ڏسو سوٽ صفا پورو. سائين. اهو توهان کي ڏاڍو ٺهي پيو هاڻي واسڪوٽ; اهو وري بہ پورو! هاڻي ڪوٽ-منهنجا رب، هوڏانهن تہ ڏسو صفا پورو! سچو وڳو! پنهنجي سموري تجربي ۾ اهڙي ڪاميابي مون ڪڏهن نہ ڏٺي."

مون سک جو ساهہ کنيو.

" ٺيڪ آهي، سائين; بالڪل ٺيڪ، اهو في الحال ڪم ڏئي ويندو. مان عرض ٿو ڪيانو تہ ترسو ۽ ڏسو تہ توهان جي پنهنجي ماپ تي اسان توهان لاءِ ڇا ڇا تيار ڪيون. تود، پين ۽ پنو کڻي اچ ماپ لک: ٽنگ جي ڊيگهہ ٣٢ ــــ..."

ان کان اڳ جو مان ڪو اکر اُچاري سگهان، هن منهنجي ماپ وٺي ڇڏي هئي ۽ اچڻ وڃڻ جون پوشاڪون، صبح جي پائڻ جا وڳا، قميصون، مطلب تہ هر قسم جي شين لاءِ حڪم ڏيڻ لڳو. نيٺ جڏهن مون کي ڳالهائڻ جو وجهہ مليو تہ مون چيو:

" پر منهنجا پيارا سائين، مان حڪم تہ نٿو هلائي سگهان ، پوءِ بہ جيستائين تون اڻچاتل مدي تائين ترسين يا نوٽ مٽائي ڏين...."

" اڻچاتل! اهو هڪ ڪمزور لفظ آهي، سائين، صفا ڪمزور. چاتل سچاتل ــ اهو ئي لفظ آهي، سائين. تود، اهي شيون کڻ ۽ بنا وڏيڪ وقت وڃائڻ جي کين سائينجن جي ائڊريس تي موڪل. پين ننڍن گراهڪن کي بيهڻ ڏي. سائينءَ جي ائڊريس لک ۽ ــ ."

" مان پنهنجي جاءِ بدلايان پيو. نئين ائڊريس اچي ڏئي ويندس."

" ٺيڪ آهي، سائين; بلڪل ٺيڪ. ترسو سائين، اچو توهان کي ٻاهر وڃڻ جو دڳ ڏسيان. هوڏانهن ــ الله واهي سائين، الله واهي."

خير، توهان ڏٺو تہ ڇاٿي رهيو هو؟ بلاشڪ باقي پئسا گهرندي، مون کي جيڪو ڪجهہ کپندو هوسو ورتم. هڪ هفتي اندر مون وٽ عيش عشرت جو سڀ گهربل سڀ سامان موجود ٿي ويو ۽ مان هنوور اسڪوائر ۾ هڪ مهانگي، خانگي هوٽل ۾ رهڻ لڳس. رات جي ماني اتي کائيندو هوس، پر نيرن لاءِ هيرس جي سادي هوٽل سان چنبڙيل رهيس، جتي مون هڪ ڪروڙ پائونڊن جي نوٽ جي پهرين ماني کاڌي هئي. هيرس جو ڏنڊو وڏائيندڙ مان ئي هوس. اها حقيقت هر هنڌ پکڙجي وئي تہ هڪ ڌاريو

زندھ دل همراھ، جيڪو پنهنجي سوٽ جي پوئين کيسي ۾ هڪ ڪروڙ پائونڊن جا نوٽ کنيو گهميو ٿي، سو ان جاءِ جو مک گراهڪ هو. بس ايترو ٿي ڪوڙ هو پوءِ تہ اها جڳهہ مسڪين گراڪن، جيڪي پنهنجي جياپي لاءِ سخت پورهيو ڪندڙ ۽ " آٽين ۽ چاڙهين ڏٺ ڏهاڙي سومرا!" واري اصول تي هلندڙ هئا، مان ڦري سکر گراهڪن سان ڀرجڻ لڳي. هيرس پارٽ ڪي منهنجو ايڏو تہ ٿورائتو سمجهندو هو جو مون تي ويو قرض چاڙهيندو ۽ ان لاءِ ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. انهيءَ ڪري جو مون پاري مسڪين وٽ خرچڻ لاءِ پئسا هوندا هئا ۽ اميرن ۽ شاهوڪارن وانگر رهندو هوس. مون سمجهيو ٿي تہ جيڪڏهن اها حالت رهي، تہ جلد ئي منهنجو ڏيوالو نڪرڻ وارو هو—پر هاڻي ڳالهہ وڌي وئي هئي. سو سوچيندو هوس، تہ هاڻي يا تہ تري پار پوندس يا ٻڏي مرندس. توهان ڏٺو جيڪي حالتون هونئن تہ ڪل جهڙيون لڳن ها، تن ڪي ايندڙ خطري جي احساس هڪ گنڀير ۽ ڏکوئيندڙ روپ ڏئي ڇڏيو هو. رات جي اونداھ ۾ ڏکوئيندڙ روپ هميشہ سامهون هوندو هو. سو مان ڪنجهندو ۽ ڪنبندو هوس ۽ ٻنڌ اچڻ ڏکي تي پوندي هئي؛ پر ڏينهن جي مرڪندڙ سوجهري ۾ ڏک جو روپ الوپ ٿي، وڃائجي ويندو هو ۽ مان ليءِ ۾ هلندو هوس. توهان چئي سگهو ٿا مان خوشيءَ جي خمار ۽ نشي ۾ مست هوندو هوس.

۽ اهو فطري هو چاڪاڻ تہ مان هاڻي شهر جي مک هستين ۾ ليکجڻ لڳو هوس. انهيءَ منهنجي مٿي ڪي ٿورو نہ، پر گهڻوقيرائي ڇڏيو هو. توهان ڪابہ اخبار — انگريزي، اسڪاٽس يا آئرش کڻي نٽي سگهيا، جنهن ۾ سوٽ جي پوئين کيسي ۾ نوٽ کڻي هلندڙ ڪروڙ پتي جي باري ۾، هڪ يا وڌيڪ خبرون ۽ سندس نيون ڪارگذاريون بيان ڪيل نہ هجن. پهرين منهنجو ذڪر، اخبارن جي ذاتي ڳالهين وارن ڪالمن ۾ انهن جي ڪنڌ تي ٿيندو هو پوءِ "سَر" جو خطاب مليل هيٺين ڪان مٿي ۽ اول منهنجو ذڪر هوندو هو— پوءِ اميرن ڪان مٿي، پوءِ نوابن ڪان ۽ ان پر پنهنجي هستيءَ سان گڏ مان بہ وڌندو رهيس، تان جو سڀ ڪان مٿاهين جڳهہ ولاريم ۽ اتي منهنجو درجو سواءِ انگلنڊ جي لاٽ پادريءَ ۽ ڪن مک غير شاهي نوابن جي باقي سڀني پادرين ۽ غير شاهي نوابن کان مٿانهون سڄجي چڪو هو؛ پر يقين ڪريو اها مشهوري نہ هئي، چاڪاڻ تہ اڃا تائين مون اها مشهوري رڳو نالي ۾ حاصل ڪئي هئي — پوءِ آخرڏاڪو

آيو – لقب، جيئن چئجي ڪٽي ـــ جنهن هڪ ٿي ڏڪ ان ناليءَ جي سڪٽي مشهوريءَ کي سوني اعزاز ۾ بدلائي ڇڏيو. ناٽڪ گهر (ٿيئٽر) جي "پنچ" پروگرام ۾ مون تي هڪ ناٽڪ ڪيو ويو! ها، مان هاٿي ميجيل هستي هئس، منهنجو ڏاڪو جمي چڪو هو. مون تي ٺوڪ ته ڪري پئي سگهجي، پر ادب سان ۽ نه مسخريءَ يا ٺٺوليءَ سان. هر ڪو مون کي ڏسي مشڪي ته سگهيو ٿي، پر ڪلي نٿي سگهيو. ڇاڪاڻ ته هاٿي اهو ٽاٽو ٽري چڪو هو. "پنچ" مون کي پراڻين ٽڳڙين ۾ لنڊن جي گهمنتا گهر ۾ وڃڻ لاءِ پهريوارن سان وڙهندڙ ڏيکاريو. سو توهان ڪاٽو ڪري سگهو ٿا، ته هڪ جوان ماڻهوءَ جي دل تي ڇا واپرندو هوندو، جنهن کي اڳ ڪو ڪنگهندو به نه هو ۽ هاٿي ڪا ڳالهه اهڙي چئي نه ٿي سگهيو جيڪا هر هنڌ ورجائي نه وڃي. جتان به لگهندو پنهنجي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه اوس ٻڌندو هو: "ڏسو هو پيو وڃي، اهو ئي ته آهي!"

نيرن ڪرڻ وهندو هو ته ماڻهن جا ميڙ چتائي ڏسندا هئس. ڪنهن ناٽڪ گهر ۾ وهندو هو ته هزارين اکيون منجهس ڪتل هونديون هيون. ڇو مان ته سڄو ڏينهن مستيءَ ۾ موجوڻ ماٽيندو هوس. اهو آهي منهنجي مشهوريءَ جو احوال.

توهان کي خبر آهي، مون پنهنجو پراڻو ٽڳڙين وارو وڳو به رکي ڇڏيو هو جيئن خسيس ۽ معمولي شين خريد ڪرڻ جو پراڻو مزو ماڻي سگهان ۽ بيعزتو ٿي، پوءِ دڪاندار کي هڪ ڪروڙ پائونڊ جي نوٽ سان اچرج ۾ وجهي ڇڏيان. پر مان اهو ڪم هلائي نه سگهيس. اخباري فوٽن ان وڳي کي کي ايترو ته پڌرو ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪڏهن مان خريداري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ته ان کان اڳ جو مان پنهنجو نوٽ ڏيکاريان. همراهه پنهنجو سڄو دڪان مون کي رکت تي آڇيندا هئا.

پنهنجي مشهوريءَ جي ڏهين ڏينهن مان پنهنجي فرض ادا ڪرڻ لاءِ امريڪي سفير جو مانُ وڌائڻ ويس. هن منهنجي آجيان سندم شان وٽان اتساهه سان ڪئي، مون کي پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جو ڏوراپو ڏنائين ۽ چيائين، ته ڪائنس معافي وٺڻ جو صرف هڪ طريقو هو ته ان رات سندس پاران ڏنل هڪ دعوت ۾ اها ڪرسي ولاريان، جيڪا سندس هڪ مهمان جي بيماريءَ سبب خالي ٿي هئي. مون اچڻ جو وعدو ڪيو ۽ اسان ڳالهين ۾ لڳي وياسين. ڳالهيون ڪندي خبر پئي، ته هو ۽ منهنجو

پيءُ هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهنداهئا. پوءِ بيل يونيورسٽيءَ ۾ به ٻئي ڇٽا گڏ هئا ۽ منهنجي پيءُ جي وفات تائين سدائين گهاٽا دوست هئا. پوءِ هن مون کي دعوت ڏني، ته جيترو به وقت ڪيڏي سگهان سندن گهر ۾ گذاريان. مان ان لاءِ ٺرٺپ راضي ٿي ويس.

دراصل مان نه رڳو راضي ٿيس، پر سرهو پڻ. جڏهن منهنجو زوال ايندو، هيءُ شخص ڪنهن نه ڪنهن طرح مون کي مڪمل تباهيءَ کان بچائڻ جي لائق هوندو. ڪيئن؟ اها مون کي سڌ ڪا نه هئي، پر شايد هو ڪو نه ڪو طريقو سوچي وٺي. مون سوچيو ته هن کي پنهنجو راز ٻڌايان، پر ايتري وقت گذارڻ کان پر مان ان جي سگهه ساري نه ٿي سگهيس، جڏهن ته هت لنڊن ۾ پنهنجي هن عجيب ڏنڌي جي شروعات ۾، مون کي جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو ملي ها، ته جيڪر جهٽ سمورو احوال ٻڌايانس ها. هاڻي ته ان کي ظاهر ڪرڻ جي مون ۾ سگهه ئي نه هئي. مان ان ۾ ڏاڍو اونهون ۽ گهرو ڦاٿل هوس، ايڏو گهرو جو ڪنهن دوست سان پنهنجي حال اورڻ جو خطرو به نٿي کڻي سگهيس، جيتوڻيڪ معاملو منهنجي وس کان صفا ٻاهر به نه هو ڇاڪاڻ ته باوجود پنهنجي سموريءَ اوڏر جي، مون پاڻ کي سختيءَ سان پنهنجن وسيلن اندر رکيو هو_ منهنجو مطلب آهي ته پنهنجي پگهار اندر. اهو صحيح آهي، ته مون کي خبر نه هئي، ته منهنجي پگهار ڪيتري ٿيندي، پر اها ميد هئي، ته جيڪڏهن ان پوڙهي همراهه کي مون شرط کٽائي، ته سندس انعام ۾ مان ڪهڙو به درجو چونڊي سگهيس ٿي-- ۽ پڪ سان کيس شرط کٽائيندس، ان لاءِ مون کي ڪو شڪ نه هو ۽ نه ئي ڪا ڳڻتي هئي، ڇاڪاڻ ته جيستائين شرط جي ڳالهه هئي، ته ان ۾ هميشه ڀاڳ پلو هوندو هوم. هاڻي مون پنهنجي ليکي پنهنجي پگهار کي ڇهن سون کان، هڪ هزار ساليانيءَ تائين ڪري ڇڏيو هو. ڇهه سئو پهرين سال جا ۽ اهڙي طرح هر سال واڌارو ٿيندو رهندو، تان جو پنهنجي مڃايل قابليت سان مان مٿئين ڏاڪي تائين پهچي ويندس. ان وقت تائين مان رڳو پنهنجي پهرين سال جي پگهار جيترو قرضائو هوس. مون کي اوڌر ڏيڻ جي ڪوشش ته هر ڪنهن ڪئي هئي، پر مان ڪيترن کي ئي هڪ نه ٻيو بهانو ڏئي ٽاري ڇڏيو هو. سو مون تي قرض رڳو ٣ پائونڊ هو ۽ باقي سئو پائونڊ منهنجي رهائش ۽ خريداري تي ڪٽا هئا. مون کي پڪ هئي، ته جيڪڏهن مون خبرداري ۽ سوس صرفي کان

ڪم ورتو ته منهنجو ٻئي سال جي پگهار مون کي باقي هڪ مهينو هلائي سگهي ٿي. انهيءَ لاءِ مون پاڻ تي ڪرڙي نظر رکڻ جو پڪ ڪيو. مهينو گذرندو، مون کي مقرر ڪندڙ پنهنجي سفر تان موٽندو ۽ مان پيهر پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندس. مان ٻن سالن جي پگهار پنهنجي قرض گهرندڙن ۾ گهربل مدي اندر ورهائي، سڌو پنهنجي ڪم کي لڳي ويندس.

ان ڏينهن چوڏهن ڄڻن جي هڪ وڻندڙ دعوت هئي. شارڊ جو نواب ۽ بيگم ۽ سندن مانَ واري انگريس_اليِنور_سيلسٽ_وغير وغيره. ڊي بوهن، نيو گيٽ جو امير ۽ امير زادي؛ رئيس چپ سائيڊ؛ لارڊ ۽ ليڊي بلپٽر اسڪائيٽ؛ ٻنهي جنسن جا ڪي بي لقب ماڻهو، سفير ۽ سندس زال ۽ سندس ڌيءَ سدن سڌيءَ جي هڪ مهمان ساهيڙي، پورشيا لينگهم، ٻاويهن ورهين جي هڪ انگريز ڇوڪري جنهن سان ٻن منٽن اندر عشق ٿي ويو ۽ هن جو مون سان. اهو مان بنا عينڪ جي ڏسي سگهيس ٿي. هتي هڪ مهمان اڃا ٻيو به هو هڪ آمريڪي، پر مان پنهنجي ڪهاڻيءَ کان ڪجهه اڳ ڪڍي ويو آهيان. جڏهن مهمان اچا ويهڻ واري ڪمري ۾ هئا ۽ دعوت شروع ٿيڻ جو انتظار ڪندي، نون ايندڙ کي غور سان ڇڪاسي رهيا هئا. نوڪر اعلان ڪيو:

"مانوارو لائڊ هيسٽنگز."

جيئن آڌر ڀاءُ جون رسمي ڪارروايون پوريون ٿيون، هيسٽنگز جي اک مون تي پئجي وئي ۽ دوستاڻي نموني هٿ وڌائي، سڌو مون ڏانهن هليو آيو؛ پر جيئن هٿ ملڻ تي هئا ته هو ڪجهه ترسيو ۽ مون کي حيرت سان ڏسندي چيائين:

"معاف ڪندا سائين، ڀانيان ٿو ته مان توهان کي سڃاڻان."

"ڇو جهونا يار! تون ته مون کي سڃاڻين ٿو."

"نه، ڇا واقعي اهو_اهو_"

"پوئين ڪيسي وارو ديو؟ ها، مان اهو ئي آهيان. تون مون کي منهنجي نئين نالي سڏڻ کان نه ڊڄ. مون کي ان جي عادت ٿي ويئي آهي."

"چڱو چڱو اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي! هڪ ٻه ڀيرا تنهنجي نئين نالي سان تنهنجو اصلي نالو به ڏٺو اٿم؛ پر منهنجي وهم گمان ۾ ئي نه هو ته تون ڪو هينري ايڊمس ٿي سگهين ٿو! ڇو اڃا ڇهه مهينا مس ٿيا آهن،

جو تون فرئنسڪو ۾ بليڪ هو پڪنس جي پگهار تي ڪلارڪي ڪندو هئين ۽ واڌو اُجوري تي راتيون ويهي، گولڊ ۽ ڪري ڪمپنيءَ جا ڪاغذ ۽ انگ اکر سهيڙڻ ۾ منهنجي مدد ڪندو هئين. اهو خيال ته تون لنڊن ۾ هوندين ۽ هڪ وڏو لکپتي ۽ سکر ماٺهو بڻجي ويو هوندين، منهنجي لاءِ الف ليليٰ جي طلسمي روايتن کان گهٽ نه آهي! يار مان ته اهو سوچي ئي نه ٿو سگهان، ۽ نه سمجهي سگهان ٿو. انهيءَ چڪر کي ذهن ۾ سمائڻ لاءِ مون کي ڪجهه وقت کپي.

"دراصل لائڊ، ان واقعي تي تون مون کان وڌيڪ حيران ڪو نه هوندين. مان پاڻ ان کي نه ٿو سمجهي سگهان."

"منهنجا پيارا، منهنجا ته هوش خطا پيا ٿين، ڇو آهي نه؟ اڄ کان ڪي ٽي مهينا اڳ اسان مائنسرس جي ڪاڏي-گهر ۾ ويا هئاسي-."

"نه، واٽ چئر."

"ٺيڪ آهي، اهو واٽ چئرئي هو. اتي صبح جو ٻي وڳي ويا سين ۽ لاڳيتا ڇهه ڪلاڪ ڪاغذن تي متو هڻڻ کان پوءِ ڪباب ڪاڌا سين ۽ ڪافي پيتيسين ۽ مون تو کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ته مون سان گڏ جي لنڊن هل. تنهنجي موڪل وٺڻ، تنهنجو سمورو خرچ پرڻ ۽ جيڪڏهن وڪرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيان، ته توکي به ڪجهه پتي ڏيڻ جي آڇ ڪيم! پر تو هڪ نه ٻڌي ۽ چيئي، ته مان ڪامياب نه ٿيندس ۽ اهو ته تون پنهنجي چالو ڌنڌي کي هڪ اهڙي ڌنڌي لاءِ نه پيو ڇڏي سگهين، جنهن ۾ سڪٽين هٿين گهر موٽڻو پوي، ۽ پوءِ به تون هتي آهين. اهو سڀ ڪجهه ڪيڏو نه عجيب آهي! تنهنجو هت ڪيئن اچڻ ٿيو ۽ اهڙي شاندار شروعات توکي ڪتان ملي؟"

"واهه، رڳو هڪ اتفاق سان. اها هڪ وڏي ڪتا آهي-هڪ ڪهاڻي. مان توکي سيڪجهه ٻڌائيندس، پر هاڻي نه."

"ڪڏهن!"

"هن مهيني جي پڇاڙيءَ ڌاري."

"اها ته اڃا ٻن هفتن کان به پري آهي. ايترو وقت پنهنجي حيرانيءَ کي ڪيئن مُٺ ۾ ڪبو. هڪ هفتو ڪرينس."

"مان نه ٿو ڪري سگهان. هوريان هوريان تو کي سڀ خبر پئجي ويندي. ڪيئن؟ پر وَاپار ڪيئن پيو هلي؟"

هن جي ڪل مڪاڻي هڪ لحظي جيان غائب ٿي ويئي ۽ ٿڌو ساهہ کڻي چيائين:

"تون واقعي اوتار هئين. هن وقت ۾ سچو اوتار. ڪاش! مان هت نہ آيو هجان ها مان ان بابت ڳالهائڻ نہ ٿو گهران."

" پر توکي ڳالهائڻ کپي. اڄ رات، جڏهن اسان هتان اٿون، تہ توکي گهرجي تہ هلي مون وٽ رهہ ۽ مون کي ان باري ۾ سيڪجهہ ٻڌاءِ."

"اوهہ، ڇا مان ٻڌائي بہ سگهندس؟ ڇا توکي سچ پچ سڻڻ جو شوق آهي؟"

"ها، مان سچي ڪهاڻي ٻڌڻ گهران ٿو هر هڪ لفظ."

"مان تنهنجو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جو مون کي هڪ پيرو انساني همدردي ملي آهي، ڪنهن آواز ۾، ڪنهن اک ۾ مون ۾ منهنجي معاملن ۾ جنهن ڳالهہ جي پوبان هٿ رهيو آهيان، ان ۾— سائين، مان تہ ان لاءِ سجدو بہ ڪري سگهان ٿو."

هن خوشيءَ وچان زور سان منهنجو هٿ دٻايو ۽ تنهن کان پوءِ سفير جي دعوت کائڻ لاءِ صفا نيڪ ٿي ويو جيڪا ٿي ئي ڪو نہ. نہ اهو ٿي ٿيو اهو ئي جيڪو انگريزن جي ناقص ۽ ڪني سرشتي موجب هميشہ ٿيندو آهي-دعوت کي شروع ڪرڻ جو معاملو نبيرجي نہ سگهيو ۽ سو اتي ڪا دعوت نہ ٿي. انگريز هميشہ دعوت ۾ ويڃڻ کان اڳ، ماني کائي ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ کين خبر هوندي آهي تہ کين ڪُتيءَ ڪنيو آهي؛ پر ڪنهن اوپري يا ڌارئي ماڻهوءَ کي ڪو بہ ان باري ۾ نہ ٻڌائيندو آهي ۽ هو سوالائيءَ سان چار ۾ ڦاسي پوندو آهي؛ پر هن پيري ڪنهن تي بہ ٺٺولي نہ ٿي هئي؛ ڇاڪاڻ تہ دعوت ۾ موجود اسان سڀني مان ڪو بہ سيڪڙات نہ هو سواءِ هيسٽنگز جي، ۽ هن کي بہ سفير اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ کيس انگريزن جي دستور جي خلاف دعوت ۾ گهرايو هئائين، جو هن پاڻ ڪا بہ دعوت نہ ڪئي هئي. دستور موجب هر ڪنهن هڪ مائيءَ کي ساڻ ڪيو ۽ ڪاڌي واري ڪمري ڏانهن هليو؛ پر اتي ئي تہ تڪرار شروع ٿيو. شارڊچ جي نواب دعوت شروع ڪرڻ ۽ ٽيبل تي خالي جڳهہ ولارڻ جي گُهر ڪئي. هن جو چوڻ هو تہ هن جي حيثيت هڪ سفيرڪان، جنهن صرف هڪ قوم جي نمائندگي ڪئي ٿي، مٿي آهي ۽ نہ ڪنهن حاڪم جي؛ پر مان پنهنجي حقن لاءِ اتي ڪڙو ٿيس ۽ پنهنجي هوڏ تان لهڻ کان

صفا نابري واري بيٺس، ذاتي ڳالهين واري ڪالم ۾ منهنجو نالو سيني غير شاهي نوابن کان مٿي هو انهيءَ ڪري مان ئي دعوت کي شروع ڪرڻ جي لائق هئس. اسان سيني کان جيتري جا ڪوڙ پڇي سگهي، ڪئينسين پر فيصلو ٿي نہ سگهيو. نيٺ هو (ترازائيپ سان) پنهنجي خانداني جمر ۾ عهدي کي پڌائڻ لڳو ۽ مان سندس پُٽ بڻياد ڏسندي پاڻ کي آدم جي حوالي سان هن کان مٿانهون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، جو جيئن منهنجي نالي (هينري ايڊمس) مان ظاهر هو مان سنئون سڌو آدم جو اولاد هوس. جڏهن تہ هن جي نالي ۾ تازي پڌايل نارمن نسل مان ظاهر هو تہ سندس تعلق سوتن ۾ ماساتن واريءَ شاخ سان هو. اهڙيءَ طرح اسان سڀ وري موٽي ويهڻ واري ڪمري ۾ آيا سين ۽ هلڪو ڪاڏو_ ٿالهي مڇيءَ جي ۾ انگريزي ميوو ڪاڏو سين. هت شروع ڪرڻ جو طريقو ايڏو سخت نہ آهي، ٻن-ٻن جو جوڙو اٿي بيهي ۽ ڪاڏو شروع ڪري: ٻہ سڀ کان مٿانهين درجي جا ماڻهو هڪ شلنگ اڇلائيندا آهن ۽ جيڪو کٽندو سو ئي اڳ ۾ ميوو کٽندو آهي، جڏهن تہ هارائيندڙ کي شلنگ ملندو آهي. پوءِ ٻيا ٻہ شلنگ اڇلائيندا، پوءِ ٻيا ٻہ، ۽ ان ريت سڀئي پنهنجي واري سان شلنگ اڇلائيندا ميوو ۽ مڇي کائيندا ويندا. ڪاڏي کان پوءِ ٽيبلون آنديون ويون ۽ سڀئي تاس کيڏي. ڇهہ پينس هڪ بازي. انگريز ڪا بہ راند رڳو دل وندرائڻ لاءِ نہ ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪين انهيءَ مان ڪجهہ کٽڻ يا هارائڻ_ ڪنهن جوءِ وجهہ نہ هوندو تہ هو اهڙي راند نہ کيڏندا!

اسان ٻنهي جو سٺو وقت گذريو. اسان ٻئي، بلاشڪ مان ۽ مس لينگهم. مان هن ۾ ايڏو تہ محو هوس، جو هن سان راند ڪندي، جيڪڏهن منهنجا جوڙ وارا پتا ٻن کان مٿي ٿي پئي ويا، تہ مان انهن کي ڳڻي نہ پئي سگهيس. ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو هو تہ مون کي خبر ئي نہ پوندي هئي تہ نئين سر جوڙ وارن پتن مان پتو اڇلائڻ لڳندو هوس. مان هر ڀيري راند هارايان ها، پر توهان ڏسو تہ سهي، ڇوڪريءَ جي بہ ساڳي حالت هئي. هن بہ مون وانگر ئي راند ڪئي پئي؛ ۽ نيٺ اسان ٻنهي مان ڪنهن بہ نہ کٽيو نہ ئي اسان کي ان جي پرواهہ هئي. اسان کي تہ رڳو اها خبر هئي تہ اسان خوش هئاسين، سو اسان ٻيو ڪجهہ بہ ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ ئي گهرون پيا تہ متان اسان جي خوشيءَ ۾ ڪا رنڊڪ پوي. نيٺ مون هن کي ٻڌايو. سچ پچ ٻڌايم، ڪيس ٻڌايم تہ

منهنجو ساٿس پيار تي ويو هو ۽ هوءَ ـــ ٽڙي پئي هئي. تان جو وار به ڳاڙها ٿي ويس: پر ڪيس منهنجو اظهار وٽيو ۽ چيائين، ته هن جو به مون سان پيار ٿي ويو هو. اوهه، منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي شام ڪڏهن به نه آئي هئي. هر واري سان مان ڪو پيار پريو گفتو ڪيندو هوس ۽ هوءَ پنهنجو وارو هلندي ان جي موٽ ڏيندي هئي. ڇو مان ته ”هن بازيءَ جا به جملا“ سواءِ ”منهنجي پياري، تون ڪيڏي نه سٺي ٿي لڳين“، جي واداري ڪرڻ جي اچاري نه پئي سگهيس. ۽ هوءَ چوندي رهي: ”به پندرهن، چار پندرهن، ڇهه پندرهن ۽ هڪ جوڙ انن جو آهي، ۽ اٺ سورهن ڇا ـــ ڇا تون سچ پچ ائين سمجهين ٿو؟“ توهان کي خبر آهي، پنهنجن پنبڻن پوين پيار سان ڏسندي، هوءَ ڪيڏي نه ابهم ۽ وٽندڙ پئي لڳي. اوهه، منهنجي لاءِ اهو ئي گهڙو تمام گهڻو هو.

مان ساڻس پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پيش آيس ۽ ڪيس ٻڌايم، ته مون وٽ دنيا ۾ هڪ سينٽ به نه هو سواءِ انهيءَ هڪ ڪروڙ پائونڊن جي نوٽ جي، جنهن جي باري ۾ ايترو ٻڌو هئائين ته اهو به منهنجو پنهنجو نه هو. هوءَ حيران ٿي وئي. پوءِ مون هوريان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي سچي ڪهاڻي منڍ کان آخر تائين ٻڌايم، جنهن ڪيس کلائي کلائي ڏري گهٽ اڌ مئو ڪري ڇڏيو. مان سمجهي نه سگهيس، ته ان ۾ آخر کل جهڙي ڳالهه ڪهڙي هئي: پر ڪا اوس هئي، جو هر اڌ منٽ کان پوءِ هوءَ کل ۾ اوڏي ٿي پئي وئي ۽ سندس پيهر اصلي حالت ۾ اچڻ لاءِ، مون کي گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ منٽ ترسڻو ٿي پيو. هوءَ ايڏو ته کلي پئي، جو مان حيران ٿي ويس. مون ڪڏهن به اهڙي شيءِ نه ڏٺي هئي، منهنجو مطلب آهي ته مون ڪڏهن به اهو نه ڏٺو هو ته هڪ شخص جي ڏکن، سورن ۽ صدمن جي ڪهاڻي اهڙي قسم جو اثر پيدا ڪندي! سو اهو ڏسندي ته هڪ اهڙي ڪهاڻي جنهن ۾ ڪا خوشيءَ جي ڳالهه نه هئي، هن کي ايڏو خوش ڪري سگهي، مان هن سان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳس، جو مون کي جلد ئي ان قسم جي زال جي ضرورت پوڻ واري هئي. مون ڪيس ٻڌايو ته اسان کي اپستائين ڪجهه سال ترسڻو پوندو، جيستائين مان پنهنجي پگهار پاڻ تي خرچ ڪرڻ جهڙو ٿيان: پر هن کي ان جي پرواهه نه هئي. ڪيس اميد هئي ته مان خرچ پکي جي معاملي ۾ جيتري قدر ٿي سگهيو ٿي: احتياط ڪندس ۽ ان کي ايترو وڌڻ نه ڏيندس، جو منهنجي

ٽئين سال جي پگهار بہ ختم ٿي وئي. پوءِ هوءَ ڪجهہ پريشان ٿيڻ لڳي ۽ چيائين، تہ ڪٿي اسان پنهنجي پهرين سال جي پگهار جو غلط ڪاٿو تہ نہ لڳائي رهيا هئاسين. سندس اُها سوچ سٺي هئي، ۽ منهنجي اميدن کي پهريان ڪان ڪجهہ گهٽايائين؛ پر هن کي هڪ چڱو واپاري خيال بہ ڏنو جنهن کي مون بنا هٻڪ ظاهر ڪيو:

"پياري پورشيا، تون مون سان انهيءَ ڏينهن گڏجي هلنديئن، جڏهن مان انهن پوڙهن سان ملڻ ويندس."

"نہ_. مڃاڻ منهنجي گڏجي هلڻ سان تنهنجي همٿ وڌندي بہ پر ڇا تون سمجهين ٿو تہ اهو مناسب آهي؟".

"نہ_، مان نٿو سمجهان تہ اهو مناسب آهي، دراصل مون کي ڊپ آهي، تہ اهو مناسب لڳندو ئي نہ؛ پر تون ڏس نہ، تنهنجي گڏجي هلڻ تي اسان جي آئيندي جو ايترو آڌار آهي جو ..."

"پوءِ تہ مان اوس هلنديس، پلي مناسب هجي يا نہ" هن ڏاڍي اُتساهہ سان چيو "اوهہ، تنهنجي مدد ڪري مان ڪيڏي نہ خوش ٿينديس!"

"مدد، پياري؟ ڇو تون ئي تہ اهو سڀڪجهہ ڪنديئن. تون ايڏي تہ سهڻي، وڻندڙ ۽ دلين تي راڄ ڪرڻ واري آهين، جو تنهنجي مدد سان مان پنهنجي پگهار کي وڌائيندو ويندس، تان جو هو پوڙها وڏيڪ ڏيڻ جي قابل ئي نہ رهندا، ڇاڪاڻ تہ هنن ۾ مقابلي ڪرڻ جي تہ طاقت ئي نہ هوندي."

هوند توهان سندس سرهائيءَ سان پريل اکيون چمڪنديون ۽ سندس منهن مان ڀڪندڙ رت ٿمندي ڏسو ها!

"تون موڳا مٺر! تون جيڪو ڪجهہ چئين پيو تنهن ۾ هڪ لفظ جي بہ سچائي نہ آهي؛ پر پوءِ بہ مان تو سان هلنديس. ٿي سگهي ٿو تہ اهو توکي سيکاري، تہ پين ماڻهن ۾ اجايون اميدون نہ رکجن."

ڇا منهنجا شڪ لهي ويا هئا؟ ڇا منهنجو ويساهہ موٽي آيو هو؟ ان جو ڪاٿو توهان جي حقيقت مان لڳائي سگهو ٿا، تہ پنهنجي ليکي مون پنهنجي پهرين سال جي پگهار ٻارهن سؤ ڪري ڇڏي آهي؛ پر اهو مون هن کي نہ ٻڌايو جيئن پوءِ ٻڌي هوءَ حيران ٿي وڃي.

گهر موٽندي مان سڄي واٽ ٻڏ تر ۾ هوس. هيسٽنگز ڳالهائيندو رهيو، پر مون هڪ لفظ بہ نہ ٻڌو. جڏهن اسان پنهنجي گهر جي وهڻ واري

ڪمري ۾گهڙيا سين، تہ هو منهنجي سکر زندگي ۽ عيش عشرت جي سامان کي ساراهڻ لڳو!

"منهنجا پيارا، ڪجهہ وقت ڇڏ تہ مان هٿ بيهي ڪو جام پيان. هي تہ هڪ محلات آهي-اهي ئي محلات! هن ۾ ڪوئلن تي ٻرندڙ چُلهہ ۽ تيار ڪاڏي سميت اهو سيڪجهہ آهي، جنهنجي ڪو ماڻهو سڌ ڪري سگهي ٿو. هينري، مان نہ رڳو ان مان اهو محسوس ڪريان ٿو تہ تون ڪيڏو نہ امير آهين: پر منهنجا هڏا ۽ پاسريون بہ اهو محسوس ڪن ٿا، تہ مان ڪيڏو غريب ڪيڏو نہ غريب آهيان، ۽ ڪيڏو ڏڪويل، هاريل، ڦريل ۽ تباهہ ٿيل آهيان!"

هاٽي منهنجي حالت ڏسو! هن شخص جي احوال ۽ بيان ڪرڻ جي ڍنگ مون کان تنڌا ساهہ ڪڍائي ڇڏيا ۽ مون کي احساس ڏياريو تہ مان هڪ پل صراط تي بيٺو هوس. پهريان مون کي خبر نہ پئي، تہ مان کو خواب پئي ڏٺو-يعني مون پاڻ کي هڪ لحظي لاءِ بہ پنهنجي نهارڻ جي اجازت نہ ڏني هئي: پر هاٽي-اوهہ سچڻ! قرضن ۾ اونهو ڦاٿل، دنيا ۾ هڪ سينٽ بہ نہ، هڪ معصوم ۽ وٺندڙ ڇوڪريءَ جي خوشي يا غم منهنجي هٿن ۾، جڏهن تہ اڳيان هجي ڪُجهہ بہ نہ: پر هڪ پگهار جيڪا شايد ڪڏهن-اوهہ ڪڏهن بہ نہ اڳڙندي! الا، هاٽي تہ ڪا بہ اميد نہ آهي ۽ مان تباهہ ٿي ويو آهيان! مون کي ڪا شيءِ نہ ٿي بچائي سگهي!

"هينري تنهنجي روزاني ڪمائي اٽڪل-"

"اوهہ منهنجي روزاني ڪمائي! هيڏانهن اچ، هي اسڪاٽليند جو گرم شراب پي ۽ پنهنجي روح کي خوش ڪر. هي وٺ- يا، نہ-توکي بُک لڳي هوندي: اچ ويهہ ۽ ..."

"مون کي هڪ پورَ جيتري بہ بُک نہ آهي. هاٽي منهنجي مانيءَ جي مهل ٽري وئي آهي. اجڪلهہ مان چڱيءَ طرح کائي بہ نہ ٿو سگهان: پر مان تو سان گڏ پيئندس، تان جو مان الوٽ ٿي وڃان. اچ!"

"اَچُ پيالي سان پيالو ٽڪرايون، مان پڻ اهو چاهيان ٿو! تيار آهين؟ اجهو هي اٿئي شراب! هاٽي لائيڊ تون پنهنجي ڪماٽي شروع ڪر، تيستائين مان پنهنجو جام اوتي ٿو وٺان."

"شروع ڪريان، ڇا پيهر ڪان؟"

"پيهر؟ ڇا مطلب!"

"چو منهنجو مطلب آهي، تہ تون اهَا مھڙ کان پڌرڻ گهرين تو ڇا؟"

" مُهڙ کان تو پُڌرڻ گهران؟ تون تہ منجهائين پيو. تون انهيءَ مَڏُ کي وڏيڪ نہ واپراءِ. تو کي انهيءَ جي گهرج نہ آهي."

"هيڏانهن ڏِسُ هينري، تون مون کي ڇرڪائين پيو. ڇا مون توکي واٽ تي سموري ڪهاڻي نہ ٻُڌائي هئي؟"

"توهان؟"

"ها، مون."

" مان قاهي تي تنگجان، جيڪڏهن مون انهيءَ جو هڪ لفظ بہ ٻڌو هوندو تہ..."

"هي، هيءَ هڪ گنڀير ڳالهہ آهي، اِها مون کي ڏُکوئي پئي. سفير جي گهر ۾ ڪهڙو نشو چڙهي ويئي؟"

پوءِ مون تي سموري حقيقت ظاهر ٿي پئي ۽ مُڙس ماڻهو ٿي ان کي قبوليم:

" مون هن دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ سُهڻيءَ ڇوڪريءَ کي قيد ڪيو هو."

تنهن کان پوءِ هو هڪدم مون ڏانهن وڌي آيو ۽ اسان هٿ ملايا ۽ ملائيندا ئي رهياسين، تان جو اسان جي هٿن ۾ سور پئجي ويو. هن مون کي ڪو بہ ڏوهہ نہ ڏنو تہ ڇو هن جي ڳالهہ جو هڪ بہ لفظ نہ ٻڌو هُيم، جيڪا هو سڄي واٽ ٻڌائيندو پئي آيو جيستائين اسان تي ميل پنڌ ڪري هٽ پهتاسين. جيئن تہ هو ڏاڍو صابرين ۽ سُٺو ماڻهو هو ان ڪري ويهي رهيو ۽ مٿان کان پنهنجي ڪهاڻي ٻڌاياٿين. جنهن جو تت هي آهي: هو اهو سوچي لنڊن آيو هو تہ ڪيس ڪاميابيءَ جو سونو وجهہ ملندو. گولڊ ۽ ڪري ڪمپنيءَ جي مقامي شاخ وٽ وڪڻڻ لاءِ هن وٽ هڪ "شيءِ" هئي، جنهن لاءِ هن ڪهڙيءَ بہ طرح ڏهہ لک ڊالرن کان مٿي حاصل ڪرڻ گهريا ٿي. هن ڏاڍي محنت ڪئي، پنهنجي وس آهر سيڪجهہ ڪيائين، ڪو بہ اهڙو جائز طريقو نہ ڇڏيو هئائين، جنهن کي نہ آزمايو هجيس. دنيا ۾ هن وٽ جيڪي بہ ڏوڪڙ هئا، سڀ کپايا هئائين، پر ڪنهن هڪ بہ سيٺئي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ سگهيو هو ۽ مهيني جي پڇاڙيءَ ڏاري، سندس سڄي رٿ ڊانوا ڊول ٿي وئي. تلهي ليکي هو تباهہ ٿي چڪو هو: پوءِ هو ڇال ڏئي اٿيو ۽ رڙ ڪري چيائين:

"هينري تون مون کي بچائي سگھين. تون تون ئي مون کي بچائي سگھين ٿو. هن دنيا ۾ تون ئي اهو شخص آهين، جيڪو ائين ڪري سگھي ٿو. تو ڪندين نه؟ ڪندين؟"

"مون کي ٻڌاءِ ته ڪيئن، منهنجا سڄڻ."

"منهنجي "شيءِ" لاءِ مون کي ڏهه لک ۽ گھر وڃڻ جو ڀاڙو ڏي! انڪار مور نه ڪجانءِ."

مان هڪ قسم جي مونجهاري ۾ پئجي ويس. مان هن کي صحيح حقيقت ٻڌائي تاري پئي سگھيس: "لائڊ، مان پاڻ سڃو آهيان، صفا مسڪين ۽ قرض ۾ قاتل، پر هڪ ڌاهوڪو خيال منهنجي ذهن ۾ تري آيو ۽ مون پنهنجو وات بند ڪيو ۽ آئت سان ويهي رهيس، تان جو مان هڪ سيڪنڊ ڊيڪارجڻ لڳس. پوءِ مون وڏساهه ڀرئي ۽ واپاري لهجي ۾ چيو:

"مان توکي بچائيندس، لائڊ."

"پوءِ مان بچي ويس! شل خدا تو تي هميشه مهربان هجي! جيڪڏهن مان ڪڏهن به."

مون کي ڳالهه پوري ڪرڻ ڏي، لائڊ. مان توکي بچائيندس، پر اهڙيءَ طرح نه جيئن تون چوين ٿو ڇاڪاڻ ته تنهنجي سخت محنت ۽ ڪنيل خطرن کان پوءِ اهڙو طريقو منهنجي لاءِ مناسب به نه آهي. مون کي کاڻين خريد ڪرڻ جي گھرج نه آهي. مان انهن کان سواءِ به پنهنجي موڙيءَ کي لنڊن جهڙي واپاري مرڪز ۾ چرپر ۾رکي سگھان ٿو. مان چاهيان به اهوئي ٿو. مان تنهنجي لاءِ اجهو هيئن ڪندس: مان انهيءَ کاڻ جي باري ۾ سيڪجهه ڄاڻان ٿو مون کي ان ڳري ملهه ۽ اهميت جي خبر آهي، ان ڪري ان جي خريدارن سان اهڙو قسم به کٽي سگھان ٿو. تون ٻن هفتن لاءِ منهنجو نالو استعمال ڪري، ان کي ۳۰ لکن ۾ وڪڻندين، ته اسان مليل رقم اڌو اڌ ڪري ورهائي کڻندا سين."

توهان کي خبر آهي ته هن تي انهيءَ ڳالهه جو ڪهڙو اثر ٿيو؟ ڏسو جيڪڏهن مان هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ سگهان نه. جهليان ها، ته هو پنهنجي اٿاهه خوشيءَ ۾ چرين وانگر نچڻ لڳي ها ۽ وچ ۾ ايندڙ هر شيءِ ڀڃي ڇڏي ها.

پوءِ هو خوش ٿي ويهي رهيو ۽ چيائين:

"مان تنهنجو نالو استعمال ڪريان! تنهنجو نالو-سوچ ته! سڄڻ، اهي

لنڊن جا امير جانورن جي ڏٽن وانگر نڪري ايندا ۽ انهيءَ ڪاڻ لاءِ وڙهندا! مان تہ چريو آهيان، اصل کان چريو پر مان جيستائين جيئرو رهندس، توکي ڪڏهن بہ نہ وساريندس!"

چوويهہ ڪلاڪ بہ نہ گذريا هوندا تہ لنڊن ۾ ڦُل پئجي ويو! مون کي پيو ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو پيو سواءِ گهر ويٺي ايندڙ گراهڪن کي انهيءَ چوڻ جي:

"ها مون کيس چيو هو تہ منهنجو حوالو ڏئي. مان هن ماڻهوءَ کي سڃاڻان ۽ مونکي ڪاڻ جي بہ خبر آهي. هُن جو ڪردار بيان ڪرڻ کان مٿانهون آهي ۽ هو جيترو ڪاڻ لاءِ گهري ٿو ان جو ملهہ ان کان مٿانهون آهي."

ساڳئي وقت مان پنهنجو شامون سفير جي گهر ۾ پورشيا سان گذاريندو هوس. مون کيس ڪاڻ جي باري ۾ هڪ لفظ بہ نہ ٻڌايو. مون کيس حيرت ۾ وجهڻ لاءِ بچائي رکيو هو. اسان پيار ۽ پگهار کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ تي نہ ڳالهائيندا هئاسين. ڪڏهن پيار ڪڏهن پگهار. ڪڏهن پيار ۽ پگهار بئي گڏ. الا! سفير جي زال ۽ ڌيءَ اسان جي ننڍڙي لاڳاپي ۾ ايڏو چاهہ ورتو جو اسان ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جا اڻڪٽ طريقا ايجاد ڪيائون ۽ سفير کي بنهہ اوندهہ ۾ رکيائون. شڪ ڪرڻ ئي نہ ڏنائونس_ اوهہ، اهو هنن جو مٺڙو قرب هو!

نيٺ جڏهن مهينو پورو ٿيو تہ مون وٽ ڪائونٽي بينڪ ۾ پنهنجي نالي سان ڏهہ لک ڊالر هئا ۽ ساڳيو حال هيسٽنگز جو هو. پنهنجي وس آهر بهترين ڪپڙا پائي، مان پورٽلينڊ پيلس واري گهر ڏانهن ويس ۽ گهر جي ڏيک مان اندازو ڪيم، تہ منهنجا پکي پنهنجي آکيري ۾ موٽي آيا هئا. مان پنهنجي پياريءَ کي گڏ آڻڻ لاءِ سفير جي گهر ويس. ۽ اسان بيئي گڏجي، اتساهہ ڏينگ سان پگهار جي باري ۾ ڳالهائيندا ساڳئي گهر ڏانهن هليا سين.

هن جي حد کان وڌيل جوش ۽ اتساهہ هن کي ايڏو تہ سندر بڻائي ڇڏيو هو جو پاڻ تي جهل پل رکڻ ڏکيو ٿي پيو. چيومانس:

"مَن، جنهن انداز سان تون ڏسين ٿي، ان موجب ٿي هزار ساليانی پگهار کان هڪ پيني بہ گهٽ ڪرڻ ڏوهہ آهي."

”هينري، هينري، تون اسان کي تباهہ ڪندين.“

”تون ڪو بہ ڊپ نہ ڪر. رڳو پنهنجي سونهن قائم رک ۽ مون تي اعتبار ڪر. سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.“

هاڻي جڏهن تہ حالتن اهو رخ اچي ورتو هو مون کي سچي وات هن جي همٿ کي وڌائڻو پيو. هوءَ مون کي منٿون ڪندي ۽ سمجهائيندي رهي:

”اوهہ مهرباني ڪري ياد رک، تہ جيڪڏهن اسان وڏيڪ گهر ڪئي، تہ اسان ماڳهين ڪا بہ پگهار نہ وٺي سگهندا سين. پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو، جڏهن تہ پنهنجي جياپي لاءِ دنيا ۾ ڪمائڻ جي ٻي ڪا بہ وات نہ اٿئون!“

اسان نوڪر جي ڪَڍَ اندر وياسين. ٻئي پوڙها شخص اتي ئي هئا سچ پچ، هو هن وٽندڙ هستيءَ کي مون سان گڏ ڏسي وائڙا ٿي ويا، پر مون چيو:

”مڙيئي خير آهي، مانوارا دوستو. هيءَ منهنجي آئيندي جي ساٿي ۽ هٿ ونڊائيندڙ آهي.“

۽ مون هن جو ساڻن تعارف ڪرايو ۽ سندن نالو وٺي ٻڌايم. هو حيران نہ ٿيا، ڇاڪاڻ تہ کين خبر هئي، تہ مان ڊائريڪٽري جاچڻ جي لائق هوس. اسان کي ويهاريائون ۽ مون سان ڏاڍيءَ فضيلت سان پيش آيا ۽ جيتريقدر ٿي سگهين، هن جي مونجهہ ختم ڪرڻ ۽ کيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پوءِ مون چيو:

مانوارا دوستو مان پنهنجو احوال بيان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”اسان کي اهو ٻڌي سرهائي ٿيندي.“

ڇاڪاڻ تہ هاڻي اسان فيصلو ڪري سگهندا سين تہ شرط ڪنهن کٽي؟ جيڪا مون ۽ منهنجي ياءُ ايبل رکي هئي. جيڪڏهن تو اها منهنجي لاءِ کٽي آهي، تہ تون انعام ۾ ڪو بہ درجو ماڻي سگهين ٿو ـــ تو وٽ هڪ ڪروڙپائونڊ جو نوٽ آهي؟“ مون واري همراهہ پڇيو.

”اجهو سائين، هي آهي.“ ۽ اهو مون هن ڏانهن وڌايو“ مان کٽي ويس.“ هن رڙ ڪئي ۽ ايبل جي پُٺي ٺپي چيائين،”هاڻي توهان ڇا ٿا چئو ادا؟“

”مان چوان ٿو تہ هيءُ تہ بچي ويو ۽ مون ويهہ هزار پائونڊ هارايا. مان اهو ڪڏهن بہ نہ مڃيان ها.“

"مون کي هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌائڻي آهي،" مون چيو "هڪ چڱي چوکي وڏي ڳالهہ مان چاهيان ٿو تہ توهان مون کي سِگهوئي پنهنجي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو بيهر وجهہ ڏيو ۽ منهنجي سچي مهيني جي ڪمائي ٻڌو. مان قسم کڻي ٿو چوان تہ اها ٻڌڻ لائق آهي. ساڳئي وقت ٿورو هن ڏانهن ڏسو."

"ڇا ڇوڪرا، ہ لک پائونڊن جي بئنڪ ۾ جمع ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ! ڇا اُهي تنهن جا آهن."

مان اُهي توهان جي ٽيهن ڏينهن جي مدي لاءِ ڏنل ننڍن قرضن کي چڱيءَ طرح استعمال ڪري حاصل ڪيا آهن ۽ مون ان کي صرف هڪ ڪم ۾ استعمال ڪيو ۽ اهو هي، تہ خسيس شيون خريد ڪري موٽ ۾ اهو نوٽ ڏيندو هوس."

"اوهہ ڇوڪرا، آها تہ اچرج جهڙي ڳالهہ آهي، صفا اچرج جهڙي."

"ڪا ڳالهہ نہ آهي. مان ان کي ثابت ڪندس. منهنجي ڳالهہ کي اجايو نہ سمجهو."

پر هاڻي حيران ٿيڻ لاءِ پورشيا جو وارو هو. سندس اکيون ڦاٽي ويون ۽ چيائين:

"هينري، ڇا سچ پچ اهي تنهنجا پئسا آهن؟ ڇا تون مون سان مشڪري پئي ڪئي؟"

"ها مون ڪئي آهي، پياري؛ پر مون کي خبر آهي تہ تون مون کي معاف ڪندينءَ." هن هٽراڌو ڪاوڙ ڏيکاريندي چيو:

"انهيءَ جو ايڏو يقين نہ ڪر. تون وڏو شيطان آهين، جو مون کي ايڏو دُلبو ڏنو اٿئي."

"اوهہ، تون ايترو تہ برداشت ڪندينءَ پياري تون اهو برداشت ڪندينءَ. توکي خبر آهي تہ اهو رڳو هڪ چرچو هو. اچ، اسان هلون."

"پر ترس، ترس! پنهنجو ڪمايل انعام تہ وٺيو وڃ. توکي خبر آهي، مان توکي تنهنجو انعام ڏيڻ گهران ٿو." مون واري همراهہ چيو.

"چڱو" مون چيو "مان توهان جو ايترو ٿورائتو آهيان، جيترو ڪو ماڻهو ٿي سگهي ٿو، پر اصل ۾ مون کي ڪجهہ نہ کپي."

"پر منهنجي انعام مان توکي جيڪو وٺي ڳنهي سگهين ٿو."

"مان هڪ گهمرو وري توهان جو سچيءَ دل سان ٿورو مڃيان ٿو. پر

مون کي اهو نہ کپي.“

”هينري، مان تنهنجي ڪري لچي آهيان. تو هنن چڱن ماڻهن جو اڌ جيترو بہ ٿورو نہ مڃيو آهي، جيترو توکي مڃڻ کپندو هو. ڇا تنهنجي پاران اهو سڀڪجهہ مان ڪيان؟“

”پلي ڪر پياري، جيڪڏهن تون اهو سڀڪجهہ ڪري سگهين ٿي، تہ ڏسون پلا تنهنجي ڪوشش.“

هوءَ مون واري همراهہ ڏانهن ويئي، سندس جهوليءَ ۾ ويهي، ٻانهون هن جي ڪنڌ ۾ وڌائين ۽ کيس سڌو وات تي چُمي ڏنائين. پوءِ ٻئي پوڙها شخص خوشيءَ مان رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ منهنجو وات پٽجي ويو يا جيئن توهان چوندئو تہ واتڙو ٽي ويس. پورشيا چيو:

”بابا، هن چيو آهي تہ توهان جي انعام مان هن جي وڻڻ لائق ڪجهہ بہ نہ آهي. مان انهيءَ تي ايڏي بيعزتي محسوس ڪريان ٿي جيڏي __ “

”منهنجي پياري، ڇا هي تنهنجو پيءُ آهي؟“

”ها، منهنجو ماٽيلو پيءُ آهي ۽ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پيارو اٿم. هاڻي تہ سمجهئي، تہ مان انهيءَ ڏينهن ڇو کِلي رهي هيس، جڏهن سفير جي گهر ۾ تو مون کي ٻڌايو هو تہ بابا ۽ چاچي ايبل جي رٿ توکي ڪيڏي تڪليف ڏني هئي؟“

سچ، مون هاڻي وڌيڪ چرچو ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ پنهنجي مطلب جي ڳالهہ تي آيس:

”اوهہ، منهنجا پيارن کان پيارا سائين، مان پنهنجا اڳ جا چيل لفظ واپس وٺان ٿو. جيڪو اهو درجو آهي، جنهنجو مون کي کَپ آهي.“

”ٻڌائي ڇڏ.“

”نياڻو.“

”چڱو چڱو چڱو! پر توکي خبر آهي، جيئن تہ تون ان معاملي ۾ اڻڄاڻ آهين، ان ڪري تون انهيءَ ناهہ جي شرطن ۽ گهُرن تي ٺهڪين نہ ٿو ۽ تنهنڪري–“

”مون کي آزمايو– اوهہ، مان توهان کي عرض ٿو ڪريان. مون کي رڳو آزمائي ڏسو پوءِ پلي ٽيهہ يا چاليهہ سال، ۽ جيڪڏهن–“

”چڱو ٺيڪ آهي، هاڻي رڳو هڪ ننڍڙي ڳالهہ ڇوٽي آهي، هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ.“

اسان ٻئي خوش هئاسين؟ اهو بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ نہ آهن ۽ جڏهن هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ لنڊن وارن کي سچي تاريخ، انهيءَ بئنڪ جي نوٽ سان منهنجا سچي مهيني جا ڪارناما ۽ انهن جي پُڇاڙيءَ جي خبر پئي، تہ هنن کي ڳالهائڻ لاءِ سٺو موضوع ملي ويو ۽ ان سان سندن وقت سٺو گذريو؟ ها.

منهنجي پورشيا جو بابا، اهو دوست ۽ همدرد، نوٽ انگلينڊ جي بئنڪ ڏانهن کڻي ويو ۽ ان کي مٽايائين؛ پوءِ بئنڪ اهو رد ڪيو ۽ کيس سوکڙيءَ طور ڏنو ۽ هن اهو اسان کي اسان جي شاديءَ تي ڏنو ۽ تڏهن کان اهو اسانجي گهر ۾، فريم ۾ سڀ کان سٺي هنڌ ٽنگيل آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مون کي منهنجي پوريشا ڏني، انهيءَ کان سواءِ مان لنڊن ۾ رهي نہ سگهان ها، نہ سفير وٽ وڃان ها، نہ ئي ڪڏهن پورشيا سان ملان ها. ۽ تنهنڪري مان سدائين چوندو آهيان، ”ها، جيئن توهان ڏسو پيا، اهو هڪ ڪروڙ پائونڊن جو نوٽ ئي آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ سواءِ هڪ جي ٻي ڪا بہ خريداري نہ ڪرائي ۽ پوءِ اها شيءِ پنهنجي مُلهہ جي ڏهين پتيءَ سان ورتائين.■

(سہ - ماهي مهراڻ - ۱۹۷۹ع جي ٿورن سان.)

ناوليٽ
حصو - 1
تارا مير چنداڻي

سورج جو پهريون ڪِرڻو

انوءَ جو جڏهن بہ من مايوس هوندو آهي تہ هوءَ گنگا ڪناري وڃي وهندي آهي ۽ گنگا جي ڪيڏيندڙ لهرن ڏانهن مگن ٿيءَ سان نهاريندي رهندي آهي. هوءَ اڪثر پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ ٻڏائي ڇڏيندي آهي. لهرون اُڇلندي، نچندي ٽپندي سندس پيرن کي ڇهي جڏهن موٽ کائينديون آهن تہ انوءَ جي اکين ۾ حسرت پرجي ويندي آهي. هوءَ حسرت ڀريل نگاهن سان انهن موٽندڙ لهرن ڏانهن نهاريندي آهي ۽ رقص ڪنديون ايندڙ لهرن جو انتظار ڪندي آهي. اِئين لهرن جي راند ۾ هوءَ ڪوئجي ويندي آهي.

گنگا ۽ گنگا جي نرمل جل ڏانهن نهاريندي سوچيندي رهندي آهي: هي جل ڪيترو نہ سيتل، نرمل ۽ پوتر آهي. جيوَ جي انت سمي تلسيءَ جو پن ۽ گنگا جل سندس مک ۾ وڌو ويندو آهي. ڇا گنگا جل مُکُ ۾ پوڻ سان اُن جيو جي آتما کي ٺانءُ ملي ويندي آهي؟ جي نہ .... تہ پوءِ ڇو ٿو وجهجي جيو جي مک ۾ تلسيءَ جو پن ۽ گنگا جل؟ چوندا آهن استول شرير تہ ناس ٿي ٿو وڃي- پر سوڪشيم شرير پنهنجي واسنا مطابق ٻيو جنم ٿو وٺي. ڪنهن ڏٺو آهي ٻيو جنم! سرڳ ۽ نرڳ جون بہ صرف ڪهاڻيون آهن. سچ تہ سرڳ ۽ نرڳ هن ڌرتيءَ تي ئي آهن. هر هڪ جيو پنهنجي ڪرمن جي حساب سان ٻڌو پيو آهي ۽ پيو ڀوڳي ۽ ماڻي. هي سڀ سبنڌ، رشتا ناتا بہ تہ انهن ڪرمن جي حساب موجب پيا جڙن ۽ ٽٽن. هڪ هڪ شخص جي اندر جو دروازو پٽي ڏسجي تہ ڪيترو نہ ڪچرو ڀريل آهي منجهس.... ۽ پوءِ بہ پيو اهنڪار ۾ ڇجي! هڪ انسان ٻئي انسان کي دک ڇو ٿو ڏئي؟ ٻئي جي دل کي چوٽ پهچائڻ ۾ ڪيس آنند ڇو ٿو اچي؟ هيترو حسد، ساڙُ ووير ڇا لاءِ؟ خاص طور هڪ ناري ئي ناريءَ جي دک جو ڪارڻ ڇو ٿي بڻجي؟

هوءَ اڪثر لهرن کان اهڙا سوال پڇندي رهندي آهي. ويدنا پريل نيڻن سان ڏانهن نهاري منا مٺا ڏيئي کين چوندي آهي: توهين تہ خوب مستيءَ وچان پيئون لڏو ۽ لمو.... ۽ نچندي ٽپندي گنگا جيءَ ۾ سمائجي ٿيون وڃو. پر مان.... مان ڪيڏانهن وڃان؟ ائين لهرن سان رهاڻ ڪندي، کين ڏوراپا ڏيندي وقت جي کيس سَمَڪَ ئي نہ رهندي آهي. جڏهن سورج جي روشني لهي ويندي آهي ۽ آسمان ۾ ٽمڪندڙ تارا کيس گهر موٽڻ لاءِ آگاهہ ڪندا آهن، تڏهن هوءَ ڳؤرن قدمن سان واپس گهر موٽندي آهي. گهر جي نزديڪ ايندي ئي هوءَ زوريءَ پنهنجي اندر ۾ شڪتي ڪٺي ڪري پاڻکي نارمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. گهر پهچي سڌو رنڌڻي ڏانهن رخ رکندي آهي. رنڌڻي ڏانهن ويندي کيس هال مان لنگهڻو پوندو آهي، جتي سندس سس وينا سچديرا ڪرڇ تي براجمان هوندي آهي ۽ اڪثر تي وي ڏسندي رهندي آهي. انوءَ جي گهر ۾ گهڙنديئي کيس ساڳيو ڊائلاگ ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي: ”ڪري آئي مهاراڻي گنگاجيءَ جو سير.“

هوءَ بنا جواب ڏيڻ جي رنڌڻي ڏانهن ويندي آهي ۽ جهٽ ۾ پاڇيون ڪپڻ کي لڳي ويندي آهي. سندس هٿن ۾ ڦڙتي اچي ويندي آهي. گئس اسٽوَ جي ٻنهي پاسي ٻہ پاڇيون چاڙهي، اٽو ڳوهيندي آهي. سلاد ڪپيندي آهي. ڏڏ جي ڪا شيءِ تيار ڪري وٺندي آهي ۽ پوءِ ميز تي پليٽون، گلاس، چمچا وغيره رکي، سهري، گهوٽ ۽ ڏير جي اچڻ جو انتظار ڪندي آهي. سندس ايندي ئي سڀني کي گرم گرم ڦلڪو پچائي ڏيندي ويندي آهي. اها سندس روزمرهہ جي ڊيوٽي آهي.

اڄ انوءَ جو من ڊانوان ڊول هو. سندس اندر ۾ زلزلو متل هو. سندس انگ انگ جلي رهيو هو. کيس ائين لڳي رهيو هو جڻ هزارين وڇون گڏجي کيس ڏنگي ويا هجن. سندس پير ازخود کيس گنگا جي ڏانهن گهليندا وٺي پي ويا. دشاسوميد گهاٽ تي پهچي، اڻ ڳڻيا ڏاڪا هيٺ لهي، پنهنجي پريہ آستان تي ويهي. هن پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيا ۽ گنگا جيءَ جي جل جا ڇڪ پري پري پنهنجي سَنَمَن تي چنڊيا وجهڻ لڳي. پر سندس اندر جيڪا باهہ ڏڏڪي رهي هئي. تنهن وسامڻ جو نالو ئي نہ پي ورتو.

انوءَ وسارڻ ٿي چاهيا اُهي اکر جن سندس هردي کي چيري ڦاڙي

ڇڏيو هو. اڄ گنگا جون لهرون، جيڪي سندس دک سک جون ساهيڙيون هيون سي بہ ڪيس آٿت ڏيئي نہ پي سگهيون. مورڳو ڪانئس پڇي رهيون هيون، ”سچ ٻڌاءِ انو تون ٿڪجي پيئي آهين نہ؟ تنهنجو آتم وشواس ڏڏي ويو آهي نہ؟“

سندس من جڻ ڪين ڇيخي ڇيخي چوڻ تي چاهيو: ها.... ها.... مان ٿڪجي پيئي آهيان. مجيان تي تہ مان ٿڪجي پيئي آهيان. پر گهٽ ۾ گهٽ توهين تہ مونتي ٺٺولي نہ ڪريو.“

اڄ پهريون دفعو انوءَ کي محسوس ٿيو تہ هوءَ برابر وقت جي لهرن جو مقابلو ڪندي ٿڪجي پيئي هئي. هڪ هڪ لهر ڪيس ماضيءَ ڏانهن گهليندي پئي ويئي. يادگيرين مان هڪ يادگيري جهڪي ٿي ٿي تہ ٻي سندس من جي سطح تي اُڀري ٿي آئي. هوءَ يادگيرين جي چڪرڙ يوهہ ۾ جڻ ڦاسي ويئي هئي. بس .... صرف سنگهرش!..... سنگهرش ڪندي ڪندي هوءَ ٿڪجي پيئي هئي. هن وري لهرن ڏانهن نهاري ڪائن عاجزيءَ وچان پڇيو ”ڪٿان آٽيا مان آتم شڪتي؟؟؟.“

لهرن جي ترنگن مان بہ ڪليجو چيريندڙ سندس سس جي آواز جو پڙاڏو اچي رهيو هو: ”منهنجو پٽ تہ مون ڪان ڪسي ويئينءَ۔ هاڻي منهنجي مڙس تي بہ ڏور چاڙهڻ شروع ڪئي اٿيئي، اڪيون مچڪائي مچڪائي پيئي ”پپا ۔ پپا“ ڪرينس. مان اهي سڀ ڪيل ”پپا – پپا“ ۽ پپا – پپا“ جا چاٽان تي. انڌي ڪا نہ آهيان..... ۽ هڱ ننڍڙو گڏهہ بہ ”انو پاپي“ ”انو پاپي“ ڪري پيو تنهنجا پير چٽي. تنهي تي نہ چاٽان ڪهڙو جادو ڪيو آٿيئي. هڪ سان شادي.... ٻئي سان آنڪ مچولي ۽ تيون تنهنجي ڪيسي ۾. هاڻي تہ هي گهر، گهر ٿي نہ رهيو آهي....“

اهي اکر ڪوُ نہ هئا۔ جڻ ڇهبڪ هئا.... جي اندر ئي اندر انوءَ کي چلي رهيا هئا. ڇهبڪ.... ڇهبڪ..... ڇهبڪ سندس دل درد وچان ڪڙهڻ لڳي. هوءَ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ لڳي: ”ٻڌاءِ، ٻڌاءِ انو تو ڇا پاتو زندگيءَ مان؟ ڪهڙو سک مليو توکي؟ تون پنهنجي سيپہ وهنوار، مٺڙي زبان ۽ سچائي پريل پاوِنائن سان سڀني کي وس ۾ ڪري ڇڏيندينءَ. توکي پنهنجو پاڻ تي بانور هو نہ؟ ڪيڏانهن ويو تنهنجو اهو بانور؟ هارائي ويئي آهين نہ؟“

ڪهڙو جواب ڏئي هوءَ پاڻ کي؟ اڄس ڪيس محسوس ٿي رهيو هو تہ

هيل تائين هوءَ صرف وڻ جي تارين ۾ پٽن ڪي ئي پاٽي ڏيئي رهي هئي. جڙ تائين تہ پهتي ئي ڪانہ هئي. جڙ تائين ڪڏهن پهچي بہ سگهندي..... سندس وشواس ڏڏي ويو هو.

هوءَ سوچڻ لڳي: هن پنهنجي جوانيءَ جون قيمتي گهڙيون هن گهر جي سک ۽ بهبوديءَ مٿان نڇاور ڪيون هيون، تن جي ڪهڙي قيمت!

ڏير جيڪو راتيون راتيون گهر کان ٻاهر گذاريندو هو. رات جي ماني ڪڏهن بہ گهر ۾ ڪو نہ کائيندو هو. تنهن کي فائِو اِسٽار هوٽل جهڙا طعام تيار ڪري، گهر ۾ کاڌو کائڻ جي عادت وِڌائين. شايد اهو سندس ڏوھ هو! ٻنهي ڪانپوءِ گڏجي پارڪ ۾ گپ شپ هٽندا هئا. ڪڏهن لوڊيو يا پتي راند يا ڪئرم کيڏندا هئا. اهي گهر ۾ سک ۽ آنند جو ٻج ڇٽيائين. شايد اهو سندس تصور هو!!... سهري جي شيوا ڪري، سَندس هر گهرج جو ويچار رکي، وقت تي دوائون ڏيڻ، کاڌي پيتي جي پرهيز ڪرائي، سندس صحت جو ڌيان رکيائين.... شايد اهو سندس گناھ هو!!! شيوا تہ هن سس جي بہ گهٽ ڪا نہ ڪئي هئي. پر سندس ڪا بہ ڳالھ.... ڪو بہ ڪم.... ڪو بہ وهنوار،ڪيس پسند ڪو نہ هو.

انوءَ آسمان ڏانهن نهاريو. چنڊ ڪٿي بہ نظر نٿي آيو. شايد بادلن جي گهيري ۾ ڍڪجي ويو هو. ايڪڙ ٻيڪڙ تارا ٽمٽمائي رهيا هئا. تارا بہ ڄڻ سندس اُداسي ڀانپي خود بہ اُداس ٿي ويا ها.

من جي ماناڻ سندس هرديہ ڪمل کي مرجهائي ڇڏيو هو. گهڙيءَ گهڙيءَ سندس ڪنن ۾ سس جا ويڻ ٻري رهيا هئا:

"هڪ سان شادي.... ٻئي سان آنک مچولي.... ۽ ٿيون تنهنجي ڪيسي ۾."

انوءَ جو من ڀرجي آيو. هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون بند اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي اچي سندس ڳلن تي پيا. انوءَ پنهنجي ڳلن تي ڪجھ کان بہ ملايم سپرش محسوس ڪئي. ڪنهن فينسٽائيءَ سان سندس ڳڙندڙ ڳوڙها ڪرڻ کان اڳئي اُگهي ڇڏيا.

سَندس پتي اجيہ کيس ڳوليندو اچي اُتي پهتو هو. دڪان تان ٿورو سويل ئي نڪتو هو تہ گهر وڃي آرام ڪندو. گهر پهتو تہ پاڙي واريءَ جي ڏيءَ مونا، جنهن کي هُو پيڻ ڪري مڃيندو هو ڪن ۾ پيٽڪيس تہ مميءَ اڄ انوءَ پاپيءَ کي تمام خراب اکر ڳالهايا آهن. پهرين تہ هن ٻڌائڻ کان آنا

ڪانسي ڪئي تہ سندس زبان مان اهي اکر اُڪلندا ئي ڪو نہ. پر جڏهن اجيہ پنهنجو قسم وڌس تڏهن اُهي اکر ڪيس هرو پرو چئي پڏاياڻين. اجيہ چاتو ٿي تہ اج سندس ماءُ جيڪا انوءَ کي هيڏي وڏي گار ڏني هئي.... پيءُ مثل سهري لاءِ ههڙا بيهودا الفاظ چيا هئا..... سي انوءَ جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هوندا. اجيہ اُهي ئي پير ڪري، دشاسوميدي گهاٽ طرف رخ رکيو. اجيہ کي سڌ هئي تہ انو جڏهن گهڻو پريشان هوندي آهي تہ گنگا ڪناري هلي ويندي آهي. هو ڪيس ڳولهيندو اچي اُتي پهتو ۽ آهستگيءَ سان اچي سندس پر ۾ ويٺو. انوءَ کي سندس اچڻ جي ڪا سمڪ ئي نہ رهي. انوءَ جي مک منڊل تي اُداسيءَ جا ترورا صاف ظاهر هئا. جڏهن اجيہ سندس ڳوڙها اُگهيا، تڏهن انوءَ چرڪ ڀري ڏانهس نهاريو. اجيہ چپ چاپ انوءَ جا ٻئي هٿ بند ڪري پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ سوگها جهليا. زبان سان هڪ اکر بہ نہ ڪچياڻين. انوءَ جي چلڪندڙ نيڻن ڏانهن نهاريندي، پنهنجي اِکين معرفت چڻ ڪيس نياپو ٿي ڏناڻين، "انو مان آهيان نہ."

انو ويران نگاهن سان اجيہ ڏانهن نهاريو.

اجيہ جو ڪهڙي بہ ڳنڀير ماحول کي پنهنجي ڪل چرچي سان هلڪو بڻائي سگهندو هو. سو اج خود منجهي پيو هو. هر وقت سندس ماءُ انوءَ جون شڪايتون پيئي ڪندي هئي. سندس ئي منهن تي انوءَ کي ٻرو پلو چوندي هئي. پر انو ڪيس ڪو بہ جواب نہ ڏيندي هئي. انوءَ کي هردم پنهنجو انجام ياد هو.

شاديءَ کان اڳ اجيہ ڪيس پنهنجي ماءُ جي سڀاوَ کان ذري پرزي واقف ڪيو هو تہ ڪيس پڙهيل ڳڙهيل ننهن نہ، پر سندس پسنديءَ جي "جي حضور" ٻانهي کپي. شاهوڪار مائٽن جي ڌيءُ هجي، جي هروقت سندس طلبون ۽ تقاضائون پوريون ڪندا رهن. هونءَ بہ هوءَ تکي سڀاوَ جي آهي. ڪيس راضي رکڻ آهي آسمان مان تارا لاهڻ جي برابر. جنهن سان نہ ٺجندي اٿس تنهن کي تہ صليب تي چاڙهندي آهي. تون اهڙي سس سان گذر ڪري سگهندينءَ؟"

انوءَ چيو هوس. "تون خاطر رک تہ مان ڪجهہ بہ ڪري سگهنديس.... ڪجهہ بہ سهي سگهنديس." ۽ پوءِ کلي چيو هئائين، "پر مان پٿر کي موم ڪرڻ جو علم ڄاڻان."

اجيہ اهو بہ چيو هوس: "رهڻو بہ گڏ پوندءِ. پپا جو اسان ٻنهي پٽن ۾

ڏاڍو موھ آھي.“

تنھن تي انوءَ فخر ۽ وشواس سان چيو ھوس، ”تون پنھنجي انوءَ کي اڃا سڃاڻي نہ سگھيو آھين. مان اھڙو ڏينھن اچڻ ئي نہ ڏينديس.“

پنج ڏھ منٽ ھوُ ائين سانت ۾ ويٺا رھيا. ھڪ ٻيڙي اچي سندن پير ۾ بيٺي. ٻيڙيءَ واري پڇيو ”بابوجي، سير لاءِ ھلندا؟“

اجيہ انوءَ ڏانھن نھاريو.

انوءَ سندس ڪنڌ سان ”ھا“ ڪئي.

اجيہ انوءَ کي ھٿ ڏيئي اُٿاريو ۽ سھارو ڏيئي ٻيڙيءَ ۾ چڙھڻ ۾ مدد ڪئي.

اونداھي رات روشن تارا ڪين گڏ ڏسي، پنھنجي موھيندڙ مرڪ سان چڻ ڪين ڪيڪاري رھيا ھئا. اجيہ انوءَ ڏانھن نھاريو. ڪيس لڳو چڻ انوءَ جي چھري جي سموري چانڊاڻ ڪنھن چُوسي ورتي ھئي. ٻيڙي لڳ ڀڳ ٻئي ڪناري تي پھچڻ واريئي ھئي. ٻاھران ائين پي لڳو چڻ انوءَ گنگا جي ڇرتي لھندڙ چڙھندڙ لھرن ۽ ان جي مٿا ڇري تي خيالن ۾ گم سم ھئي.

ھوءَ سوچي رھي ھئي. اڃا ڪالھہ ئي تہ ھوءَ لکنؤ مان مائٽن وٽان ٿي موٽي ھئي. گھر ۾ گھڙنديئي سس ٽوڪيندي چيس، ”ڇو پٽھين جو اَن خلاص ٿي ويو ھو ڇا؟ مھنو رھڻ لاءِ ويئي ھئينءَ نہ؟ اڃا تہ پندرنھن ڏينھن بہ ڪو نہ ٿيا آھن.....“

انوءَ ڀٽڪندي چيو ”اجيہ جو فون آيو ھو تہ سندس طبيعت ٺيڪ ڪانھي. يڪدم واپس اچڻ لاءِ چيو ھئائين.“

”ڇا ٿيو آھي اجيہ جي طبيعت کي. تون ھُتي ھئينءَ تہ پاڻ دوستن سان پيو گھمندو گھتندو ھو. سنيمائون ناٽڪ ڏسندو ھو. تون آئي آھين! تہ پاڻ سندس آزادي ختم. تنھنجو غلام ٿي پيو ھلندو.“

انو جواب نہ ڏيئي پنھنجي ڪمري ۾ ھلي وئي ۽ ٻئگ رکي.... ھٿ منھن ڌوئي رنڌڻي ۾ ويئي. رنڌڻي ۾ ٻاسڻن جا ڍير رکيا ھئا. ھڪ رات اڳ شايد گھر ۾ مھمان آيل ھئا. ان ڏينھن ڪم واري مائي بہ ڪا نہ آئي ھئي، انو ٻنا چُوڻ چان جي ٻاسڻن ملڻ کي لڳي ويئي. ٻاسڻ مليندي ڪيس اُٿو آيو ۽ وات کي ھٿ ڏيئي باٿ روم ڏانھن ڀڳي. ٿوري اُلٽي اٿي ئي اچي ويس. آواز تي سھندس سس ڊوڙندي آئي ۽ جھڪندي چيائين، ”الٽي

ڏور بہ نٿي روڪي سگھيندءِ.... ڪاڏي جي- باسٽن ۾ .... ڇي .... الائي ڪھڙي گھر جي ڇوڪري گھيلي وٺي آيو ....."

انوءَ جا ڏينھن چڙھيل ھئا. ڪيس ڏاڍي تڪليف ھئي، پنھنجي علاج ۽ آرام ڪرڻ لاءِ ئي لکنؤ ۾ پنھنجي پيڪي گھر ويئي ھئي. ڊاڪٽر ڪيس آرام ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي ھئي. بار ڪيس ڪٽڻو ڪو نہ ھو. دوائون ۽ انجيڪشنس چالو ھيون. پيڪي گھر پندرھن ڏينھن ۾ ئي انوءَ جي پيلي ڇھري تي لالي آئي ھئي. ڊاڪٽر چيو ھون تہ پنج مھنا پورا ٿيندس تہ پوءِ تڪليف گھٽ ٿندي- تيستائين پوري سنڀال ٿيڻ کپي.

....

انوءَ جي پيڪي وڃڻ ڪانپوءِ اجيہ جو ڏينھن ڏينھن ئي وڌي ورھيہ ٿي پيو ھو. دڪان تان سڌو ئي ڪنھن نہ ڪنھن دوست وٽ ھليو ويندو ھو. انوءَ ڪانسواءِ ڪيس گھر ڪاٽڻ ايندو ھو. اُن ڪري رات جو يارھين ٻارھين ڪان اڳ گھر ڪو نہ موٽندو ھو.

ھڪ رات ڪيس پيٽ ۾ اچي سخت سُور پيو. ڪيترو وقت پنھنجي بستري تي لڇندو رھيو پر دل ئي نہ پيي وريس تہ ماءُ پيءُ کي اُٿاري ڪين پنھنجي سُور بابت ٻڌائي. ياٽس وڃيہ بہ نائيٽ شو ۾ پڪچر تي ويو ھو. اُن سُور تي اجيہ چپ چاپ بنا مائٽن کي ٻڌائڻ جي، پنھنجو اسڪوٽر ڪڍي، پنھنجي دوست ڊاڪٽر شيڪر جي گھر ھليو ويو. ھيڏي رات پئي شيڪر اجيہ کي ڏسي گھٻرائجي ويو. سندس حال پڇي ڪيس ڪا گوري ڏنائين. چيائينس: "مونکي لڳي پيو تہ Stone اٿيئي. سپاٽي ڪلنڪ ۾ سونو گرافي ڪرائڻ اچج. گوري وٺڻ ڪان پوءِ اجيہ کي ٿورو آرام آيو. اجيہ جو اسڪوٽر پنھنجي گھر ۾ رکي، شيڪر ڪيس پنھنجي ڪار ۾ سندس گھر ڇڏي آيو. گھر پھچي اوڏيءَ مھل ئي اجيہ انوءَ کي فون ڪيو تہ تون ھڪدم ھلي اچ، منھنجي طبيعت ٺيڪ ڪانھي. انو گھٻرائجي ويئي. گھڻو ئي پڇيائينس تہ آخر ٿيو ڇا اٿيئي؟ پر سندس ھڪ ئي رٽ تہ تون ترت واپس موٽي اچ.

انوءَ چيس، "اجيہ، منھنجو بہ ھتي علاج ھلي رھيو آھي. ھڪ نہ ٻئي ڏينھن انجيڪشن لڳندي آھي. ھڪ بہ انجيڪشن پوري وقت تي نہ لڳي تہ وري سڄو ڪورس ڪرڻو پوندو."

اجيہ چيس، بس تون موٽي اچ. مان پاڻيھي ڊاڪٽر شيکر سان ڳالھائي بندو

بست ڪندس.“ ائين چئي هن رسيور وڪي ڇڏيو.

انو سوچڻ لڳي: نجاڻان اجيه کي ڇا ٿيو آهي؟ الائي ڪھڙي تڪليف اٿس. ٻڌاياڻين به ڪو نه. پاڻيو هونداڻين ٻڌائيندو ته مونکي چنتا ٿيندي. ضرور اهڙي ڪجهه هوندو جو اهڙو ڪمھلي وقت فون ڪيو اٿس. انوءَ جي نيڻن مان ننڊ پر ڪري اُڏامي ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو پھرين گاڏيءَ ۾ ٿي هوءَ بنارس رواني ٿي ويئي ۽ بنا ساهرن کي ڄاڻائڻ جي اچي گھر پهتي.

....

انوءَ اُلٽي ڪرڻ کان پوءِ ٿوري سامت ۾ آئي ۽ وري وڃي باسڻ ملڻ لڳي. باسڻ ملي پورا مس ڪياڻين ته سسٽس صابڻ ۾ پسيل ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ چيس.

انوءَ ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي شڪتي ڪا نه هئي. تمام جھيٽي آواز ۾ چيائينس، ”ممي، منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪانهي. ڊاڪٽر مونکي ايتري ڪم ڪرڻ کان منع ڪئي آهي.“

سس ٽوڪيندي چيس، ”اسان ٻار ڄڻيا ئي ڪو نه هئا. اسانجون سسون ته پاڻ چونديون هيون ته جيڏا هڏ هڻنديون اوتري ويم ويل تڪليف گھٽ ٿيندو.“

بحث ڪرڻ انوءَ واجب نه ڄاتي ڪيس نمرتا سان چيو ”ممي، پاڙي ۾ پدما آنٽيءَ جي مائيءَ کي ڪري اڄ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ چئو.“ ائين چئي انو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ دروازو بيڪڙي پلنگ تي ڍان ٿي پئجي رهي. سندس سرير ٽڪ وچان چُور چُور ٿي ويو هو. اجيه جي فون اچڻ ڪِانپوءِ هڪ ڪن به اک لڳائي نه سگھي هئي. من ۾ الائي ڪھڙا ڦرٽا پي آٿيس. هوءَ سوچڻ لڳي: اجيه جي طبيعت جي ايتري خراب هئي ته پوءِ گھر ۾ ڇو ڪوتهي. سس کان پڇڻ تي دل نه پي وريس. من ۾ مونجهه.... فون به هال ۾_ جتي سندس سس. ٽي وي جي سامھون ويٺي ئي ويٺي هوندي آهي. هوندءِ جيڪر پپا (سھري) يا ڏير کي ئي دڪان تي فون ڪري پڇي يا اجيه جي دوست ڊاڪٽر شيکر کيُ ئي فون ڪري. اندر جا اُڏما دٻائي زوريءَ اجيه جو خيال پنهنجي ذهن تان هٽائي، هوءَ پنهنجي تن کي آرام ڏيڻ جيُ ڪوشش ڪرڻ لڳي.

اجيه صبح جو سونو گراڻي ڪرائڻ هليو ويو هو. پپا ۽ پاءُ کي به

صبح جو ٻڌايو هئائين ته رات جو ڪيس گهڻي ٿي تڪليف هئي. سندس نندو ڀاءُ وجيه اسڪوٽر تي ٻيلهه چاڙهي ڊاڪٽر شيڪر جي ڪلينڪ ۾ ڪيس ڇڏي دڪان تي هليو ويو. سونو گرافيءَ ۾ تمام هلڪي پٿري نظر آئي. ڊاڪٽر چيس ته دوائن جي رستي ڳري ويندي. فڪر ڪرڻ جي ڳالهه ڪانهي. ڪاڏي پيٽي جي سنڀال ڪرڻ لاءِ چيائين. آٿت پائي هو ڪلينڪ مان سڌو دڪان تي هليو ويو. ڪجهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بعد پاڻ کي ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳو. دڪان بند ٿيڻ کان اڳ ئي، پيءُ کي ٻڌائي، هن گهر طرف رخ رکيو ته وجي گهر آرام ڪندو.

گهر پهچي ڏٺائين ته سندس ماءُ جو منهن سڄيو پيو هو. پڇيائينس، "ٺيڪ ته آهين نه ممي؟"

"مري ويئي تنهنجي ڀيڻ." ناٽس اُچاترو جواب ڏنو.

" آخر ٿيو ڇا آهي؟ سڀ سک ته آهي نه؟"

"وجي ٻچ پنهنجي مهاراڻيءَ کان. جڏهن کان آئي آهي تنگون تيڙي سمهي پيئي آهي."

ٽڪر ۾ اجيه کان نڪري ويو "انو اڄي ويئي......"

"ها. پٽس جو آن ڪٽي پيو هو."

اجيه کي جاڻ هئي ته وڏيڪ ڪجهه چوندو ته ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿي پوندو. سو نموني سان گلاس کڻي فرج کولي پاڻي پيتائين ۽ پوءِ ٽينگ ڏيئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. جڻ ڪا چوري ٿي ڪيائين ۽ ڊپ هوس ته ڪٿي پڪڙجي نه پوي.

انوءَ جون اکيون پوريل هيون. اجيه وجي سندس مٿن کان وينو ۽ سندس وارن ۾ هٿ ڦيرڻ لڳو. انوءَ اکيون کوليون "تون ٺيڪ آهين نه اجيه؟ توکي ڇا ٿيو آهي؟ فون تي ڪجهه به ڪو نه ٻڌايئه... منهنجو ته ساهه ئي سڪائي ڇڏيو هوءِ. ڦون ڪانپوءِ منٽ منٽ تي وڏي پيو."

اجيه سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس: "شيڪر چيو آهي ته فڪر ڪرڻ جي ڳالهه ڪانه آهي."

اهو ٻڌي انوءَ چوٽڪاري جو ساهه کنيو. اُها رات سک سان گذري. هڪٻئي جي ٻانهن ۾ ايندي، هوَ ٻئي پنهنجا شريڪ ۽ مانسڪ ڪشٽ ڀلجي ويا.

....

صبح جو روز مرهہ جيان انوَ گهر ڪرت کي لڳي ويئي. سهري کان پڇيائين، "پپا، اڄ ڪهڙي نيرن ناهيان؟"

سهري چيس، "تنهنجي پرپٽ روز اهي گوبي ۽ پٽاٽي جا پراٺا کائي کائي تنگ ٿي پيو آهيان. تنهنجي سدا سدوري ممي کي انهيءَ کانسواءِ بي ڪا نيرن خيال ۾ ئي ڪا نہ اچي. هاڻي تون موٽي آئي آهين تہ روز نئين نئين نيرن تہ ملندي."

انوءَ کيس چيو "پر پپا، اڄ ڇا ناهيان؟"

"اڄ پنهنجي سنڌي نيرن ڪاراءِ، مالپورا ۽ چڙي دال."

انوءَ سس جي راءِ پڇڻ لاءِ ڏانهس نهاريو. ڪالهہ کان جو هوءَ سڙي ويٺي هئي سو سڙيل نوع ۾ چيائينس، "مون ڏانهن ڇا ٿي نهارين. ڇڻ هن گهر ۾ منهنجي هلندي بہ آهي. جيڪي چونئي سو ناهي ڪارائين، پر منهنجي لاءِ گوبيءَ جو پراٺو ناهج. مونکي ڪو نہ وڻن تنهنجون اهي سنڌي نيرنون. هيءَ بہ ڪا نيرن آهي. مٺي مالپوري سان گڏ نمڪين دال!...؟

انو جواب نہ ڏيئي رنڌڻي ۾ هلي ويئي. سهري ۽ ڏير لاءِ هڪ نيرن .... سس لاءِ بي ... اجيہ ۽ پنهنجي لاءِ ٽوسٽ ۽ مکڻ، جو پٽريءَ جي ڪري کيس ڳرو ڪاڌو ڪو نہ ڪائڻو هو.

هنن ٽنهي جي دڪان تي وڃڻ کانپوءِ انو گهر جي چنڊ ڦوڪ کي لڳي ويئي. شڪر جو اُن ڏينهن ڪم واري مائي آئي هئي. انهيءَ کي ڏسي انوءَ جي پيٽ ۾ ساهہ پيو.

سانجهيءَ جا پنج لڳا هئا. انو چانهہ جو ڪوپ ناهي سس کي ڏيئي پيو پنهنجي لاءِ رنڌڻي مان ڪڻڻ پي ويئي تہ فون جي گهنٽي وڳي. رسيور انوءَ جي سس ئي کنيو. مسٽر سچديوا جو فون هو. مسٽر سچديوا کيس چيو، "انوءَ کي فون ڏي."

وينا پڇيس، "ڪهڙو ڪم اٿو انوءَ ۾؟"

هن هوڏ ڪندي چيس، "چيم نہ تہ انوءَ کي فون ڏي."

وينا سچديوا جو پارو چڙهي ويو. خارن وچان چيائينس،

" اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو مونکي نہ ٻڌائي انوءَ کي چوڻ ٿا چاهيو؟"

سچ تہ ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪو نہ هو. پر اڄ مسٽر سچديوا کي کيس

ڪجائڻ ۾ مزو پي آيو. سو ضد ڪري رکندي چيائين،
”چيم نہ تہ فون انوءَ کي ڏي.“
ڪامندي وينا انوءَ کي چيو ”تنهنجو فون آهي.“
انوءَ پڇيو ”ڪنهن جو فون آهي ممي؟“
”هوندو تنهنجي ڪنهن چاهڻ واري جو.“ سندس آواز ۾ ڏنگ هو.
انوءَ ڀانيو تہ اجيہ جو فون آهي، سو مٺي آواز ۾ چيائين،
”هلو.“
پپا پڇيس، ”تنهنجي مميءَ جو مُوڊ ڪيئن آهي؟ ڪافي چڙيل پيئي لڳي؟“
انوءَ معصوميت وچان وراڻيو ”اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي پپا، ڪو ڪم اٿو؟“
”گهڻن ڏينهن کان پوءِ موٽي آهين. صبح جو دڪان تي اچڻ جي تڪڙ ۾ تو کان ڪو حال احوال بہ ڪو نہ ورتم. ڪالهہ بہ اسانجي دڪان تان موٽڻ کان اڳ ئي وڃي سمهي پيئي هئينءَ. اجيہ چيو تہ طبيعت ٺيڪ ڪانہ اٿس. هاڻي تہ ٺيڪ آهين نہ؟.... اسانجو ننڍڙو راجا بہ ٺيڪ آهي نہ؟“
اشارو سمجهي انو شرمائجي ويئي. سندس چهرو لال ٿي ويو. هن جهيڻي آواز ۾ چيو ”ها پپا – ٺيڪ آهي.“
سندس سس سامهون ويٺي انوءَ جي چهري تي لهندڙ چڙهندڙ رنگ ڏٺا. انوءَ فون رکيو تہ سس پڇيس، ”ڇا ٿي چيو هن؟“
انوءَ چيو تہ ”پپا جو فون هو ... ممي.“
جهٽڪي چيائينس، ”اها خبر اٿم. چڱا فون تي بہ ٽڙڪ ٽال پئي ڪرين. چڱو تون سيني تي پهنجو چار وڃائي ويٺي آهين. منهنجو پٽ تہ مون کان کسي وٺينءَ. هاڻي منهنجي مڙس تي بہ ڏور چاڙهڻ شروع ڪئي اٿيئي.... وغيره وغيره ....
اهو سڀ ياد ايندئي انوءَ جو وجود ڏڏي ٿي ويو.

....

بنارس ۾ اجيہ ۽ وجيہ جي پيءُ کي پنهنجو الڪٽرانڪس جو دڪان هو. پيءُ ۽ ٻئي ڀائر اتي ڪم ڪندا هئا. وجيہ اجيہ کان ٻہ ٽي سال ننڍو هو. اجا ڪاليج ۾ ئي هو، پر سندس دل پڙهڻ تي ڪو نہ ٽِڪي وري. ڪيس

سڃو ڏينهن دوست، سئنيمائون، ناٽڪ ۽ ساهيڙيون ڪپنديون هيون. گهر ۾ ته پيءُ ئي ڪو نه ٽڪندو هوس. روز دوستن سان ٻاهر هوٽل ۾ کاڌو کائي ايندو هو. اجيه کي به اهو سڀ ڪجهه پسند هو. پر جڏهن کان انوءَ سان دوستي ٿي هيس ته هُو ذرا گنڀير ٿي ويو هو ۽ ٻين ڇوڪرين سان گڏ جڻ مسجڻ ڇڏي ڏنو هئائين. ننڍڙي هوندي کان ئي ٻئي ڇوڪرا ڇڙواڳ پليا هئا. گهر ۾ قاعدي نالي واري ڪا به ڳالهه ڪا نه هوندي هئي. ماءُ پيءُ خود ئي پارٽين ۽ فنڪشنس ۾ پورا هوندا هئا. ماءُ چوندي هئي: "پٽ اتم، ڏيئر ٿورو ئي اٿم جو اونو ڪريان، پاڻيهي پيا پلبا." گهر ۾ نوڪرياڻي هئي. کاڌو ناهيندي هئي، ڪڏهن ڪچو ته ڪڏهن ڦڪو. ان ڪري به ٻئي پٽ اڪثر هوٽلن ۾ کائيندا هئا. گهر سوير موٽن يا اوير.... نه ماءُ کي اونو... نه پيءُ کي. گهر جي لئچ کي (ڪُنجي) ٻنهي پٽن وٽ الڳ الڳ هئي. ڪير ڪيڏي مهل به موٽي ڪير ڪنهن کان حساب ڪتاب ڪو نه پڇندو هو. هڪ ڳالهه سا سٺي هئي. ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ پيار هو. گهر ۾ پئسي جي ڪا ڪمي ڪا نه هئي. پيا سپيئي لٽيندا هئا. ڪپڙن ۽ بُوٽن جا ڍير لڳا پيا هئا. سنجت ۽ سڀيڙ جو ته نالو به ڪو نه هو. ٻنهي ڀائرن جي ڪپڙن جو سائيز به ساڳيو. ڪير ڪهڙي به قميس پائي، ڪهڙي به پئنٽ پائي. اهو ته ٺهيو پر گنجيون ڪڇا ۽ جوراب به جنهن کي جيڪي هٿ لڳندو هو سو پائيندو هو.

ٻئي ڀائر هڪبئي جي زندگيءَ ۾ دست اندازي ڪو نه ڪندا هئا. باقي دڪان تي ڊيوٽي ٻڌل هين، هڪ ڏينهن هڪ ڀاءُ سانجهيءَ جو موڪل ڪندو هو ۽ ٻئي ڏينهن ٻيو. پيءُ اڪثر پنهنجي مرضيءَ مطابق پيو دڪان تي ايندو ويندو هو. هن کي به ٿي وي. ڏسڻ جو مرض هو.

اجيه جڏهن انوءَ سان شادي ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو ته هن پنهنجي دل جي ڳالهه وڄيه سان ڪئي. وڄيه خاطري ڏيندي چيس ته سندس ڪيس پورو سهڪار آهي..

اجيه شڪ ظاهر ڪندي چيو. "پر مميءَ کي ڪيئن راضي ڪبو؟ هوءَ ته ڪُنهن سوني مرغيءَ جي تلاش ۾ آهي ۽ هيءَ فئملي ته پوري پني آهي."

وڄيه چيو. "فڪر نه ڪر ڀائي. مميءَ کي پاڻيهي مڃائبو."

اجيه چيس، "تون مميءَ جو لاڏلو آهين. تون ئي ڪيس مڃائي

سگهنديون."

پر ممي اهڙو سولو هٿ ڇوتي اچي. هن چيو "مون اڳ ۾ ئي اجيءَ لاءِ ڇوڪري ڳولهي ڇڏي آهي. سون ۾ ترجي ايندي."

وجيءَ چيس، "اسين بہ تہ ٻڌون تنهنجي پسند."

"پريم پرڪاش جي ڌيءُ روهنا."

وجيءَ کان رڙ نڪري ويئي، "اها ڪاري مينهن! واهہ ممي واهہ. تنهنجي پسند کي تہ داد ڏيڻو ئي پوندو. ڪٿي حور پري انو ڪٿي تنهنجي روهنا!" پوءِ پاءُ کي اک هڻندي چيائين، "پائي، آچ خراب ڪانهي. فائدا بہ گهڻيئي آهن. پهرين تہ هر وقت ساڻ هوندءِ تہ نظر ڪا نہ لڳندءِ، نظر بٽوُ جا ٿي، ٻيو تہ مينهن جو کير پي تون بہ متارو ٿي پوندين .... تيون تہ ....

- اجا وڌيڪ وجيءَ ڪجهہ چوي ئي چوي تہ ممي کيس شوڪيندي ڪاوڙ ڪندي چيو "شرم ڪر، شرم ڪر. ڪنهن نياڻيءَ لاءِ اهڙا اکر ڳالهائبا آهن؟ الائي ڪڏهن تون وڏو ٿيندين."

وجيءَ ماءُ جي چمچاگيري ڪندي سندس ساڙهيءَ جي آنچل ۾ منهن لڪائي چيو "ڪير ٿو وڏو ٿيڻ چاهي ممي، وڏو ٿيندس تہ تون منهنجي لاءِ بہ ڪا روهنا ڳولهي ايندينءَ."

مميءَ هٿ جوڙيندي چيس، "منهنجي تو سان هٿ جوڙ آهي."

اُن ڏينهن ڳالهہ اُتي ئي بند ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن اجيءَ ماءُ کي صاف صاف چئي ڏنو، "مان شادي ڪندس تہ صرف انوءَ سان ئي بس ...."

گهر ۾ پندرهن مچي ويو. پيءُ کين چئي ڇڏيو هو تہ اندروني هُو ساٿن گڏ آهي. پر ٻاهران ڪجهہ ڪو نہ ڪڇندو. مميءَ گهڻيئي ترڪ هلايا. آخر چيائين: مون هن کي پڪ ڏني آهي. منهنجي عزت جو سوال آهي. انهيءَ تي اجيءَ بگڙجي ويو. چيائينس، "مان ڪا وڪاٽو چيز آهيان جو منهنجي پڇڻ کانسواءِ پڪ ڏني اٿيئي؟" ممي بہ سمجهي ويئي تہ اجيءَ پنهنجي هوڏ تي آهي. ضد ڪندي تہ پٽ تان هٿ ڌوئڻا پوندس. آخر گهڻي گهپيءَ کانپوءِ هن ان منيو "ها" ڪئي.

اجيءَ جي ماءُ تہ ڪا هئي، پر انوءَ جي گهر بہ ڪا گهٽ ڌانڌل ڪا نہ هئي.

انو جي ماءُ به گهڻيئي وَس هلايا ۽ ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اجيه جي ماءُ ڏاڍي تنگدل، ڏکي ۽ لالچي زال آهي. سندس حڪم ڪانسواءِ اُن گهر جو ڪک به ڪو نه چرندو آهي: مان لکي ٿي ڏيانءِ انو ته تون اُتي اصل سکي رهي ڪا نه سگهندينءَ. اجيه جي چاچي خود مون سان اجيه جي ماءُ جون برايون ڪندي آهي. تو کان به ته ڪجهه ڳجهو ڪو نه آهي. پوءِ به ڏسي وائسي تون باهه ۾ ٽپو ڏيڻ چو ٿو چاهين؟"

انوءَ ڪو به ترڪ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. هن جي نوُر ۾ ته اجيه ئي پئي وسيو. ويتر ڪيس پنهنجو پاڻ تي پروسو هو. چيائين، "ممي، منهنجو فڪر نه ڪر. ڏسج ويهي ته مان ڪيئن ٿي سپني کي پنهنجو پاڻ ڏانهن ڇڪيان. پيار سان پيار پرکيندو آهي. منڙا گهر ته گهرانءِ. مان اجيه جي ماءُ جي ايتري ته شيوا ڪنديس جو هوءَ مونکي پيار ڪرڻ ڪانسواءِ رهي ڪا نه سگهندي. باقي جي توکي انديشو هجي ته شاديءَ ڪانپوءِ مان واپس گهر نه موٽي اچان، سو مان توکي خاطري ٿي ڏيان ته پلي زمين آسمان ملي هڪ ٿي وڃن، پر مان موٽي ڪا نه ايندس."

انو يڪدم محسوس ڪيو ته هن ائين چئي پنهنجي ماءُ جي دل دکائي هئي. احساس ٿينديئي ڪيس ڀاڪر پائي چيائين، "مونکي معاف ڪر ممي، منهنجو ارادو توکي ڏکوئڻ جو ڪو نه هو. پنهنجي آتم وشواس کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مان غلط اکر استعمال ڪري ويٺس. ممي، مان سچ ٿي چوان .... مان اجيه ڪانسواءِ جي ڪا نه سگهنديس. پليز ممي، تون ۽ ڊئڊي مونکي خوشي خوشيءَ موڪل ڏيو ۽ اجيه کي پنهنجو ناٺي قبول ڪريو."

انوءَ جي ماءُ کي به انوءَ جي هٺ اڳيان آڻ مڃڻي پيئي. ڌيءَ جي خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهرندي هنن سندس شادي اجيه سان ڪرائي. شاديءَ ۾ هنن پنهنجيءَ حيثيت کان وڌيڪ خرچ ڪيو. لٺي پٺي به بار ئي ته هين. وڏو پٽ راجو ۽ ننڍي انو. پنهنجي سڪيلڌيءَ جي سک ۽ خوشيءَ لاءِ هُو ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار هئا، پر پوءِ به وريو ڇا؟

قسمت پنهنجو کيل رچايو ..... ۽ انوءَ کي پنهنجي چڪر ۾ گهيري ئي ورتو.

....

انوءَ جي اکين مان تاهه تاهه ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. اجيه اجا به سُتي انوءَ جي پير ۾ ٿي وينو ۽ سندس پئي هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ سوگها جهليندي

پڳل آواز ۾ چيائين، ”انو!“

وڏيڪ سندس زبان مان هڪ اکر بہ اُڪلي نہ سُگهيو. هُو سمجهي نٿي سگهيو تہ هُو انوءَ کي ڪهڙن اکرن ۾ آٿت ڏئي ۽ سندس زخمن تي ملم لڳائي.

انوءَ جي چهري تي نراسائي، گهبراهٽ ۽ بي سلامتيءَ جون ريکائون پڌريون هيون. اجيہ ڄاتو ٿي تہ هن وقت انوءَ جي من ۾ طوفان متو پيو آهي.

اجيہ پنهنجي اکرن ۾ زور ڀريندي محڪم ارادي سان چيو. ”انو. مون فيصلو ڪيو آهي. هاڻي اسين گڏ نہ رهندا سين. اسانجي راھہ ۾ هاڻي ڪير بہ رڪاوٽ وجهي نہ سگهندو.“

وشواس نہ ايندڙ نگاهن سان انوءَ اجيہ ڏانهن نهاريو. انوءَ ڄاتو ٿي تہ اجيہ جيڪي ڪجهہ چئي رهيو هو اهو هن پل جو اُڌمو هو. پئي پل ماٺو ٿي ويندو. اجيہ گهر ڇڏڻ جي همٿ ڪري ٿي نہ سگهندو ... ۽ جي ڪري بہ تہ ڇا ٿي ڪري. وٽن پنهنجي ڪا پُونجي تہ هئي ڪانہ. ساڳئي دڪان تي پيءُ ۽ پٽ ڪم ڪندا هئا. ڪاڏو پيتو ڪپڙو وچ تي. باقي ٻنهي پٽن کي هٿ خرچي ملندي هئي. جدا گرهست ڪن بہ تہ ڪهڙي پل تي؟.....

هوءَ پنهنجي اُڌمن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر پوءِ بہ سندس مک مان نڪري ويو. ”سچ اجيہ. هاڻي هڪ گهڙي بہ هتي گهارڻ مشڪل آهي.“ جئن نہ ڪو آتمڪ پيڙا ۾ پڇري رهيو هجي ۽ اها پيڙا اکرن جي روپ ۾ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تڙڦندي هجي.........

اهي اکر چئي هوءَ اجي سڏڪن ۾ پيئي ۽ گهٽيل ۽ ڀريل آواز ۾ چيائين، ”مان سچ ٿي چوان اجيہ .... پر مون ائين نٿي چاهيو. مون پانيو .... مون پانيو ....“

اجيہ آٿت ڏيندي چيس، ”مان ڄاڻان ٿو انو.“

”مون هارايو. مون زندگيءَ جي جنگ ۾ هارايو.“ انوءَ پيڙا ڀريل آواز ۾ چيو.

اجيہ کيس پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻيندي چيو” ايتري ۾ جنگ ڪيئن هارائيي- سو بہ هن جنگ ۾ تون اڪيلي ٿوروئي آهين. اسين ٻئي گڏ آهيون. تنهنجو دک سو منهنجو دک.“

اجيہ جو سهڪار پائي انوءَ جي من جي پيڙا آهستي آهستي آٿرجڻ لڳي.

اجيہ انوءَ کي اجا بہ پنهنجي پاڪر ۾ سوگهو ڪندي ذرا هٻڪندي هتڪندي چيو "انو صرف هڪ رات ... هڪ رات وڌيڪ مون خاطر، هن گهر ۾ ڪاٽي سگهندينءَ؟"

انوءَ ڪنڌ سان "ها" ڪئي.

سچ تہ ڪڏهن جو ٻڌي چڪو هو. اونده پنهنجا پر پکيڙي چڏيا هئا. اجيہ ٻيڙيءَ واري کي واپس موٽڻ جي هدايت ڪئي. پندرهين ويهين منٽين ٻيڙي اچي ڪناري پيڙي ٿي. اهي پندرهن ويه منٽ ڄُڻ ٻئي سانت ۾ هئا. انوءَ جو مٿو اجيہ جي ڪنڌ تي هو ۽ سندس اکيون پوُٽيل هيون.

ظاهر تہ ٻئي چپ هئا. پر سندن اندر عجيب ۽ غريب لهرون لهري رهيون هيون. اجيہ سوچي رهيو هو: انوءَ کي چيم تہ سهين تہ هاڻي گڏ نہ رهندا سين. پر ويندا سين بہ ڪيڏانهن؟ پپا سان اها ڳالهہ ڪيئن ڪندس. ڪيئن ڪيس ٻڌائي سگهندس تہ مميءَ انوءَ کي ڪهڙا اسپيہ الفاظ چيا آهن. پپا هونءَ ئي ننڍڙي دل وارو ...... سهي سگهندو؟.... سندس دل تي هن گهتنا جو الائي ڪهڙو اثر ٿيندو. گهر ۾ نہ ڄاڻ ڪهڙو رولو پوندو. مميءَ کي هو ڇا چوندو؟ چوندو بہ يا ڳوڙهو ڳهي ويندو! پپا جي ڪمزور سڀاو جو نہ هجي ها تہ اڄ ڳالهہ هن حد تائين نہ پهچي ها. هميشہ هن گهر تي مميءَ جو راڄ پئي رهيو آهي ۽ پپا صلح پسند شخص جو ناتڪ ڪندي، هر ننڍي وڏي ڳالهہ کي پئي ٽاريو آهي. ڪڏهن بہ پپا پنهنجي مهر ڪو بہ فيصلو نہ ڪيو آهي. هر وقت مميءَ کي ملهہ ڏيئي چوندو آهي: "مئڊم، تون ڇا ٿي چوين؟" ۽ مئڊم جيڪي چوندي آهي سو ئي هن گهر ۾ ٿيندو آيو آهي. اڄ ڇا پپا همٿ ڪري سگهندو؟ جي ڪري بہ ڪٿي .... بہ چار اکر مميءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائي بہ ڪٿي .... يا ساٿس ڪجهہ ڏينهن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏي .... جئن اڳ ۾ بہ ڪڏهن، پَڄيَ نہ سگهڻ جي حالت ۾ ڪندو آيو آهي.... تہ پوءِ بہ ڇا؟ اهو تہ ڪو مسئلي جو حل ڪونهي. انوءَ جي دل جا گهاءَ ڪو متجي ڪو نہ ويندا. اسان جي زندگيءَ ۾ ڪو ڦيرو ڪو نہ ايندو. پاڻ شايد وڇو اجا بہ وڌي وڃي. مونکي پپا کي سمجهائڻو ئي پوندو.... ڪيس مڃائڻو ئي پوندو تہ اسين هاڻي رهي ڪو نہ سگهنداسين ۽ هُو اسانکي خوشيءَ خوشيءَ جدا

رهڻ لاءِ موڪل ڏي.

اجيہ سوچيو۔ حال تہ پنھنجي دوست ڊاڪٽر شيکر جي گھر وجي رھندا سين. سندس مائٽ پنڌرھن ويھہ ڏينھن سائوٿ گھمڻ ويا آھن. سندن موٽڻ کان اڳ ڪا ننڍڙي ھڪ ڪمري واري جاءِ مسواڙ تي وٺندا سين. ھڪ ڪمرو۔ رنڌڻو ۽ ٽوائليٽ. ڪجھہ وقت تہ ائين ئي گذر ڪرڻو پوندو. جڏھن اسانجي گھر ۾ ٽيون جيو ايندو تڏھن اُن ڪي ڏٺو ويندو. ڪھڙي خبر تہ ھي نئون مھمان اسانجي زندگيءَ ۾ بھار بڻجي اچي.....

اجيہ کي اڄ پھريون ڀيرو گھرو جوابداريءَ جو احساس ٿيو ھو. ھيستائين تہ ھُو ھر وقت اڙبنگ ٻار جيان ۽ پيءُ لاڏلو البيلو پٽ ٿي پئي ھليو. نتس ڪڏھن ڪابہ جوابداري ڪانہ ھئي. اچانڪ ئي محسوس ڪيائين تہ ھُو ھن ھڪ پل ئي ڏھہ سال وڏو ٿي ويو ھو. ھُو ھينئر چوويھين سالن جو جوان نہ — پر چٽيھين سالن جو انيوي شخص ھو.

ساڳئي وقت انو سوچي رھي ھئي. لڳي پيو اجيہ جو فيصلو پڪو ۽ اٽل آھي. اڳي ڪڏھن بہ ھن اھڙي ڳنڀيرتا سان ڪو نہ ڳالھايو آھي. پاڻ ئي فيصلو ڪيو اٿس تہ پاڻ سنو. مان بہ پڙھيل ڳڙھيل آھيان. مان بہ نوڪري ڪري سگھان ٿي. ڪنھن اسڪول يا ڪاليج ۾ نوڪري ملي ويندي. چڱو جو مون شاديءَ کانپوءِ ضد ڪري ايم .اي. پاس ڪئي. پنھنجيءَ ٿي نہ بيھان ھا تہ زندگيءَ پر ايم .اي. ڪري ڪا نہ سگھان ھا. مميءَ ڪيترا نہ ناٽڪ ڪيا. لڳ ڀڳ اجيہ بہ ڊپيل اکرن ۾ چيو تہ وڌيڪ پڙھي ڇا ڪنديءَ؟ نوڪري ٿورو ئي ڪرڻي اٿيئي. پر منھنجو پختو ارادو ڏسي چپ ٿي ويو ھو. ان وقت ڪنھن ڄاتو تہ ايترو جلد حالتون بدلجي وينديون.

اوچتو ويچار آيس...پر ھي ننڍڙو ٻار جو اچڻ وارو آھي تنھن جو ڇا ٿيندو؟ پنھنجو پاڻ ئي جواب ڏنائين تہ ٽي مھيني جو ڪري ھوءَ ڪيس لکنؤ ۾ پنھنجي مميءَ وٽ ڇڏي ايندي. انوءَ سوچيو: "مجبوريءَ ۾ ڪجھہ بہ روا آھي. ڪي تہ قربانيون ڪرڻيون پونديون."

لکنؤ جي ياد ايندئي کيس پنھنجي مميءَ جو چھرو ياد آيو. جڏھن ممي ڊئڊي کيس اسٽيشن تي وٺڻ آيا ھئا. انوءَ جي ڳريل، پيلي ۽ وساميل صورت ڏسي ممي ڏھلجي ويئي ھئي. ڊجندي ڊجندي پڇيو ھئائين. "سڀ

سک تہ آهي نہ؟"

"ها ممي. سڀ سک آهي. ڊاڪٽر ذرا آرام ڪرڻ لاءِ چيو هو.پانيم تہ توهان وٽ اچي.آرام ڪريان. سو توهانکي فون ڪري نہ ڪري پيس." انوءَ سهج سڀاءِ جواب ڏنو.

سڄو ڏينهن ڳالهين ٻولهين ڪندي گذريو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ جو آئي هئي. مميءَ ڊنر بہ سندس من پسند تيار ڪئي هئي، پر کاڌي جي ميز تي وهندي. کاڌو ڏسنديئي انوءَ کي اُلٽيءَ جو خيال تيڻ لڳو. هوءَ اٿي باٿ روم ۾ ويئي ۽ اُلٽي ڪري واپس آئي. نہ جهڙو کاڌو کاڌائين. سو بہ ماءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ. مميءَ جون نظرون سندس چهري کي ئي تڪي رهيون هيون. رات جو بہ پنهنجي ڪمري ۾ ئي انوءَ جو بسترو لڳايائين. ڊيڊي ٻئي ڪمري ۾ سمهيو.

مميءَ پير ۾ ليٽندي چيس، "سچ سچ ٻڌاءِ، تون سکي ڪا نہ آهين نہ؟"

انوءَ چيو "اهڙي ڪا بہ ڳالھ ڪانهي ممي. مان بلڪل سکي آهيان."

مميءَ چيو "ڪنهن کان تي لڪائين؟ پنهنجي ماءُ کان؟ تون مون سان پلي نہ سل، پر تنهنجو چهرو پيو ڳالهائي. چهرو اندر جي آرسي آهي. اکيون ڏار ڏيئي ويئون اٿيئي. منهن هپاتجي ويو اٿيئي. اُها چمڪ .... اُها ڏمڪ ڪٿي آهي تنهنجي؟ ڪٿي آهي تنهنجي اُها کل؟ صبح لاڪر آئي آهين.... ڳالهائين تہ اسان سان پيئي، پر خيال نہ جاڻان ڪٿي پيا وسنئي."

انوءَ موهيندڙ مرڪ چهري تي آڻيندي چيو "اوممي، تون اجايو پيئي نفي ويچار ڪرين. سرير نيڪ ڪو نہ اٿم. ان ڪري شايد توکي ائين پيو محسوس ٿئي. ٻيءَ طرح مان بلڪل نيڪ آهيان."

مميءَ کي تسليٰ ڪا نہ ٿي. چيائين، "پلي تون مون کان لڪاءِ، پر اجيہ جي سُوٽ ديپا مونکي سڀ خبرون ڏيئي ويندي آهي. مونکي تنهنجي زندگيءَ جي ذري پرزي جي جاڻ آهي، پر تون آهين ضدي، قبول ٿورئي ڪنديئہ" ۽ پوءِ ذرا ڏجهندڙ آواز ۾ چيائينس. "هڪڙو تہ ضد ڪري شادي ڪيئہ. شادي تہ شادي ..... مٿان وري هن ٻار جي ڪهڙي اچي تڪڙ پيئي هيوَ؟ اڳ ۾ ئي پاڻ پيتڪيل.... مٿان ٻار جي جوابداري....."

انوءَ جي مٿان جڻ وڄ ڪري!

مميءَ سندس ڪمزور رڳ تي هٿ رکيو هو. انوءَ جو منهن لهي ويو.

پهرين ڪجهہ چوڻ لاءِ سندس چپ چريا.... پر پوءِ هن چپ ڀيڙي ڇڏيا. صرف ڏکويل نظرن سان ماءُ طرف نهاريو. انو قبولي چاهي نہ قبولي، پر هو تہ اهو ڪڙو سچ! انوءَ صرف ايترو ماءُ کي چوڻ ٿي چاهيو : تہ هي ٻار اسان جي لاغرضائيءَ جو نتيجو ڪونهي. اسانکي يقين آهي تہ هن ٻار جي اچڻ ڪانپوءِ گهر جو ماحول ضرور بدلجندو.“ پر انو اهو سڀ چئي نہ سگهي. انوءَ ڄاتو ٿي تہ سندس ماءُ، سندس اهي خيال يا دليل سمجهي ڪا نہ سگهندي.... بلڪ سمجهڻ ئي ڪا نہ چاهيندي. انوءَ سندس مرضيءَ جي خلاف جو شادي ڪئي هئي. سندس ماءُ تہ راجوءَ جي دوست ڊاڪٽر راڪيش کي اندر ئي اندر ۾ پنهنجو ناٺي بڻائڻ جا خواب پالي رکيا هئا. سندس دل جي تخت تي راڪيش ئي براجمان هو. ان جڳهہ تي هوءَ اجيہ کي ڪڏهن وهاري ئي نہ سگهي هئي.

انوءَ کي اها بہ سڌ هئي تہ پيلي هوءَ سچائيءَ کي ڪيترو بہ لڪائي پر سندس ماءُ ڀانپي ويئي هئي تہ هوءَ سکي ڪا نہ آهي، پر انو بہ آڻ مڃڻ واري ڪا نہ هئي. پنهنجي ڳالهہ رکڻ لاءِ چيائين، ”ممي، شادي مون پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي آهي. اهو فيصلو منهنجو هو. صحيح هو يا غلط ... مون ڪڏهن ڪنهن کي دانهن تہ ڪا نہ ڏني آهي... ۽ نہ ڪڏهن ڏينديس. مون جنهن کي چاهيو تنهن سان لائون لڌيون. ان لاءِ مونکي نہ پاڻ سان شڪايت آهي.... نہ قسمت سان.“ ڪن رکي چيائين، ”ٻار جو فيصلو اسان ٻنهي جو گڏيل فيصلو آهي. اسان سوچي سمجهي هي قدم کنيو آهي. ممي پليز تون منهنجو فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان پنهنجي لڙائي خود لڙي ڄاڻان.“

ائين چئي هن پاسو ورائي سمهڻ جو مڪر ڪيو. سندس ماءُ ڪافي دير سندس پير ۾ سن ئي سن ويٺي رهي. انوءَ کي هڪ اکر بہ نہ چيائين.

انوءَ ڄاتو ٿي تہ هن ممي کي ڇڙڪ جواب ڏيئي سندس دل کي چوٽ پهچائي هئي، پر هوءَ ڪري بہ ڇا. پنهنجو درد لڪائڻ لاءِ ڪيس ڪنورتا جو نقاب پاڻئو ئي ٿي پيو.

سڄي رات انوءَ کي ننڊ نہ آئي. هوءَ پنهنجي بستري ۾ پاسا ورائيندي رهي. ڪيس پڪ هئي تہ سندس ماءُ جي نيڻن ۾ بہ ننڊ ڪا نہ هئي، پر هوءَ ماءُ سان پنهنجي دل جو سُور سلڻ لاءِ تيار ڪا نہ هئي.

هوءَ سوچڻ لڳي: پيڪي گهر آئي هئي تہ هتي ڪجهہ ڏينهن آرام

ڪري، من شانت ڪري ٺيڪ ٿي ويندي، پر مميءَ سندس زندگيءَ جو آئينو ڪري سندس سامهون رکيو هو جنهن ۾ هوءَ پنهنجي زندگيءَ جو هوبهو عڪس ڏسي رهي هئي، پوءِ به پاڻکي ڏڍ ڏيندي چيائين: حالتون هر وقت ساڳيون ٿوروئي رهنديون آهن. مان حالتن جو مقابلو ڪنديس. پاڻ کي حالتن جو بک ٿيڻ نه ڏينديس

چوڻ هڪ ڳالهه آهي- پر عمل ڪرڻ ٻي. دل ته آخر دل ئي آهي. راتو ڪي رات ۾ ڪيڏي مهل ٿئي ..... تنهن جو انوءَ کي سماءُ ئي ڪو نه پيو. انو صبح جو اٿي ته اکيون سڄيل. منهن ٿوٿريل. مٿو ڀاري. ٻه قدم کڻي ته چڪر پي آيس.

ممي ڊيڊي ٻئي سندس حالت ڏسي گهٻرائجي ويا. هنن ڊاڪٽر راڪيش کي فون ڪيو. راڪيش ڏهين منٽين ۾ اچي پهتو. انوءَ جي جاچ ڪرڻ بعد کيس انجيڪشن ڏنائين ۽ چيائين ته هر ٻئي ڏينهن انجيڪشن لڳائڻي پوندي. دوائن گورين جي لسٽ لکي، ڪاڏي پيتي لاءِ سمجهائيندي چيائين ته هر ٻي ڪلاڪي ٿورو ٿورو ڪجهه کائيندي رهي. ميون جي رس وغيره پيئي. خون جي ڪمي آهي. رت جو داب به ڪافي گهٽيل آهي. ٻه ٽي ڏينهن بستري تان اٿڻ جي به منع ڪيائينس. مائٽن کي ضروري هدايتون ڏيئي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪلنڪ ۾ وڃڻ کان اڳ راڪيش خود ئي انوءَ جي طبيعت پڇڻ لاءِ گهر آيو. مميءَ راڪيش کي چيو "پٽ, نه ڄاڻ انوءَ کي ڇاٿي ويو آهي. نه کلي ٿي- نه ڳالهائي ٿي. بس "ها" "هون" ۾ جواب ٿي ڏئي. سڄو وقت سمهي ئي سمهي پيئي آهي. کير ڏيانس.... جوس ڏيانس- چوي: بک ڪانهي. مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي. پٽ, مان ڇا ڪريان؟ ڏاڍي ڏکڻي ٿي پيئي آهي. ذري ذري اکيون پرجي ٿيون اچنس- پر وري ڳوڙها پي ٿي وڃي. هٺي ڇوڪريءَ پاڻ کي ڊاهي ڇڏيو آهي."

راڪيش ٻه ٽي منٽ ماٺ ۾ رهيو. پوءِ ذرا چنتا ڀريل آواز ۾ چيائين. "سچ ڪري پڇو آنٽي ته مونکي فڪر سندس صحت کان وڌيڪ سندس مانسڪ اوستا جو آهي. مونکي لڳي ٿو ته هوءَ ڪنهن دماغي تاڻ مان لنگهي رهي آهي. ڪنهن سان ڇلي پنهنجو جيءُ هلڪو ڪري ته ڏاڍو سٺو. هڪ ڀيرو depression ۾ اچي ويئي ته پوءِ پاڻ کي سنڀالي نه

سگهندي. اهو سنو آهي تہ ڪيس will power آهي. انهيءَ آتم ٻل تي پيئي هلي، پر جي سندس آتم ٻل ٽٽي پيو تہ پوءِ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو.“

انوءَ جي مميءَ ٿورو ڏکوئيل آواز ۾ چيو ”پر هوءَ مون سان ڪجهہ اوري ئي نٿي. ڪجهہ پڇانس ٿي تہ مورڳو رکو جواب ڏيئي مونکي چپ ڪرائي ٿي ڇڏي.“

ڊاڪٽر راڪيش چيو ”هن وقت ڪيس پيار همدردي ۽ سهڪار جي ضرورت آهي. هر وقت سندس دل ونڌي آهي. ڪيس خوش رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“

راڪيش پوءِ انوءَ کي ڏسڻ سندس ڪمري ۾ ويو. انوءَ جو بلڊ پريشر جاچي، ساڻس ٻہ چار منٽون ڳالهيون ڪري هُو پنهنجي ڪلينڪ ۾ هليو ويو.

راڪيش ڪلينڪ ۾ پهتو. مريضن جي تپاس ڪندي ٻہ سندس من انوءَ ۾ پيو وسيو. انوءَ جو مرجهايل ۽ بي وس چهرو بار بار سندس اکيان پيو ڦريو. چاهيءَ اها ساڳي انو هئي جا سدائين پيئي کلندي هئي: هڪ سال اندر هي گلاب جو گل هيئن ڪيئن ڇڻي ويو هو!

راڪيش ڪيتري عرصي کان دل ئي دل ۾ انوءَ کي چاهيندو آيو هو. ڪيس جڏهن چاڻ پيئي تہ انوءَ جي دل ڪنهن پنجابي ڇوڪري سان لڳي ويئي آهي تہ سندس ڇهہ ئي ڇڃي پيا هئا. هُو پاڻکي ڦٽڪارڻ لڳو هو تہ سندس زبان تي هميشهہ نالو ڇو لڳل هو. هُو وقت سر پنهنجي پيار جو اظهار ڇو نہ ڪري سگهيو هو!.....

راڪيش کي انوءَ کي نہ پائڻ جو جيترو ارمان ٿيو هو- اُن کان سؤڻو اڄ ڪيس انوءَ جي حالت ڏسي ٿي رهيو هو. ڪاش! هوءَ سندس جيون ساٿڻ هجي ها تہ هوَ ڪيس پنهنجي ماڻڪين ۾ سمائي ڇڏي ها!

اُن رات انوءَ جي طبيعت گهڻي خراب ٿي ويئي. هوءَ اونگهہ ئي اونگهہ ۾ پيئي هئي. اکيون ئي نہ کلنس. راڪيش خبر ملڻ شرط اُڏامندو اچي پهتو. انوءَ کي گلوڪوس چاڙهيو ويو. ٻہ ٽي ڪلاڪ سيني جو ساهہ مٿ ۾ هو. جڏهن انوءَ اکيون کوليون تڏهن مس وڃي سيني جي پيٽ ۾ ساهہ پيو.

راڪيش مٺي تنبيهہ ڪندي چيس، ”ڇو انو اسانکي ڊيچارڻ جي سٽي اٿيئي؟“

انوءَ راڪيش ڏانهن نهاري مشڪيو ۽ پوءِ نربل آواز ۾ پر ۾ وينل ماءُ کي چيائين، "ممي، مان بلڪل ٺيڪ آهيان. تون ڪا بہ چنتا نہ ڪر. تنهنجي انو ائين وڃڻ واري ڪانهي."

ممي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪري سُوگهو جهليو. سندس اکيون پريل هيون.

انوءَ ماءُ جو هٿ پنهنجي چپن تي آڻي آهستي چيو "ممي، تون ڪيتري نہ سٺي آهين."

مميءَ جي اکين مان روڪيل ڳوڙها تاهہ تاهہ ڳڙڻ لڳا. انوءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيائين، "پار، مميءَ جي چوڻ جو هيترو ڪري دل سان لڳايو اٿيئي؟ پڳلي، تنهنجي خوشيءَ ۾ ئي تہ اسانجي خوشي آهي. بس هاڻي جلد ٺيڪ ٿي اسان کي پاڻ جهڙي پياري پياري نئين سوغات ڏي. تون خوش گذاريندينءَ تہ تنهنجو ٻار بہ صحتمند پيدا ٿيندو."

ماءُ پيءُ جو پيار پائي انو ٿورن ڏينهن ۾ ئي بود ۾ آئي ۽ سندس مرجهايل مکڙو وري ڪڙڻ لڳو.■

(باقي ايندڙ پرچي ۾ پڙهندا.)

....

شيخ اياز

کهاڻيءَ جي تاريخ

ڪهاڻي جي تاريخ ايتري قديم آهي، جيتري انسان جي. ذرا تصور ۾ آڻيو! جڏهن انسان آبهوا جيئن قدرت جو عنصر هو. قدرت جيئن بي حجاب، بيخوف، بيپرواه ! نہ ڪيس اَتي لَتي جو الڪو نہ ڇپر ڇني جو فڪر، نہ ريتون رسمون، نہ رشتا ناتا، نہ ننڍائي وڏائي، نہ وٿيون ويڇا! اڃا بہ پٽ تي موٽو هزارين سال پٺ تي، Neolithic دؤر ۾. ڪهاڙي ڪلهيَ تي، تير ترڪش ۾ ڪنيو انسان جهنگ جبل جهاڳي، شڪار ڪري، نهر مان پاڻي پي حياتي گذاريندو هو. نہ هئي ڪيس ٻولي، نہ قوميت، نہ سڀيتا!

هر ڪهاڻي ماحول جي اثر جو اظهار آهي ۽ ارد گرد جي فضا جي پيداوار آهي. ان وقت جون ڪهاڻيون اسان کي تصويرن ۾ ملن ٿيون، جي غفائن ۽ غارن ۾ چٽيون ويون هيون ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جو انساني جذبن ۽ خيالن تي اثر ڏيکارن ٿيون. اگر اسين انساني تمدن جي ابتدائي وارتا متعلق مذهب، اخلاق، قانون، رسم رواج، ڪيتي، رقص ۽ ٻين لطيف فنن (Fine Arts) تي گهري نگاهہ اڇليندا سين تہ ان ۾ اسانکي ڪئين ڪهاڻيون نظر اينديون. انسان جي محبت ۽ نفرت، حرص هوس، ترقي تنزل جون ڪهاڻيون.

مذهبي جذبات جي پيدائش، جادو قرباني (ٻليندان) زمان مڪان جو قديم تصور اسان کي هڪ عجيب غريب دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو.

جڏهن پهريون ڀيرو انسان خواب جي پراسرار حقيقت تي غور ڪيو هوندو تہ ڪيئن نہ سندس عقل چرغ تي ويو هوندو ۽ ڪيتريون نہ ڪهاڻيون ان جي باري ۾ ٺاهيون هونداڻين؟

جڏهن ٻوليءَ ترقي نہ ڪئي هئي تڏهن انسان جي جذبات رقص ۽ نقاشيءَ ۾ چٽي ويندي هئي. نقش ۽ رقص ۾ بہ تہ ڪهاڻيون هيون. غم غصي، حيرت ۽ هيبت، پيار پڇتاءَ جون ڪهاڻيون. ٻوليءَ ترقي ڪئي تہ دنيا ۾ داستان گو پيدا ٿيا ۽ پنهنجي حيرت انگيز حافظي، چتر زبان ۽ ڊرامائي عمل (Dramatic action) سان ٻڌندڙن کي وندرائڻ لڳا.

تحرير (لکت) جي فن جي ايجاد ٿيڻ بعد انساني زندگيءَ ۾ جي تبديليون آيون، تن مان شعر ۽ ادب جي پيدائش مکيہ آهي. قديم مصري ادب ڏسبو تہ ان ۾ جادو ٽوٽي، ٽوٽڪي، منتر تناسخ (جوڻ)، روح متعلق ڪيئي ڪهاڻيون

ملنديون. سڀني کان زيادهہ مشهور ۽ دلچسپ ڪهاڻي هئي تہ ڪيئن موت کان پوءِ روح جامو بدلائي Osirs (آسي رس) وٽ پهچي ويندو هو جو مصري ديومالا (Egyptian mythology) موجب سڀ کان وڏيڪ مقدس ديوتا هو.

آريہ قوم زمين تي سرڪندي، وڌندي، ڦهلندي وئي. ان ڀڄن، گيت، ڪيرتن پيدا ڪيا. جن ۾ نرت، سنگيت، ڪوتا جو ميل جول هو. اُپنشد، رامائڻ، مهاڀارت وغيره ۾ ڏرمي ڪهاڻيون جن ۾ ان سمي جي سياسي ۽ سماجي جيوت، راجائن جو رعب داب، پرجا جو ڏک سک، وهم وسوسا، ريتون رسمون چٽيون ويون، سي ان وقت جي غلاميءَ جي پورهئي تي ٻڌل سڀيتا جو عڪس آهن.

يوناني ادب ۾ اليڊ ۽ اوڊيسي مکيہ جڳهہ والاري ٿو. ان ۾ پنهنجي ماحول جي عڪاسي آهي ۽ ان وقت جا اخلاقي قدر (Moral values) محبت نفرت جا جذبا، رزم بزم جو رنگ ڍنگ ڏنو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ٻڌ ڌرم، هندو مت جي سخت گيري (Rigidity) سان ٽڪر کاڌو ۽ گوتم ٻڌ جي زندگيءَ کي ڪهاڻين ۾ پيش ڪري سندس آدرش جي ڦهلاءَ لاءِ ڪتب آندو. عيسائي مذهب ۾ بہ ڪهاڻيءَ جي رنگيني ۽ دلڪشي گهٽ نہ آهي. سڪندر، سيزر، ڪلو پيٽرا وغيره تہ تصور جا رنگ محل آهن جن ۾ انسان جا گهري ۾ گهرا امنگ اُڌما آندا ويا آهن ۽ سندس ادبي روح جي تسڪين لاءِ نوان ذريعا پيدا ڪيا ويا آهن. اسلامي حڪومت بہ ساڳي چاشني چکي آهي. خود قرآن ۾ احسن القصص (Sublime Stories) آندا ويا. الف ليليٰ تہ دنيا ڀر ۾ مشهور آهي ۽ نہ رڳو اميراڻي زندگيءَ جي شيرين خواب جي تصوير آهي پر غريباڻي حياتيءَ جي وقلندڙ وٽ ڪاڻيندڙ پاسا بدلائيندڙ سپني جون جهلڪيون بہ منجهس نظر اچن ٿيون. انهن ڪهاڻين ۾ ظاهري طرح تہ حسن عشق، شاهاڻي شوڪت، رنگ روپ، ناچ گاني جون ڳالهيون، جنن پرين، ڀوتن پريتن جا داستان، تقدير جون تدبير تي جلهون ۽ ننڍوليون چٽيون ويون پر سچ پچ تہ اهي افسانا پنهنجي ماحول جا ترجمان هئا، ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي تہ ۾ نظر ڊوڙائبي تہ اسان کي طبقاتي حقيقت (Class_ reality) نظر ايندي. چوڏهين صديءَ جي يورپي ادب تي نظر اُچلائي تہ اسان کي بوڪئشو (Boccacasio)جون ڪهاڻيون چمڪ دمڪ سان نظر اينديون ۽ اسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏينديون تہ ڪيئن انهن ۾ زندگيءَ جي بي نقاب تصوير ڪڍي وئي آهي ۽ جاگيرداري نظام سان سرمايداري نظام جي ڪشمڪش ڏيکاري، چاهہ ۽ اتساهہ سان نئين آزاديءِ جي طلب ڪئي وئي آهي.

تهذيب ۽ تمدن ترقي ڪندي رهي، انسان جهالت جون ڪاريون گهرايون

چيري اڳتي وڌيو ۽ قدرت جي ڪارسازيءَ تي راضي نہ رهي، سندس راز سلجهائڻ لڳو ۽ سندس طاقتن تي غالب پوڻ لڳو. صنعتي تهذيب (Industrial Civilization) پهرين ڳني ڪيڏي ۽ چڻ زندگيءَ ۾ هلچل مچي وئي. جديد ناول ۽ ڪهاڻي ان دؤر جي پيداوار آهي. انگريزي، روسي ۽ فرانسيسي ادب ۾ انقلاب سان گڏ ڪهاڻيءَ جي لکڻيءَ ۾ بہ انقلاب اچي ويو. زندگي پيچيده ٿيندي وئي. سندس ضرورتون ضرب ٿينديون ويون ۽ جدوجهد زياده شديد ٿيندي وئي. ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪ، ادا، رنگ، اندان ڦهلاءَ بہ تيئن وڌيڪ گوناگون ۽ دلچسپ ٿيندو ويو. هينئر اچو تہ موجوده سرمائيداري ۽ ساميوادي دؤر جي ڪهاڻيءَ تي نظر اچلايون. خاص مثال جيترا زياده ڏبا اوترو مضمون رکو ٿيندو ويندو. ان ڪري بهتر ۽ جديد ڪهاڻي جي عام تصور تائين محدود رهون.

ڪهاڻي ڇو لکجي؟

ڪهاڻيءَ جي ضرورت تي لکڻ تہ اجايو آهي.

هي زندگي ئي هڪ ڪهاڻي آهي، هڪ عجيب غريب، وچتر ڪهاڻي. جنهن جو صفحو صفحو روئاري ۽ ڪلائي، رسائي ۽ پرچائي، منهنجائي ۽ سمجهائي ٿو. ان جي ست ست ۾ يا تہ ڪتڪتائي آهي يا ڇهنڊڙي يا ٺڦ يا ٺوڪر. اٿين ڪٿي ڇٽڀجي تہ هيءَ زندگي گهڻيون ئي ڪهاڻيون آهي. ٻئي پاسي هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي جهلڪ آهي. ان جي غم يا خوشي، پستي يا بلندي، سختي يا نرميءَ جي ترجماني آهي. جي اسان کي زندگي عزيز آهي تہ ڪهاڻي ڪيئن نہ پياري لڳندي؟ پر جي اسان تي زندگي بار آهي تہ ڪاهڻي پڙهي ان جو بوجهہ هلڪو ٿيندو. آخر زندگي خود بہ تہ هڪ ڪهاڻي آهي. تو چئي، مون ٻڌي ۽ پوءِ چڻ تہ هئي ئي نہ! انڪري سماج جي شروعات سان ڪهاڻيون شروع ٿيون ۽ جيستائين سماج کي وجود آهي تيستائين ڪهاڻيون رهنديون.

ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟

مونکي تہ اهو سوال بي معنيٰ لڳندو آهي. هر هڪ انسان پنهنجي دنيا جو مرڪز آهي. هي محل ماڙيون يا جهڳا جهوپڙيون، هي ٻار ٻچا، هي سنگتي ساٿي، سڀ سندس چوڌاري چڪري جيئن ڦري رهيا آهن. هو خود پلڪار جو نقطو آهي ۽ سڄو سنسار سندس چوڌاري ڦري رهيو آهي. ڪهڙو بہ ڪاٿو

ڪوجھو انڌو منڊو ھجي تہ بہ پنھنجي ناٽڪ جو ھيرو آھي. ھو سڄي دنيا جي سڀ کان وڏيڪ اھم شخصيت آھي. سياسي، سماجي، اقتصادي ڦيرا سندس خوديءَ جي آستان تي سلام ڪن ٿا. طبقاتي ڪشمڪش جو گھرو يا ڇڏو عڪس بہ اسان کي ان انسان جي زندگيءَ ۾ ملندو.

بالي وئيشيا آھي. ساري رات جسم وڪڻي، شراب جي بدبو ۽ سگريٽ جي دونھين ۾ بوساٽجي، غلاظت، ۽ گندگي جي آغوش ۾ پوئين پھر جو اک لائي ٿي. ظاھري طرح سندس دنيا ميراثين، ڏڪڙن، ناچن گانن، دام ڪام کان سواءِ ڪجھ نہ آھي، پر جي ڪڏھن ڪڏھن پور پوندو اٿس ۽ پنھنجي محبت جو داستان ڇيڙيندي آھي تہ چڻ سندس منھن تان معصوميت گھوري ويندي آھي، سندس انگ انگ، لفظ لفظ مان شرافت، سچائي ۽ قرباني بکندي آھي. ان وقت ھوءَ پاڻَ کي سڄي ڪائنات جو مرڪز سمجھندي آھي ۽ سندس محبوب، جنھنجي ساراھ مان ھوءَ ڍاپندي ئي نہ آھي سو چڻ دائري تان ڪسڪندو ان مرڪز ۾ سمائجي ويندو آھي ۽ سندس روح ۾ رمي. ھستيءَ ۾ حل ٿي ويندو آھي. مون سندس زندگي آندي ھئي پنھنجي ڪھاڻي "شانتا ۾."

ڪھاڻي لکڻ لاءِ انساني فطرت جو مطالعو (Study of Human nature) ۽ زندگيءَ جي تنقيد (Criticism of life) ضروري آھي. جنھن افسانہ نويس زندگي جي رڳ رڳ ۾ دورو ڪيو آھي، ان جي نبض چڱيءَ طرح جاچي آھي، تنھن کي زندگي جو خسيس ۾ خسيس واقعو بہ ڪھاڻيءَ جو مواد مھيا ڪري ڏيندو. صرف ھڪ "ڪتڪتائيءَ، ڇھنڊڙي، ٺڦ يا ٺوڪر" جي ضرورت آھي. بس پوءِ تہ قلم ڪنيو ناھي تہ زندگي جا واقعا ھڪ ٻئي پٺيان اکين اڳيان رقص ڪندا ايندا، تصويرون ڦرنديون ھڪ ٻئي سان ٽھڪنديون، ڀڪنديون ويندديون، بنا گھڻي سوچ ويچار جي جذبات پني تي ڇٽبي ويندي ۽ تنھنجي،منھنجي يا ٻئي ڪنھن جي زندگيءَ جو ڏار ڏار ننڍيون ڪھاڻيون ملي ھڪ ادبي ڪھاڻي ناھينديون.

مان بہ جڏھن جذبات جي رواني‌ءَ ۾ لکندو ويندو آھيان تڏھن قلم سولو روڪي نہ سگھندو آھيان. اھا منھنجي وڏي ۾ وڏي خامي آھي ۽ شايد خوبي بہ. مٿي جيڪي مون لکيو آھي، اھو منھنجي ڪھاڻي لکڻ جو نمونو ۽ رستو آھي ۽ مان خاص ڪري نفسياتي (Psychological) ڪھاڻيون لکندو آھيان. ڪھاڻي لکڻ جا ٻيا بہ ڪيئي نمونا ۽ رستا آھن.

مٿين ڪھاڻيءَ جي رنگ ۾ گھڻو ڪري ضمير واحد غائب ڪم آندو ويندو آھي. يعني "ھو يا ھوءَ" سان ڪھاڻيءَ جي ڪردار (Character) کي ڪوٺيو

ويندو آهي.

ان مان ليکڪ جي پنهنجي ڪردار ۾ وڏيڪ دلچسپي ۽ ان سان گهري چاڻ سڃاڻ يا دوستي بکندي آهي ۽ پڙهندڙ تي سندس لکڻ جي گهرائي ۽ سچائي جو زيادهہ اثر پوندو آهي.

ٻيو ان قسم جو عام طريقو آهي ضمير متڪلم ڪم آڻڻ يعني "مون" جو لفظ ڪردرا واسطي استعمال ڪيو ويندو آهي. " مون هيئن سوچيو...." ان مان ٻہ خطرا آهن. يا تہ ليکڪ جي گهٽي خود اعتمادي (آپ_ وشواس) ڪري لکڻيءَ جي سچائيءَ ۾ گمان وڌي ويندو يا تہ گهٽتائيءَ جو احساس (Inferiority Complex) سڄي ڪهاڻيءَ جو لطف وڃائي ڇڏيندو.

"مون" کي ڪم آڻن جو ٻي خطري طريقو اهو آهي تہ افساني جو ڪوئي ڪردار پنهنجي ڪهاڻي پاڻ ڪثي.

چوٿون نمونو آهي تہ مصنف ٻي تعلق تي ڪوئي واقعو بيان ڪري. جي هن کي پنهنجي خيالن ۽ جذبن تي ڪافي فني ضابطو آهي تہ هي طريقو سڀ کان وڏيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. ليکڪ جي ذاتي خيالن جي روءَ ۽ هن جي جذباتي پيٺ جو جوش ڪهاڻي جو اثر گهرو ڪري ڇڏي ٿو.

ضمير متڪلم ڪم آڻڻ جو هڪ ٻيتو نمونو ٻيو ٻہ آهي تہ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪردار جي واقفيت ڪرائي وڃي ۽ پوءِ ڪائي زندگي جي وارتا بيان ڪري.

ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻيون خطن ۽ ڊائرين ذريعي ٻہ لکيون ويون آهن. پر اهي ٻہ طريقا اختيار ڪرڻ مهل مصنف کي سوچڻ کپي تہ ڇا منهنجي خيالات جي اظهار لاءِ صرف انهن ٻن نمونن مان ئي هڪ موزون آهي؟ ڊائريءَ رستي هڪ پر لطف ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي. بشرتيڪ ان ۾ سڌي سنئين حياتي جي ترجماني يا جذبات جي مصوري ڪئي وڃي. باقي پيچيدا فيلسوفاڻا نڪتا ۽ زندگي جي پرولي سمجهائڻ لئي مٿا ڪُٽِ، ان مان مزو ڪيڏي ڇڏيندي.

پر اهي نمونا ٻہ ڪي قطعي طور آخرين نہ آهن. جيتري آهي زندگي گونا گون اوتري قير گهير ٿيندي، ڪهاڻي جي نموني ۾ ۽ لچڪ لکڻي ۾. مثال طور ٽيليفون تي گفتگوءَ رستي ڪهاڻي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻہ هڪ ٻيو نمونو آهي.

منهنجي نظر ۾ ادب ٻاهرين ماحول (وايو منڊل) جو اديب جي دل تي عڪس آهي. پر شايد مون پنهنجو خيال چڱي طرح ظاهر نہ ڪيو. ادب عڪس نہ آهي بلڪ تصوير آهي، عڪس ۾ ڪلاڪار جي ڪلپنا جي گنجائش نہ آهي پر تصور آرٽسٽ جي تصور تي دارو مدار رکي ٿي. دل جي دنيا ٻاهرين

دنيا کان گھٽي وڌي آهي، بي انت، اٿاهه، اونهيءَ جيئن ڏينهن جون ڏٺل ڳالهيون خواب جي دنيا ۾ ايترو ڦهلجي وڃن ٿيون، جو انسان ڪائنات جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين سير ڪري، پنهنجون ناڪام تمنائون پوريون ٿو ڪري ۽ پنهنجي خوديءَ جي مڪمل اظهار ۾ ڪڏهن بہ نٿو ڪيٻائي، تيئن حال آهي ادبي ڪيفيت (Literary Mood) جو. ڪڏهن ادب ماضيءَ جي ميرانجهڙي فضا ۾ گم ٿي وڃي ٿو سندس ياد سندس دماغ تي ڪوهيڙي وانگر ڇانئجي وڃي ٿي. جهونيون جهونيون يادگيريون، اڌوريون، لڄاريون، پردهہ نشين يادگيريون! ڪڏهن سندس تصور مستقبل تي ڪرڻا ڦهلائي ٿو ۽ سندس دور رس نگاهون آئيندي جي نئين نظام جا خواب لهن ٿيون. مطلب تہ هن جي هٿ ۾ ڪهاڻي جا واقعا لاٽونءَ وانگر آهن، جتي وڻيس اتي ڪين ڦيرائي هٽي. ڪڏهن مٽيءَ ۾، ڪڏهن فرش تي، ڪڏهن ڏور تي لاهي تہ دل ۾ آس نراس غوطا کائي، ڪڏهن ترِيءَ تي ٽڪ ٻڌائي ۽ فخر مان ڏسڻ لڳي. هن تي فقط ڏور ويڙهڻ فرض آهي، باقي لاٽون ۽ چگهہ پيا پاڻ ۾ نبرندا.

ڪهاڻي نويس زندگي چٽي ٿو پر ان چٽساليءَ ۾ مٿس بندشون وجهڻ نہ کپن. هو آزاد آهي، هوا جي لهر جيئن، اڇهل پاڻي جي ڇوليءَ جيئن چٽل!

جيسين ڪهاڻي نويس ۾ سڀ مان ٿورو ۽ ٿوري مان سڀ نہ آهي، تيسين هو چڱيءَ طرح ڪامياب ٿي نہ ٿو سگھي. ڪيس زندگيءَ تي ڇانئجي ويٺو آهي: سرچ لائيٽ جيئن نہ، تہ، گهٽ ۾ گهٽ ڦڪي چانڊوڪيءَ جيئن. هو سياستدان، فيلسوف، معاشري جو ماهر Sociologist وگياني، مطلب تہ سيڪجهہ آهي ۽ ساڳئي وقت ڪجهہ بہ نہ آهي. هو زندگيءَ جي جي تصوير چٽي ٿو ان جي تنقيد ڪري ٿو انتي ڪلي ڪلي اسان کي روئاري ٿو اسان جي دماغ ۾ چپٽيون ٿو وجائي تہ "اٿ زندگي پچندي ٿي وڃيئي ان جو پيڇو ڪر. تون ڇو پنٽي رهجي ويو آهين؟" ڪڏهن گونگا، گم سم ڳوڙها وهائي، اسان جي دل ۾ هڪ بي معنيٰ بيچيني پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ اسين محسوس ڪرڻ ٿا لڳون تہ ڪجهہ دنيا ۾ خرابي آهي، ڪجهہ تہ اهڙو آهي جو اک ۾ وار جيئن چڀي رهيو آهي.

ڪهاڻي پل پهر جو واقعو آهي، ناول جيئن سال صديءَ ۾ نہ ٿي ڦهلجي. گهڙيءَ جا گهڙيال آهن، پيو انسان بدلجي سدلجي. نيون نيون تبديليون، نوان نوان تعميري خيال، خوديءَ جو خيال، ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن؟! جي انهن ۾ ڪو خاص رشتو ناتو ڪا ڳالهہ ڳانڍاپو آهي تہ پوءَ ڇو زندگيءَ جون ايتريون تبديليون خيال ۾ رکي انهن ۾ ڪو عام تعلق ڳولهجي؟.

ناول اسان جي اڳيان زندگيءَ جي ڊيگهہ رکي ٿو ڪهاڻي ان جو عمق

(Depth) زندگيءَ جي هر واقعي ۾ فلاسافي، نصيحت، ڦڪي ڦڪي کِلَ، مٺي مٺي سُڏڪي، تفريح ۽ دلچسپيءَ جو سامان، موجود آهي ۽ ڪهاڻي ان کي اثرائتي نموني پيش ڪري ٿي ۽ ان ڪري شايد ڪهاڻيءَ کي ناول کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي.

ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ تيڪنيڪ ۽ جديد اردو ڪهاڻيءَ مان مثال توهان اڳيان رکيا ويا آهن. سنڌي ليکڪ اجا ان سائيڪل جي نئين سيکڙات جيان آهي، جنهن کي سائيڪل تي چاڙهي کٽي ميدان ۾ ڇڏيو وڃي. ان ۾ هو ڌڪ کائي هڏ ڀڃي،ان جو بہ امڪان آهي. پر اها اميد بہ آهي تہ سنڌس اٽل ارادو ڪيس ڪوشش ۾ ڪامياب ڪندو. ان ۾ تہ ڪوبہ شڪُ نہ آهي تہ سنڌ ۾ جي نوان اديب پيدا ٿيا آهن. تن مان ڪي نہ رڳو پاڪستان پر هندستان جا بہ بهترين اديب ٿيندا. اُهو وقت دور نہ آهي جڏهن هنن جي لکڻيءَ جي پختائيءَ ۾ خيال جي بلندي وڏي دنيا کان پاڻ تسليم ڪرائيندي.■

(ڪنيل جي ٽنڊ برابر توريان_ تان ، هي مضمون جولاءِ 1947 تي لکيو ويو هو).

*

سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي

ايندڙ ڪتاب

سنڌ ادبي اڪيڊمي









پَڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سوندا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)